پٽڪي ويل سپنا

(ناول)

عزيز پنهور





Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پٹکي ويل سپنا

(ناول)

عزيز پنيرو

کويتا پبليڪيشن
حيدرآباد - 2008ع

کويتا پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر- 35

ڪتاب جو نالو: ڀٽڪي ويل سپنا
موضوع: ناول
ليکڪ: ©عزيز ڀنڀرو
ڇاپو ڦهريون: نومبر 2008ع
تعداد: 500
نائٽل: انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: محمد تقي ۽ پرويز همايوني
انٽيل ڪميونيڪيشنز، 9- ربي چيمبر، ڪورٽ روڊ،
حيدرچوڪ، گاڏي کاتو، حيدرآباد. فون: 2721172
ڇاپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن، 9-ربي چيمبر، حيدرچوڪ، حيدرآباد- سنڌ
ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد.

اسٽاڪسٽ:

سنڌيڪا بڪ شاپ، سڄل بوڪ سينٽر، ذوالفقار بوڪ ڊپو، پٽائي بوڪ هائوس- حيدرآباد.
سنڌيڪا بوڪ شاپ، حيدرآباد، ڪريمي بُڪ اسٽال- حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ- تلڪ چاڙهي، حيدرآباد
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بُڪ شاپ- حيدرآباد، تهذيب نيوز ايجنسي- خيرپورميرس، الفتح نيوز ايجنسي- سکر
رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، ٽر ڪتاب گهر، ملي، العزيز بوڪ ڊپو- عمرڪوٽ، گل ڪتاب گهر، شڪارپور
سنڌ بوڪ ڪلب- نوابشاهه، مرچو مل بوڪ ڊپو- بدين، نيشنل بوڪ اسٽال خيرپورميرس،
نئون نياپو ڪتاب گهر- لاڙڪاڻو، جنيد بوڪ ڊپو- دادو، المهران ادبي مرڪز، سانگهڙ

BHATKI VIYAL SAPNA
[Novel]
By © Aziz Bhambhro

Edition: First
Year: Novembr -2008
Quantity: 500
Title: Intel Communications, Hyderabad.
Published by: Kavita Publication, Hyderabad – Sindh.
Composing & Printed by: Intel Communications, Hyd.
Tel: 0092-22-2721172

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو-
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اڻپنا

جيجل امڙ جي نانءُ...

جيڪا 11 مارچ 2007ع
21 صفر المظفر 1428هـ
بروز آچر صبح 30-11 وڳي
ڪلندي ئي ڪِلندي هلي ويئي....
ءِ مڪمل يتيميءَ جو داغ ڏيئي،
روئندن کي ڇڏي ويئي.

توکان پوءِ ڪير اسانجي،
سپرين لهندو سار،
لڙڪ لڙي پيا لار ڪري

-عزيز پنيرو

فهرست

اداري پاران	موهن مدهوش	7
پوپٽ پرن جهڙا رنگ چٽيندڙ: عزيز پنهيرو	امين ارباب	08
سيني لاءِ عزيز: عزيز پنهيرو!	باغي حنيف کوسو	10
ڏات جي ڏيهه جا مخدوم بلاول	امير منڊرو	13
ليکڪ چا ٿو چوي؟	عزيز پنهيرو	16
پٽي ويل سپنا		19

اداري پاران

سنڌي ادب ۾ ناول جي کوٽ گھٽي عرصي کان رهي آهي. جيڪڏهن کي ناول نگار آهن تہ انهن ناول لکڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي، ۽ جَي کو لکن ٿا تہ ان کي ڇاپڻ وارو کونهي. ان حوالي کان عزيز پنيري جو نالو ناول نگار طور پهريون دفعو منظرِعام تي اچي رهيو آهي، جنهن پنهنجي ناول "پٽکي ويل سپنا" ۾ هڪ ڪردار "سپنا" کي خوب کنيو آهي. "سپنا" پنجاب جي هڪ ڪاليج لائيف کان پٽکندي سنڌ ۾ پهچي ٿي، جتي هو سيوهڻ ۽ لاڙ جي علائقن ۾ پنهنجي پيار کهاڻيءَ جون پيڙائون پوڳي ٿي.

"پٽکي ويل سپنا" ۾ ڊائلاگ جو ستاءِ بہ اهڙو آهي، جنهن کي پڙهي، پورو ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي. اميد تہ پنهنجي اداري "ڪويتا پبليڪيشن" پاران پيش ڪيل هيءُ ناول، پائڪن جي جذبن کي ضرور ڇُهندو.

ـ موهن مدهوش
حيدرآباد
29 نومبر 2007ع

پوپٽ پَرن جھڑا رنگ ڇٽيندڙ عزيز پنهيرو

عبرت اخبار جي ڊيسڪ تي ويٺي، تن ڏينهن اسڪولي ڊريس ۾ آيل اُن ننڍڙي ڇوڪري سان پلئه پيو هئم. جڏهن هو اخباري نمائندگي جي خواهش ڪٽي مون سان مليو هو. تڏهن ڪيس ۾ اراڻو انگل ڏسي، مڙيئي دلداري ڏيئي، روانو ڪيو هئم ۽ سوچيو هئم ته هن ڏينهن کان پوءِ انهيءَ انگل تان پاڻ لهي ويندو. پر جڏهن موتين جهڙن اکرن سان لکيل خبرن جو پهريون لفافو کوليو هئم ته يقين ئي نه آيو ته هي خبرون انهيءَ ڇوڪريّ جون لکيل ٿي سگهن ٿيون، جنهن جي ڄمار اڃا پڙهڻ ۽ کيڏڻ واري هئي. ڇاکاڻ ته صحافتي سجاڳي نه هئڻ ڪري تن ڏينهن سينيئر نمائندن جون آيل خبرون ۾ ايڊٽ لاءِ ٽائيم ونڊيون هيون، پر هن همراهه جون تراشيل خبرون پنهنجون سرخيون ۽ ڪالم ۾ پاڻ ئي مقرر ڪري ونڊيون هيون. تڏهن سوچي ورتو هئم ته هن همراهه جي اندر ۾ ضرور ڪائي ڏات نسري رهي آهي ۽ مون سندس ڀرپور همت افزائي جو عزم ڪري ورتو هو. توڙي جو سندس آيل خبرن ۾ ڪالمن کي مون مناسب ڪوريج ڏيڻ شروع ڪئي. پر هو مسلسل وقت سان گڏ منزل طرف ويندڙ راهن تي پٽڪڙا پير، مضبوطيءَ سان کڻندو رهيو ۽ مُڙي پٺتي ڪونه نهاريائين. ۽ اڄ جڏهن ان دؤر کان هن وقت تائين جا پيرا ٽا کڻون ته ڪالهه ڇهين ڪلاس جي ڊيسڪ تي فِري پيريڊ ۾ ويٺي خبرون لکي عبرت کي موڪلينڊڙ ننڍڙو عزيز اڄ صحافت،

کھاٹي، ناول ۾ شاعري ۽ پاڻ ميرائي ۾ هن خوبصورت ناول "پٽڪي ويل سپنا، چپچڻ کان پوءِ "صاحبِ ڪتاب" جي حيثيت سان "عزيز پنيرو" جي وڏي نانءَ سان اُپري سامهون آيو آهي.

اهو لکندي مونکي خوشي ٿي رهي آهي ته عزيز جنهن به صنف تي قلم کنيو آهي، ان سان وفاداري سان نيايو آهي. ڪيس ڪهاڻيڪار جي روپ ۾ ڏسو ته هو معاشري جي اوٽاين تي بيچين نظر اچي ٿو. ناول ۾ هو اهڙا ته رومانس جا رنگ پُرتجسس انداز سان پري ٿو جو پڙهندڙ اُڄ، بڪ وساري، ناول جي ڪردارن جو حصو بڻجي پوي ٿو.

شاعريءَ ۾ هو انتهائي حساس، معصوم ۽ پوپٽ جي پرن جهڙا قدرتي رنگ رکي ٿو. ۽ جيڪڏهن صحافت ۾ ڏنو وڃي ٿو ته عزيز نه فقط صحافت جا سيئي درجا پڙهيل محسوس ٿئي ٿو پر سچ جي هن اڻانگي راهن تي پير پٽون ڪري، سر تريءَ تي رکي به ڏاڍ ۽ ظلم خلاف للڪار بڻجي ائين چوندي محسوس ٿئي ٿو ته:

آڏو ٽکر تر، متان روهه رتيون ٽئين.

پر جيڪڏهن ناول واري پاسي وڃبو ته هن نازڪ ۽ نايابَ صنف جي سيني بنيادي گهرجن کي پورو ڪندي نظر اچي ٿو. انهيءَ ڳالهه جي ثابتي طور عزيز پنيرو جو ناول "پٽڪي ويل سپنا" اوهانجي هٿن ۾ آهي. معاشي تنگيءَ جي نخرن کي منهن ڏيندڙ عزيز جي ڪاميابيءَ جو هڪڙو سبب سندس اخلاقي ڪردار، سماج سڌارڪ طبيعت ۽ ماڻهپي جو درد به ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته هن معاشري جي هر مظلوم، پريشان ۽ ڏکويل ڪردار لاءِ ائين قربانيون ڏنيون آهن، جيئن سندس ڪهاڻين ۾ ڏکي ماڻهن لاءِ مثبت رول ادا ڪندڙ ڪردار پلايون ڪندي نظر اچن ٿا.

۽ سندس انهيءَ نرالي طبيعت نه رڳو ڪيس ڪردارن جي پرک ڏني، بلڪ ڪردارن ۾ پاڻ سمائڻ ۽ حقيقت کي قريب ترين بيان ڪرڻ وارا پني تي لکجندڙ لفظ به انهيءَ طبيعت جو ئي تحفو آهن.

آخر ۾ دعا آهي ته شال عزيز جي ذات جو تُرهو ادب جي سمنڊ تي ترندو رهي ۽ سنڌ ۾ سرهاڻ جو واءُ گهلندو رهي- آمين

- امين ارباب
حيدرآباد

سيني ۽ لاءِ عزيز: عزيز پنير و..!

خود عزيز جي چهري جي معصوميت هڪ نہ لکي سگهيل ناول جهڙي آهي... ڪنهن ڏاهي جي چوڻي ٿي ياد پوي تہ "The man, who has no imagination, has not wings" (اهو شخص جنهن جا تصور نہ آهن، ان جا پر نہ آهن)، پر عزيز جا تصور همالیہ ۽ پر... منهنجي نظر ۾ هڪ نہ ڪنڊڙ آسمان جيڏا آهن. تڏهن ئي تہ ادب جي افق ۾ ڦڙ ڦڙائي، هڪ نہ ڪنڊڙ اُڏار جي جستجوءَ ۾ هڪ رومانس جي ميندیءَ جهڙي رنگن ۾ ٽُب، ڪن ڪنوارن هٿن جي ڪتڪتائي جهڙي من فريب احساسائي جلوي ۾ هي ناول تخليق ڪري ويٺو آهي، جو پڙهندڙن جي دماغ جا ڪيرا هڪ ٽڪاءُ سان اڏاري ڇڏيا اٿس...!!

عزيز تہ عزيز آهي.... پر مونکي انهيءَ ڪري بہ عزيزن کان وڌيڪ عزيز آهي، جو ڪاليج ۾ پڙهڻ واري سنهري ايامن ۾ سندس رومانوي ڪهاڻين جو پاڇو مون واري دل جي ڪوري ڪنواري عشق مٽان ڪنهن پريءَ جي پاڇي جيان پيل هو... ۽ آئون عزيز جو انڈو پرستار هئس/آهيان. عزيز جيڪو لکيو ۽ جيترو لکيوا هو ايترو ئي مٺاس جي مهڪ ۾ مهڪيل آهي، جيتري

سندس آواز جي دلفريب شيريءَ بڌندڙن کي ٻولن ۾ موهي وڃهي ٿي.

ادب جي ناهموار ڪنڊ تان ڪنڌا لتاڙي، عزيز جي آڱرين اهي شهريت جا چنڊ ٽوري عمر ۾ ڇُهي ورتا آهن، جيڪي چنڊ هر کاڻيڪار جي نانءُ واري آڱرين جو نصيب ناهن هوندا. ننڍڙي شهر جي لوڙهن وارين ور وڪڙ ڪائيندڙ گهٽين ۾ بلورن سان ڪيسا پري، هڪ جيڏن سان ڊوڙي "آنٽي، گهِهي" راندين کيڏندڙ عزيز ڪنهن جاتو هو تہ سنڌ جي سيني ساڃاهہ وند، حساس دلڙين لاءِ عزيز بڻجي پوندو..!؟ آئون عزيز جي لکيل هن رومانٽڪ ءِ پرتجسس ناول تي ڪنهن فڪري پهلو سان ڪجهہ ڳالهائي، انهيءَ ڪري ٻہ لکڻ نٽو چاهيان تہ عاشق کي ڪڏهن ٻہ پنهنجي محبوب جا عيب نظر نہ ايندا آهن ءِ محبوب ننهن کان چوڻيءَ تائين سراپا سونهن لڳندو آهي، توڙي جو عزيز پنيرو ملڪاڻي شريف جهڙي هڪ ننڍڙي وسندي جي مظلوم ماڻهن جي دانهن جو درمان ٿي، انهن جي گهٽيل آواز ۾ پڙاڏو پيدا ڪرڻ واري سوچ کي اپنائي صحافتي ڊوڙ ۾ شل پگهر ٿي، کاڻي لکڻ واري ٽڏي هوا جو جهوٽو کائڻ ٻہ وساري ويٺو آهي، پر تڏهن ٻہ هو انهن ستارن جيترن پرستارن کان ڪڏهن ٻہ نہ آهي وسريو جيڪي اڄ ٻہ عزيز جون چپيل پراڻيون کاڻيون رسالن ۾ پڙهي من جي مونجهہ لاهين ٿا، چاکاڻ تہ عزيز جا الفاظ ءِ تشبيهون کيئي ڪومل جذبن جي ترجماني ڪن ٿا.

مونکي ايڏا ٻہ مختصر لکٽو هو چو تہ ٻنهڑن جي سڄ کي ڪڙڪهيتو ڏيکارڻ واري عيب کان آئون صفا اڻڄاڻ آهيان، ڪيترا دفعا عزيز ءِ عزيز جي ناول "پٽڪي ويل سپنا" بابت لکي، ان ڪري ٻہ ڪاڙي ڇڏيم. چاکاڻ تہ منهنجي اندر جو تخليقڪار خود ئي عزيز جي نٽر جو مداح رهيو آهي، پوءِ جڏهن ڪنهن جون چار سٽون پڙهي ڪجهہ لکڻ سکيو هجي تہ اهو ماڻهو انهن سکيل سٽن سان چا لکي سگهندو...!؟ سچ پچ تہ منهنجي لاءِ عزيز جون سٽون هر اونداهي موڙ تي چانڊوڪي جو چنڊ رهيون آهن.

عزيز پنيري جو هي حساس ناول پڙهندي، دل عجيب احساسن ۾ ويڙهجي وڃي ٿي، ءِ سندس نفيس ڪردار "سپنا" جي ڏُنل ڏکن ۾ روح ۾ ويراڳي موسمون لهي ٽيون اچن. هن ناول جي هڪ خصوصيت اها ٻہ آهي، جو ناول پڙهندي وقت جو احساس وسري وڃي ٿو ءِ پڙهندڙ پاڻ وساري خود ناول جو ڪردار بڻجي انهن رستن ءِ پيچرن تي ڊوڙون پائڻ لڳي ٿو جيڪي ليکڪ جي قلم مان ڦٽي نڪرن ٿا.

پنجاب يونيورسٽيءَ جي رنگينين مان پٺڪي جڏهن حساس شاعر جي تصورن مان جنم وٺندڙ سپني وصفين سهڻي وينگس جهڙي "سپنا" لاڙ جي گهميل هوائن واري شهر بدين جي روڊن تي پشمي پيرن جي نندڻن وِڪن سان ڊوڙي لال، گلابي، اڇا، ڦِڪا، گلاب، چنبيلي ۽ موتيا وڪڻ لڳي ٿي، تڏهن سڄو من خوشبوءِ خوشبوءِ ٿي مهڪڻ لڳي ٿو ۽ پڑهندڙ جي اکين تي عجيب ڇڙهي پوي ٿي...!

... ناول "پٺڪي ويل سپنا" جي پڇاڙي 20 مئي 1999ع تي لاڙ تي ڪڙڪي پيل ان خطرناڪ طوفان تي ٿئي ٿي، جيڪو بدين ضلعي جي تاريخ جو هڪ ڪارو باب ليکيو ويندو. انهيءَ وحشتناڪ طوفان جا اکين ڏٺا حقيقي منظر هن ناول کي تاريخي بڻائي سگهن ٿا. ليکڪ انهن طوفاني تباهڪارين جي ايڏي ته گهرائي سان منظرڪشي ڪئي آهي، جو پڙ ته اکرن بجاءِ ورقن تي انهن لڳ ڪانڊارينڊڙ منظرن جون تصويرون ڇاپيل هجن، جن کي ڏسندي اکيون پرجي اچن ٿيون.

مجموعي طور عزيز پنيري جو هي ناول پرپور احساسن سان ٽمٽار آهي ۽ پڑهندڙ کي پاڻ سان گڏ کڻي هلي ٿو.

آخر ۾ منهنجي اها ئي دعا آهي ته شال عزيز پنيري کي محنتن جي اهڙي موٽ ملي، جو هو اسان لاءِ ٻيهر ناول ۽ ڪهاڻيون لکندو رهي. سندس قلم جي مس ڪڏهن به نه ڪُٽي ۽ عزيز جون آڱريون ڪٽي به ٽڪ نه پيچين - آمين

- "باغي" حنيف ڪوسو

بدين
25_03_07

ذات جي ڏيهه جا مخدوم بلاول

کهاڻيءَ جو سفر ته گهڻو پوءِ شروع ٿيو هو هن جي اکين جي آغوش ۾ انيڪ کهاڻيون انهيءَ کان پهرين سرگردانِ سفر هيون. جڏهن سندس ڳوٺ پرسان خانه بدوش شڪارين جا لڏا گذرندا هُئا، گڏهن جي خرزينن ۾ پيل پارڙا، هر منظر کي اچرج مان ڏسندڙ عورتون، لڏي پويان ڊوڙندڙ ڪتا ۽ پارڙا ڏسي هن جي من اندر ۾ انيڪ کهاڻيون سرجيون هيون. اهڙين ڪيترين ئي کهاڻين جا ٽڪرا هن جي لاشعور ۾ لياڪا پائيندا هُئا. ڪُٽ جو حساس پارڙو عزيز اهڙن ڪيترن ئي حسين منظرن جو ميلاپ آهي. انهن ئي رنگن هن جي مطالعي ۽ مشاهدي جو سهارو ونڊي کيس کهاڻي جي ڪاروان جو اهو مسافر بنائي ڇڏيو آهي، جنهن جي هر هڪ وک ۾ پيار سمايل آهي.

سماجي اڻ برابريون ڪيترن ئي اهڙن نوجوانن کي اذيتناڪ لمحن جي گهاٽي ۾ پيڙهين ٿيون. ذات جي ڏيهه جا مخدوم بلاول جڏهن پنهنجي وجود جي هر هڏ جا ٽڪاڻ ٻڌن ٿا ته اها اذيت هنن کي ڪجهه نه ڪجهه لکڻ تي مجبور ڪري ٿي. عزيز پنهيري سميت هن وهي جا اهي نوجوان جن کي غم روزگار جڪڑي ڇڏيو آهي، اهي جڏهن زنگيل ريتن، رسمن ۽ رواجن

خلاف قلم کٹي ڪجهه لکڻ شروع ٿا ڪن ته اوچن مينارن جا برج پنهنجن بنيادن سميت لڏڻ ٿا لڳن. لاڙ جي نوجوان ذات ڏٽين جا لفظ پڙهي مونکي انهن ۾ گوگوش جي آواز جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. درد ڪائنات جو گڏيل رشتو آهي. سرحدون انهيءَ رشتي اڳيان ڪا معنيٰ نه ٿيون رکن. عزيز جي هن ناول جي سپنا به وارث شاهه ۽ بابا فريد جي ديس جا درد شمشير جي شهر ۾ جڏهن گلن جي روپ ۾ وڪٽي ڪنهن ساجن کي پنهنجو پاڻ ارپي ٿي يا جڏهن 20 مئي 1999ع وارو طوفان لاڙ جي پٽيءَ کي بي ڪفن لاشن جي پيتا ۾ هڪ لاش ساحل سندس سانوري ساجن جو ارپي نڪو تڏهن گجرانوالا جي منيءَ مان ڪوهيل گلفروش سپنا ڪائنات جي اها دردوندي دل بنجي ٿي وڃي. جنهن لاءِ ڪنهن ڪوي چيو هو ته "تير ڪٽي به هلي پر تڙپون اسين ٿا. ڇڻ ته ساري جهان جو درد اسانجي دل ۾ هجي."

عزيز جو هي ناول پڙهڻ سان دل عشق جي راهن ۾ ويهه ئي واڻون وڃائي ويهندڙ "ملنگياڻي" بنجي قلندر جي آڏر ۾ ڏمالون هڻڻ تي مجبور ٿئي ٿي. اهو عزيز جو ڪمال نه آهي پر اهي سڀ عنايتون انهيءَ عشق ۽ ويراڳ جون آهن جيڪو خبر نه آهي ته ڪهڙا ڪهڙا جلوا ٿو پسائي!

احساس ۽ جذبن جي اوچائين کي ڪٽڻ واري "فوٽ پٽي" ڪٽي ڪنهن وڏي نالي واري عظيم ۽ مهان وٽ هجي به سهي. پر پاڻ صفا سولي ۽ سادي سنڌي ۾ اها ڳالهه سمجهون ٿا ته ملڪاڻي شريف جو هي ليکڪ جيڪو مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ لکي لکي پنهنجي دؤر جي نوجوانن جي چاهتن. محبتن ۽ عاشقين جو ترجمان بڻيو آهي سو سياڻي جي سنڌ جو هڪ پلوڙ ليکڪ ٿي ايرندو. وسيلن جي اٽاٽ سبب هُو توڙي جو اڃ ڪتابن جا ڇپائي "مشتاق مسرور باريچي" جو رڪارڊ نه ٽوڙي سگهي پر سندس خيال جي گهرائي ۽ ڪمال جي تشبيهن مان مظهرالاسلام جي خوشبوءَ ضرور ايندي

عدالت جي ڪٺهڙي کان شروع ٿيندڙ هي ناول جڏهن چاهتن. محبتن. دل لڳين. دوستين. دوکن. نفرتن. عقيدتن جا سفر طئ ڪري ولاسي جي پٽن ويجهوا چي ويهين مئي 1999 واري ڏينهن ساجن جي لاش کي ڳولي ٿو ته انهيءَ ۾ کوڙ سارا پلاٽ ۽ ڪردار اچن ٿا ۽ ڪنهن به طرح بيان نه ٿي سگهڻ واري ڪيفيت جو شڪار به بنجن ٿا. اُهي سڀ عزيز جي روح ۾ اٽڪيل اڻ پوريون کاٽيون آهن. جن کي لکڻ لاءِ هن ڪي ئي ڪوششون

ونٽيون آهن.

سمن سرڪار جي نگريءَ جي هن ڪويءَ پنهنجي ناول ۾ جنهن طريقي سان 20 مئي 1999 واري طوفان جي منظرڪشي ڪئي آهي،ا ن لاءِ سندس ڪمال ڪاريگري ۽ احساس جي اک کي جَس هُجي پر انهي سانحي جا بہ انيڪ رهجي ويل منظر آهن جن تي تمام گهڻو ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. هڪ صحافيءَ جي حيثيت ۾ آءٌ جڏهن منهنجي پسنديده سبجيڪٽ ناول بابت ڪجهہ لکڻ ويٺو آهيان تہ مون کي ڪجهہ عجيب عجيب ڀيو محسوس ٿئي. هڪ صحافي درد فروش بہ آهي ۽ هڪ ڪهاڻيڪار سڄي دنيا جي دردن کي پنهنجي سيني ۾ سمائي ٿو.

ناول لکڻ پيار جو پورهيو آهي ۽ پنهنجي محبوب جي چوٽيءَ ۾ موتئي جا گل هڻڻ، پرين جي اک مان ڪنڌ ڪيڻ، معصوم ٻارڙي جي ٽنڊل راندیڪي کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ هڪ ناول نگار جو گڻ آهي. جاندار ناول تخليق ڪرڻ اڃا بہ وڌيڪ احتياط اونهائي، سگهہ طالعي ۽ مشاهدي جو ڪم آهي. اڃو تہ عزيز لاءِ دعائون گهرون تہ ذات جي ديوي هن مٽان اڃا بہ وڌيڪ مشفق ۽ مهرباني ٿئي ۽ هُو اسان کي اهڙا خوبصورت ناول ۽ ڪهاڻيون ڏي جن کي پڙهندي اسان جي احساس جا مست جذبا رقص قلندري ۽ وجدان ۾ اچي وجن ۽ خانہ بدوش شڪارين جي لڏي ۾ ويندڙ ٻارڙا بہ سپنا جي ٽوڪريءَ ۾ پيل موتئي جيان مهڪڻ لڳن.

هڪ ليکڪ سڳنڌ جو پرچارڪ آهي. سچ ۽ سڳنڌ جو هي سنجوڳ ڪوي شال اڃا وڌيڪ وڌي ۽ ويجهي!!

ـ امير منڊرو

بدين
15_4_2007

ليکڪ ڇا ٿو چوي!؟

هر نئين تخليق هميشہ درد ۾ پيڙائن مان پڄري ڌرتيءَ تي جنم وٺندي آهي. جيئن ماءُ پيٽ ۾ نوَن مهينن کان اُسرندڙ وجود کي ڌرتيءَ تي جنم ڏيڻ وقت زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش مان گذري جڏهن ٻار کي جنم ڏيندي آهي تہ سندس پيٽ ٺري پوندو آهي ۽ هوءَ پُرسڪون ٿي پوندي آهي. تيئن هڪ ليکڪ ٻہ ذهن ۾ اُسرندڙ ڪنهن نئين تخليق کي ڪاغذ جي ڌرتي تي جنم ڏيڻ کان اڳ تڙپي، لڇي راتيون جاڳي، ڪيئي پوڳنائون پوڳي ٿو پر ڪنهن نئين تخليق کي جنم ڏيڻ کان پوءِ سو ڏاڍو پرسڪون ٿي پوندو آهي ۽ سندس اندر ٺري پوي ٿو. ائين منهنجو هي ناول "پٽڪي ويل سپنا" ٻہ 14 مهينن جي درد پيڙائن مان نسري پوءِ جنميو آهي. ۽ سچي ڳالهہ اها ٻہ آهي تہ هن ناول جي لکجڻ کانپوءِ منهنجو اندر ايترو تہ خالي ٿي پيو ايڏو تہ پرسڪون ٿي پيس جو اڄ تائين ڪائي ننڍڙي ڪهاڻي ٻہ ڪنهن رسالي کي ڏيئي نہ سگهيو آهيان!!

هونئن ٻہ ساڻيو منهنجو پنهنجي قلم تي ڪڏهن ٻہ اختيار نہ رهيو آهي. اها الائي تہ منهنجي خامي چئبي يا خوبي، جو آئون ڪڏهن ٻہ ليکڪ

واري ٽيڪنڪ استعمال ڪري پلاٽ ٺاهي، مطالعا، مشاهدا ڪري هڪ ڪهاڻي ٻڌائي سگهيو. جيڪڏهن اهڙي ڪوشش ٻ ڪئي اٿم تہ ڪنهن سيڪڙائ چترڪار وانگي تصويرن بدران ڪارٽون نهي پيا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن اخبار يا ريڊيو لاءِ مختصر تحرير لکڻ جو سوچي ويٺو آهيان ۽ ذات ديوي ڪنوار جي ڪنهبي جهڙي رنگن ۾ رچجي، ڏهن جي ٻيڪڙيل دروازي جي وٽين منجهان مرڪي پيئي آهي ۽ ڪائي خوبصورت ڪهاڻي سڃي رات جي ٽڪل "ناچڻي" جيئن پني جي بستر تي سمهي پيئي آهي..! ها دوستو! منهنجو پنهنجي قلم تي ان ڪري ٻ ڪڏهن اختيار ڪونہ رهيو آهي جو انيڪ دفعا شاعري لکڻ جو سوچي ويٺو آهيان ۽ ڪهاڻي لکجي ويئي آهي. ناول لکڻ جو سوچي ويٺو آهيان ۽ ننڍڙو غزل لکي اٿي وڃان ٿو. انهيءَ ڪري ئي مون هيستائين جيڪو ٻ لکيو آهي، ان ۾ منهنجي مرضي تمام گهٽ رهي آهي، پر قلم جي مود تي سيڪجهہ لکجي ويو آهي. ان ڏينهن ٻ آئون پريس ڪلب ۾ تن تنها ويٺو هئس. سامهون فيڪس وارا سفيد پنا پيل هئا. سوچيم تہ گهٽن ڏينهن کان مهربان دوست امين ارباب جي ريڊيو پروگرام "سڱنڊ" لاءِ ڪائي ياد نہ موڪلي اٿم. چو نہ هڪ پيج جي ياد لکي ونان..! پر جڏهن قلم کڻي لکڻ شروع ڪيم تہ قلم جي روانيءَ ۾ اوچتي تيزي اچي ويئي ۽ مواد وڌيڪ پنن تي ڦهلجڻ لڳو. سوچيم تہ شايد ڪهاڻي جڙندي، پر ٽيبل تي پيل سڀ پنا ڪُني ويا ۽ لکجندڙ ڪٽا جو ڪٽي ڇيڙو نہ آيو تڏهن بيزاريءَ مان پنا ويڙهي هڪ خاني ۾ اڇلائي ڇڏيم ۽ مونکي اهو سيڪجهہ هڪ بکواس (فضول) لڳو هو. پر جڏهن ڪجهہ عرصي کان پوءِ ساڳيا پنا ڪٽي پڙهيا هئم تہ ڪجهہ لفظ وٽڻ لڳا هئا. اتان کان ئي ٻيهر قلم جي رواني شروع ٿي. ائين مختلف مرحلن ۽ ڪيفيتن ۾ 14 مهينن جي عرصي کان پوءِ ان ڪٽا کي ڪا ئي معنيٰ ملي ويئي. ها، اها معنيٰ "پنڪي ويل سپنا" جي ڪردارن ۾ ضرور توهان کي ڪٽي نظر ايندي.

آئون ناول بابت ڪابہ دعويٰ نٿو ڪريان. چاڪاڻ تہ آئون ادب جي "الف" واري ڏاڪي تي بيٺل آهيان ۽ ان جا ٻيا طبقا اڃا ٻ مٽي آهن. جن لاءِ اڃا قدم کڻڻا اٿم. هن ناول بابت ٻ آئون ذاتي راءِ ان ڪري نٿو شامل ڪريان، چاڪاڻ تہ منهنجو مطالعو ۽ مشاهدو تمام گهٽ آهي. هتي اها وضاحت ٻ ضروري ٿو سمجهان تہ هن ناول ۾ ڪافي سارا ماڳ، مقام الهامي

طور شامل ٿي ويا آهن. ان ڪري ڪا بہ ڪمي پيشي نظر اچي تہ ضرور منهنجي اصلاح ڪجئو مونکي سيني جي راين جو انتظار رهندو. چاڪاڻ تہ لکندڙ کان پڙهندڙ جو ذهن وڌيڪ تيز هوندو آهي. اگر ڪوئي دوست منهنجي هن ڪچن هٿن جي پهرين پورهئي تي تنقيدي نظرن سان ڏسندو تہ آئون سندس جائز تنقيد کي نصيحت سمجهي قبولينديس. آخر ۾ آئون هن ناول کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جو سڄو سارو ڪريڊٽ پنهنجي محسن ۽ محبوب دوست "امين ارباب" کي ڏيندس. جنهن جي همت افزاين، دلچسپي ۽ ڪوششن مونکي ناول سهيڙي ڇپرائڻ جيتري جرئت بخشي. ٻئي نمبر تي آئون پنهنجي پياري دوست عبدالمالڪ ملڪاڻيءَ جو بيحد ٿورائتو آهيان. جنهن ناول ڇپرائڻ جهڙي انتهائي مشڪل ڪم ۾ مون سان ٻانهن ٻيلي ٿي نيايو ۽ ڪٿي بہ مونکي اڪيلائي جي احساس ۾ اڪيلو نہ ڇڏيائين. ۽ گهڻو ٿورائتو آهيان دوست حفيظ لغاري جو جنهن قيمتي گهڙين جا ڪي پل هن ناول کي ڏنا. آخر ۾ آئون منڙي ماڻهو ۽ ڪويتا پبليڪيشن جي روح روان پياري موهن مدهوش جو بيحد احسانمند آهيان، جنهن مون جهڙي نندڙي ليکڪ کي اهميت ۽ اوليت ڏيئي ناول "پٽڪي ويل سپنا" وقت سر مارڪيٽ ۾ آڻڻ جو احسان ڪيو.

ساڻ سلامت ـ سنڌ سلامت

ـ عزيز پنهيرو
ٽپال گهر ملڪاڻي شريف،
ضلعو بدين.
0302_8842061
0334_3010660

ڪورٽ جو ٽائيم شروع ٿيڻ کان ڪجھ گھڙيون اڳ ئي عدالت جي دربار ۾ ماڻھن جي رش وڌي ويئي. بئنچون سيئي پرجي ويون، ڪجھ ماڻھو گڏجي سڏجي گنجائش کان وڌيڪ سيٽن تي ويھي رھيا... گرما گرمي ۽ تجسس پريو ماحول ٺھي پيو ھو ڪمري عدالت ۾ گڏ ٿيل ماڻھن جي سرھاڻن ۾ ڪابہ ڳالھ سمجھ ۾ نہ پئي آئي، ھر ڪا ٽولي پنھنجي پنھنجي اندازي موجب فيصلي جا اڳواٽ نتيجا ڪڍي رھي ھئي....

اڄ ھڪڙي عجيب نوعيت جي ڪيس جي فتويٰ صادر ٿيڻي ھئي. تجسس جيئن پوءِ تيئن بيقراري ۾ وڌي رھيو ھو.....!!

۽ اھو تجسس ان ڳالھ جو ھو تہ جسٽس نعيم احمد جي عدالت ۾ اڄ سندس سڳي ڌيءَ، سرڪاري ڪاموري وسيم احمد صاحب بابت ڪورٽ سڳوري کي ان مشھور اسڪينڈل ڪيس جو فيصلو ڏيڻو ھو جنھن ۾ وسيم احمد پاران نشي جي حالت ۾ ھڪ سوشل ورڪر ناري زبيدہ سان سندس گھر ۾ گھڙي زوري زنا ڪرڻ جو ڪيس داخل ٿيو ھو جنھن لاءِ چيو ٿي ويو تہ ھڪ سماجي تنظيم سان سلھاڙيل نوجوان ۽ خوبصورت ناري زبيدہ جي اڪثر معاملن ۾ سندس آفيس ۾ اڄ وڃ رھندي ھئي.

..... ڪورٽ ۾ اڳئين سيٽ تي جج جسٽس نعيم احمد ۽ جوابدار سرڪاري ڪاموري وسيم احمد جو پيءُ وقار احمد بچاءُ واري وڪيل جي پر ۾ ويٺل ھو.

کاٻي طرف واري سيٽ تي ان سوشل تنظيم جو ڊائريڪٽر نعمت علي ۽ سندس پر ۾ نفيس ويس ۾ نازڪ ناري مس زبيدہ حرا سيل نيٽن سان چوري چوري عدالت جو جائزو پي ورتو.

مس زبيده جي وڪيل سان ڊائريڪٽر نعمت علي جي هلندڙ ڳالهه ٻولهه مان مايوسي ظاهر پئي ٿي ۽ وڪيل صاحب کيس دلداريون ڏيئي رهيو هو. ڪورٽ هال ۾ ويٺلن عجيب بحث ۾ تبصرا پئي ڪيا.

مس زبيده جي پوئين بئنچ تي ويٺلن مان ڪنهن چيو " پئي ڇا ٿيندو...!؟"

"نتيجو سيني جي سامهون آهي، جوابدار ننڍي پاءُ ۽ جج وڏو پاءُ ۽ وچ ۾ ويٺو آهي، انهن جو پيءُ...!؟" بس بابا! فيصلو ته طئي ٿيل ئي ايندو پاڻ اجايا بحث ٿا ڪريون...!!"

مايوسيءَ جي عالم ۾ مس زبيده مڙي پوئين بئنچ تي ان نوجوان ڏانهن نهاريو ۽ موٽ ۾ تبصرو ڪندڙ نوجوان نظرن ئي نظرن ۾ سائٽس بيوس همدرديءَ جو اظهار ڪيو.

وقار احمد جي پرواري بئنچ تي ويٺل ٻولي مان آواز آيو "ڪجهه به هجي، عدالتون رشتن ۽ عقلي دليلن تي ڪونه ٿيون هلن، فيصلا ثبوتن ۽ شاهدين تي ٿيندا آهن، اڄ ته رڳو فيصلو ئي نه پر خود انصاف جو امتحان آهي، هونئن ته جسٽس نعيم احمد جي انصاف کان ڪوبه انڪار نٿو ڪري پر اڄ ڏسٽو آهي ته پنهنجي پيءُ جي سامهون سڳي پاءُ جي تقدير جو ڪهڙو ٿو فيصلو ڪري ...؟؟!"

وقار احمد سڄي گفتگو ٻڌڻ کانپوءِ قهري نگاهن سان ان ٻولي طرف نهاريو ۽ نوجوانن جي سڄي ٻولي جي چپن تي معنيٰ خيز مرڪ وکري ويئي.... عدالت جو پويون دروازو کلندي ئي سڄي هال ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي، جج صاحب نمودار ٿيو ته احترامن سيئي وڪيل ۽ عام ماڻهو اٿي بيهي رهيا. پر وقار احمد پنهنجي سيٽ تان اٿڻ جي تڪليف ضروري ڪونه سمجهي، نائيڪ ڪٽتيءَ سان وڌي وڃي ڪرسيءَ کي ٽورڙو پوئتي هٽايو ۽ جسٽس نعيم احمد صاحب عدالتي ڪمري ڏانهن ڏسڻ بغير باوقار نمونو پنهنجي انصاف واري ڪرسي تي ويهي رهيو.

سيئي بيڊل خاموشي سان پنهنجي سيٽن تي ويهي جج صاحب جي چهري کي اڻهن تکڻ لڳا جڙ سندس تاثرات مان فيصلائي عبارتون پڙهندا هجن، پر ڪوبه سندس چهري جا تاثرات نوٽ نه ڪري سگهيو. هو اڄ به عام ڏينهن وانگي مطمئن ويٺو رهيو.

ريڊر وڌي اڳي ڪجهه فائيل ۽ ڪيسن جي لسٽ سندس اڳيان معدبانه انداز ۾ پيش ڪئي.

هن پهرين لسٽ چيڪ ڪئي ۽ پوءِ فائيلن تي هڪ نظر وڌي ۽ پوءِ عدالتي ڪارروائي شروع ٿي ويئي.

جج صاحب جي سامهون ڊائيسن تي بيٺل ساڄي ۽ کاٻي پاسي وسيم احمد ۽ مس زبيده جا وڪيل ڪيس جا فائيل کولي بحث جي تياري ڪري رهيا هئا. وسيم صاحب ڪورٽ جي جوابدارن واري ڪٺهڙي ۾ بہ پنهنجي جاهہ و جلال سان ائين آڪڙيو بيٺو هو جڙ هن ڪوئي ڏوهہ نہ ۾ بهادريءَ جو ڪارنامو سرانجام ڏنو هو ۽ هال ۾ ويٺل تماشبين ڪيس پنهنجا اهي مداح ۽ خوشامدڙيا پئي محسوس ٿيا، جيڪي اجهو ڪيس گلن جا هار پارائي ڪلهن تي ڪٽي نچڻ وارا هجنس....!!

شايد ڪيس يقين هو بلڪ فخر هو تہ اڄ سندس مقدر جو فيصلو ڪنهن هي وٽ نہ ۾ پنهنجي وڏي پاءُ وٽ ٽيٽو هو ۽ ڪيس پڪ هئي تہ هو ڪيس هاراڻي حرڪت سمجهي معاف ڪري ڇڏيندو.... !

جج صاحب حڪم ڪيو. "ڪارروائي شروع ڪئي وڃي"

وسيم صاحب جي وڪيل ائڊووڪيٽ اعجاز عالم فائيل ۾ نظرون جمائندي بحث ۾ پنهنجي اصيل کي بچائڻ جا دليل پيش ڪيا.

"آنر ايبل سر"! "مسٽر وسيم احمد هڪ سڌي ساک رکندڙ ذميوار سرڪاري آفيسر آهي. هن جي ايمانداري جا قصا سرڪاري ايوانن تائين پڙاڏو ٻڌجي گونجندا رهن ٿا."

وڪيل "مس زبيده چئي ڏانهس آگر جو اشارو ڪيو ۽ هوءَ چوڪري چرڪي سڌي ٿي ويهي رهي."

"يوئر آنر" مس زبيده پنهنجي حسن ۽ جواني جي زور تي مسٽر وسيم احمد کي پنهنجي ڏلفن جو اسير بنائڻ لاءِ عشق جو چار وڇايو اڪثر آفيس ۾ اچي ڪيس مختلف بهانن سان ريجهائي شاديءَ جون آفرون ڪندي رهي، هن جو شايد اهو خيال هو تہ هوءَ هڪ وڏي ايماندار آفيسر جي زال ٻڌجي زندگي کي پُررونق ۽ رنگيني ۾ گذاريندي، پر جڏهن وسيم احمد ڪيس هر طرح سان مايوس ڪيو تڏهن هن چئلينج سان ڌمڪيءَ ڏني هئي تہ هوءَ ڪيس ميڊيا ٽرائيل ذريعي بدنام ڪندي."

"يوئر آنر" توهان کي تہ خبر آهي تہ اخبارون ڪنهن سهٽي چوڪريءَ جي تصوير تي ئي وڪامن ٿيون، ان ڪري مس زبيده پنهنجي سونهن کي ڪيش ڪرائي اخبارن جي ذريعي هڪ ايماندار آفيسر کي بدنام ڪيو آهي.

"يوئر آنر" مان عدالت کي گذارش ڪندس تہ مسٽر وسيم احمد بيگناهہ آهي ڪيس باعزت بري ڪري سندس پاران مس زبيده تي عزت جو ڪيس داخل ڪيو وڃي."

"Objection your honour....
Point of order."
"Yes! order."

"يوئر آنر" منهنجي دوست وڪيل پنهنجي اصيل کي بچائڻ لاءِ هڪ شريف عورت تي نازيبا الزام مڙهيا آهن." مس زبيده جو خاندان ايترو غريب نہ آهي، جو هوءَ ڪنهن آفيسر جي دولت خاطر پنهنجي عزت ميڊيا آڏو نيلام ڪري چڏي."

"يوئر آنر" (فائيل هٿ ۾ لوڏيندي) هي اخباري ڪٽنگس شاهد آهن تہ ڪنهن به اخبار ۾ اڄ تائين مس زبيده جي تصوير نہ ڇپي آهي، البتہ پاڻ کي ايماندار آفيسر چورائيندڙ مسٽر وسيم احمد مختلف هنڌن تي ڏنل اخباري انٽرويوز ۽ پريس ڪانفرنسن ۾ پنهنجا فوٽو ڪيرائي هڪ شريف عورت جي عزت بدلي شهريت حاصل ڪرڻ ۾ ڪاب گهٽتائي ڪونہ ڪئي آهي."

"يوئر آنر" هي اخباري ڪٽنگس فائيل کولي ڏسو (فائيل جج آڏو رکيائين ۽ جج صاحب ورق ورائي اخباري بيان ڏسڻ لڳو)

وڪيل گڏوگڏ بحث جاري رکيو.

"يوئر آنر" انهن اخبارن ۾ ڪٿي به مس زبيده جي تصوير ڇپيل ناهي، جنهن کي منهنجي دوست وڪيل جواز بنائي هڪ شريف خاندان جي سڀاجهڙي عورت کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟

"يوئر آنر" ان ڳالهہ جو اهو به ثبوت آهي تہ مس زبيده پنهنجي عزت بچائڻ خاطر دانهون ڪيون، جنهن تي پاڙيسري گڏ ٿي ويا ۽ ڏوهاري مسٽر وسيم احمد کي ٻڌي ڪجهہ مارڪٽ به ڪئي وئي ۽ موقعي تي پوليس پهچي ڪيس پنهنجي تحويل ۾ ورتو ان لاءِ سر مشير نامون، پوليس رپورٽ ۽ شاهديون موجود آهن."

وڪيل هڪ ٻيو فائيل جج صاحب آڏو پيش ڪري چڏيو.

جج صاحب ڪٽنگس فائيل هڪ طرف رکندي ٻيو فائيل کٽي ورتو. وڪيل خاموشي سان بيٺو رهيو.

۽ ڪورٽ هال ۾ هلڪو هلڪو گوڙ شروع ٿي ويو ماڻهو ٻيهر تبصرن ۾ پئجي ويا، مس زبيده جي وڪيل مدبرانہ انداز ۾ دليل بازي

ڪندي وسيم صاحب کي ڏوهاري ٺهرائڻ لاءِ ٻوس ثبوتن ۽ دليلن سان مخالف وڪيل اعجاز عالم جي بحث کي کوکلو ڪري ڇڏيو.

جوشيلو ماحول بڻجي ويو هو.

وسيم صاحب غضبناڪ نظرن سان ڪڏهن مخالف وڪيل ته ڪڏهن مس زبيده ڏانهن انتقامي اکين سان ڏسي رهيو هو.

مس زبيده ۽ سندس ڊائريڪٽر جا چهرا چمڪي پيا هئا.

جج ۽ ڏوهاري جو پيءُ وقار احمد عجيب ڪيفيتن مان گذري رهيو هو سندس چهري تان هڪڙيون لڪيرون ايريون ٿي ۽ ٻيون لهي ٿي ويون....!!؟

جسٽس نعيم صاحب فائيل جي مطالعي ۾ مشغول هو ۽ سندس ريڊر ٽائيپ رائيٽر ۾ ڪورا پنا ٽاسائي رهيو هو.

ماٺهن ۾ عجيب ولولو اچي ويو چڙ پڙ، سرٻاٽن کان وڌي سئنيما هال ۾ فلم کان اڳ ٽيندڙ ڪچهرين ۾ تبديل ٽيڙ لڳي.

اوچتو ميز تي مترڪي جا ٽڪاءَ ٽيا.

آردر ..... آردر.....آردر.....

۽ سڄي هال ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي.

عدالت مس زبيده کي حڪم ڪيو ته هوءَ ڪٺهڙي ۾ اچي صفائي پيش ڪري.

مس زبيده ٽاپڙندڙ قدمن سان وڪيلن جي ڊائسن جو سهارو ونڊي ڪنهن عليل مريض وانگي ڪٺهڙي ۾ اچي بيٺي، پگهر جا موتي سڄي چهري تي ٽمڪندڙ رنگين بلبلن وانگي جهرمر ڪري رهيا هئس سڄي جسم جو ڳاڙهو رت، ڳورين ڳلن تي مڙي آيو هئس ۽ سندس ان معصوميت تي خود مخالف وڪيل کي به پيار اچڻ لڳو هو.

مس زبيده ڪٺهڙي ۾ اچي ڪجهه چوڻ لاءِ چپ چوريا... پر لفظ ڪنڌا بڻجي چپن ۾ چيپي ويس.

ٽي پيرا مسلسل جستجو باوجود صرف "سر" کان اڳتي ڪجهه به ته چئي نه سگهي.

نڑيءَ کي صاف ڪرڻ لاءِ لڳاتار ڳيتون ڏيندي رهي.

نيٽ اکڙين جا چپر چلڪي پيس....

ڪٺهڙي جي رينڪ تي مٿو ٽيڪي هلڪي اوچنگار ڏنائين ۽ پوءِ ٽنگن مان طاقت ڇڏرائجي ويئي، ڪٺهڙي ۾ ڊيڊرڪي ويهي رهي.

سندس وڪيل ڊوڙي اچي ڪيس سهارو ڏنو ۽ هوءَ درد جي ڪيفيت ۾ لڇندي ۽ روئيندي اچي پنهنجي سيٽ تي ويهي رهي.....

ڏک جي هڪ مقناطيسي لهر سڀني دلين مان پار ٽيندي گذري ويئي. سوڳوار ماحول سسڪيون پرڻ لڳو. مخالف وڪيل اعجاز عالم ٽشو سان اکيون اگهي چڏيون ۽ جج صاحب ٽشو سان عينڪ جا شيشا صاف ڪندي ڏکائتي لهجي ۾ چيو.

مسٽر وسيم! چا توهان پنهنجي صفائي ۾ ڪجهه چوندو....؟"

"جي ها....!" "مان بلڪل بيڏوهي آهيان."

"مان هڪ ذميوار سرڪاري آفيسر آهيان."

"هي ماڻهو مون کي بدنام ڪرڻ چاهين ٿا."

"مان هڪ شريف فيملي جو ميمبر آهيان"

"۽ منهنجي شرافت جا توهان خود گواهه...."

"شٽ اپ."

" چا توهان ڪورٽ سڳوري کي به گهر سمجهيو آهي...؟؟"

جج صاحب جي لهجي ۾ سختي اچي ويئي.

وسيم احمد جو سڄو هٽ ۽ تڪبر ٽٽي ويو.

بيعزتي ۽ شرم وچان ڪنڌ جهڪي ويس.

سندن پيءُ وقار احمد ڪاوڙ ۾ ڏڪڻ لڳو.

ڪورٽ هال ۾ ٻيهر گوڙ ٿيڻ لڳو.

تماشاين ۾ جوش وڌڻ لڳو.

وري مترڪي جا ڏهڪا ٿيا.

آرڊر.... آرڊر.... آرڊر....

خاموشي سان گڏ سڀ نظرون جج صاحب ڏانهن ڪچي ويون.

"عدالتي ڪارروائي ۽ مليل ثبوتن مان ملزم وسيم احمد ڏوهاري ثابت ٿي چڪو آهي."

"ڪورٽ سڳوري مس زبيده جهڙي معصوم ۽ عزتدار نينگري جي عزت بي آبرو ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سندس نوڪري ختم ڪري ٿي"

"ڪيس ست سال قيد بامشقت ۽ 60000 هزار روپيه روڪ ڏنڊ طور مس زبيده کي ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿي."

"ڏنڊ جي رقم ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ ڪيس ٻه سال وڌيڪ قيد ڪاٽڻو پوندو."

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

"عدالت برخواست ڪجي ٿي."

فيصلي سان گڏ تماشائين پي اختيار وهہ واهہ وار جا نعرا بلند ڪيا. مس زبيدہ جي چپن تي محبوبانہ مرڪ رقص ڪرڻ لڳي ۽ سندس ڊائريڪٽر صاحب فخر وچان ڳاڻ اوچو ڪري چڏيو. زبيدہ کي ان سوچ تي هر ڪنهن دل ئي دل ۾ واڌايون پي پيش ڪيون.

پنجاب هاءِ ڪورٽ ۾ ان نوعيت جو اهو پهريون ڪيس هو جنهن ۾ انصاف جي ڪرسي تي ويٺل سڳي ياءِ، پنهنجي ننڍي ياءِ واري رت جي رشتي کي ٽڏيندي هڪ مظلوم نينگري سان تاريخي انصاف ڪري ڏيکاريو هو.

پي ڏينهن جي اخبارن ان خبر کي ليڊ سان ڇاپيو هو.

نعيم صاحب جي ايمانداريءَ جو چؤپول پوري پنجاب ۾ ايتريقدر ٿي ويو جو عوام ساڻس غائبانہ محبت ڪرڻ لڳي هئي. اگر ڪوبہ خاص واقعو ٿيندو هو تہ عوام احتجاج ڪري حڪومت کان انصاف لاءِ جسٽس نعيم صاحب جي ٽربيونل کان جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪندو هو.

ائين هو هڪ ملڪي سطح جو نالي وارو جج بڻجي ويو.

..... هوڏانهن پنهنجي ياءِ کي سزا ڏيڻ کانپوءِ نعيم صاحب پنهنجي اباڻي گهر کان منهن موڙي چڏيو.

جيتوڻيڪ سندس والدہ ڪافي عرصو اڳ ئي وفات ڪئي هئي، ۽ پينرون هيون جيڪي پڻ پنهنجا گهر آباد ڪري چڪيون هيون.

جيل ڪاٽيندڙ ننڍو ياءِ بہ ٽن هارن جو پيءُ بڻجي چڪو هو. نعيم صاحب اڃا تائين شادي نہ ڪئي هئي.

ڪيس اها بہ پڪ هئي تہ سندس پيءُ انهيءَ فيصلي تي ناراض هوندو تڏهن هن گهر ڏانهن وڃڻ بيڪار سمجهيو هو.

نعيم صاحب هاڻي لاهور جي هڪ مشهور ۽ محفوظ علاقي ۾ بنگلو وٺي اتيئي رهڻ لڳو هو.

ڪيس ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍي اڪيلائي محسوس ٿيندي هئي. انهيءَ اڪيلائي کان هاڻي هو بلڪل تنگ اچي ويو هو تنهن ڪري اڪثر موڪل وارن ڏينهن ڪنهن بي مصروف شهر يا تفريحي علاقن ڏانهن نڪري ويندو هو.

اونهاري جي سخت گرمين دوران نعيم صاحب پندرهن ڏينهن جي موڪل تي ڪوهہ مري هليو ويو.

ڪوهه مري ايندي، سندس سمورا ٽڪ دلفريب نظارن ۾ وڃائجي ويندا هئا.

نيٽن نار نظارا.

دل لپائيندڙ موسيقيءَ آلاپيندڙ جبل تان ڪرندڙ آبشارن جو پاڻي هلڪي هلڪي برسات.....

ڪڪرن جي دونهين ۾ دونهائيل لفٽون....

آوارگي ڪندڙ غيرملڪي سياحن جا جوڙا....

پنهنجي ئي ملڪ جي چئني صوبن کان تفريح لاءِ آيل ماڻهو.....

اهو سڀ ڪجهه ڏسي نعيم صاحب کان سمورا ٽڪ، وسري ويندا هئا.

دل چاهيندي هئس ته اتيئي پنهنجو ديرو جمائي هميشه لاءِ سانتيڪو ٿي سمهي پوي.

ڏهن ڏينهن لاءِ هن هڪ هوٽل جي سيڪنڈ فلور تي ننڍڙو فليٽ بڪ ڪرايو هو جتي ضروريات زندگي جون سڀ سهوليتون موجود هيون.

شانائتو ڪمرو....

اٽيچ باٿ، ٽب وغيره....

خلاصو دالان.....

دالان اڳيان چبوتري نما چپرو.....

هر روز صبح جو هو ان چبوتري نما چتري هيٺ ويهي انگريزي اخبار جو مطالعو ڪرڻ سان گڏ چانهه جي مگ مان گرم سرڪيون پريندو ۽ سياري جهڙي ٺڏي صبح جي حسين ۽ دلفريب منظرن سان نيٽ ٿيندو هو.

هن دل ۾ سوچيو "جڙ جنت جي ٽڪري تي پهتو هجان....!"

منجهند ٽاڻي.....

ڊريس بدلائي، شيوَ ٿاهي، ڪپڙا بدلائي ٻاهر جي موسم ڏسڻ لاءِ دالان جي ننڍڙي ديوار وٽ اچي بيٺو.

موسم جهڙالي ٿي چڪي هئي....

ڪارا ڪارا ڪڪر منجهند کي ڇڪڪ نما شام ۾ بدلائي رهيا هئا. آسمان مان ڇٽندڙ وڦي وڦي سان سنهڙيون ڦڙيون لوهي ڇپري تي ٽپڪ... ٽپڪ ڪري ٽپڪيون پئي....

پهاڙين تي گاهه جي ساوڪ جا رنگ تهائين گهرا ٿيندا ٿي ويا. ڏور ڏور تائين هٽن ۾ هٽڪڙول چاڙهي ڦرندڙ آواره ڪبوترن جهڙ آزاد جوڙا، خواب نگر جهڙي پهاڙين پٽيان گم ٿيندا ٿي ويا.

ڪي جوڙا. هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ پاڪرن جي سهاري پهاڙين جي اوچاين تان چنچل ٽهڪ ڏيندا هيٺ پي لٿا.

نعيم صاحب جون خمارين اکيون آهستي آهستي سيني منظرن کي دل جي فريم ۾ سجائيندين رهيون.

جڙ تہ هو پاڻ قدرت جي ان حسن ۾ وڃائجي ويو هو.

آهستي آهستي وس ڙ ڦڙين ۾ تيزي اچڻ لڳي. سندس بدن ۾ سيارو لهڻ لڳو. ٻيهر پنهنجہ پاڻ ڏانهن متوجهہ ٿيو ۽ پوءِ ڪمري طرف مڙڻ وارو ئي هو جو سامهون واري فليٽ جي دالان ۾ بيٺل ڪنهن اجنبي عورت جي وجود کيس اندر رڄڻ کان روڪي ورتو.

هوءَ اکين تي ولائتو دوربين جا کيپ چاڙهي پري پري جي نظارن کي پنهنجي قدمن ۾ آٿي ل لف اندوز ٿي رهي هئي.

گول گول گلابي چهہ .....

ڪلهن تي چوٽ يل ڪارا واسينگ وار.....

پري کان روشني جي لاٽ جيئن بکجندڙ ڳوريون ٻانهون...

سنهڙي بابي.

ڊگهيرو قد.....!

پهريون پيرو ڪنهن عورت جي بدن جي خوشبوءِ نعيم صاحب جي روح کي گهراين تائين معطر ڪري چڏيو...

هو يڪ ٽڪ ان اجنبي عورت جي وجود کي اڃايل اکين سان ڏسي رهيو هو.

سوچيائين " وادي جنت جي ڪائي پتڪيل حور ئي ٿي سگهي ٿي.....!؟"

هڪ اٽلڪي مرڪ نعيم صاحب جي چپن تي نوان رس ۾ چس پکيڙي رهي هئي....

اوچتو.....!؟

اجنبي عورت جي دروبين ڦرندي اچي نعيم صاحب تي بيٺي .....!

هن جي ٻانهن ۾ آيل هلڪي جنبش نعيم صاحب پرکي ورتي. هن اکين تان دوربين هٽائي نعيم صاحب کي سادين اکين سان سڌو ڏٺو.

کيس چٽو عکس ڏسڻ ۾ نہ آيو....

ٻيهر اکين تي دوربين رکي نعيم صاحب کي پنهنجي چاتي برابر آٿي بغور کيس ڏسڻ لڳي...

پريل ويڪرو چهرو....
وڏين اکين ۾ چمڪندڙ معنيٰ خيز رنگينيون....
رسيلن چپن تي مرڪن جي انڊلٽ....
پورو پنو پريل بت....
وچولو قد.....
دل گواهي ڏنس ته "آسمان تان ڪوئي فرشتو پتڪي لٿو آهي....!"
هڪ پل دل چاهيس ته اتان ئي اڏامي هوائن جي رستي وڃي سندس سيني سان دل ملائي.
ٻي پل، نه جاڻ چا سوچيائين....؟!
پاڻ سنياليو....
تڪڙيون وکون کڻندي.
اندر ڪمري طرف هلي ويئي.
هڪ اونهو ساهه نعيم صاحب جو وجود ڏوڏيندي فضائن ۾ تحليل ٿي ويو.
هلڪا، ٽڪل قدم کڻندو ڪمري ۾ هليو آيو.
نرم فوم تي ليٽي ٻيهر تصورن ۾ ان اجنبي عورت جي تصويري عڪس جون لڪيرون ليڪي رنگ پرڻ چاهيائين.
ڪنهن سيڪڙات چترڪار وانگي سندس ناهيل تصوراتي تصوير ڪنهن ڪارٽون وانگي اکين آڏو آيس ٿي ۽ هن بيزاريءَ وچان ان پيانڪ تصوير کان اکيون پوري پنهنجي دماغ کي تکي ڏونڊ ٿي ڏني.
شام ٿاڻي....
چيل جي ڏگهن وٽن هيٺان گذرندي تفريح ڪندي، گاهه جي ساون ٻوڙن کي لتاڙيندي .... قدرت جا حسين رنگ چورائيندو هڪ پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي چڙهي ڪن پل لاءِ ويهي هيٺ جا نظارا ڏسڻ لڳو.
سندس پرمان چوڪرن ۽ چوڪرين جا الائي ڪيترا جوڙا، الائي ڪهڙيون ڳالهيون ڪندي، الائي ڪهڙن نظارن ۾ لهي ٿي ويا.
هو انهن کي ڏسڻ بنا خاموش خاموش هيٺين نظارن ۾ پاڻ وڃايو ويٺو رهيو.
ڇڃ دير کانپوءِ روز جي معمول موجب ان پهاڙي جي اترين لاهي ۾ جبل تان هيٺ ڪرندڙ پاڻيءَ جي مڌر موسيقي ٻڌڻ لاءِ اوڏانهن جو رخ ڪيائين.

شام ڪافي گهري ٿي پئي هئي.

جبل تان ڪرندڙ پاڻي جو آواز ۽ شور ٻيٽو ٿي ويو هو. اڳتي نهاريو هئائين...

جنهن جاءِ تي روزانو ويهي آبشار کي انجوائي ڪندو هو... اتي اڳ ۾ ئي ڪا چوڪري اڪيلي ويٺي پاڻي ۾ ننڍڙون ننڍڙيون ڪڪريون اڇلائي هٽڪ آبشار سان راند کيڏي رهي هئي...

کيس ڊسٽرب ڪرڻ مناسب نه سمجهائين.

خاموشي سان وکون وڌائيندو پٽر ٽپندو ڪجهه اڳيرو وڃي هڪ وڏي پٽر تي ويهي رهيو.

هن گوڏا اڀا ڪري گوڏن تي ائين ٻانهون ويڙهي چڏيون جٽڪ "ڪانپ" ٻڌي چڏي هئائين.

هو بنا اک چنپ جي جبل جي اوچائي تان هيٺ ڪري تيزيءَ سان ريلا ڪري وهندڙ پاڻي جو نظارو ڏسي رهيو هو.

اوچتو ناريءَ جي سامهون ويٺل شخص تي نظر پئجي ويئي.

هلڪو چرڪ چڏائجي ويس.

ٻيهر پنهنجي اکين کي آگرين جي ابت سان مهٽي اوڏانهن تحقيقي نظرن سان جاچڻ لڳي هئي.

ائين ئي...

جڙ ڪيس پنهنجي اکين تي ڪوبه ويساهه نه هجي...!؟

۽ پوءِ سندس چپ مرڪي پيا...

ڪيس سڃاڻي ورتائين...

ها... هي ته اهوئي فرشتو آهي "... پٽيڪل آسماني مخلوق"...

هن پنهنجو پاڻ سان ڪجهه ڳالهايو

"هي ته اهوئي وجود آهي، جنهن منهنجي روح کي ايترو بيقرار ڪري چڏيو جو ڪجهه گهڙين جي چين لاءِ هتان اچي نڪتي هئس" سوچيائين ۽ پوءِ هڪ مٺڙي مرڪ سندس چپن تي ماکي جهڙا لذيذ رس وکيري چڏيا ۽ هو ٽپ ڏيئي پٽر تان اڻي ٻيٺي...

انهن ئي پٽرن تان ڪي نازڪ قدم نعيم صاحب طرف وڌي رهيا هئا جن تان ٿوري دير اڳ هو پاڻ گذري هن طرف آيو هو.

نعيم صاحب اڃا تائين خيالي دنيا ۾ گم سم هو.

هڪ اجنبي عورت سندس ساڃي پاسي کان ٻيٺي هئي

هن جي سوچ عورتاٽي هئي.

سوچيائين!" ضرور هو ڪيس ڏسي چرڪ پريندو ۽ ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ پنهنجي خيالن جي دنيا ۾ اچڻ جي نينڊ ڏينڊو"

پر سندس اها خواهش ڪچ ديرتائين اٽپوري رهي...

نعيم صاحب جون سموريون سوچون ڪاغذي ٻيڙيءَ مثل آبشاري لهرن ۾ لڙهنديون رهيون. هو پاڻي ۾ پاڻ وڃايو ويٺو هو.....

مجبورن ڪيس پنهنجي موجودگي جو احساس پاڻ ڏيارٽو پئجي ويو. "Excuse me please!"

ان اوچتي مڏر آواز تي نعيم صاحب اهڙو چرڪ پريو جو گوڏن تي ويڙهيل ٻانهون ڪلي ويس ۽ جهٽڪي ساڻ پٺر تان آٽڙجي وڃي گوڏي جيڏي پاڻي ۾ پير ڪوڙيائين.

موٽ ۾ اجنبي چوڪري جي سنهڙن ٿهڪن نعيم صاحب کي شرمندو ڪري وڏو هو چپن تي شرميلي مرڪ سجائي پٺر جي ٽيڪ تي مٿي چڙهيو ۽ اڳتي وڌي ان اجنبي عورت جي پر ۾ بيهي پانڻنچا نپوڙڻ لڳو.

"معاف ڪجؤ مون توهان کي ڊسترب ڪيو... "

"ڊسترب ڪالهه ڪيو ۽ معافي اڄ.....؟ نعيم صاحب ڪيس سجاٽي. بدستور پائڻنچا نپوڙيندي هجتاڻ لهجي ۾ وراٽيو....."

"ڪالهه .....!؟

"پر ڪالهه ته پاڻ مليائي نه هئاسين...؟!"

"ته چا! منهنجي رهائشگاهه جي پرواري هوٽل مان دوربين سان توهان نه پي نظارو ڪيو ...؟ " سندس مڪ تي نظرون جمائيندي پڇيائين .

"جي .... بلڪل...."

"اها ته مان ئي هيس..."

"ته پوءِ .....؟؟ "

"ته پوءِ ڊبل معافي ..."

۽ ٻنهي جا ٿهڪ گڏجي گونجيا.

"چا، توهان پنهنجو تعارف نه ڪرائيندو...؟"

"جي... مان سرڪاري ملازم آهيان."

"لاهور ۾ رهندو آهيان."

"نعيم احمد نالو آهي منهنجو."

"اچا، چا ...نعيم صاحب لڳي ٿو ته توهان بئنڪ مئنيجر آهيو؟"

"جي نہ ...."
"نہ..... تہ پوءِ ڪسٽم آفيسر ٿي سگھو ٿا."
"جي بلڪل بہ نہ .....!"
"تہ پوءِ يقينن توهان فوجي آفيسر آهيو ...؟"
"نہ ..... مان فوجي آفيسر بہ ناهيان."
"چگو پلان توهان ئي ٻڌايو....؟"
"مان ٻڌايان....؟"
"نہ! اهو مناسب نٿو لڳي."
"مناسب نٿو لڳي....؟!"
"چگو هاڻي مان سمجهي ويس."
"چا....؟"
"اهو ئي تہ توهان انٽيليجنس آفيسر آهي...؟"
"غلط .....!"
"تہ صحيح ٻڌايو نہ ....؟
"يقين ڄاڻو تہ مان بہ ڪا انٽيليجنس ناهيان جو مخبري ڪريان..."
هو ڪليو ۽ ٻڌائي ڏنائين تہ
"مان هاءِ ڪورٽ لاهور جو جج آهيو."
"جسٽس نعيم احمد...."
"جسٽس نعيم...جسٽس نعيم...جسٽس...؟؟ تہ چا توهان اهيئي جسٽس نعيم آهيو جنهن هڪ سوشل ورڪر چوڪري سان ڏاڍائي جي الزام ۾ پنهنجي سڳي پاءُ سرڪاري آفيسر کي جيل اماٽيو...؟؟" هؤ پرتجس انداز ۾ پڇي ٿي...!!؟
"پر اها توهان کي ڪيئن خبر پئي؟"
"مون کي تہ چا؟ هر ان ماڻهو کي چگي طرح خبر آهي جيڪو اخبارون پڙهي ٿو."
"سچ نعيم صاحب" ڪنڊ جهڪائيندي نماڻي انداز ۾ چيائين جڏهن کان توهان جي ان انصاف جا قصا اخبارن ۾ پڙهيا اٿم. تڏهن کان آئون توهان جي مداح رهي آهيان."
"پر محترمہ ! توهان پنهنجو تعارف نہ ٻڌايو...؟"
جي توهان جي حيثيت اڳيان مان تہ ڪجهہ بہ ناهيان..."
"بس پنهنجي ڪائي خادمہ ئي سمجهيو...؟"

"ائين ناهي، هر ماڻهو جي هڪ الڳ حيثيت هوندي آهي، مون کي توهان ايترو اتر چوٽا سمجهو؟ مان به ته هڪ انسان آهيان نه....!؟"

"نه .... نه توهان انسان ناهيو انسان جي روپ ۾ فرشتا آهيو....؟"

"ته توهان به حور آهيو، وادیءَ جنت جي حقيقي حور....!"

هڪ جهٽڪي سان سندس اکيون نعيم صاحب جي نظرن سان ٻڪجي ويون.

زبان پٽرائجي ويس.

پلٽو کائي وڃي نعيم صاحب جي سيني سان ٽڪرائي هئي.

پٽر تان آڻڻندي هڪ ٻئي جي سهاري تي ٻئي ڇٽا ڪرڻ کان بچي ويا.

هو سندس وجود کي ٻانهن جي ڪچڻين ولڻين مان آزاد ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نه هئي.

ان ويل انساني تاريخ ۾ پهريون پيرو هڪ مرد ءِ هڪ عورت جي دل هڪ جيترا ڏڪ هٽي ڏڪيون هيون.

هو يورپ جي ڪنهن نائيٽ ڪلب ۾ بيئل مدهوش جوڙن جيئن هڪ ٻئي کي ٻانهن ۾ جکڙي خيالن ئي خيالن ۾ جهومڻ لڳا هئا.

ڪجھ دير کانپوءِ نعيم صاحب اجنبي عورت جون ٻانهون کولينديوري به ساڻيو سوال ڌرايو هو ته:

"چا توهان پنهنجي باري ۾ ڪجھ به نه ٻڌائيندو...؟"

ءِ هوءَ تمام آهستگي سان پنهنجو تعارف ٻڌائي رهي آهي.

"جي منهنجو نالو شهناز آهي."

"هڪ انڊسٽري جي مالڪ ءِ ڊائريڪٽر آهيان."

"منهنجو والد صاحب آمريڪا ۾ بلڊنگس ءِ تعميرات جو وڏو ٺيڪيدار آهي"

"بابا ءِ امي ۾ ڏهني هم آهنگي نه هئڻ ڪري طلاق ٿي ويئي آهي، اَمي اسان جو گهر ڇڏي الائي ڪهڙي طرف هلي ويئي ءِ جلد ئي بابا به آمريڪن ڪمپني سان ايگريمينٽ ڪري هتان هليو ويو ءِ هي انڊسٽري جا اڳ ئي ڪاغذن ۾ منهنجي نالي هئي. منهنجي حوالي ڪري ويو.

جڏهن گهر ۾ تنها ويهندي ٽڪجي پوندي آهيان ته پوءِ ڪنهن طرف تفريح لاءِ نڪري ويندي آهيان."

مون کي هڪ اهڙي ساٿي جي تلاش آهي، جيڪو سندم تنهايون گهٽائي سگهي، جيڪو منهنجي انڌيري جوڀن ۾ چانڊوڪيون اوتي سگهي...

"جيڪو منهنجي بي رنگ خوابن ۾ رنگ پري سگهي..."

"مان ان تلاش ۾ اڪثر اهڙين جڳهين جو انتخاب ڪندي آئي آهيان." (ڪُجهه وقت لاءِ خاموشي ٿي وري ڳالهائي ٿي)

"ها نعيم صاحب!"

"توهان نڪا ڄاڻو ته هڪ عورت وٽ زندگي جي ضروريات جي هر شيءَ موجود هڻڻ باوجود هڪ ڪوڙ باقي رهندي آهي...!"

"توهان ڪنهن جوان عورت جي اڪيلائي جي عذابن کي ڪونه سمجهي سگهندؤ..."

"نڪا ڄاڻو توهان...!!" (آواز پرجي آيس، پر لڙک روڪي ورتائين)

"شهناز!"

"اڪيلايون عذاب ئي ته هوندیون آهن نه...؟"

"چاهي اهي ڪنهن عورت جي مقدر ۾ لکجي وڃن چاهي ته ڪنهن مرد جي زندگيءَ ۾ هليون اچن."

"ها شهناز!"

"پاڻ هڪ تنهاين جا ڏکايل انسان آهيون."

"منهنجي زندگي جو فسانو به تو کان ٻيو نه آهي..."

"توهان جڏهن پنهنجو داستان پي ٻڌايو ته مون کي ائين محسوس ٿيو هو ته منهنجو ئي قصو توهان جي زبان تي آيل آهي...؟"

"نعيم صاحب رات ٿي ويئي آهي...؟؟" هوءَ ڪيس احساس ڏياري ٿي.

"اوهه! ڳالهين ۾ ته وقت جو احساس ئي نه رهيو ڏسو ته اونداهي ڪيتري ڦهلجي چڪي آهي." (نعيم گهڙي ڏسندي چوي ٿو...)

"ته پوءِ هلڻ گهرجي...؟"

"جي بلڪل ...!"

ٻ پوءِ ٻيئي هٿن ۾ هٿڙا ڏيئي پاڻي جي پٽرن تان ٻرانگهون وارينداء پهاڙي جي اوچائي طرف هلڻ لڳا...

آبشار جي موسيقي مڌر ترانا ٻڌجي ويئي.

جهڙوڪ ٻن رولاڪ مسافرن کي منزل ملي ويئي.

رڻ جي پياسي پکيءَ کي جڙ پاڻي جو ڏُهو ملي ويو...

ڇ ٽڪل روحن کي ڪائي شانتي ملي پيئي...
جڙ ٻنهيءَ تن تنها زندگين کي دل جي ڏرتيءَ تي آشيانہ ملي ويا ڇ هو ٽڪل ڇ فاتح قدمن سان پنهنجي آشياني طرف راهي ٿي ويا....
اهي ايام ٻنهي، ايتري تہ مدهوشي ۾ گڏ گذاري چڏيا، جو موڪلائڻ وقت ٻنهي جي دلين جا گمان ساڳيائي هئا تہ
"اڄ جو وچڑياسين تہ ٻيهر نصيب ۾ ميلاپ الائي هجي نہ هجي، ڇ شايد وچڑڻ کانپوءِ ٻيهر دنيوي دوزخ ۾ پٽڪي وينداسين."

ٻئي جڻا سڏو شهناز جي ڪمري تي هليا آيا هئا... ڪيترو وقت شهناز جي ڪمري ۾ هوائن جي سرگوشين سواءِ ڪوبہ آواز نہ آيو. ٻئي ائين بت بڻيا وينا هئا جڙ سي ٻي پليئر تي هلندڙ فلمي ڪردارن کي رموٽ ذريعي بريڪ ڏنو ويو هجي....؟!
"نعيم صاحب؟"
ڪمري جي خاموشي کي شهناز جي آواز ٽوڙيو
"هون..... جيءَ....!!"
نعيم صاحب جڙ هوش ۾ ايندي، سڏ وراڙيو.
"نعيم صاحب!"
"مون کي پاڻ کان جدا نہ ڪريو..."
"توهان وجو تا..... جڙ....."
"ڇٽڪ زندگيءَ مان ويساهہ وڃي رهيو آهي...!"
هن جو آواز روئڻهارکو ڇ التجا پريو هو.
نعيم صاحب خاموش....!!
ڪنڈ هيٺ جهڪيل....!
هو پلنگ جي فوم تي چاپيل گل کي آڱر جي ننهن سان ڪرڻي رهيو آهي.
"توهان ڪٽي مون کي وساري تہ نہ ڇڏيندؤ ...؟؟"
نعيم صاحب جو ڪنڌ جواب ۾ ويتر جهڪي ويو.
شهناز صوفي تان اٿي اچي سندس پر ۾ پلنگ تي ويٺي....
ڪاڌي کان هٿ ڏيئي ڪنڌ مٿي ڪرايائينس.
درد جي هڪ عجيب ڪيفيت سندس اکين ۾ چانيل هئي.
لڙڪن کي تہ مضبوط بند ڏنل هئا.

پر اڪثرين جا ڪنارا پنل پنل محسوس ٿيا پئي.
شهناز هڪ ڏڳهو ساهه پريو.....
جڏ ڪوئي ٽڏو سڏڪو سرير مان سرگوشيون ڪندي اڏاٽو ۽ پڙڪو ڪائي دروازي مان ڦڙ ڦڙ ڪندي آزاد فضائن ۾ اڏامندڙ برساتي پکين جي وڳر سان وڃي مليو....
"نعيم صاحب ...؟"
"توهان ته مون کان به وڌيڪ حساس آهيو...؟"
"ايترا حساس جو نڪي ڪنهن اظهار لاءِ چپن جا تاڪ تا کوليو...؟!"
" ۽ نه ڪي لڙڪن جا بند ٽيا پيجو...!؟"
" شايد...!؟"
"شايد، توهان صرف وٺڻ ئي ڄاڻو ٿا...؟ ڪجهه ڏيڻ ته سکيائي ناهيو...!"
"ڪافي دير ڪانپوءِ نعيم صاحب نيٺ متي ڪٽي، شهناز جي اکين جي گهراين ۾ گهوريندي چپن تي اڻ چٽي مرڪ سجائي چڏي...
هڪ ڪوڪلي مرڪ
جنهن ۾ ڪي به رنگ نه هئا.....
ڪي به معنائون، ڪي به احساس نه هئا.
سواءِ ڪجهه سوالين لڪيرن جي .....؟؟؟!
"شهناز .....؟!
منهنجو انتظار ڪجانءِ....!"
نعيم صاحب پلنگ تان اٿندي چيو.
ساٽس گڏ اٿندي شهناز وراٽيو.
"آخري ساهن تائين رهندو پر..!"
"پر ڇا شهناز ....؟؟"
"....!!؟؟"
"خاموش ڇو ٿي وئين...؟!"
"مون کي روبرو نه ٻڌائيندين ته ڇا، تنهنجي "پر" مون ڏي پر ڪري اڏامي ايندي...؟؟"
"نعيم صاحب! هاڻي توهان پلي وڃو."
"آئون توهان جو انتظار ڪنديس."

"ايترو انتظار... جيترو چوندا..."
" پر ....! ؟"
"پر جڏهن توهان واپس مون وٽ ايندا تہ پوءِ وڃڻ ڪونہ ڏينديس."
"مان انتظار ڪندس"
"توهان جو...."
"ءِ وقت جو...."
"ءِ ... ءِ بس ! ...."
"اهو منهنجي زندگيءَ جو آخري انتظار هوندو."

نعيم صاحب جون موڪلون پوريون ٿي ويون هيون ۽ واپس لاهور هليو آيو هن ٻيهر ڪورٽ ۾ اچي ڪجهه پينڊنگ ۾ پيل ضروري ڪيس تڪڙا اڪلائڻ شروع ڪيا.

ان دوران ڪڏهن ڪڏهن شهناز سان ٽيليفونڪ ڪچهريون به ٿينديون رهيون. شهناز جي ڳالهين ۾ اهڙي مٺاس ۽ ڪشش هئي جو نعيم صاحب مسلسل ڏانهس ڇڪبو ٿي ويو.

ڪڏهن دل اڇل کائيندي هئي ته پڪي وانگي اڏامي وڃي شهناز جي حسن جي نور سان پنهنجا نيڻ منور ڪري اچي....

پر شهناز کانئس وچن وٺي چڪي هئي...

"ايندين ته واپس نه ويندين....!"

ان وعدي نعيم صاحب جي پيرن ۾ قيد واريون زنجيرون وجهي ڇڏيون هيون ۽ جڏهن شهناز ڪيس فون تي اها خوشخبري ٻڌائي هئي ته "مون بابا کي آمريڪا فون ڪري جيون گڏجي گهارڻ جي رضامندي وٺي ورتي آهي."

تڏهن کان ته سندس بيقراري ويتر وڌي ويئي هئي.

هاڻي هو تيزيءَ سان اهي ڪيس اڪلائڻ لڳو هو جيڪي سندس ٽيبل تي فيصلي جي انتظار ۾ پراڻا ٿي چڪا هئا.

..... هڪ ڏينهن صبح جو ۹ وڳي جڏهن نعيم صاحب پنهنجي گاڏيءَ ۾ ڪورٽ وڃڻ لاءِ نڪري رهيو هو ته لوهي گيٽ تي بيٺل سندس ملازم حاڪم علي وڏي اچي ڪيس سلام ورايو ۽ ڪوٺ جي وڏي ڪيسي مان هڪ ننڍرو خاڪي لفافو ڪڍي صاحب کي عاجزي سان پيش ڪري ڇڏيائين.

نعيم صاحب نوڪر جي ان سادگيءَ تي خوش ٿيو ۽ لفافو وٺي اڳتي وڌي ويو ڊرائيور ڏوڙي اچي ڪار جو پويون دروازو کوليو.

صاحب جي ويهڻ کانپوءِ ٻيهر دروازو بند ڪري پاڻ ڦرتي سان اچي ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺو ۽ ڊرائيور جي پرسان هڪ ڪمانڊو گارڊ ويٺل هو.

ڪار جڏهن مينار پاڪستان وٽان ٽيندي لاهور جي روڊن تي ڪورٽ طرف ڊوڙڻ لڳي، تڏهن نعيم صاحب هٿ ۾ پيل لفافي تي نظرون جمائي چڏيون...

هڪ ڪنڊ کان لفافو ڦاڙي سنهڙن اکرن سان ڳٽيل اڇو پنو ڪڍي ورتائين پنو کولي پڙهڻ لڳو.

منهنجا پيارا نعيم احمد صاحب:

السلام عليڪم

گستاخي معاف!

دراصل مون سمجهيو هو ته هڪ نه ڏينهن اوهان ضرور مون کي ياد ڪندا، پر اهو منهنجو هڪ شيطاني خواب نڪتو نيٺ توهان تي پنهنجو ڪوئي حق سمجهي خط لکڻ تي مجبور ٿي پيس. اميد ته ضمير جي عدالت انصاف جو فيصلو ڏيندي...!

توهان کي ته الائي ياد به رهيو هوندو يا نه...؟؟ پر مون اڃا تائين اهو ڪوڙ وساريو آهي ته پاڻ جڏهن کان گڏ پڙهندا ۽ جوڙ ۾ گهمندا هئاسين، تڏهن کان ئي پنهنجي والدين پنهنجي ان ننڍڙي جوڙي کي تاحيات سلامت رهڻ جون گڏيل دعائون ڏنيون هيون ۽ تڏهن کان ئي پاڻ ٻئي ڪهئي جي نالي وقف ٿي ويا هئاسين...

ها نعيم صاحب! ننڍپڻ جي هڪ ننڍڙي ياد به شعور پڻ جي سوين محبتن کان وڌيڪ پياري هوندي آهي.

يا نه... اها صرف منهنجي ئي محسوسات آهي...؟!

نعيم صاحب فورن خط تان نظرون هٽائي ڊرائيور ڏانهن ڏسي ٿو.

جڻ ڪيس چوري پڪڙجڻ جو خوف هجي.

پر ڊرائيور کي پنهنجي ڪم ۾ مصروف ڏسي هو ٻيهر خط پڙهي ٿو.

جڏهن به ڪنهن انسان جون ٻويتر خواهشون پسر ڪيون ويندیون آهن، تڏهن اهو انسان پاڻ کي دنيا جو سڀ کان نياڳو ماڻهو سمجهڻ لڳندو آهي... ۽ شايد اهڙن بدبختن جي فهرست جي شروعات منهنجي نالي کان ئي ٿيندي هجي...؟؟

ها نعيم احمد صاحب! هاڻي آئون توهان کان ٻيو ڪجهه به نٿي گهران.

فقط هڪڙو ننڍڙو سوال ٿي ڪريان؟ ته.

"ڇا آئون توهان جي قابل نه هيس...؟؟"

ڇا ان سوال جو جواب ته توهان پنهنجي ضمير جي قاضيءَ کي ئي ڏيئي ڇڏجو. ڇو ته اڄ ڪانپوءِ مونکي ڪا به خبر نه آهي ته منهنجي ايڊريس ڪهڙي هوندي...؟؟ هي خط ڏينهن ڪانپوءِ توهان تائين پهچندو ڇا ان وقت تائين توهان لاءِ وڏي لاڏ ڪوڏ سان سانديي رکيل سموريون مقدس امانتون ڇا ڪنوارا جذبا ڪنهن ٻي جي جهوليءَ ۾ ڦٽڪي دم ٽوڙي چڪا هوندا...؟ ها سچ! هي خط مان پنهنجي شاديءَ رات سيج تان لکي رهي آهيان... خط لکي زحمت ڏيڻ جو مقصد صرف اهو آهي ته مون توسان اسڪول جي زماني کان وٺي پيار ڪيو آهي. شعور جي بيداريءَ ۾ منهنجو هي گمنام پيار وڌيڪ پروان چڙهيو... ڇا ڪنهن ٻي جي امانت بڻجڻ کانپوءِ به ياد جي سهاري آئون توکي پيار اڀيندي رهنديس.

خدا حافظ

فقط تنهنجي

جبين.....

خط پڙهندي نعيم صاحب جي دماغ کي هلڪا جهٽڪا اچڻ لڳا...

اکين اڳيان رنگ برنگي تروڙا ڦوڙي ويس..

ٽورڻي، ديرپهرين، تيز ڏڪندڙ دل به.....

هاٿي وسامڻ لڳي هئس...

بدن ڪوسو ٽيڻ لڳو

ڇا اکين ۾ نند جي ڳهر جهڙي ڳراڙ لهي آيس...

خط مروڻي ڊائريءَ ۾ وڌو هئائين

چيمبر ۾ پهچي بيل وڄايائين

نائيڪ ڊوڙي آيو.

"بابا ريڊر کي چئو ته اڄوڪي سيني ڪيسن کي نئين تاريخ ڏيئي ڇڏي.

"منهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي."

ڇا ڊرائيور کي چئو ته گاڏي باهر ڪڍي."

"بهتر سر....."

نائيڪ ويندي ويندي گيٽ تي بيهي رهيو.

"سر ناشتو .....؟"

"نه ....طبيعت ٺيڪ ناهي."

"اوڪي سر."

ڇ پوءِ نعيم صاحب جلدي واپس پنهنجي ريسٽ هائوس ڏانهن هليو آيو. اڄ ڪيس جبين سان گهاريل سموريون يادون هڪ هڪ ٿي جنجهوڙڻ پئي آيون... پٽيءَ تي وزني ٽيلها لٽڪائي پيرن سان رستن تان ڊوڙ اڏائيندي اسڪول وڃڻ... هلندي پنڊ هڪ ٻئي کان بيت ياد پڇڻ...

خالي پيرڊ ۾ منهن منهن ۾ وجهي ڪاپيءَ تي ٻڙيون ناهي راند کيڏڻ... رسيس ۾ هڪ پيالي مان هڪ ئي چمچي سان واري تي چٽا کائڻ... گهرن ٻاهران ڪچي ڪوٽ ۾ هلندڙ چيچڙي تي ڊگن پٽيان ڊوڙڻ. ڪوسي ڪوسي گهيبت ناهي کائڻ...

رس جي پچندڙ ديگ ۾ لاهوري گجر! چلائي ڳولڻ...

ڇ آڏيءَ آڏيءَ رات تائين هڪ ئي ڪمري ۾ جاڳي اسڪول جا هوم ورڪ ڪرڻ...

ها اهو سڀ ڪجهه جبين جي ڪڙي خط ڪيس ياد ڏياري ڇڏيو هو ڇ اڄ ڪيس شدت سان جبين ياد اچي رهي هئي.

ڇ پوءِ ڇپن ۾ پٽڪي ويٺو.

"جبين! تو سچ چيو آهي ته ٻالڪپڻ جي هڪ ننڍڙي ياد. شعور ۾ جي سوين محبتن کان وڌيڪ پياري هوندي آهي...."

اڄ ڪيس ضمير ملامتون ڪرڻ لڳو هو سوچيائين !" منهنجو ڪم ته انصاف ڏيارڻ آهي... الائي ڪيترين مظلوم عورتن کي انصاف ڏيئي چڪو آهيان پر افسوس هي مون کان ڪيڏي نه ناانصافي ٿي ويئي جو پنهنجي ئي بچپن جي پيار ۾ مستقبل جي جيون ساڻي سان انصاف نه ڪري سگهيس...؟؟!"

"ڪاش جبين! تون ٿورو رقت اڳ ۾ خط لکين ها...؟!

"گهٽ ۾ گهٽ تو کان معافي وٺي پنهنجي ضمير تان ڪجهه ته بار هلڪو ڪري سگهان ها...؟"

"پر افسوس .....!"

"صد افسوس.....؟؟"

ائين ئي سوچيندي هو غمن جي اونهي سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳو ضمير ڪيس جنجهوڙي وڏو هو.

جبين کي جواب لکڻ جو خيال آيس....

پر ايڊريس ڪٿي هئي...؟

بيقراري ساري بدن ۾ هلچل مچائي ڇڏي هئس.

پريشاني روح جا ستل سور جاڳائي ڇڏيا هئا.....
ڪمري ۾ هڪ ڪنڊ ڪان ٻي ڪنڊ تائين ڇهل قدمي ڪندي زور زور سان هٿن کي مهٽيندو رهيو.
اوچتو ٽيليفون جي گهنٽي وڳي.
هو هڪ هنڌ بيهي فون سيٽ کي ڏسندو رهيو...
ڪيس فون ڪٽڻ لاءِ حواس ساٿ نه ڏيئي رهيا هئا.
ٻ رنگ هلي هلي نيٽ بند ٿي ويئي.
"ڪير ٿي سگهي ٿو هن وقت.....؟"
هو سوچي ٿو:
ڪوبہ نالو ذهن تي نٿو اچيس.....
اوچتي خيال ڇرڪائي وڌس.....
"هوءَ جبين تہ نہ هئي.....؟؟"
ٻيهر گهنٽي وڳي.
نعيم صاحب آهستي آهستي اچي فون مٿان ٻيٺو.
ٽي رنگ کانپوءِ ڏڪندڙ دل ۾ ڏڪندڙ هٿن سان فون کڻي ورتائين.
فون رسيور مان ايندڙ عورتاڻي آواز ٻيهر کيس ڇرڪائي وڌو ۽ هڪدم فون کن تان لاهي اکين آڏو آڻي پاڻ مهاڳو پٽڪيو.
"جبين.....!؟"
۽ ٻيهر تڪڙي رسيور کن تي رکي ڪنبندڙ آواز ۾ چيائين
"هيلو.....؟"
"جي نعيم صاحبا مان شهناز ٽي ڳالهايان."
"نعيم صاحب سڃو هارجي ويو ۽ رسيور کن تان لاهي ورتائين.
"هيلو.....؟" هيلو.....؟" هيلو.....؟"
۽ شهناز رڙيون ڪندي رهجي ويئي.
نعيم صاحب فون آف ڪري ڪنڊ ۾ پيل آرام ڪرسيءَ تي وجود جو سڃو بار اڇلائي ٽيڪ تي مٿو ٽيڪي ڇڏيو.
ٽيليفون بيل ٻيهر وڳي.....
ٽيهر وڳي.....
مسلسل وڄندي رهي.....
پر نعيم صاحب ٻيهوشي حالت ۾ ڪرسيءَ تي پيو رهيو.
جسم چرڙ ڇڏي ڏنس.....

اکيون ڇت جي پنکي ۾ لڙکي پيس.
ائين اڌ رات تائين ڪيس ڪوبہ هوش نہ رهيو.
پوءِ جڏهن دماغ تان ڇپل بار لهي ويو ۽ دل سانت ۾ اچي ويس تڏهن ٺيڪ رات جو ۱۲ وڳي ٻيهر فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي.
هو جڻ ننڊ مان چرکي پڙکو کائي اٿيو.
فون کڻي ورتائين.
"هيلو.....؟"
شهناز جو ئي آواز گونجيو هو.
"ها شهناز نعيم ٿو ڳالهايان."
شايد نعيم صاحب ڪنهن ٻي چوکري سان ناانصافي نٿي ڪرڻ چاهي تڏهن ڪيس شهناز سان ڳالهائڻو پئجي ويو.
"نعيم صاحب! توهان جي طبيعت ته ٺيڪ آهي....؟"
"ها شهناز مان صفا ٺيڪ آهيان."
"ٽيليفون ڪٽڻ باوجود نہ ڳالهائي، مون کي ڪيڏو پريشان ڪيو اٿو....؟"
"ها شهناز جڏهن انسان خود پريشان هوندو آهي ته پوءِ گهٽن ٻين کي ٻہ پريشان ڪري وجهندو آهي."
"پوءِ مون ڏي هليا چو نٿا اچو....؟"
"ضرور ايندس شهناز..... هاڻي تون ئي ته منهنجي پناهہ گاهہ آهين....!"
"نعيم صاحب! ڏاڍا پريشان ۽ مايوس پيا لڳو"
"گهٽي پريشاني هجي ته مان ئي لاهور هلي اچان....؟"
"نہ شهناز نہ..... هاڻي توهان کي گهٽو انتظار پوڳٽو نہ پوندو."
"بس ٿورڙو انتظار باقي."
"پر نعيم صاحب! انتظار ڪندي ڪندي مان ڏاڍي ٽڪجي پيئي آهيان. پليز مون کي توهان جي سهاري جي ضرورت آهي...."
"ڪٽي ائين نہ ٿئي متان انتظار ۾ ئي .....؟؟"
"نہ شهناز..... هاڻي مان پنهنجي غلطي ڪڏهن ٻہ نہ دهرائيندس."
"چا مطلب....؟؟"
"ڪهڙي غلطي.....؟؟"
"ڪجهہ نہ..... توهان بس ٿوروڙو انتظار ڪجؤ...."

"هاڻي تہ مان بہ اڪيلائي جا عذاب وڌيڪ پوڳڙ لائيق نہ رهيو آهيان....!"

"پوءِ ڪڏهن تا اچو.....؟؟"

"بس ٿورو انتظار باقي...."

"اوڪي .....؟"

"باءِ .....!"

پوءِ سگهوئي اخبارن ليڊ سان ان خبر کي چاپيو تہ "مشهور عوام دوست لاهور هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس نعيم احمد ذاتي مصروفيتن جي ڪارڻ پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي.....!"

ڪن اخبارن سندس ايمانداريءَ تي خاص ايڊيٽوريل بہ لکيا، جن ۾ سڄي پاڻ کي سزا ڏيئي هڪ مظلوم ڇوڪري سان انصاف ڪرڻ وارو ذڪر سرفهرست رهيو.

استعيفيٰ منظور ٿيندي ئي نعيم صاحب اوڏانهن رخ ڪيو جتي سندس هڪ ٻي محبوبہ شهناز اوسيئڙا ڪري رهي هئي.

شهناز پنهنجي ڏنل ان خواب جي تعبير تي ايتري خوش هئي جو سندس ڦوهہ جواني گلابن جيان ٽڙي پيئي.....

ايڏي محبت، ايتري سچائي ڏسي، نعيم صاحب کي ماضيءَ جا سيئي ڏک، درد ۽ وڇوڙا وسري ويا، سندس روح ۾ اهڙي تازگي لهي آئي، جهڙي برسات کانپوءِ جهنگلي ٻوٽن ۾ ملندي آهي.....

جڙ تہ ٻئي هڪ شاخ ۾ ٽڙيل ٻہ گلاب جا گل ٻڌجي پيا.....

انتهائي سادگي سان هنن نڪاح ڪري حجابن جا سيئي پردار لاهي ڇڏيا ۽ مٽائٽن تنهاين جا عذاب ماڪ جي ڪڪرن جيئن بغير مزاحمت جي هليا ويا هئا.....

هو ٻئي هڪ ٻئي ۾ ايترا وڃائجي ويا جو کين زندگيءَ جي ڪابہ وارتا ياد ئي نہ رهي هئي....

هنن سوچيو تہ "شايد! سندن جوڙي آسمان تي ئي جڙي هئي ۽ ڌرتيءَ تي اچي هو ٻئي هڪ ٻئي کان وچڙي ويا هئا ۽ صدين جي پيڙائن ۽ پوڳنائن کانپوءِ ٻيهر قسمت کين ملائي ڇڏيو آهي....؟؟"

..... شهناز ٽيڪسٽائيل انڊسٽري جو ڊائريڪٽر بہ نعيم صاحب بنجي ويو جڏهن تہ شهناز تہ ساڻس پاڇي وانگي گڏ گڏ هوندي بہ پاڻ کي خادمہ سمجهڻ ۾ دلي سڪون محسوس ڪرڻ لڳي هئي.

هنن پنهنجي هڪ عجيب دنيا اڏي ورتي هئي.....!!
جڙ ڏرتيءَ کي چڏي چنڊ تي آشيانہ ٺاهيا هجن....!!

جيتوڻيڪ عمر جي لحاظ کان نعيم صاحب شهناز کان وڏو هو پر تڏهن بہ جسماني بيهڪ، چهري جا نقش ۽ سڀي صحت ڪيس جوانيءَ جون سيئي مشاهبتون ڏيئي چڏيون هيون.

هونئن بہ تہ عشق عمر، حدن، مذهبن ۽ رسمن جي پنجوڙ کان هميشہ آزاد رهيو آهي. سو محبت جي تقاضائن ۾ سيئي پچاڙا معاف هئا... هو هاڻي خواب نگر ۾ حسين زندگي جا جام پي، مدهوشي جي عالم ۾ گمنام زندگي گذاري رهيا هئا.

نعيم صاحب کي پنهنجو گهر مٽ مائٽ ياد رهيا ۽ نہ وري ٻيهر ڪڏهن دل جي دري مان جبين جي ساروٽين جي ٽڏڙي هير سندس روح جي احساسن کي ڇهي سگهي هئي....!!؟

ائين شهناز بہ دنيا جي وڪوڙ ۾ وڃائجي ويل ماءُ ۽ ڍالرن جي ڏوڙ ۾ لڪي ويل پنهنجي پيءُ، توڙي اڪيلائي جي عذابن ۾ تڙپي گهاريل ڏڳهين راتين سميت سڀ ڪجهہ وساري صرف نعيم صاحب جي پيار ساگر ۾ ترندڙ جيون ٻيڙي ۾ سامونڊي سفر ڪائڙ لڳي هئي.....

....وقت ڪنهن جو بہ مٽ مائٽ يا دوست يار نہ آهي، جو پرينءَ جي ڏنل اجام تي چاندوڪيءَ جي چؤواڻن تي وهي انتظار جا ڪشالا ڪاڻي ...! وقت جو ڪم ئي آهي، حال جي فنا ٿيندڙ ڏانچن کي ماضيءَ جي متيءَ ۾ دفنائڻ....!!؟

ڪيترائي زندگيءَ جا نہ وسرندڙ پل ماضيءَ جي مقام ۾ ڏٺيندي، وقت اڃا هلندو رهيو.

ائين زندگي جا بہ قيمتي ورهيہ ماضي جي متيءَ ۾ مدفون ٿي ويا ۽ جڳ جهان جي وهنوارن کان لاتعلق هن جوڙيءَ جي اندر ۾ بہ نيٺ ڪائي غرض جاڳي پيئي.....

سوچيائون! "هن ٽڪل روحن کي وندرائڻ لاءِ گهر ۾ هڪ راندڪي جو هجڻ لازمي آهي....! جڏهن تہ اڃا تائين سندن گلشن ۾ ڪوئي گل نڙي نہ سگهيو هو.

ان غرض خاطر هنن شهر جي مشهور ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين جون اسپتالون پيٽيون هيون، مهانگا علاج ڪرايائون پر تڏهن بہ شهناز جي

ڪُڪ سائي نہ ٿي ۽ هڪ پيرو ٻيهر سندن جيون مٿان اداسين جا ڪارا ڪڪر چانورا ٺاهي ٻيهي رهيا.

اندر ۾ ڏڪندڙ ان معصوم خواهش کين خاموش ويهڻ نہ ڏنو.

ڊاڪٽرن کان مايوس ٿيڻ بعد هو وڏن اولیائن ۽ درويشن جي مزارن تي سڪائون پيٽڻ لڳا.

داتا جي دربار تي حاضري ڏيئي سڪا باسيائون پر اميدون اٽپوريون ئي رهجي ويون.....!!؟

پنجاب جي سيني درويشن ۽ اولیائن جون درگاهون پيٽي، سڪائون باسي، ديگون خيرات جون ٻہ لاٽائون پر ڪنهن درويش کين چيو تہ "توهان جي جيڪڏهن منتا پوري نٿي ٿئي تہ ان ۾ ضرور ڪوئي قدرت جي مصلحت رکيل آهي. الله تعاليٰ ان ڳالهہ ۾ ضرور ڪوئي راز رکيو آهي، جيڪو يقينن بندي جي پلي ۾ هوندو آهي.....!!" "توهان کي گهرجي تہ رب جي ان راز تي راضي رهو ۽ سندس رحمتن مان ناميد نہ ٿيو."

هنن جو پوءِ ٻہ ايمان ڪمزور نہ ٿيو ۽ هُئي زال مڙس عراق هليا ويا، بغداد جي شهر ۾ پيران پير دستگير حضرت عبدالقادر جيلاني رحہ جي حضور ۾ حاضري ڏنائون، درگاهہ اندر اگر بتيون ٻاري پڙ چاڙهيائون دعائن لاءِ گڏيل ٻڪ کنيائون ۽ منتا پوري ٿيڻ جي صورت ۾ ٻيهر سندس درگاهہ جي حاضري ڏيڻ جو ٻہ وچن ڪيائون.

درگاهہ جي ٻاهران راتيون جاڳي اوجاڳا ڪيائون ۽ هفتي کانپوءِ واپس موٽي اچي دستگير بادشاهہ جي درگاهہ تي گهربل دعائن جي طفيل ملڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا.....!

وقت گهٽو گذري ويو.....

ارمان اڌورا رهجي ويا.

هميشہ مسڪرائيندڙ چهرن تي اداسيءَ جي ڪوريڙن مايوسي جا ڇار ٺاهي ڇڏيا.....

۽ سڀ ڪجهہ نصيبن جو ڏوهہ سمجهي خاموش، اداس ۽ خواهشن کان خالي، ڪوکلي زندگي گهارڻ لڳا.....

پراوا ٻار کيڏندي ڏسي نہ فقط دليون پر اکڙيون ٻہ پرجي ايندیون هئن.....

هو جڏهن گهٽو اداس هوندا هئا تہ اڪثر چلڊرين پارڪ ڏانهن هليا ويندا هئا.

ترڪ چاڑهين تان ترڪندڙ ۽ جهولن ۾ جهولندڙ معصوم ٻارڙا جڏهن شرارتي ٿهڪ اڏارينديا ڏوڙي اچي پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڳچين ۾ چنبڙندا هئا، تڏهن هنن جي چپن تي اٽ جاڻائي ۾ بلڪل ٻاراٽيون مرڪون وکري ويندیون. هيون ۽ ٻي پل جڏهن هو هڪ ٻئي جي اکين ۾ ڏسندا هئا تہ ٻي اختيار روئي ويهندا هئا.....

ائين سندن اکڙين جا سپنا سوال سوال بڻجي هوائن ۾ وکري ويندا هئا.....؟؟

..... هڪ پيري ٻئي شهناز انڊسٽري مان ٿيندا پنهنجي ڪار ۾ شهر جو ٻاهريون روڊ ونڊي وڃي رهيا هئا تہ ڪرڪيٽ گرائونڊ جي مين گيٽ وٽ ماڻهن جو جهڳٽو ڪين نظر آيو.

شهناز هٿ جي اشاري سان نعيم صاحب کي ان طرف مڙڻ جو چيو ۽ گاڏي ان هجوم وٽ اچي ٻيڻي، گاڏي جو هارون ٻڏي اکٽر ماڻهو ان طرف متوجہ ٿيا، شهناز سامهون ٻيٺل هڪ نوجوان کي ويجهو اچڻ جو اشارو ڪيو ۽ هو هليو آيو.

"پچيائين! ڇا جو ڳوڙهہ آهي....؟"

"جي، هڪ جوڳي فقير آهي، جيڪو ڌاري جي مدد سان قسمت جو حال ٻڌائي."

"جوڳي.....!؟" نعيم صاحب ٻڏڪيو

۽پوءِ گاڏي سائيڊ ڪري شيشا لاڪ ڪندي ٻئي هيٺ لٿا.

جوڳي جي چؤطرف ماڻهو جڙ ڪڙو چاڑهيو وينا هئا ۽ سندن هٿن جون تريون جوڳي سامهون پکڙيل هيون.

بلڪل ٻہ ائين، جيئن مسجد مان نڪرندڙ نمازين اڳيان مسجد جي گيٽ تي ويٺل فقيراٽين جا هٿ خيرات لاءِ کليل هوندا آهن.

نعيم هڪ پاسي کان ويهي پنهنجو هٿ جوڳي طرف ڦهلائي چڏيو ۽ شهناز جوڳي جي ان ڌاري کي نعيم جي پر ۾ ويهي ڏسندي رهي، جيڪو هٿ تريءَ تي اچلائي جوڳي قسمت جو حال ٻڌائي رهيو هو.

ڪاٽ جي گهنڪن مان ٿهيل ٿي ننڍڙا چورس، جن تي هٿرادو ٻڙين جا نشان چٽيل هئا. ڏسڻ ۾ اهڙا ميرا، جڙ ڪاري تيل مان ٻوڙي ڪڍيا ويا هجن. اهي ٽيئي ڌاري جا گهنڪا هڪ ڏاڳي ۾ پويل هئا ۽ اهو ڏاڳو جوڳيءَ جي ڳچيءَ ۾ وڏن مٽڪن ۽ ڳانن سان پاتل هو.

جڏهن نعيم صاحب جو وارو آيو تہ اڳتي سرڪي وينو چيائين"
فقير ڏس تہ قسمت ۾ ڪوئي اولاد بہ لکيل آهي يا.....؟؟"

ان ويل شهناز بہ اڳتي وڌي ۽ نعيم صاحب جي ڪلهي تي ڳل رکي سندس تريءَ جي لڪيرن ۾ جڙ تہ ڪجهہ ڳولڻ لڳي هئي.

ائين نعيم صاحب جي ويجهو ڏسي جوڳي جون نظرون شهناز طرف ڪڇي ويون.....؟؟

"سائين هيءَ مائي.....؟؟"

"جي جي فقيرا اها منهنجي بيگم صاحبہ آهي."

" تہ اولاد جي ليک هن مائي جي هٿ تي .....؟؟"

"ها ها چو نہ.....؟"

۽ نعيم صاحب شهناز جو هٿ جوڳي جي سامهون کولي چڏيو.

شهناز جي دل جو ڌڙڪو تيز ۽ بي ترتيب ٿي ويو ۽ سندس ڪومل هٿ جوڳي جي هٿن ۾ ڦٽڪڻ لڳو.....

"آدر ڌارا.....پئون ٻارهن....."

"حال حقيقت کول ڌارا....."

فقير ڌارو شهناز جي تريءَ تي ٻيهر اڇلائي ڌاري سان ئي ڳالهايو.

"آ ڊر ڌارا .....پئون ٻارهن.....!!؟؟"

فقير ڌارو تريءَ تي اڇلائي ايو پهن تي ٿي وينو ۽ اکين تان وري ويل پنبڻن جي وٽين منجهان هٿ تري جون عبارتون ڏسڻ لڳو...

"مائي وڏي ڳالهہ ٻڌي ڏئي....!؟

"قسمت تنهنجي زور آهي....."

"مال ملکيت مولا گهڻو ئي ڏنو ڏئي....."

"هٿ جي صفا سخي آهين....."

"درويش جون دعائون ساڻ اٿئي....."

ڌارو تري تان کڻي ٻيهر اڇلايائين.

" آ ڊر ڌارا .... پئون ٻارهن.... حال حقيقت کول ڌارا .....!؟"

ڌارو اڇلائڻ کانپوءِ فقير جون نظرون سندس تريءَ ۾ وڃائجي ويون....

۽ ڪجهہ دير خاموش رهڻ کانپوءِ اداس نظرن سان جوڳي نعيم صاحب جي چهري ڏانهن نهاريو.....

نعيم صاحب جو بدن ساهه چڏي ويو ۽ هو پٽ تي ويهي رهيو.

فقير نوبت کي سمجهندي هڪڙي تکي مرڪ مرڪيو جنهن سان نعيم صاحب جي سرير ۾ ساهه جو ويساهه وري آيو.

"ابا گهبرائڻ جي ڳالهه نه آهي، منهنجو مرشد حضرت قلندر لال شهباز ڪرامتن وارو آهي، اوهان ٻئي هليا وڃو سيوهڻ جي شهنشاهه جي درگاهه تي اتي ئي راتيون رهجو... هر رات ۾ ئي ديڳيون ٻاڪري گوشت ۾ لاهجو...

منهنجو مرشد برحق سچو آهي. انشاءَ الله اتان اوهان کي خوشخبري ملندي...."

"پر هي ڳالهه ته .....!!؟؟" فقير خاموش ٿي ڳالهه اڌ ۾ چڏي ڏني.

"ها فقير هي ڪهڙي ڳالهه آهي...؟" مايوس لهجي ۾ نعيم صاحب چيو.

جوڳي جي چهري تي ڪجهه منجهائيندڙ لڪيرون اپري آيون ۽ پوءِ هن اکيون پوري چڏيون.

نعيم ۽ شهناز خالي خالي نظرن سان هڪ ٻئي کي ڏٺو.

۽ جڏهن جوڳي ٻيهر اکيون کوليون ته ڳاڙهيون لال ٿي چڪيون هيون.

هو ٻئي ڏري گهٽ ڏڃي ويا.

جوڳي پاڻ مهاڳو پٽڪيو " نه نه..... مرشد سڀائي ڪندو.....!"

"الله قسمت موچاري ڪندؤ.....!"

"بس، هاڻي هتان هليا وڃو... اوهان جون اميدون پوريون ٿيندیون.

شهناز ڪنڌ ورائي نعيم صاحب جي اکين ۾ نظرون اوتيندي مرڪي پيئي ۽ نعيم صاحب انهن اکڙين جي خمار ۾ ٻهڪي پيو.

اٽڻ وقت نعيم صاحب ٻٽون مان هڪ سائو نوٽ ڪيي مروڙي جوڳي جي مُٺ ۾ ڏنو.

گاڏي ويندي رهي.

جوڳي هڪ وزني نوٽ مُٺ ۾ ڀيڪوڙي ويندڙ ڪار جي پٺيان معنيٰ خيز نظرن سان ڏسندو رهيو ۽ سندس چپ پاڻ مهاڳو ڪجهه پڙهندا رهيا.....

.... هنن جي ناااميد حسرتن ۾ هڪ پيرو ٻيهر چاهت جا چنگ وڄڻ لڳا. مئل اميدن ۾ پساهه پئجي ويو ۽ سندن پيار وري تازو ٿي پيو.

شهناز نعيم صاحب جو ڪاپو هٿ اسٽيئرنگ تان ڪٽي پنهنجي سنهڙن چپن تي رکي چڏيو ۽ نعيم صاحب جي سرير مان بجلي جي ڪرنٽ جهڙي تکي لهر ڊوڙي وئي ۽ هن ڪنڌ پاسيرو ڪري اکين جي ڪنڊن مان شهناز کي گهوريندي مرڪي ڏنو.

گهر پهچي، هو پئي قلندر تي هلڻ جا منصوبه سوچڻ لڳي ويا....

"نعيم صاحبا مون کي هونئن به سنڌ گهمڻ جو ڏاڍو شوق آهي....؟"

"پڌو اٿم، سنڌ چون موسمون، هوائون، نظارا ڏاڍا خوبصورت آهن....!!"

"وڏي ڳالهه ته سنڌ ۾ نفرتون تمام گهٽ ۽ محبتون وڌيڪ پلجن ٿيون....!!"

"ها شهنازا تو بلڪل صحيح پڌو آهي...."

"سنڌي ماڻهو ڏاڍا سٻاجهڙا اٿئي..."

"سنڌين ۾ ڪابه مصنوعيت ناهي.... اهي صفا سادي طبيعت ۽ سادي زندگيءَ جا هيراڪ آهن."

منهنجي جڏهن ڪراچي ۾ پوسٽنگ هئي ته اتي مون کي اهڙا به سنڌي سادا نظر اينداهئا جيڪي رڳو وڏين بلڊنگن کي به ڇپن تي آڳريون رکي حيرت جي نظرن سان ڏسندا هئا....!!" جهڙو لنڊن يا پيرس جي عجائب گهر ۾ اچي ويا هجن....!؟"

"نعيم صاحبا" جنهن ڏرتي تي ايڏي سادگي هجي....!؟"

"جتي قومن وٽ بناوٽ نالي ڪائي شيءِ نه هجي.....؟"

"جتي جا ماڻهو دوکي، ٺڳي، فريب، دغا بازي ۽ بيوفائي جي سياست کان اڻڄاڻ هجن....!؟"

"ان ڏرتيءَ جي قلندر جي قدرت به قلندري هوندي....!؟"

"ها شهنازا تڏهن ته سنڌ کي قلندر جي نگري سڏيو وڃي ٿو...."

۽ ائين ئي هڪ ٻئي جي ٻانهن جي گهيري ۾ سنڌ ۽ قلندر بابت عقيدتمندانه ويچار وٻچاريندا رهن ٿا.

جيئن جيئن رات گهري ٿيندي پئي ويئي، تيئن تيئن سندن خيال ۽ احساس گهرا ٿيندا ٿي ويا.

ائين منڙيون ڳالهيون ڪندا ۽ ڪينچلون ڪيڏندا ٿي رهيا....

جڙ اڄ سندن سهاڳ رات هجي ۽ هنن نہ سمهڻ جو قسم کٹي چڏيو هجي....؟!

پاڪرن جي احساسن ۽ گرم جسمن جي لمس ۾ سندن نيٹن تي ڇهر ڇڙهندي ٿي وڃي ۽ الائي ڪيڏي ناٿي نند ديوي کين آرام جون گوريون کارائي هلي ٿي وڃي.

ڪمري جي خاموشي ۾ ہن ساهن جا سرہاٹ، سرد سناٹي ۾ مدر موسيقي جا آلاپ بڌجي پون ٿا....!

نعيم صاحب ۽ شهناز پنجاب کان سيوهڙ تائين انتهائي ڏکيو ٽرين جو سفر ڪري پهتا هئا.

اها الائي قدرتي طاقت هئي يا سندن عقيدي جي سچائي جو قلندر جي روضي تي نظر پوندي ئي سندن سمورا ٽڪ لهي ويا...!!

هو بلڪل تروتازه ٿي درگاهه اندر داخل ٿي رهيا هئا.

پاڻ سان گڏ آندل قرآني آيتن واري سائي چادر پنهي گڏجي مزار تي چاڙهي. ٻاهران ورتل گلن جي پنکڙين جي ورکا ڪانپوءِ پنهي گڏجي دعا لاءِ هٿ کنيا.

"اي قلندر لال!" اسين ڪٽان کان تنهنجو نالو ٻڌي آس کٽي تنهنجي نگري ۾ حاضر ٿيا آهيون مرشد...؟"

"بيشڪ! تنهنجي در تان ڪوبه سوالي خالي جهولي واپس نه ويو آهي...!"

"قلندر سائين! تون ڄاڻين ٿو ته اسان جي جهولي خالي آهي، تون ئي اسان سوالين جي جهولي پري ڏي...؟؟"

"اسان تي رحم ڪر اي سندڙي جا سرتاج ...؟"

"سڪايل آهيو... پنڌ سجايو ڪجان مرشد...؟"

۽ پنهي جي اکڙين منجهان لڙڪن قطارون وهي هليون.

دعا گهرڻ بعد ٻئي درگاهه جي هڪڙي ڪنڊ ۾ ويهي رهيا. عقيدتمندن جي رش برقرار هئي.....

ٻاهر رکي رکي قلندري ملنگن قلندري نعره ٻئي هنيا.....

۽ هو مسلسل روضي پاڪ جي ڪنڊ ۾ ويهي انهن سڀاجهڙن سندين جي سادگي ۽ پنهنجي قلندر سان عقيدت کي پيار پرين نظرن سان ڏسي رهيا هئا.

شام ٿي ته ڪنن تي دهلن ۽ نغارن جا ٻڙلاءِ پين. گڏوگڏ ملنگن جي گڏيل نعرن ۽ وڏندڙ شور تي روضي کان ٻاهر نڪري آيا. نغارن ۾ جيئن ٻوءِ تيئن شدت ايندي ٿي ويئي. سوين پانڌيئڙا هڪ گول دائري ۾

پڙ ٺاهيو بيٺا هئا. هنن وٽي اچي ڏنو ته ڪي فقير نغارا وڄائي رهيا هئا ۽ پڙ ۾ ڪيترائي ملنگ، ملنگياڻيون، پوڙها، جوان ديوانن جيان نغارن تي ناچ ڪري رهيا هئا. قلندر جي ديوانن جو ناچ آهستي آهستي تيز ٿيندي اهڙي جذباتي لئه ۾ اچي ويو جو نچندڙن کي ڪوبه هوش نه رهيو ۽ اهي بدمست ٿي مسلسل نچندا ئي رهيا...

جڏهن اذانون شروع ٿيون ته نغارا بند ٿيا ۽ عقيدتمند آهستي آهستي ٽڙ پکڙ ٿيڻ لڳا...

هنن کي قلندر لال جي عقيدتمندن جي انهيءَ پيٽا ڏاڍو متاثر ڪيو...

شهناز جي ياد ڏيارڻ تي نعيم صاحب ديڳن جي بندوبست لاءِ نڪري پيو. ڪا وڏي تڪليف نه ٿي... هنن ٽن ڏينهن تائين روزانه ٽي ديڳون پاڪري گوشت ۾ لاهڻ جو ٽيڪو هولي هڪ همراهه کي ڏنو. هو انهيءَ آساني‌ءَ تي ڏاڍا خوش ٿيا هئا. جو ديڳن جي سلسلي ۾ ڪين ذاتي طور کابه تڪليف نه ڪرڻي پئي هئي.

به هزار روپيه في ديگ جي حساب سان طئي ٿيو جنهن ۾ ديگون پچائي ورهائڻ جي به ذميواري ان ٽيڪيدار جي هئي. ان ڪم کان بي اونا ٽي هو آسي پاسي گهمندا قرندا رهيا. هنن هتي نج سادگي ڏٺي هئي... جيڪا شهناز ته پهريون دفعو ڏٺي هئي. جنهن ڪري ڏاڍي خوش ٿي رهي هئي...

انسانيت جو قدر ۽ ماڻهن ۾ ماڻهپر نظر آين.....

ڪافي دير ڪانپوءِ هڪ گڏهه گاڏي ۾ ٽيڪيدار چانور ڪٽائي آيو ۽ باسمتي چانورن جي خوشبوءِ کين پري کان محسوس ٿي ويئي.

ٽيڪيداو پاڻ ديڳيون وڏي فقيرن، فقيراٽين کي وڏ ڏيندو رهيو ۽ ديڳن تي ڏسنديئي ڏسنديئي زبردست رش ٿي ويئي.

هنن ٻنهي هڪ ٽڪر جي تباڪ ۾ چانور وٺي کاڌا کين ايترا ته مزيدار لڳا جو شايد زندگي ۾ پهريون پيرو هنن اهڙا لذيذ چانور کاڌا هئا...

۽ پوءِ چانورن جو اهو ٽن ديڳن وارو سلسلو ٽيئي راتيون جاري رهيو...

هو رات جو دير تائين روضي اندر وڃي ڪائي ڪنڌ وٺي ونهي رهندا هئا. دير تائين شهناز متان قرآن پاڪ لاهي ان جو دور ڪندي هئي ۽ نعيم صاحب سائس گڏ عقيدت جا اوجاڳا ڪائيندو رهيو... ڪين

جاڳندي اتيئي رات جي ڪنهن پوئين پهر ۾ ننڍ اچي ويندي هئي ۽ هو روضي جي ديوارن کي مٿو ٽيڪي اتيئي سمهي پوندا هئا..

ٻه راتيون ائين اوجاڳن ۾ گذري ويون پر ڪين ڪابه بشارت نه ملي هئي. ٽين ۽ آخري رات هنن جاڳي گذارڻ جو عهد ڪيو هو چاڪاڻ ته اها ڪين پڪ هئي ته هتان وڃڻ کانپوءِ وري جلدي هتي اچڻ نه ٿيندو.

هو ننڍ وساري دعائون گهرندا رهيا.... رات جو سفر جاري رهيو. ٽين رات ڇي اوجاڳي ۾ ڪين ننڍ جا جهٽڪا ٻه آيا پئي پر جلد هنن پاڻ سنياليو اکيون پٽي ٿي چڏيون....

رات جي پڇاڙڪي پهر ۾ شهناز جي اکين تي نيٽ ننڍ جا کيپ چڙهي ويا. پر نعيم صاحب زوري اکين کي جاڳايو ويٺو هو.

رات نبري ويئي....

مسجد مان فجر جي آذان جو آواز اچي رهيو هو....

اوچتو شهناز هڪ وڏو چرڪ ڀري جاڳي پيئي ۽ چرين وانگي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي....!!؟؟

نعيم صاحب جي نيٽن مان ڳهر اڏامي ويئي .... پنهنجي شهناز کي زوري ٻکين ۾ جهلي ڏونڊاڑي پڇڻ لڳس....

"ڇا ٿيو شهناز....؟؟!"

"آخر ٿيو ڇا آهي....؟؟؟"

"شهناز جڏ ته حواسن تي قابو پائيندي نعيم صاحب جي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي سڏڪن جي انداز ۾ وڏا وڏا ساهه کڻڻ لڳي...."

"پر شهناز! ٻڌائين ڇو نٿي....؟؟"

"آخر توکي ٿيو ڇا آهي ....؟؟"

شهناز ڇاتيءَ مان منهن ڪڍي سڏڪن کي روڪيندي چيو " نعيم صاحب ....! مون کي .... مون کي ننڍ اچي ويئي هئي...

ڀ.... ڀ.... مون هڪ خواب ڏٺو آهي.... جنهن ..... جنهن جوڳي پاڻ کي قسمت جو حال ٻڌايو هو نه..... ساڳيو هو.... چيائين.... چيائين ته مائي هاڻي اوهان جو دعائون اگهامي ويون آهن.... اوهان کي .... مبارڪون .... ڀ ....ڀ هتان جلدي..... نڪري وڃو...!!؟؟"

پر شهناز توکي ته خوش ٿيڻ کپي. هيڏي وڏي خوشخبري تي به روئين پيئي.....؟؟"

"نعيم صاحب! جلدي هلو...."

"مون کي ..... مون کي هتي ڊپ ٿو ٿئي... ؟؟"

ڀ پوءِ هو جلدي روضي کان ٻاهر نڪري آيا.

آسمان صاف ٿي ويو هو ڀ اڇو صبح جرڪي رهيو هو.

نمازي مسجدن مان ٻاهر اچي رهيا هئا ڀ هوٽلن تي رش هئي. جڏهن سنڌ جي سيوهڻ کان پنجاب جي شهر گوجرانوالا ڏانهن اسهي رهيا هئا تڏهن سيوهڻ جي ڏرتيءَ تي اجرو صبح هو.....

..... هو واپس پنهنجي گهر پهچي ويا هئا. سفر جي ٿڪ کين ان ڪري ب نه ٿڪايو هو جو کين اميدون پوريون ٿيندي ڏٺر پئي آيون... هو هاڻي قلندر شهباز جا پڪا مريد بڻجي آيا هئا.

هاڻي هنن جي ڳالهين جا موضوع ب ٻار کان شروع ٿي ٻار تي ئي ختم ٿيا ٿي. پر الائي چو...؟؟ نعيم صاحب محسوس ڪيو هو ته اڪثر ٻار جي ذڪر تي خوش ٿيندي ٿيندي شهناز اوچتو پريشان ٿي وڃي ٿي.....!؟

ڀ وري قلندر جي روضي تي خوشخبري ملڻ باوجود شهناز جو روئڻ ڀ خوفزده ٿيڻ...!؟؟ اهي ٻئي ڳالهيون نعيم صاحب لاءِ ڪجهارت بڻجي ويون هيون؟؟!

هو پنهنجي سوچن ۾ پريشان ٿي رهيو هو جو شهناز ٻندس ڪيفيتن کي محسوس ڪندي ٻيهر "ٻار" جو ذڪر ڇيڙي ڇڏيو..... هن کي نعيم صاحب جي پريشاني ڏکوئيندي هئي ڀ کيس اهو ب يقين هو ته هو "ٻار" جي ذڪر تي ئي وڌيڪ خوش رهي سگهي ٿو.

"نعيم صاحب .....؟"

"جيءَ ...!" هن پريشاني کي منائيندي وراڻيو.

"نعيم صاحب! توهان پنهنجي ٻار جو نالو سوچيو آهي.....؟"

"ها شهناز پٽ ڄائو ته "شهباز" نالو رکنداسين. چو ته اهو قلندر لال شهباز جوئي ڏنل تحفو هوندو...!"

"پر جيڪڏهن ڏيءَ ڄائي ته .....؟"

"ته پوءِ تون پنهنجي مرضي جو نالو رکجانءِ.....!"

"سپنا نالو رکنداسين....."

"ها ها چو نه ....؟ اهوئي ته پنهنجو هڪ سپنو هو ته اڳڻ تي ڪوئي گل ٽڙي...!؟"

ائين سندن سپنن ۾ ساڃيان جا رنگ نکرڻ لڳا هئا.

شهناز جي ڪُک سائي ٿي پيئي.

هن جي ڳورن ڳلن ۾ رت جي ڳاڙهاڻ ڏاڙهون داڻن جهڙا رس پرڻ شروع ڪيا.

حسن نکري پيس...

وقت سان گڏوگڏ بدن تي ٽولهه چڙهڻ لڳي.

اکثر طبيعت ناچاڪ... رهڻ لڳس

ڪڏهن متي جي سور جي شڪايت...

ڪڏهن الٽيون ته ڪڏهن بخار...

اهو هنن لاءِ نئون تجربو هو.

نعيم صاحبا شهناز جي ان ڪيفيت تي پريشان رهڻ لڳو.

ليڊي ماهر ڊاڪٽرياڻين چيڪ اپ ڪيا... دلاسا ڏنا...

"گهبرائڻ جي ڳالهه ناهي. اکثر عورتن کي حمل دوران اهڙيون شڪايتون رهنديون آهن. سپ ٺيڪ ٿي ويندو...!!"

نعيم صاحب پنهنجي انڊسٽري کي گهٽ ٽائيم ڏيئي. اکثر ٽائيم شهناز سان گذارڻ لڳو.

شهناز جي بيماري کيس پريشان ڪري وڌو. ساڻس پيار ۾ ٽيڙ لڳيس. ۽ ائين شهناز ۽ کانئس هڪ پل ڌار گذارڻ عذاب سمجهندي آئي.

چوندي هئي "نعيم صاحبا مون کان پري نه ويندو ڪر. مون کي هاڻ الائي ڇو خوف ٽيڙ لڳو آهي...!!؟"

۽ نعيم صاحبا پلنگ تي ستل شهناز مٿان هڪ ٻانهن ورائي. ٻي هٿ سان پيشاني تان وارن جون ڇڳون سنوارينديي چوندو هو.

"شهنازا توئي ته منهنجي بي رنگ جيون ۾ حسين رنگ پريا آهن."

"ڪيڏو هيڪل ويا ڪل من. تفريح گاهن ۾ سڪون جي تلاش ۾ پٽڪندو رهيو هو...!؟"

"سچ شهنازا جو سڪون تنهنجي ٻانهن مان ملندو اٿم. اهڙو ڪڏهن به ڪوهه مري جي پهاڙي دامن جي آبشارن ۾ به ڪونه ملي سگهيو هئم...!"

"شايدا مئي نشين کي ساقي خانن مان ئي ايترو سڪون مليو هجي. جيترو قرار مون کي تنهنجي ناسي نيٽن جي گهراين مان ملندو آهي...!"

ايترو پيار ڪنهن جي تصورن ۾ نه هوندو جيترو پيار تنهنجي دل ۾ پلجي ٿو....!"

"تون عظيم آهين شهناز...!"

"سچ پچ نه عظيم آهين....!"

ائين خوبصورت تصور جوڙيندي سندس آڱريون شهناز جا وار سنواريندي، ڳلن جي ٽڏاڻ تي پهتيون، هن کان هلڪو چرڪ چڏائجي ويو.

"شهناز....! هي تنهنجي اکين ۾ لڙڪ...؟"

"تون روئين ٿي چري...!؟"

"نه نعيم صاحب لڙڪ رڳو ڏکن جا ناهن ٿيندا...."

"هي لڙڪ ته خوشي جا آهن....! تنهنجي خوشي جا ...!"

ڪيس شهناز جو آواز درد ۾ ڳهراين ۾ گونجندي محسوس ٿيو هو.

"ميان ٿو شهناز ته لڙڪ ڏکن جا نه ٿيندا آهن ۽ خوشين جا نه.....!"

"پر سچاڻپ جا احساس ٻنهي جا ڏار ڏار ٿيندا آهن."

"روئڻ جي لڙڪن ۾ ماتمي سوڳ جا تاثر ملندا آهن.....۽..... "

"۽ مسرتن جا لڙڪ الڳ معنائون رکندا آهن....!"

"تنهنجي ڳلن تان لڙندڙ ڪارن لڙڪن جي سيلاب جا تاثر، منهنجي دل جي احساسن کان لکي نٿا سگهن...!؟"

"اوه نعيم صاحب! توهان ته واقعي سنجيده ٿي ويا...؟!"

"سچ نعيم! اهڙي ڪائي به ته ڳالهه نه هئي..." شهناز سنجيده ٿي چوڻ لڳي ٿي.

"ها شهناز! ڪوڙا سهارا به جياپي لاءِ ضروري آهن...؟"

"آئون سمجهي سگهان ٿو ته مون کان ڪجهه لکايو پيو وڃي...؟

۽ نعيم صاحب جو چهرو روئڻهارڪو ٿي ويو....

شهناز پلنگ تان ڪنڌ مٿي ڪٽي، پر ۾ ويٺل نعيم صاحب کي مرڪي ٻانهن جي وراڪي سان پنهنجي سيني تي ليتائي چڏيو....

۽ زندگي ۾ پهريون پيرو نعيم صاحب جي اکين مان ڪرندڙ گرم لڙڪ شهناز جي ڇاتيءَ جي نرم ماس کي آلو ڪري چڏيو هو.

"نعيم صاحب....! روئين پيو...؟"

"نه... روئان ڪٿي پيو شهناز...؟"

"لڙڪ ته خوشين جا نه ٿيندا آهن نه ....؟"

"نہ...! هي لڙڪ خوشين جا نڪا ٿي سگهن.....!"

"ته شهناز! منهنجي هنن لڙڪن کي به اهائي معنيٰ ڏيئي ڇڏ. جيڪا ڪجهه ديرا اڳ لاڙيل تنهنجي ڳوڙهن جي هئي...!!؟

.....ڀ پوءِ جڙ ته ٻنهي جا لفظ لڙڪ لڙڪ ٿي. موتين جيان ڪمري ۾ وکري ڇڪا هئا.....

ڪمري ۾ قبر جهڙي مائار چانئجي ويئي.....

سندن اجهامندڙ ديپ جهڙا اداس نيڻ، آر سي سي چت ۾ ٽنگيل پنکي جي پرن ۾ وڇڙي پيا هئا.....!!

"نعيم صاحب..... شهناز جو ٻڌل آواز جڙ ڪوهه جي گهراين مان آيو.

"نعيم صاحب! الائي ڇو.....؟ ساهه تان ويساهه ڪچي ويو اٿر.....!"

"ڇا .....؟" نعيم صاحب اٽي ويهي رهيو.

"ها نعيم صاحب! نہ ڄاڻ ڇو؟ جڏهن قلندر شهباز جي روضي ۾ مون کي خوشخبري ملي هئي نہ .... تڏهن به مون کي خوشي کان وڌيڪ خوف ٽيڙ لڳو هو ڀ منهنجا حواس گم ٿي ويا هئا.....!"

اڄ به ائين ٿو محسوس ٿئيم. جڙ منهنجي زندگي .....!؟؟"

منهن تي هٿ ڏيئي لفظن کي اڏ ۾ ئي روڪي ورتو هئائين ..... هن شهناز جي واتان اهڙا لفظ ٻڌڻ نٽي چاهيا. جن ۾ وچوڙي جا انديشا شامل هجن....

پيار مان پنهنجي چپن تان هٿ هٽائيندي پنهنجي ور جي اکين ۾ گهوريندي لفظن ڀ لڙڪن جا بند هڪ ئي وقت ٽوڙي چڏيائين.

"نعيم صاحب.....! مان اجا جيئڻ چاهيان ٿي....."

"پنهنجي وجود جي ناريءَ مان تڙندڙ گلاب جي خوشبوءِ سان پنهنجو تن من معطر ڪرڻ ٿي چاهيان... !"

"منهنجي اندر ۾ ڏاڍي سڪ آهي نعيم صاحب.....!"

"ڀ .... ڀ توکي.... ٻيهر تنها چڏڻ نٽي چاهيان نعيم.....!؟"

ائين ٻڌي پاڪرين پٽي سڏڪا پري.....روئيندا رهيا.....

الائي ڪيڏي ناٽي....

سڏڪا کٽي ويا....

لڙڪ سڪي ويا....

ڀ هو گهري ننڊ سمهي پيا....

بلڪل ائين.....

جيئن سهاڳ رات
نئين جوڙي....
زندگي جا لطف ماڻي....
ٽڪي.... ٽُٽي....
نرم بستري تي
ٻانهن جي وهاڻن مٿي ڪنڌ رکي
سمهي پوندي آهي...؟؟

اجائي خوف ۾، ڪنهن نفسياتي مريض جيان، روئيندي، روڪاڙيندي مهينا گذاري چڏيائون.....

نَوَن مهينن کان ڪجهه ڏينهن مس چڙهيا هوندا، جو شهناز کي شديد سور اندر ۾ جاڳي اٿيا هئا....

نعيم کيس امريڪن ميڊيڪل سينٽر ۾ داخل ڪرايو.

سڀ کان مهانگي اسپتال.... جتي ٻاهرين ملڪن جون پروفيسر ڊاڪٽرياٽيون هيون.

نعيم صاحب کي ڪلاڪ کن کانپوءِ ٻڌايو ويو تہ " آپريشن ڪيس آهي."

"فوري آپريشن ڪرڻو پوندو...."

هن جي دل ٻڌڻ لڳي. حوصلا خطا ٽيڻ لڳس....

ڇ آپريشن فارم تي صحيحون ڪرڻ وقت سندس هٿ ڏڪڻ لڳا هئا....

سامهون ويٺل هڪ پروفيسر ڊاڪٽرياٽي سندس اڳيان فائيل کڻندي مرڪي کيس دلداري ڏني...

"سر! گهبرائڻ جي ڪائي ڳالهه ناهي.... هي معمول جو آپريشن آهي...."

"الله تي پروسو رکو...."

"سڀ ٺيڪ ٿي ويندو...."

جيئن ئي ڪاغذ کڻي ڊاڪٽرياٽي آفيس کان ٻاهر نڪتي تہ هو بہ چورن وانگي هلڪا قدم کڻندو سندس پويان وڃڻ لڳو.

ڊاڪٽرياٽي آپريشن ٿيٽر منجهه هلي ويئي

ڀ هو دروازي وٽ بيهي ٽيوب لائيٽ جي روشني ۾ هرندڙ ڳاڙهو اکر پڙهڻ لڳو....

"آپريشن ٿيٽر.....!"

ڪجهه دير ڪانپوءِ سندس اندر ۾ ڏاڍي بي آرامي پيدا ٿي پئي هئي. سندس دل ڏڙڪڻ ڇڏي ڏنو هو....

ٿڏا ساهه کڻي دل ئي دل ۾ دعائون گهرندو رهيو.

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو....

تيئن تيئن سندس اندر ۾ بيچيني وڌندي ويئي....

هاٿي هو آپريشن ٿيٽر جي ٻاهران ڪجهه وکون اڳتي - ڀ ڪجهه وکون پوئتي کڻندو چهل قدمي ڪندو.... بار بار ڪاپي ٻانهن جا ڪف مٿي کڻي ٽائيم ڏسندو رهيو....؟؟

واڇ جي سست رفتار ڪانٽن تي ڪيس چڙ اچڻ لڳي هئي....

ڀ انهيءَ بيقراري دوران ڪيس ماضي جون ڪجهه جهلڪيون ياد ايندیون رهيون هيون....

جوڳيءَ جي خوشخبري ٻڌائڻ....

ڀ اها سڄي رات خوشي ۾ سمهي نه سگهڻ....

قلندر لال جو روضو مبارڪ....

نغارن تي ملنگن جو نچڻ.....

اتان خوشخبري ملي وڃڻ.....

شهناز جو اتاولو ٿي روئڻ....

ڀ شهناز جا چيل لفظ.....

"زندگيءَ تان ويساهه کڄي ويو آهي...؟"

"نعيم صاحب! مون کي موت کان لڪائي ڇڏ جانءِ...!"

"نعيم صاحب! مان جيئڻ چاهيان ٿي....

"جيئڻ چاهيان ٿي...!!؟"

"جيئڻ چاهه....."

ڀ نعيم صاحب ڪنن ۾ گونجندڙ شهناز جي سڏڪن ڀ صدائن کان ڪنن تي هٿ ڏيئي ٿو ڇڏي....

اوچتو آپريشن ٿيٽر اندران نئين ڄاول ٻار جون رڙيون ڪنن سان ٽڪرائجن ٿيون ڀ سندس دل تان پل لاءِ سڄو غبار لهي وڃي ٿو....

هڪ وٹندڙ مرڪ سان سندس چپن تي انڊلڻ جهڙا ست ئي سريلا رنگ نڪري اچن ٿا ۽ تڪڙيون وکون کڻي آپريشن ٿيٽر جي شيشي واري دروازي تي بيهي بي صبرائي وچائي رنگين شيشي مان اندر جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر رنگين شيشي ۾ ڪيس پنهنجا ئي عڪس ملن ٿا. اندر ڪجهه ڏسي نٿو سگهي. ڪجهه دير ۾ اندران فرش تي قدمن جي ناڙ- ناڙ جا آواز دروازي طرف تيزي سان ايندي ٻڌڻ ۾ اچن ٿا ۽ هو دروازي کان هٽي خوشخبري ٻڌڻ لاءِ پوزيشن سنياليو بيهي ٿو رهي---

دروازو کليو- اندران پوٽ ٻڌل ۽ سفيد ڪپڙن واريون نرسون ظاهر ٿيون.

نعيم صاحب کانئن ڪجهه پڇڻ لاءِ اڃا اڳتي وڌڻ جو سوچي رهيو هو جو نرسون تيزيءَ سان اڳتي نڪري ويون.

۽ هو بيهر پريشاني وچان زور زور سان هٿن جون تريون مهٽيندو آپريشن ٿيٽر اندران ڪنهن بي نرس جي نڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي ٿو---

۽ پويان ڪنهن لوهي شيءِ جي فرش تي گهلجڻ جا چيڪاٽ ڪنن تي پونس ٿا.

دروازي کان هٽي پري ٽئي ٿو ۽ ساڳيون نرسون هڪ ڏڪو ڪئس سليندڙ گهليندين اندر هليون ٿيون وڃن---؟؟

۽ نعيم صاحب جي اندر مان بي اختيار نڪري ويل لفظ " ڇا ٿيو---؟؟" زبان ۾ ئي اٽڪي پون ٿا ۽ نرسون اندر غائب ٿي وڃن ٿيون---!!؟

هو بي ساخته گيٽ جي پر ۾ رکيل پٽيوالي جي صندليءَ تي پنهنجو بدن اڇلائي ويهي رهي ٿو ۽ پوءِ سندس دماغ سوچڻ ڇڏي ڏئي ٿو.

الائي ڪيتري دير ڪانپوءِ بيهر آپريشن ٿيٽر اندران ڪهندڙ قدمن جي آوازن ۽ ڳالهائن تي هو بيهر هوش ۾ اچي گيٽ جي سامهون بيهي ٿو رهي---

دروازو کليو--- تي ڊاڪٽرياٽيون ۽ هڪ ڊاڪٽر ڪڏ ٻاهر نڪتا---

نعيم صاحب تي نظر پونديئي هو سيئي هڪ ٻئي ڏانهن سوالیہ نظرن سان ڏسن ٿا--- ۽ پوءِ اها ڊاڪٽرياٽي جنهن کانئس ڪاغذن تي صحيحون ورتيون اڳتي وڌي اچي ٿي---

"توهان هڪ نياٽيءَ جا پيءُ ٿي ويا آهيو---!"

"پر منهنجي بيگم صاحبہ---؟" نعيم پڇي ٿو---!

I am sorry.....?

ڊاڪٽرياڻي ڏک جي ڪيفيت ۾ هينئون چپ ڏندن ۾ پيڪوڙي ڪنڊ هيٺ جهڪائي اڳتي وڌي ٽي وڃي... تڪين وڪن سان....! نعيم صاحب کي جڙ ته ڳل تي ابتي هٿ جي اهڙي لپاٽ هٽي ويئي. جنهن سندس سموري حواس ۾ احساس وڃائي ڇڏيا..... ؟؟؟!

دماغ کي آيل گهومائين ڪانپوءِ ننگهن مان ساهه نڪري ويو ۽ سڄو بدن ڏيڙکي آپريشن ٿيٽر جي دروازي اڳيان ڪري پيو....

ڪير پنهنجو هئس جو اهڙي ويل ڪيس آئت ڏئي ها....؟!

هيءَ ته اسپتال آهي.....

هتان ته روزانه الائي ڪيترا تڏا جسم ڏولين ۾ نڪرندا تا رهن....!!

انساني جانين جي مسيحائن کي انهن جسمن تي کهڙي کهل ايندي جن ۾ ڪابه انجيڪشن تحرڪ پيدا نٿي ڪري سگهي...؟؟!

..... ۽ پوءِ ائين ٿي نعيم صاحب جي خوشين ۽ خوابن، اميدن ۽ سهارن جو هڪڙو باب آپريشن ٿيٽر جي سرد خاني ۾ بند ٿي ويو هو.... ۽ پيڙائن جو نئون دور شروع ٿي چڪو هو....

هڪڙو پل جدا ٿيڻ وقت "مون کي خوف ٿو ٿئي نعيم صاحب؟" جهڙا دل ڏارينڙ لفظ چوندڙ شهناز اڄ پوائتي قبرستان ۾ اڪيلي ستي پيئي آهي...؟!

بلڪل بي ڊپي....!؟

شهناز جي هزارين صدائن.....

سوين سڏڪن.....

الاهي ايلازن باوجود، نعيم صاحب کيس موت کان لڪائي نه سگهيو هو.

هنن جيڪي سپنا گڏ جي ڏٺا هئا....

جيڪي دعائون گڏجي گهريون هيون....

جيڪي سکائون گڏجي پيٽيون هيون....

اهي جڏهن حاصلات ماٽڻ لڳيون هيون ته قسمت جي لکين بي پرواهه درياءَ وانگي آر ڪري پنهنجا رخ موڙي ڇڏيا...؟؟

۽ زندگيءَ جي وشال رڻ ۾ ڪوئي اجنبي مسافر....

اڪيلو... اڪيلو....

روئيندو ..... ٻاڪاريندو.....

رهجي ويو.....

تڏهن ته نعيم صاحب کي زندگي ۾ پاڻ تان هڪ قدرتي نئون محسوس ٿي هئي.

هيڪر دل چاهيس ته جيڪر دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ منهن لڪائي جڳ جهان کان لڪي زندگيءَ جا رهجي ويل پل ڪنهن درياءَ جي رواني ۾ لوڙهي ـــــيا ڪنهن سمنڊ جي اونهاين ۾ ٻوڙي چڏي...

پر ڪيس هڪ معصوم وجود جڙ ته وڏندڙ پيرن ۾ زنجيرون جڪڙي ٿي چڏيون... اها معصوم سپنا... شهناز جي آخري نشاني... جيڪا بدنصيب ماءُ جي وجود مان کرڙيون هٽي ڌرتيءَ تي اک پٽي هئائين، جنهن کيس ڌرتيءَ تي هوش ڏيڻ کان اڳ پاڻ ٻيهر هوش ۾ اچڻ چاهيندي ۽ اچي نه سگهي هئي...

ـــ هاڻي ته هو ۽ دل ۾ شهناز جي يادن جا ديپ جلائي ، معصوم سپنا جي سهاري تي دم گذر واري حياتي گهارڻ جو قسم کٽي چڪو هو شهناز جيتوڻيڪ ڪائونس جسماني طرح جدا ٿي ويئي هئي، پر روحاني طور هن هڪ پل ۽ کيس پاڻ کان جدا نه پائيو هو...

هو روز ننڊ جي وادين ۾ شهناز سان ملندو هو ۽ روح رڇنديون ڪندو هو.

شهناز جي آخري نشاني "سپنا" کي هن ساهه جي ڏورين سان ٻڌي چڏيو هو.

سپنا جي خاص سنپال لاءِ هڪ پگهاردار عورت ۽ رکي هئائين، هڪ رات خواب ۾ شهناز ونس هلي آئي هئي...

ميارون ڏيڻ ...

روئي چيو هئائين...

"نعيم صاحبا ڪيترو چيو هٿر ته مون کي اڪيلو نه چڏجانءِ..."

"مون کي موت کان لڪائي وڃجانءِ...؟"

"پر تون مون کي پنهنجي ٻانهن ۾ ..."

"پنهنجي ساهن ۾..."

"۽ پنهنجي دعائن ۾ ۽ ..... پناهه نه ڏيئي سگهئين نه .....؟؟"

"نعيم صاحبا اڄ توکي هڪ راز جي ڳالهه ٻڌائڻ آئي آهيان..."

"قلندر جي درگاهه تي جنهن رات خواب ۾ مون کي ساڻي قسمت جو حال ٻڌائيندڙ جوڳي فقير اڇي عرض قبول پوڻ جي بشارت ڏني هئي نه.....

ها! هن مون کي اهو به ٻڌائي ڇڏيو هو ته ان ٻار کي جنم ڏيڻ کانپوءِ تون هن دنيا ۾ نه رهندئين...!! تون ان کي ڏسي به ڪونه سگهندين...!"

"نعيما! اها ڳالهه مون توکي ان ڪري ڪونه ٻڌائي هئي جو مون کي خبر هئي ته تون جدائي جو صدمون برداشت ڪونه ڪري سگهندين..."

"ڇ ان خوشخبري وقت منهنجي روئڻ جو سبب بس اهوئي هو ته..."

"ته مون تو کان جدا ٿيڻ نٿي چاهيو...!"

"ها نعيم صاحبا منهنجي جنت تنهنجي اکين ۾ هئي... پر...!!؟"

"پر تون به ته مون کي ڪونه بچائي سگهئين نه...؟؟؟"

اوچتو چرڪ پري هوائي ويهي رهيو هو.

اکيون ڪنهن ڪاراڻ سبب پوسر جي رهيون هيون.

شايد هو ننڍ ۾ رنو هو...؟؟

سندس اکين آڏو ماضي جو اهو منظر ڦري آيو هو... جڏهن قلندر جي درگاهه تي شهناز سندس چاتيءَ جي وارن ۾ منهن لڪائي سڏڪا پري جلدي واپس هلڻ تي ضد ٻڌو هو...؟

دل ۾ پٽڪيو:

"ڪاش! شهناز اها حقيقت تون اتيئي کولي وجهين ها...

ته جيڪر ننڍڙي ٻار واري حسرت تان هٽ ڪٽي... آئون نيٺ ڪينهن ٻيا به اتي ٽڪي پوان ها... ڇ تيسين قلندر تان نه اٽيان ها جيسين منهنجي خالي جهولي ۾ قلندر لال تنهنجي حياتي جي خيرات نه وجهي ها...!!؟"



حال جا ڏک ماضيءَ جا ناسور بڻجي ويا.

ڀ نعيم صاحب هڪ پيرو ٻيهر تن تنها.... اداس زندگي جا ويلا ڪاٽڻ لڳو.

شهناز نہ رهي تہ ڪيس شهناز ٽيڪسٽائيل سان بہ ڪا دلچسپي ڪونہ رهي. توجهہ هٽي ويس ..... مهينن جي فائيلن تي دز چڙهڻ لڳي... سندس آفيس جي تالن کي زنگ چڙهڻ لڳو....

هن نفعي نقصان جي غرض ڇڏي ڏني هئي.... ڪيس روز جون رپورٽون گهر ملنديون رهيون.

هو انهن کي جيئن جو تيئن فائيل ڪري ڇڏيندو هو...

دل ڀڄي پيئي هئس ڀ ڪاروبار لاس ۾ هليو ويو....

نيٺ ڳڻن ٽيڪسن. قرض ڀ آفيسرن جي قرضن سبب شهناز ٽيڪسٽائيل کي تالا لڳي ويا....

هن کي شهناز جي ڇڏيل ملڪيت مان صرف هڪ ئي دولت سان پيار هو ...

سپنا سان...!

سپنا! جيڪا هاڻي ٽن سالن جي ٿي ويئي هئي....

جڙ ڪيس دردن جي دوا.... تنهاين جي وندر ملي ويئي....

جڏهن معصوم سپنا پاپا جي جهوليءَ ۾ ڪيڏندي شرارتي ٽهڪ اڏائيندي هئي تہ نعيم صاحب جا سموري زندگي جا ڏک اٽ قطارون ناهي وڃڻ لڳندا هئا.... هوءَ جڏهن بتڪڙن هٽڙن سان پنهنجي پاپا جي ڪيسي مان سمورا ڪاغذ. ڪارڊ ڀ پئسا وغيرہ ڪڍي ٽيڑي پکيڑي ڇڏيندي هئي تہ جڙ نعيم صاحب جي چوڌاري ننڍڙيون ننڍڙيون خوشيون پکڙجي ويندیون هيون.

جڏهن ڪيڏيندي ڪيڏندي معصوم سپنا سندس جهوليءَ ۾ سمهي پوندي هئي تہ هو ٻيهر گهرين سوچن ۾ گم ٿي ويندو هو.....

ڀر هاڻي هن شهر جو سڀ ڪجهہ ئي تہ ڪيس اوبرو لڳندو...؟!

هن شهر گوجرانوالا سان ڪوئي رشتو هئس تہ صرف شهناز جي ڪري ۽ شهناز تہ سائس سيئي سڳ چني ڪائي ٻي دنيا وسائي چڪي هئي.

ان سوچ اکين ۾ پاڻي آڻي چڏيس... ٽڏو ساهہ سرير مان سڏڪو بڻجي پولارن ۾ غائب ٿي ويو.....

نيٺ انهن تنهاين ۽ هيڪلاين کان نڪري لاهور آباد ڪرڻ جو ارادو ڪيائين ۽ پوءِ ٽن سالن جي سپنا سميت لاهور هليو آيو هو هو ٻيهر گلبرگ واري پنهنجي انهيءَ بنگي تي موٽيو هو جيڪو سندس غيرموجودگي ۾ ڪيتري عرصي کان بند پيل هو. بنگلي جي ٻاهرين سونهن، رنگن روپن سميت بلڪل سندس اجڙيل دل وانگي سيئي رونقون وڃائي ويٺي هئي.

لوهي گيٽ تي پوکيل گلابي گلن واري گيٽ ول ڪڏهونکر سڪي ڪائيون بڻجي ويئي هئي، پر اڄ ٻہ هڪ ٽاريءَ ۾ اڏ ساوا پن ول جي سائي هجڻ جو اشارو ڏيئي رهيا هئا.

گيٽ کان بنگلي تائين ٿهيل سيمينٽ جي فرش سان روڊ، سڪل پنن سان پريو پيو هو.

روڊ جي ٻنهي طرفن صرف ڪجهہ پڪي مٽي جون ڪونڊيون پيل هيون جن جي پاسن کان ڪلر پي چٽيو. ڪونڊين ۾ پوکيل ننڍڙا ٻوٽا ۽ رنگ برنگي گل ٻہ خزائن پيلي چڏيا هئا.

لوهي گيٽ کان اندر جو اجاڙ منظر ڏسي دل ۾ نعيم صاحب سوچيو. پيار ۽ سهاري کانسواءِ تہ ٻوٽا ٻہ پنهنجي جواني وڃائي ويهندا آهن. ائين جيئن شهناز کانسواءِ منهنجي اجڙيل دل ....؟

اتي ئي سوچن جي لاهين چاڙهين ۾ هو ٻيٺو رهيو. شايد ماضي جون يادون کيس ڪجهہ ستائڻ لڳيون هيون.

سندس آڏر جهلي ڪجھ دير کان پر ۾ بينل سپنا اڳيان اچي پنهنجي پاپا جي منهن ۾ نهاريو ۽ پاپا کي روئندي ڏسي پاڻ ٻہ روئي ويٺي هئي.

نعيم صاحب هڪدم حقيقي دنيا ۾ موٽي آيو هو. سپنا کي ٻانهن تي کڻي پيشانيءَ تي چمي ڏنائين ۽ اڳتي وڌڻ لڳو.

..... ڪجهہ ڏينهن اندر ئي بنگلي جي سنيال لاءِ ڪجهہ نوڪر مالهي رکي ڇڏيائين. جيڪي آهستي آهستي ان بنگلي جي مختلف هنڌن تي سونهن پوکڻ ۾ مصروف ٿي ويا هئا.

هو اڪثر شام ويل سپنا کي گاڏي ۾ ڪٽي لاهور جو شهر گهمائڻ لاءِ نڪري ويندو هو.

ڪڏهن شالامار باغ ..

ڪڏهن چلڊرين پارڪ .....

ڪڏهن مينار پاڪستان .....

۽ ڪڏهن راوي ندي جي ڪناري تي اچي بيهندا هئا.

سپنا ساٿس عجيب ٻاراڻا ۽ ڪلائيندڙ سوال ڪندي هئي ۽ هو ڪن پل لاءِ ٻار بڻجي ڪيس ٻاتن ٻولن ۾ جواب ڏيندو هو. ائين لاهور جهڙي رنگين شهر جي مصروفيتن ۾ اچڻ ڪانپوءِ سندس گهاءُ آهستي آهستي پرجڻ لڳا هئا.

من اڳڻ تي سڪي ٽوٽ تي ويل پيار جي وڻ ۾ سپنا جڙ ته نوان گونچ ايارا هئا.

هن جي اجڙيل اندر مان تڙجي ويل بهارون آهستي آهستي واپس من جي چمن ۾ موٽڻ لڳيون هيون ۽ هاڻي هو شهناز جي وچوڑي جي دردن کان آهستي آهستي آجو ٿيڻ لڳو هو.

صبح سوير سپنا کي تيار ڪري هڪ پبلڪ اسڪول ۾ گاڏي تي چڏي ايندو هو ۽ موڪل ٿاڻي پاڻ ئي ڪيس واپس ڪٽي ايندو هو ڪو وقت بس هو اهائي گمنام زندگي گذاريندو رهيو.

اهو سندس زندگي جو ٽيون دور هو.

پر هاڻي جڏهن سپنا کي اسڪول چڏي واپس گهر ايندو هو ته اڪيلائي ڪيس تڙ پائي بيقرار ڪري وجهندي هئي. جڏهن ته هن ايترا اڪيلائي جا ايذاءُ سٺا هئا جو هاڻي ڪيس اڪيلاين کان خوف ٿيڻ لڳو هو. ايترو خوف... جيترو سندس غير موجودگي ۾ شهناز کي ٿيندو هو.

اها شهناز..... جنهن هاڻي خوابن ۾ اچڻ بہ چڏي ڏنو هو شايد سندس شهر چڏڻ تي ڪاوڙجي پيئي هئي.....

وقت ڪمزور دلين کي بهادر بنائي چڏيندو آهي. تڏهن ته هر روز شهناز جي تصوير اکين ۾ سجائي خوابن ۾ ساٿس راتيون گذ گهاريندڙ نعيم جي اکين بہ انهن خوابن ڏسڻ جا انگل ڪرڻ چڏي ڏنا هئا.

ان باوجود بہ جڏهن ڪڏهن شهناز جون ساروٽيون اڪيلائي ۾ ڪيس ايذائڻ ايندڙيون هيون ته هو لاهور جي وشال روڊن تي تيز گاڏي ڊوڙائي انهن يادن کي پوئتي رهائي ايندو هو يا ته راويءَ ندي جي شفاف پاڻي جي

تيز وهڪرن ۾ انهن مقدس يادن کي قرآني آيتن جيان هڪ هڪ ڪري لوڙهي ايندو هو. دريائن جي رُخ جيان انسان جي زندگي ۾ وقت سان گڏ پنهنجون سوچون، ارادا، خيال ۽ رُخ بدلائيندي رهي ٿي. نعيم صاحب سوچيو ته جيڪڏهن هن پنهنجو وجود هميشه لاءِ اڪيلاين ۽ اداسين جي اوڙاهه ۾ اڇلائي ڇڏيو ته شايد آخر ۾ سندس لاش کي به ڪائي سڃاڻپ نه ملي سگهي. ان ڪري هن ڪائي مصروفيت اختيار ڪرڻ جو ارادو ڪيو.

هن جڏهن پنهنجي ڏکڻي گمنامي ختم ڪري دنيا جي آڏو پاڻ ظاهر ڪيو ته اڃا تائين سندس قدر ۽ مان جيئن جو تيئن عوام جي دلين ۾ موجود ڏٺائين.

هن سياست ۾ شموليت ڪئي ته ڪيس ميڊيا توڙي عوام ڪلي دل سان آجيان ڪئي ۽ هو عملي سياست ۾ پنهنجون سڀ سڃايون آڻي خدمت خلق جي جذبي تحت هليو آيو..... هاڻي سپنا کي اسڪول ڇڏڻ ۽ ونڊ جي وچ وارو تائيم ڏاڍو مصروف گذرڻ لڳو هئس.....هو هاڻي بهترين سياسي ليڊر طور ابري آيو هو.

هڪ ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو صوبائي سربراه به بڻجي ويو. وقت سان گڏوگڏ سندس مصروفيتن ۾ اضافو ٿيندو ويو.

ڪڏهن ميٽنگس.....

ڪڏهن جلسا.....

ڪڏهن دؤرا.....

ڪڏهن ڪائي خاص مهم.....

ته ڪڏهن وري پريس ڪانفرنسون.....

هڪ پيرو ٻهر سندس نالو ميڊيا جي شهه سرخين جي زينت بڻجڻ لڳو..... هو تعلم گهٽو مصروف هئڻ باوجود به اڪثر شامون ۽ راتيون پنهنجي سپنا سان گڏ گهاريندو رهيو.

هن سپنا جو مستقبل روشن ڏسڻ ٿي چاهيو. ان ڪري ڪيس باقائده تائيم ڏيندو رهيو. ڪيس سبق ياد ڪرائڻ کان ويندي صورتختي سڏارڻ، حساب سيکارڻ، انگريزي گرامر جا محاورا سمجهائڻ سائنسي تجربا ڪرائڻ.....

ائين جڙ هو ڪيس هڪ استاد بنجي ٽيوشن پڙهائيندو هو.

۽ سپنا جو شوق تهائين وڌندو رهيو هو.

"سپنا.....!!!" جنهن جو ذهن ڏاڍو تيز نڪتو هو.

هر ڪم ۾ اڳي ڪان وڌيڪ هوشيار ۽ اڳيري..!
پنهنجي ڪلاس ۾ پهرين نمبر جي شاگردن ۾ شمار ٿيڻ لڳس..
سڄي اسڪول ۾ سنڊس هوشياري جا چؤهول هلڻ لڳا. ..
اڳيئي پيءُ جي انتهائي پيار ۾ پلجندڙ سپنا کي ويتر استادن جي مليل بيحد پيار مغرور بڻائي ڇڏيو هو...!
ايتري مغرور.. ڪلاس ۾ پنهنجو ڪوئي ثاني نه سمجهندي هئي..؟
سنڊس ئي ڪلاس جا چوڪرا توڙي چوڪريون ساٿس حسد ڪرڻ لڳيون..
۽ ڪجهه ڪلاس فيلو ساٿس نفرت به ڪرڻ لڳن ٿا...
پر سپنا سيني ڳالهين کان بالاتر.. خود غرض.. هٿيلي...!! سپنا پنهنجي پيءُ سان هڪ ڀيري اهڙو ذڪر به ڪري ويٺي هئي.
"پاپا! ڪلاس فيلو مون سان حسد ٿا ڪن..؟"
"هي مونکي نه ٿا ڄاڻن. نه ٿا سمجهن...!"
"پلي جيڪو وٽين سو سمجهن...!"
"آئون به ته ڪنهن جي غرض ڪونه ٿي ڪيان..!"
"ساڻيلا! پاڻ محنت ڪن ڪو نه ۽ محنت ڪندڙ سان حسد..!؟"
؟نفرت آهي مونکي به اهڙن ساڻيلن کان ...!!!"
پٽس ڪيس پيار منجهان سمجهائيندي چيو هو.
"سپنا! پڻا نفرت ڪنهن سان به نه ڪرڻ گهر جي! وڏ کان وڏ دوست ناهي!"
"نفرتون ته صرف ويچا وڌائيندیون آهن. ماڻهپا کسيندیون آهن..!"
"جڏهن ته دوستيون سهارن جا مضبوط قلما هوندیون آهن..!"
ڪنهن ڏاهي جو قول نه ٻڌو ٿئي ته:
"يتيم اهو نه آهي جنهن جا ماءُ پيءُ مري ويڻن...."
پر يتيم اهو آهي جنهن جون دوستيون ختم ٿي ويون هجن...
"تنهنڪري سپنا، آئنده اسڪول ۾ پنهنجي ڪلاس فيلوز سان رل مل ٿي دوستين جا رشتہ قائم ڪري رکجانءِ...."
هو ڪيس وڏا ليڪچر ۽ سمجهاڻيون ڏيندو رهيو. پنهنجي زندگيءَ جي ذاتي تجربن جي آڌار تي.....
هو به ته اهڙي محڪمي جو آفيسر ٿي رهو هو جتي عام خلقت سان ڪابہ دوستي نه ٿي قائم ڪري سگيو نه ...!!

هر چرپر تي سرڪاري نظرون...
جڙ ذاتيات يرغمال ٻڌجي پيئي هئس...
نتيجو...
جڏهن نوڪري ڇڏيائين تہ اهڙو ڪوبہ همدرد دوست نظر نہ آيس جنهن جي پناري سگون جا ٻہ پلئہ پوٺس ها...!
ڏک گهٽائين ها... ۽ ڏکندڙ ڪٽن تي مرهم رکن ها...
پر هن وٽ اهڙو ڪو بہ سچائي جو دوستاڻو رشتو پري پري تائين بہ ڪو نہ هو...!
تڏهن ئي هن پنهنجي پياري ڏيءَ سپنا کي دوستيون وڌائڻ جا ڏڳها ليڪچر ڏنا هئا...
پر سپنا ... انهن احساسن کان اڻجاڻ هئي جيڪي پيءَ کيس زندگي جي تلخ تجربن مان ڪيي ٻڌايا هئا.
هن جو پيار...
هن جي دوستي...
هن جا سمورا دلي رشتہ... سچايون... ۽ جذبا... صرف پنهنجي پاپا ساڻ ئي رهڻا هئا...!
ذاتي معاملي ۾ هن ۾ هٽ ۽ غرور جيئن جو تيئن برقرار رهيو هو ۽ هوءَ تيزيءَ سان هالڪپڻ جون منزلون اورانگهي، جوانيءَ جي حسين وادين ڏانهن وڌي رهي هئي...!
هوءَ هاڻي لاشعوري جون سموريون سرحدو اُڪري شعور پڻ ۾ داخل ٿي چڪي هئي.
هاءِ اسڪول کانپوءِ ڪالیج جي آزاد فضائن ۾ تعليم پرائڻ لڳي هئي. ۽ مٽس جوين مهربان ٻڌجي پيو هو.
هوءَ هاڻي ان جواني ۽ سونهن جي ستارن سان کيڏڻ لڳي هئي جنهن عمر جي حسينائن کي حساس شاعر نفيس لفظن جا ريشمي ويس پهرائي، چنڊ سان تشبيهون ڏيندا آهن. سونهن ۾ سپنا، ماءِ کي ٻہ مات ڏيئي چڏي هئي.
اها ماءِ، جنهن جي مامتا جو حسن سندس اکين ڏسڻ جي سعادت ٻہ نہ ماڻي هئي. ڪچڙي ماسيرن ڳلن جي ڳوراڻ تي سمنڊ جي سيني تي لهندڙ اونهاري جي سج جي لالاڻ جهڙا خوبصورت ۽ مضبوط ڳاڙها رنگ لهي آيا هئس...!

سنهڙن چپن تي اٽلکي مرڪ سجائيندي هئي تہ ہن چپن جي ہيڙيءَ ۾ پھرين. تاريخ جي چنڊ جھڙيون لھرون جھولينديءَ نظر ايندیون هيون!!!!؟

وڏين پورين اکين جي ڪنڊن ۾ چلڪندڙ انگوري شراب جھڙا رس ڏسندڙ اکين تي مدهوشي جا خمار چاڙھي پئي چڏيا ....!؟

ڪلھن تائين ڪنڊيل بي بي ڪٽ ڪارا وار ڪيس سج جي تپش کان بچڻ لاءِ ڏوپ چتيءَ وانگي چانورا ٽاهي بيھي ٽي رهيا ۽ هن جي ان البيلي سونھن تي نظر پوڻ سان پنھنجي پريمي سان هڏڙن ۾ هڏڙا ڏيئي گھمندڙ ڪيئي سندر وينگس بہ احساس محرومي جو شڪار ٽي ويندیون هون!!!!؟

ڪاليج ۾ ساٿس گڏ پڑھندڙ رائل فيملي جا اهي شهزادا. جن لاءِ الائي ڪيترين حسينائون راهن ۾ رابيل وڇائڻ لاءِ بيتاب بينيون هوندیون هيون؟ سي بہ سپنا جي سونھن جا سودائي بڻجي ڪيس جاڳندڙ اکين جو خواب سمجھڻ لڳندا هئا.

جڏهن هو اکين تي ڪارو چشمو چاڙھيندي هئي تہ فريم جو مٿيون حصو جاڙن پروئن سان ملي ٽلھي ليک ٽاهي چڏيندو هو ۽ ان سان چنڊ چھري جي اڌ گول کي گرھڻ لڳي ويندو هو.....؟ اونھاري ڏينھن جڏهن هو هلڪي سائي رنگ جي ٽي شرٽ ۽ پوري رنگ جي پئنٽ پھري چاتي جي اپار ونان ہن ٽکرين جي وچان اڏرپ کولي گھمندي هئي تہ الائي ڪيترين اجايل نظرون. تڑيڻ لڳنديون هيون.....!

شايد! قدرت واري ڪيس جنت جي حورن جا ڪجھ رنگ سندس چھري ۾ اوتي پنھنجي تخليق جي تعريف لاءِ ڏرتي تي اماڻيو هو. تڏهن تہ جنھنجي مٿس نظر پوندي هئي تہ بي اختيار سندس زبان مان نڪري ويندا هئا لفظ "سبحان الله .....!!"

پر اهو بہ هڪ قدرت جو ڪمال هو جو جنھن چوڪريءَ لاءِ هزارين دليون بي ترتيب ڏڪيون ٽي. ان جي دل ۾ تڑپ ٽالي ڪا بہ شيءِ موجود نہ هئي!!!!؟

هوءَ رسمي پيار جي احساسن کان بلڪل آجي هئي.

ڪيس نہ تہ پنھنجي حسن تي باور هو.!

نہ ڪنھن تعريف جي ضرورت .....!

۽ نہ ئي ڪنھن بد نظر جو خوف.!

نہ تہ کنهن کان کائي شکايت هئس .....

ڀ نہ ٿي کنهن جون شکايتون هن تائين پهچي سگهيون هيون ...

هوءَ تہ اجا تائين پنهنجي عظيم پيءُ اڳيان هاراٿا انگل آرا ڪندي هاراٿيون شرارتون پکيڙي - پاڻ بہ هاراٿا ٿهڪ ڏيندي هئي ڀ پنهنجي پاپا جا سمورا ٽڪ ڀ مايوسيون ٻوڙائي ڪڍي چڏيندي هئي..!! نعيم صاحب هاڻي صفا مطمعين زندگي گذارڻ لڳو هو.

سپنا وڏي ٿي ويئي هئي...

ڀ هوءَ ايڏي سخت مزاج ڀ بردبار اڏول ڀ مضبوط خيالن واري هئي جو نعيم صاحب کي ذاتي طور ان بابت کنهن بہ فکر جي ضرورت نہ رهي هئي... ڪيس خبر هئي تہ هوءَ پنهنجي محافظ پاڻ آهي. صرف سندس پڙهائي جو گهٽو خيال رهندو هو... هن ڪيس وڌيڪ پڙهائي قانون جي ڊگري ڊيارٽ گهري ٿي...

هن سوچيو ... "هوءَ وڪالت جي شعبي ۾ زبردست ڪاميابيون ماڻي سگهي ٿي".

بي فکر ٿي هو هاڻي گهٽو ٽائيم سياست کي ڏيڻ لڳو هو...

ڪڏهن ڪڏهن گهٽو ٽڪبو هو تہ کنهن طرف تفريح لاءِ شامون گذارڻ نڪري پوندو هو...!!

اڄ هو ڏاڍو ٽڪل هو...

الائي تہ ڪهڙي ڏيهہ منجهان آيل اداسين جا ڪکر سندس دماغ تي جهڙالو ناهي بيهي رهيا هئا... ڀ اهي اداس ڪکر نہ تہ پيا سي پٽن جهڙي اڇايل دل متان برسيا ٿي ڀ نہ ٿي دل جي آسمان کي صاف ٽيڻ ٿي ڏنائون.....!!؟

اکڙين منجهان وڏڙو وسڻ جي تيارين ۾ هو...

سيني اندر کي برف ۾ جمي مائوف ٿي ويل سوچون، پٽرائجي ويون هيون... ڀ جڏهن بہ سندس ڪيفيت ۾ اوچتي اهڙي تبديلي اچي ويندي هئي تہ هو کنهن آبشار... ڏينڊ... سمنڊ... يا درياءَ جي طرف هليو ويندو هو. عجيب سکون ملندو هو ڪيس اهڙن نظارن منجهان ...!!؟

ڀ اڄ بہ پنهنجي منجهيل ذهن کي سکون ڏيارڻ لاءِ لاهور شهر جي چيڙي تي وهندڙ راوي‌ءَ ڪناري هليو آيو هو...

ڀ راوي‌ءَ ڪناري شهنشاه جهانگير جي محبتن جو اهڃاڻ ... سندس محبوب... نورجهان جي ياد ۾ جوڙايل شاهڪار مزار جي اوٽ ۾

بيٺي تن تنها سوچيندو رهي ٿو. ۽ پوءِ درياءَ طرف هليو اچي ٿو. راويءَ ۾ وهندڙ پاڻي جي روانگي کي معنيٰ خيز نظرن سان ڏسندو رهي ٿو...

زندگي ... هڪ درياءَ.....

وقت... هڪ وهڪرو.....

سمنڊ ..... گهري ... اونداهي قبر.....!؟

وقت جو تيز وهڪرو...

سمنڊ جي قبر ۾ چوڙڪندو آهي...!

تڏهن... ان درياءَ جو شور.....

ڪيئن نه خاموش ٿي ويندو آهي...!!

ڏنڊ ۾ بيٺل ان پاڻي جيان.....

جنهن ۾ ڪابه لهر

ڪا به هلچل.....

نه پيدا ٿي هجي.....!؟؟؟

زندگي جي ڏکين لفظن جو معنائون.....؟؟

ڪهڙين ڏکشنرين مان ڳولجن...!!؟؟

ڪڏهن سمنڊ جي چڑواڳ لهرين وانگي جبلن سان مٿا ٽڪرائي موٽندڙ ...!

ڪڏهن پراڻي ڏنڊ ۾ صدين کان بيٺل سائي پاڻي وانگي سينئارجي ويل .....

ڪڏهن سهاڳ رات جي ڳاڙهي ڪهنبي ۾ مرڪندڙ ڪنوار جهڙي...

ته ڪڏهن بيوه جواڻ عورت جي ڏاڙي بنا ٻُسي نڪ مثل...!!

ها زندگي قدرت جي ڏنل اهڙي ڳجهارت آهي. جنهن کي ڏرتيءَ جو ڪو به سگهڙ پيڇي نه سگهيو آهي.

راوي ڪناري بيٺي ۔ نعيم پنهنجي زندگيءَ کي به درياءِ نديءَ ۾ لڙهندڙ ان ڪاغذي ٻيڙي مثل سمجهيو هو جيڪا هوائن جي زور تي ڊوڙندي ۔ لڏندي لمندي... پُسندي، سڪندي... ملسلسل اڳتي وڌندي ته رهي هئي... ! پر ڪنهن به منزل تي رُسڻ کان پهرين پُسي ۽ ڇڇي وڃڻ جو پختو يقين ٻڌيل هئي...!!!؟؟

هو مسلسل سوچيندو رهيو هو ۽ سندس جسم پٿر مان جڙيل انساني مجسمي جيان ، هڪ جاءِ تان چرڻ وارو بلڪل به نه هو...!!؟

بي خبريءَ ۾ ڪلهي وٺان نرميءَ سان ڪنهن نرم هٿ جي ڇهاءَ چرڪائي وڌس...!!

ڪنڌ موڙي پٺيان ڏٺائين...

ٻيهر چرڪ منجهان سڄو وجود لرزي ويس...!!

"جبين تون...!"

بي اختيار زبان تان الفاظ نڪري ويس...!!

"آءِ ايم سوري.....!!!"

"مونکي توهان کي ڊسٽرب نه ڪرڻ ڪپندو هو..؟"

جبين کيس بد حواس ڏسي، پڇتاءَ جي ڪيفيت ۾ ڇيو.

نعيم صاحب ائين جهٽڪي سان ڪنڌ ٻي طرف ڦيرينديِ، بدحواس ٻڌجي ٻيهي رهيو. جڙ بدن ۾ طاقت بلڪل به ڪونه رهي هئي، سانس اڪيون ملائڻ جيتري...

"..... نعيم صاحب! لڳي ٿو ته منهنجو توهان سان ايئن غير متوقع طور ملڻ سٺو نه هو...!!!؟"

جبين ڏاڍي مايوسي مان ٽڪل آواز سان ڳالهايو.

نعيم جو ڪنڌ ويتر ٻي طرف ٽي ويو.....

ائين ٽي ..!! جڙ ته هن جبين سان نظرون ملائڻ نٿي چاهيون...!!؟

جڙ سنڊس من پاتال جي ٻيڻل پاٽيءَ ۾ ڪنهن ڳرو پٿر اڇلايو هجي، جنهن جي "ٻڑڪ" جي ننڍڙي آواز ڪانپوءِ هزارين بي ترتيب لهرون ڪنارن جي پٿرن سان مٿا ٽڪرائي واپس موٽي رهيو هيون...!

مانيءَ ۾ ڦرندڙ مانڊاڻي مثل اندر ۾ وڏي ولوڙ پيدا ٽي پيس..!!

پانيائين...

اجهوڪ اجهو سنڊس سينو هڪ ڏماڪي ساڻ ڦاٽي پوندو.....

ڇ سنڊس مدي خارج ٽي ويل زهريلا جذبا، ائٽم بم جيان هوائن ۾ ڦهلجي دنيوي حياتيات کي وڏو نقصان ڏيئي وجهندا ...؟؟

.. هوڏانهن جبين جي حالت به بدتر ٽيندي ٽي ويئي.

سخت سياري ۾ ڪنهن خانه بدوش خاندان جي ويندڙ لڏي ۾ گڏهه گاڏي تي ويٺل ڪنهن انگ اگهاڙي ٻار مثل، جبين جو انگ انگ ڏکي رهيو هو...!؟

پانيائين ...!!

اندر ۾ مائي ٽي ويل سوچ... اڄ وجدان ۾ اچي، نيٽن جا مضبوط بچاءَ بند پيڄي ڏرتيءَ تي هڪ اهڙي ٻوڏ برپا ڪري وڃهندي ... جنهن ۾ .... دنيا جو سمورو ڪاروهنوار...!

رسم و رواج...!

اميدون...!

حسرتون...

مقصد ۽ حاصلاتون.....

ڪاميابيون، ناڪاميون...

مجبوريون، بيوسيون...

زندگيون، بندگيون...

مُروتون، مسرتون...

درد..... ڏک..... غم..... تنهايون.. محبتون..... نفرتون..... عداوتون..... هجتون... ٿهڪ... لڙڪ..... سڪ..... چڪ..... پڪ..... ڪڇ...!!؟

ها سيڪجهه... ان نيٽن جي تک ۽ تار ۾ هميشه لاءِ لڙهي ويندو...!!

۽ ۽ هر طرف ٻاٽيءَ جون بد مست، چڙواڳ چوليون .....سمنڊ جي ستين حصي جيتري ڏرتي جي مٽاچري تي پاٽي ڦيري چڏيندیون...!!؟

پر...!

پر ٻيهر، جبين جي اندر جو طوفان گهٽجي ويو.

اکڙين جا نار به ٽر جي صديون تاساريل پٽن وانگي خشڪ ٽي ويا هئس ۽ اها خشڪي، تڏهن ڪيس نڙي ۾ ڪنڌو ٻڌجي انڪي پيئي. جڏهن ... جڏهن نعيم صاحب کي سندس چهري جا تاثرات پڙهندي ڏٺو هئائين.

ٻيهر نيڙ ملنديئي نعيم جي پٽرايل زبان ۾ جنبش مونٽي آئي...

"جبين ...!؟"

"جبين مان تنهنجو ڏوهاري آهيان...!"

"مون سندءِ انتظارن ۾ معنائون ڪو نه پريو... !!"

"مون تنهنجي سپنن جي سيج تي اميدن جا گلاب به نه پوکيا...؟؟"

"تنهنجي اکڙين ۾ پنهنجا ئي عڪس نه ڏسي سگهيس جبين..."

"۽ جبين... ! ۽ جبين قدرت واري ان ڏوهه جي مون کي وڏي سزا ڏني آهي..."

"تمام وڏي سزا...!؟"

"مونکي ...! تون مونکي معاف نه ڪندئين جبين.....؟؟"

"هي ڏس... مان تو کان معافي ٿو گهران...؟؟"

"مونکي هڪ ڀيرو ... صرف هڪ دفعو معاف ڪري ڇڏجانءِ ...!!"

ءِ هن پنهنجا ڏکندڙ هٿ جوڙي جبين جي اڳيان آندا...!؟؟

جين چرڪي، سندس جوڙيل هٿن کي پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ جهلي ، انهن ئي هٿن کي پنهنجي چپن تي رکي چڏيو هو ... هن نعيم جي هٿن کي پنهنجي ڇاتي سان لاهي، پنهنجو مٿو سندس ڇاتيءَ تي رکي چڏيو... ءِ پوءِ کو وقت هو ٻئي سڏڪندا ئي رهيا..... ائين ئي ... جڙ کل ڪائنات سڏڪن جي سرگوشي ۾ پئجي ويئي هجي.....!

هنن هڪٻئي جي کلهن تي ڪنڌ رکي سالن جي سڏڪن کي آزاد فضائن ۾ امن پکيڙڻ وانگي اڏاري پنهنجو اندر هلکو ڪري چڏيو هو ...

روئندڙ چار اکيون ائين روئي روئي ڳاڙهيون ٿي ويو هيون جڙ ڪچي ننڊ مان کين کنهن جاڳائي وڏو هجي....!

ڪجهه دير کانپوءِ درياءَ ڪناري واريءَ تي ويٺي نعيم شاهد آڏر سان پٺ تي ليکا ٻئي ڪيا ءِ جبين خاموش خاموش سندس پر ۾ ويٺي رهي...!؟

ائين! جڙ سڏڪن سان گڏ ڳالهائڻ جا لفظ به لٽجي ويا هجنس ...!!؟

"نعيم...؟"

"جيءَ ... چا جبين ...؟؟" هن کنهن گهري سوچ مان نڪرندي ڳالهايو ... "نعيم! مون توهان کي ڏاڍو ڇوليو هو.. پر توهان نه ڇاڙ زندگي جي ڪهڙي اجهاڳ رڻ ۾ رلي ويا، مونکي ته ڏس به نه ملي سگهيو هو ڪٽان...؟؟"

هاجين! مان سچ به ايترو ڏور نڪري چڪو آهيان... جتان شايد اڃا تائين به واپس موٽي نه سگهيو آهيان..!!

"ها نعيم، ڪڏهن ڪڏهن ماٺهو سراپا تلاش ٻڌجي صحرائن ۾ رلي ويندا آهن... ءِ زندگي انهن جي ئي تلاش ۾ سندن پويان بن بن ٻڌکندي رهندي آهي .....؟؟"

"لڳي ٿو ته زندگي توهان جي تلاش ۾ ... ءِ توهان زندگيءَ جي ڇولا ۾ ڏاڍا ٺڪائيندڙ سفر ڪيا آهن، پر اڃا تائين هڪ ٻئي کي ڇولي نه سگهيا آهيو...؟؟"

"ها جبين سچ ٿي چوين...! اسين اهي بد نصيب انسان آهيون، جيڪي نصيب سنوارڻ جي جستجو ۾ پنهنجا مقدر اجاڙي ويهندا آهن...!؟"

"پر جبين ...! جيڪي ٻين جا نصيب سنوارينديِ پاڻ فنا ٿي ويندا آهن، سي انسانيت جي تاريخ جا امر هيرا هوندا آهن..."

"ها پر نعيما! پهرين ڳالهه ڪيم ته مون توهان کي ڏاڍو ڳوليو هو...؟"

"جبين! سچ ته آئون ايڏو ڏور ايترو گمنام ٿي ويو هئس، جو شايد موت جا فرشتا به مونکي ڳولي نه سگهن ها...!؟"

"پر نعيم صاحب...؟" (هوءَ چئي نٿي سگهي)

"ها ها جبين! چا ٿي چوڻ چاهين ...؟؟"

"جبين! اها ڪهڙي ڳالهه آهي جيڪا تنهنجي زبان تي ايندي ايندي رڪجي ويجي ٿي...!!!"

"نعيما! ڳالهه ئي ڪجهه اهڙي آهي جو!!"

"يقين ڪر جبين! مون زندگيءَ جو هڪ اهڙو صدمون برداشت ڪيو آهي، جنهن جي اڳيان دنيا جو ٻيو ڪو به صدمون مون وٽ ڪائي حيثيت نٿو رکي سگهي...؟"

"نعيما! توهان جي سزا ڏنل پاءُ وسيم احمد، سزا پوري ٽيڻ ڪانپوءِ انتهائي جذباتي قدم کنيو هو.....!!"

هن هڪ رات پنهنجي گهر واري ۾ هارن کي ڪمري ۾ بند ڪري ريوالور سان سيني کي قتل ڪرڻ ڪانپوءِ ساڳي ريوالور سان پاڻ به خودڪشي ڪري چڏي هئي...؟؟؟"

"چا ٿي چوين جبين ...!!!!"

" ها ...! ۽ اهو به سچ آهي ته توهان جو والد صاحب، چاچا وقار احمد گهٽو وقت اهو صدمون برداشت نه ڪري سگهيو هو ...؟؟"

"بس ڪر جبين... بس..."

"انسان آهيان- صفا پٿر به ناهيان جو سڀ ڪجهه ٻڌي سهي وڃان..."

۽ وڌيڪ ٻڌڻ کان اڳ هن پنهنجي ٻنهي ڪنن کي هٿ ڏيئي چڏيا هئا... دماغ چڪرائجڻ لڳس...

بدحواس ٿي پنهنجو پاڻ ڳالهائڻ لڳو ته:

"چا... چا مان قاتل آهيان...؟"
"پنهنجي پاءُ جو...؟"
"پاپيءَ جو.....؟"
"ان جي معصوم ڇوڪرن جو.....؟"
ڇ ... ڇ .....؟"
"ڇ پنهنجي پيءُ جو..... ؟؟"
"ها ...ها مان قاتل آهيان...؟؟"
"مان... قاتل ... قاتل آهيان...؟؟؟"
هن جو زورائتو آواز فضائن ۾ پڙاڏو بنجڻ لڳو هو...
ڇ جبين پريشانيءَ وچان سڏڪندي - ڇ پڪاريندي رهي-
"نعيم... پليز نعيم...."
ڪجھ دير ڪانپوءِ جبين جي التجائن ڪيس جڙ ته هوش ۾ آئي ڇڏيو-
ڏکيو ساھ ڀري چيائين ...
"جبين! سيڪجھ لٽائي هوش ۾ آيس ته چا ٿيو..."
ڪافي دير تائين وڻ جي ٽڙ ڪي پٽي ڏيئي نعيم، گونگا لڙڪ هاريندو رهيو- ڇ جبين گونگن وانگي پرسان ٻيٺي رهيس-"
سج الائي ڪيڏي مهل لهي ويو-
راويءَ جي شفاف پاڻيءَ جي لهرين ۾ ستارن جو عڪس مهاڻن جي بتيلن وانگي ٽري رهيو هو- ڇ لاهور جو ٻاهرون نظارو ٻلبلن جي جهر مر ۾ شادي هال وانگي جرڪڻ لڳو هو-
تڏهن نعيم اتان وڏي اڇتي پل طرف ڊوڙ لڳو هو- جتي سندس گاڏي بيٺل هئي-
جبين سندس قدمن تي پير رکندي، پويان پويان هلڻ لڳس-
نعيم چپ چاپ ڊرائيونگ اسٽيرنگ تي ويهي، فرنٽ سيٽ واري دروازي جو لاڪ کولي ڇڏي ٿو ڇ جبين خاموشيءَ سان در کولي سندس پر ۾ ويهي رهي-
گاڏي تکا چيڪاٽ ڪندي پوئتي هٽي ڇ پوءِ منهن ڦيري لاهور شهر طرف هلڻ لڳي-
پريشاني جي عالم ۾ نعيم پنهنجي اڳوٽي مگيندي جبين کان اهو به نه پڇي سگهيو هو ته هوءَ لاهور ۾ ڪڏهن کان ڇ ڪٽي رهندي آهي-؟؟

سندس زندگي ڪهڙن مرحلن مان گذري ۽ وچوڙي جا سال ڪيئن گذريس...

پنهنجي پريشانيءَ ۾ هي جا ڏک ڪٽي ٿي ياد رهن...؟؟

بس رڳو نعيم صاحب جي ڇهري جا عڪس ۽ پيڙائن جون پيچيده لڪيرون ئي ٻڌائي رهيون هيون ته ساٿس تقدير وڏو ڪيڏ ڪيڏي ويئي هئي...!!

۽ هاڻي هو پنهنجي سڄي خاندان جو پاڻ کي قاتل سمجهي ضمير جو ڏوهاري ٻڌجي پيو هو...!؟

جبين جي اندر ۾ ٻه پڇتاءُ جو پلو ڦٽڪي رهيو هو سوچيائين ته ايترو جلدي اهو سڀ ڪجهه ڪيئن نعيم کي نه ٻڌائڻ کپندو هو جو هو پاڻ سنپالي نه سگهي...؟؟

اڄ ٻئي چپ چاپ پنهنجي سوچن ۾ گم سم ويٺا رهيا، جڏهڪ سيٽ تي سفر ڪندڙ ٻه اجنبي مسافر هجن...؟؟

گاڏي شهر جي ڏڻل وائڙل روڊن تان تيز تيز ڇڙ پنهنجي ڏڻي ڊوڙندي رهي هئي.

جڏهن مينار پاڪستان جي موڙ کان وڌندي گاڏي گلبرگ ڏانهن وڌڻ لڳي تڏهن جبين گاڏي ۾ پهريون پيرو ڳالهايو هو.

"نعيم، مونکي اقبال ٽائون ڏانهن ويڙهو آهي."

تڏهن چپ چاپ هن گاڏي جو اسٽرنگ ٻي روڊ ڏانهن موڙي ڇڏيو.

گاڏي موچيءَ گيٽ وارو ڊگهو چڪر ڪاٽي اقبال ٽائون ۾ داخل ٿي هئي تڏهن جبين کيس گاڏي روڪڻ جو هٿ سان اشارو ڪيو.

"نعيم! مون سچ ٻه ته توهان کي ڏاڍو ڏکايو آهي...! مونکي ايترو جلدي توهان کي ٻڌائڻ نه گهربو هو." جبين گاڏي مان لهڻ وقت پرس کڻندي چيو.

۽ نعيم، صرف پريشان اکين سان کيس ڏسندوئي رهيو هو.

"۽ ها نعيم!" وري ڳالهايائين ... اهو سامهون سائي لوهي گيٽ وارو بنگلو منهنجي رهائشگاهه آهي...! ۽ هر آچر اسان راوي ڪناري گذاريندا آهيون...؟ خدا حافظ...!!"

.... پريشانيءَ ۾ نعيم سيڪجهه ڏسندي ٻه ڪجهه نه ڏٺو...!!!!

۽ سيڪجهه ٻڌندي ٻه ڪجهه نه سمجهيو هئائين...!!!

گاڏي چيڪات ڪندي پوئتي هٽي ۽ واپس انهيءَ روڊ تي ڊوڙڻ لڳي جتان آئي هئي...!

پنهنجي گهر پهچندي ڪيس رات پئجي چڪي هئي ڪيس تڏهن سپنا جو احساس ٿيو هو جڏهن هن ڊوڙي اچي ڪيس ڪار وٽ ٻک وڏا ۽ اباڻڪي ٽي ڪيس چنبڙي، روئي، ڏوراپا ڏيڻ لڳي هئي ...

"پاپا! توهان کي خبر ٻه هئي ته منهنجا سياڻي کان انٽر جا ايگزم شروع ٿي رهيا آهن. پوءِ ٻه ايڏي دير چو...؟! تياري نه ڪرائيندو...؟"

ليڪن اڄ سپنا جي هاراڻن هولن ٻه هن جي چهري تي پيار ريکائون نه موٽايون هيون ويتر پريشاني ۾ وراڻيائين

"سپنا پٽ! مونکي سڄ پڄ ٻه ڏاڍي دير ٿي ويئي...؟"

"پر سپنا ڪڏهن سوچيو اٿئي ته توکي ته هر امتحان جي تياري ڪرائڻ لاءِ پاپا ويٺو آهي...! پر تنهنجي پاپا جي زندگي ۾ جيڪا امتحان آيا، انهن جي تياري ڪيس ڪير ڪرائيندو..؟؟"

" ها! سپنا پٽ! زندگي جا امتحان ڪهيئن جي امتحانن کان ٻه وڌيڪ ڏکيا هوندا آهن. جنهن جي هر پيپر ۾ اهڙا پيچيده ۽ منجهيل سوال هوندا آهن. جن جا جواب حياتيات جي ڪنهن ٻه ڪورس مان ملڻ ڏاڍا مشڪل هوندا آهن.....!!!؟؟"

"..... پر پاپا! اڄ توهان کي چا ٿيو آهي.....؟؟"

"ڪهڙيون مايوسيءَ جي امتحانن جون ڳالهيون ڪٽي ويٺا آهيو..؟؟"

"اڳي ته ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ڪو نه ڪيون اٿو.....؟؟؟"

"ها سپنا! اڳي زندگيءَ جا امتحان ٻه نقل تي پاس ڪندو آيو آهيان..؟

جيئن جهان کي جيئندي ڏٺوسين، تيئن جيئڻ جا جتن ڪياسين...

پر هينئر لڳي ٿو ته زندگي ڪميشن هال ۾ گهلي آئي آهي ...

جتي شاگرد کي نقل ڪرڻ لاءِ ڪيڏانهن ڪنڌ ڦيري ڏسڻ جي اجازت ٻه نه هوندي آهي ..."

"سپنا پٽ! لڳي ٿو ته تنهنجو پاپا هن امتحان ۾ ضرور فيل ٿي ويندو...؟؟؟"

"ضرور فيل...؟"

"پر سپنا !!"

"وري ٻه تنهنجو پاپا تو لاءِ دعا ٿو ڪري ته اهڙا اڙانگا امتحان تنهنجي معصوم سپنا جي حياتيءَ ۾ ڪڏهن ٻه نه اچن شل!!"

"ڪڏهن بہ نہ.....!!!"

تڏهن سندس اکين سان گڏ آواز بہ پرجي آيو هو... ۽ بنا اک چنپ جي ائين ئي بيٺو رهيو جڏ سريہ مان ساه ئي نڪري ويو هجيس...!!!؟"

جيتوٽيڪ تہ هيستائين هو پنهنجا درد سمورا هڪ طرف رکي بہ سپنا کي خوش رکندو آيو هو...

سندس معصوم مرڪ تي پنهنجا مضبوط ٿهڪ لڳائي کيس ائين محسوس ڪرائيندو رهيو تہ هن جهڙو خوشحال انسان ايڏا تائين دنيا ۾ پيدائي نہ ٿيو هوندو..!!"

جڏهن سپنا سان ماڻس شهناز جو ذڪر ڪندو هو تڏهن بہ سمورا ڏک پاسيرا ڪري صرف اهي خوشحال گهڙيون ٻڌائي سپنا کي خوش رکندو هو جڏهن اولاد جي سڪ ۾ اوليائن جا در پيٽيا هئائون.. سپنا کي تہ ان مان بہ سڏ جي سفر جو اهو ذڪر ڏاڍو وٽندو هو جڏهن سندس ماءُ پيءُ اولاد جي سڪ کڻي قلندر تي ويا هئا، جتان کين خيرات ۾ خود سپنا ملي هئي. تڏهن هن کي بہ قلندر کي ڏسڻ جو شوق جاڳي پوندو هو جنهنجي هوءَ امانت هئي..!

ان کان علاوه نعيم سپنا کي ڪوهہ مري جو حسين يادون تہ اڪثر ٻڌائيندو رهندو هو - ايڏي خوبصورتيءَ سان، جڏ سپنا کي آڏر کان جهلي ڪوهہ مري جي وادين جو سير ڪرائيندو هجي...؟؟!!

چيل جا اهي ڏڳها ڏڳها قد آور وڻ...
انهن وڻن تي جهنگلي پولڙن جون شرارتون...
ساوڪ سان ڍڪيل جبل...
جبلن سان ٽڪرائجي هلندڙ دونهيندار ڪڪر
۽ ڪرن جي دونهين ۾ هلندڙ چيئر لفٽون...!!"
جبل تان ڪرندڙ آبشار جي پاڻيءَ جي مڌر موسيقيءَ...
صبح کان شام تائين هڪ حسين شام جو سماءُ...!!
رکي رکي وسندڙ سنهڙيون بوندون .....!!

اهي سڀ پيار پريون ڳالهيون پنهنجي پاپا جي شفيق جهولي ۾ ٻڌندي کيس ڪيڏي ناڻي ننڊ ونڊي ويندي هئي-؟ ڪائي سڌ نہ پوندي هئس..

۽ ۽ هوءَ سڄي رات ننڊ ۾ اهڙين حسين وادين جي سير تي نڪري ويندي هئي..!!!

.. ليڪن اڄ پهريون پيرو هن پنهنجي منڍي پاپا جي آواز جي سوز مان سندس اندر ۾ جهمريون پائيندڙ درد ڏسي ورتو هو ۽ خود سپنا جو اندر پاپا جي ڏک ۾ اڌ ٿي پيو هو-؟

هوءَ پنهنجي پاپا جي ڪلهي تي ڪنڌي رکي هارن وانگي سڏڪي روئڻ لڳي هئي ۽ سندس پاپا، سندس ريشمي وارن ۾ منهن لڪائي اڄ پهريون دفعو ائين هارن کان به هار ٿي بي اختيار روئڻ لڳو هو جڏ کن پل لاءِ ڪل ڪائنات ئي سڏڪن ۾ پئجي ويئي هجي۔

آسمانن ۾ ڪيهون پهچڻ سان ائين لڳو ٿي ته آسمان ريزه ريزه ٿي سندن لڙکن سان گڏ ڌرتي جي خاڪ ۾ ملي ويندو۔۔۔!

ستارن ۾ سرگوشيون پوندیون۔۔

۽ چنڊ جڏ کنهن وڏوا ناريءَ جيئن ڪکرن جي پوتيءَ ۾ منهن ڍڪي پنهنجن جا پار ڪيي روئڻ لڳندو۔۔

لڳو ٿي ته ڪل ڪائنات جو ڪار وهنوار ٽپ ٿي ويندو۔۔

ڌرتي ۽ آسمان جي وچ ۾ سڏڪن جا پڙاڏا فضائن ۾ خوف پري رهيا هجن۔۔۔؟؟"

" ۾۔۔۔۔!!؟؟"

۾ جڏهن سندن سڏڪا ويراڳي وڃر جيئن ڪونجن قطارون ٺاهي روانا ٿي ويا۔۔۔

ڏهنن تان غبار هلڪا ٿيا ۔۔ ۽ سوچون پنهنجي ماڳ موٽڻ لڳيون۔ تڏهن سيڪجهه ئي ساڳيو هو۔۔!!

دماغ جون سوچيون ائين بدلجي ويون، جيئن خودڪشي لاءِ ويندڙ ڪنهن مايوس انسان کي رستي ۾ ئي زندگيءَ جو چراغ ملي ويو هجي۔؟؟

۽ ڪجهه ديرڪانپوءِ نعيم سپنا کي ٻيهر ليڪچر ڏيئي رهيو هو.

"سپنا پٽا تو کي چيو هئم نہ۔ ته زندگيءَ ۾ وڏ کان وڏ هم خيال دوستيون پيدا ڪجانءَ۔۔۔!!؟؟"

"سپنا۔۔۔ دوستيون ئي انسان لاءِ وڏو ڏڍ هوندیون آهن."

"منهنجو ئي مثال وٺي سگهين ٿي."

"ڪو به همدرد دوست دنيا ۾ نہ ائٿ۔!"

"جڏهن پريشانيون درد بڻجي ڏکوئڻ ايندیون ائٿ، تڏهن پنهجو پاڻ سان سور سلينڊو آهيان۔۔۔!"

"منهنجي اندر ۾ هڪ وڏو قبرستان ٺهي پيو آهي سپنا۔۔۔؟"

۽ دل جي ڌرتيءَ تي اهڙا چار گز به ڪو نہ بچيا ائٿ، جتي پنهنجي جذبن جي قبر ٿاهي سگهان۔۔!!"

ڀ پوءِ سپنا جي ڳلن تي واري واري سان چمندي چرين وانگي روئي چوندو رهيو.

"او منهنجي پياري سپنا..."

" دنيا ۾ هڪ تون ئي ته منهنجو سهاريو آهين سپنا..؟"

"تون ئي ته منهنجو سڀ ڪجهه آهين جان!"

سپنا، ڦاٽل ڦاٽل اکين سان بد حواس ٿي پنهنجي پيءُ جي اکين ۾ نهاريندي رهي ٿي- ڪيس چريي ٿي وڃڻ جو گمان ٿئي ٿو...؟؟

پر جڏهن سندس اکين ۾ زندگي ساه کٽندي محسوس ٿئي ٿي تڏهن ڪيس لڳي ٿو ته هو نيڪ ناڪ آهي- ڀ پوءِ حالاتن سان ٽاهه ڪري چڏي ٿو. هن ڀيهر جيئڻ جو پنهنجو پاڻ کان وچن ورتو هو-

سوچيائين جيڪڏهن دنيا ۾ منهنجو ڪوئي ناهي ته ڇا ٿي ويو...؟

گهٽ ۾ گهٽ سپنا جو ته ڪوئي سهارو هئڻ لازمي آهي نه ....؟؟

ڀ سپنا جي زندگي سنوارڻ لاءِ هن اڪيلائي جا رڻ جهاڳڻ جو عهد ڪري ورتو هو-!

"سپنا...!!!"

جيڪا هاڻي جوان ٿي چڪي هئي.

سندس سونهن ائين نکري پيئي هئي جو صدين کان اونداهين ۾ گهاريندڙ اداس دلين جي ڌرتي ءَ تي چاليهه چاندوڪيون چاهت جا چريا احساس ساڻ کٽي آيون هيون..!!

سندس سونهن سر عام ائين دلبريون لٽائڻ لڳي هئي جو سندس سونهن جا مشتاق پنهنجي ڇاتين کي ائين ٻنهي هٿن سان ڏهائي چڏيندا هئا جڙ ته ڌڙڪندڙ دليون سيني جي مضبوط ديوارن کي ڏوڏي ٻاهر نڪري وڃي هن جي قدمن ۾ ڦٽڪنديون..!!

خود سندس پيءُ ٻه پنهنجي ڌيءُ جي اها سونهن ڏسي اهو سوچي پريشان ٿي ويندو هو ته ڇا سپنا جي سونهن جي مد مقابل ڪوئي اهڙو حسن جو شهزادو ٻه ملندو جنهن جي هٿن ۾ سپنا جي نازڪ ٻانهن ڏيئي پاڻ ٻي اونو ٿي پوي....!!!

پر انهن سيني ڳالهين کان اڻڄاڻ سپنا کي شايد اڃا تائين جوانيءَ جي لوساٽ ٻه نه لوڏيو هو.

جڏهن بسنت رُت ملهائبي هئي...

سڄو لاهور عيد بازارن وانگي سينگارجي ويندو هو ۽ سڄي نئين ٺهي لغڙن سميت ڪوٽن تي چڙهي ايندي هئي، تڏهن سپنا ۽ پنهنجي لغڙ سميت ڪوٽي تي چڙهي ايندي هئي. هوائن ۾ لغڙ اڏارينديِ سپنا سوچيندي هئي ته سندس لغڙ سيني لغڙن جي اڏام کان مٿي نيري اڀ جي وسعتن ۾ سرٽين وانگي اڏامندو رهي ۽ ڪوبہ لغڙ ڪيس ڇهي نہ سگهي...! الائي ته اها لغڙ جي اڏام هئي يا سندس معصوم سوچن جي، پر ڪيس مضبوط ڊوريءَ سان ٻين جا لغڙ ڪاٽا ڪندي ڏاڍو مزو ايندو هو.

پر ٿيندو ائين ئي هو ته اڪثر ٻين جا لغڙ ڪاٽيندي ڪاٽيندي آخر پنهنجي لغڙ جي مضبوط ڊوري ڪاٽجي ويندي هيس ۽ لغڙ آسمان ۾ گھوماٽيون ڪائيندو زمين طرف هليو ويندو هو...

تڏهن مايوسيءَ وچان ائين دل ڦسي پوندي هئس. جڙ سندس سڄو غرور ڪاٽجي ويو هجي...!؟

هوڏانهن نعيم صاحب کي وقت ايڏا ته گھاءُ ڏنا هٿا جو هزارين ڪوششن باوجود هينئون هڪ هنڌ ٽڪڻ لاءِ تيار نہ هو.

اهڙين ناڪام سوچن ۽ غمن کان فراريت حاصل ڪرڻ لاءِ هو اڪثر ڪنهن نہ ڪنهن طرف منهن ڪري نڪري پوندو هو.

ڪڏهن راويءَ ڪناري. ڪڏهن داتا جي دربار تي. ڪڏهن شالامار باغ ... ڪڏهن ريلوي اسٽيشن ته ڪڏهن ايئر پورٽ جو رخ ڪندو هو... پر ڪيس ڪٽي ۽ ڏهني سڪون نہ ملندو هو...

هن انهن منحوس سوچن کان فراريت اختيار ٿي ڪئي جيڪي ڪڏهن ڪيس خودڪشي جي رستن طرف ڌڪي ڇڏيندیون هيون ته ڪڏهن چريائي جي چارن ڏي گھلي ويندیون هيون...؟

هن کي عجيب قسم جا خيال ايڏائيندا هٿا ۽ هو هاڻي ڪافي ڪمزور ٿي ويو هو.

هونئن...! ڪهڙي پرواهہ هئي نعيم صاحب کي، جو ائين پنهنجو پاڻ رولیندو ٿي وتيو...!؟ سڀ ڪجهہ ئي ته هئس. اهو جيڪو دنيا ۾ زندگي گذارڻ لاءِ اڪثر انسان سوچي ٿو.

گاڏي ۽ بنگلو ۽ ڪار۽ پئسو۽ عزت۽ شهريت۽؟؟

ها سيڪجهه ئي ونس هو۽!!

ليڪن ڪيس پر سڪون زندگي لاءِ سڪون جي ضرورت هئي، جيڪو ڪيس تمام گهٽ مليو هو۽؟؟

جيڪر سڪون به پئسن تي ملي سگهي ها ته هو وڏي کان وڏي قيمت چڪائي وٺي اچي ها۽!! پر ائين به ته نه هو نه۽؟؟

۽ هاڻي هو ماضيءَ جي جج واري ڪرسي جي عهدي کي به پنهنجي بدقسمتي سمجهڻ لڳو هو جنهن ڪيس ايترو ته اوچائي جي سوچ تي رکيو هو جوڪيس هيٺين ليول تي اهڙو مهربان دوست به نه ملي سگهيو جيڪو اڄ جي اذيتناڪ گهڙين ۾ ڪيس سهارو ڏئي ها۽!!

ڇ نه ئي ڪيس اها اميد به هئي ته اڳتي هلي مقدر ساٿس ايڏا مذاق به ڪندو۽!؟

ڪڏهن ڪڏهن هو پنهنجي هٿ جي لڪيرن کي ڏسڻ لڳندو هو۽!

حالانڪ اڳي هو پاميسٽري جي علم کي صرف هڪ بڪواز سمجهندو هو ڇ وري ان علم بابت ڪائي ڄاڻ به ته ڪونه هئي۽!؟"

پر پوءِ به هو پنهنجون هٿ ريکائون ڏسي انهن ۾ پنهنجي قسمت جا چارا ڳولينندو هو۽!

هٿ لڪيرن ۾ ڪيس منجهيل سُٽ جهڙيون ليڪون ائين منجهائي وجهنديون هيون جڙ سندس ذهن تي چڙهيل ڪوريڙي وارو ڄار هٿ تريءَ تي لهي آيو هجي۽!؟؟

ڦپوءِ سڄو ڏوهه انهن هٿن کي ڏيڻ لڳندو هو جتان قسمت جون لڪيرون ڦٽي نڪرنديون هيون۽!!؟؟

ڪنهن نفسياتي مريض وانگي گهٽين ڪوششن باوجود به هو پنهنجي ضمير ڇ اندر جي انسان کي مطمعين ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويو هو۽؟!

مطمعين ضمير کي ڪيئن ٿي ڪري سگهيو۽ جو هڪ بيگناهه چوڪري کي انصاف ڏيارينديءَ هن پوري خاندان جي قرباني ڏيئي چڏي هئي ڇ هاڻي هو خود هڪ اهڙو مظلوم ٿي پيو هو جو ڪيس انصاف ڏيارڻ لاءِ ڪنهن ايماندار جج جي ضرورت ٿي محسوس ڪيائين۽!؟

۽ ڇ زندگيءَ ۾ شراب کان نفرت ڪندڙ نعيم صاحب کي سوچن جي گهمنڊ مان چونڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ اڄ شراب جو سهارو به ونڊو

پئجي ويو هو...! مٺخاني طرف ويندي کيس پنهنجي سڃي حيثيت، عزت ۽ شهريت ياد به نه رهي هئي...!

اڄ مٺخاني ۾ هن گهري پيتو هو...؟!

نوهه جهڙو کارو پاڻي، پهرين ته نڙي کي بليڊ وانگي چيرينديِ آندن تائين پهتو هو...! پر ٿورڙي دير کانپوءِ سندس دماغ تان غمن جا جبل هلکا ٿيندا ويا ۽ هلکو هلکو سرور محسوس ڪيائين.....!

ڪجهه دير کانپوءِ سندس ذهن پريشانين کان آجو ٿي چڪو هو ۽ بدن تان وڏو بار لهڻ کانپوءِ پاڻ کي ڪافي فريش محسوس ڪيائين...!

غمن جي جاءِ مسرتون والارڻ لڳيون ۽ هو پراسرار لذتن جي خمار ۾ جهومي اٿيو...!؟

هڏل هڏل يادگيرين ۾ سوچيو هئائين ته

"جنهن سکون جي تلاش ۾ مان صدين کان پٽڪندو رهيو هئس، اهو ته سالن کان وٺي مٺخاني ۾ منهنجو انتظار ڪندو رهيو هو...؟؟"

۽ جامن هٿان جام آچيندڙ شرابي نيٽن واري الهڙ جوان چوڪريءَ جي نيٽن ۾ نهاريندي ڪنهن عرصي کانپوءِ هو اهڙي مرڪ مرڪي رهيو هو جهڙي هن پهريون دفعو شهناز جي نيٽن ۾ نهارڻ وقت مرڪي هئي...؟

جنهن کي زندگيءَ ۾ ڪوبه دلي دوست نه ملیو هو تنهن کي هتي ڪلاڪن ۾ ڪيئي اهڙا همدرد ملي ويا، جڙ سندس ننڊپڻ جا دوست هجن...؟

هاڻي هو شراب کي امرت سمجهي اندر ۾ اوتي رهيو هو ۽ سندس رڳ رڳ ۾ انگڙايون مستي ڪرڻ لڳيون هيون...!

هن کي هاڻي زندگي شراب جي جام ۾ چلڪندي محسوس ٿي هئي، ڪيس ڪابه پريشاني ....!

ڪابه ياد، باقي نه رهي هئي.....؟!

شراب جي لذتن ۾ هو پنهنجي پياري سپنا کي به وساري وينو هو...

"سپنا.....!" جنهن کي نه فقط پيءُ وانگي، بلڪ ماءُ وانگي پاليو هئائين.....؟

"سپنا.....!" جيڪا پيءُ کان جدا ٿي وقت کان اڳ مرجهائيجي ويل گلاب وانگي مايوس ٿي ويندي هئي...؟؟ ۽ دير اچڻ تي در کولي انتظار ڪندي هئس...!

"شايد! اڄ سپنا جي نيٽن سان گڏ گهر جا دروازا ۽ پاپا جي انتظار ۾ گليائي رهجي وڃن....؟!

ها....اڄ سنڌس پاپا پنهنجي وس ۾ ئي ڪٽي هو جو ڪيس گهر جو در ۾ سپنا جا اوسيئڙي ۾ ڪليل نيٽ ياد پون ها..!؟؟

شراب جي نشي جا ڪيپ نعيم صاحب جي حواسن تي مڪمل چانئجي ويا هئا.... ۾ ڪيس زندگي جون سيئي حقيقتون وسري ويون هيون...؟؟

نہ ياد رهيس تہ ڪڏهن هو هن ئي لاهور جو نامور جج هو.....؟؟

نہ اهو سوچيائين تہ عوام ڪيس ڪيڏي احترام سان ياد ٿي ڪري!

نہ ڏٺائين تہ سياست ۾ سنڌس ڪيڏو اوچو مقام آهي!

سيني ڳالهين کان لاپرواهہ نعيم اڄ ڪجهہ سرمائيدار پيالي پياڪن سان گڏ ٽڙندڙ قدمن سان هيرامنڊيءَ کان اڇي نڪتو هو...؟؟!!

"هيرا منڊي...!" جتي نقلي سڪون نوٽن تي وڪامي ٿو...؟!

اها هيرامنڊي، جتي سونهن نوٽن جي بستري تي اگهاڙي سمهيو پوي...!!

اها هيرا منڊي جتي مرڪن جون بجليون جسمن ۾ ڪرنٽ اپارين ٿيون...!

اها هيرامنڊي جتي نو لکي هار جي حقدار ڳچين ۾ بي سرن ماٺهن جون وحشي ٻانهون ڳرائڙيون پائن...!!؟

اڄ نعيم جهڙي معزز هستي ۽ ان بازار ۾ اڇي نڪتي، جتي وئشيا ۽ معزز جي جسمن جي عزت هڪجهڙي معنيٰ رکندي هجي...!؟؟

.....سڄو ڪوٺو روم اسپري جي مدّم پرفيوم سان واسيو پيو هو.

فرش تي سائي رنگ جا نرم ملائم قالين وڇايل.....!

ننڊڙي ڪوٺي جي ديوارن پرسان ڳاڙها گول ويهاٽا پيل...!

وچ ۾ ڪجهہ شيشي جا گلاس ۽ ۽ ولايتي بوتلون پيل.....!

ڪمرو هلڪي روشنيءَ ۾ سڪون ۽ آرام آڇي رهيو هو.....!؟

ٻيهر بوتلن جا ڍڪ ڪلي پيا ... ۽ گلاسن ۾ شراب مدّر موسيقي جي آواز وانگي اوتجي ويو...!

هاٿي شباب جي نازڪ هٿن ۾ شراب جا جام هئا...!

رهيل هوش اڏامڻ لڳا هئا..!؟

جڏهن نشي جي ڳوراڻ ۾ اکين جا چپر ڳرا ٿيا ۽ ڪنهن ڪي به پاڻ سنياليڻ جو هوش باقي نه بچيو هو تڏهن سازن جا سر زندگي ۾ راڳڻيون پرڻ لڳا هئا.....!

نرم قالين مٿي، نفيس قدمن جي حرڪت سان پيدا ٿيندڙ گهنگهروئن جي ڇن ڇن ...موسيقي تي مدهوش ڪندڙ لڏندا رهيا هئا.....

نوٽن جي گهاٽي برسات محفل ۾ تهائين ولولو پيدا ڪرڻ لڳي هئي ۽ انگن ۾ انگڙايون چڙهنديون رهيون.....

هجتون پنهنجائپ ۽ گهرائپ جي احساس ۾ بدلبٽيون رهيون ۽ رات جا پوياڙي پهر نرندا نيٽن ۾ ڳهر اوتيندا رهيا.....

آهستي آهستي سازن جا آواز مدم ٿيندي ٿيندي خاموش ٿي ويا.....!

رات جا آخري لمحا..... ڳرا ڳرا نيڻ.....!!؟

ريشمي ڪپرن جي سر سر.....!!؟

پاڪرن ۾ گرم جسمن جي سرور بخشيندڙ لمس.....!؟

اوٽل، پٽل چپن جا چسڪا..... اکڙين جون روحن سان ڳالهيون.....

آگرين جي جسمن سان حرڪت.....!؟ ۽ اوچتا درياءَ جا سمنڊ ۾ چوڙ .....؟

۽ پوءِ سرد خاني ۾ پيل لاش جهڙا، شرابين جا بي سودا جسم.....!!؟

..... صبح الائي ڪيئن ٿيو ڪابه خبر نه رهي.....!؟

جيئن ئي نعيم صاحب ننڊ مان پنهنجا ڳرا ڳرا نيڻ کنيا ته چرڪي پيو.....؟؟!

هن پنهنجو اگهاڙو وجود ڳورين ٻانهن جي قيد ۾ ويڙهيل ڏٺو. سڄي رات جي اوجاڳيل نازنين ايڏا تائين گهري ننڊ ۾ سندس ڇاتيءَ تي اونڌي منهن ستل هئي.....!!؟؟

هن اتان جلدي فرار ٿيڻ ٿي چاهيو

جيئن ئي بدن تي ويڙهيل ڳورين ٻانهن جا پاڪر کولي ڪيس سڌو ڪيائين ته ٻيهر بدن لڏي ويس.....!!؟ بي اختيار زبان مان نڪري ويس لفظ "جبين تون هتي.....!!؟؟!"

نعيم صاحب جي تکن لفظن جبين کي ڪچڙي ننڊ مان جاڳائي وڏو.....!

هن هڪ ڏگهي اوباسي ڏيندي ٻنهي هٿن سان چنبيلي ٽاهي ڪياڙي کان ڏيندي ٻنهي ٻانهن جي ڪمان ٽاهيندي آرس پيڙ لاءِ ائين

نانگ وانگي وٽ کاڏو جو سندس چاتي جو اپار نعيم صاحب جي منهن کي چهڻ لڳو هو....!!

صفا ائين....! جيئن ننڍڙو ٻار ننڊ جي بستري تان اٿڻ ۾ سستي ڪندو آهي....؟

هن پنهنجي اڌ اگهاڙين ننگن کي قالين تان سوڙهو ڪندي پوئتي سيريو ته پيرن ۾ هڏل گهنگهروئن جا چمڪا سوڙهي ڪوني ۾ پڙا ڏڃڻ لڳا.... ۽ هڪدم نعيم جون حيران پريشان نظرون وڃي جبين جي نازڪ پيرن تي جمي ويون، جنهن کي وقت پيرن ۾ گهنگهرو پارائي چڏيا هئا....؟

نعيم صاحب حيران نظرن ساڻ ڏسندو رهيو ۽ جبين پراعتماد نموني ائين گهنگهروئن جا بيلٽ کولڻ لڳي هئي، جڏ هوءَ پنهنجي استاد جي سامهون ويڙل هجي....؟ جنهن کيس پيرن ۾ گهنگهرو پائڻ ۽ محفل ۾ نچڻ جي سکيا ڏني هئي....!

کيس نعيم صاحب جي حيرانگي تي ڪابه پريشاني نه هئي....!

سڄي راتوڪي ڪارروائي تي هڪ طرف نعيم صاحب اندر ۾ پاڻ کي ملامتون ڪري رهيو هو ته ٻي طرف جبين ائين مطمئن نظر ٿي آئي، جڏ رات ڪجهه به نه ٿيو هجي....!؟

نعيم صاحب جي اندر ۾ وڏ پوڙ لڳا، کيس جبين جي هن روپ ته صفا چرڪائي چڏيو هو....!

هو جبين ڏانهن سڌيون نظرون کٽي نه ٿي ڏسي سگهيو ۽ بار بار چور نظرن سان کيس گهورندو ۽ اندر ۾ تڙپندو ئي رهيو....!؟

هن کي پهريون پيرو احساس ٿيو هو ته اڄ سندس ئي غيرت هيرامنڊيءَ جي زينت ٻڌيل آهي....؟ ۽ پاڻ کي پهريون ئي پيرو هيرامنڊيءَ جو هيرو سمجهيو هئائين....!!؟

سندس منهن جو پنو ڪڏهن نڪر لهي چڪو هو.... چهري جا رنگ ۽ عڪس تيزي سان بدلجي رهيا هئا....!؟

ڪڏهن هڏبو.... ڪڏهن زرد....!!؟

ڪڏهن حيرتيه.... ڪڏهن سوالیه....!!؟؟

۽ ڪڏهن نه سمجهه ۾ ايندڙ نشانيون نهي ٿي پيون.

جبين گهنگهرو کولي فارغ ٿئي ٿي، سندس چهري جا بدلجندڙ عڪس ڏسندي هڪ پيشورانه مرڪ چپن تي آڻيندي سوال ٿي ڪري،

"نعيم صاحب ڪيئن لڳو منهنجو اڇوکو ڪردار....؟؟"

کيس ڇڙ ته لپات وهائي ڪيي هئائين... جبين جي ان ڏنول تي پچتاءَ ۽ شرم وچان ڪنڌ ٻي طرف ڦيري چڌيائين...!!

"نعيم صاحب ...؟"

جبين جو گرم شيهي جهڙو تکو آواز ڪنن ۾ زهر جيان لڳيس ٿو...؟!

۽ هن جو بدن سڪرات ۾ ٻيل جسم وانگي وڏي هڇڪي پري لڏي ٿو وڃي...؟!

جبين جي لهجي ۾ ڪوبہ پچتاءَ... ڪوبہ ڏک نظر نٿو اچيس ...!!؟

هن جي آواز مان ڪيس اوپرائپ... ڪوڪلائپ... ۽ صرف اڻهرائي محسوس ٿئي ٿي...

نعيم صاحب، نماٽا نيڙ ڪٽي جبين جي اکين ۾ ڏسي ٿو...؟

اهي اکيون، جن ۾ شرميلا احساس هوندا هئا...!

اهي اکيون، جن ۾ پنهنجائپ جي وڏي ڇڪ هوندي هئي...!

اهي اکيون جيڪي هن لاءِ هميشہ التجا ٻٽيل رهنديون هيون...!

ليڪن اڄ انهن اکين جو جهان بدليل نظر آيو هئس...!

اڄ سندس اکڙين جي چمڪ ۾ ڪشش ضروري هئي، پر ٻي طرف جي ...!؟

اها جبين، جنهن کي ميڪ اپ جي نالي کان بہ نفرت هوندي هئي پر اڄ سندس سڄو چهرو ميڪ اپ جي تهن ۾ راڳيو پيو هو...

نعيم کي ننڍي هوندي وارا جبين جا اهي ڳل ياد پيا هئا، جيڪي ڪڏهن ميڪ اپ جو ذائقو نہ چکڻ باوجود ماڪ ڦڙن مان وهنجي نڪتل گلابن جهڙا تازا توانا هوندا هئا...!

ياد آيس هڪ پيري جي ڳالهہ...

ڪلاس جي ڪنهن فري پيريڊ ۾ سليٽ تي ٻڙيون ڪيي منهن منهن ۾ گڏي گهرڙن راند کيڏندي هن اوچتو جبين جي نرم ڳلن کي چمي ورتو هو...!؟

ڪيڏي مٺاس هئي جبين جي ڳلن ۾...!؟؟

۽ ان اوچتي حرڪت جبين کي ڪاوڙائي وڌو هو...!؟

ڪاوڙ مان سليٽ تي ٽڪيندي سيئي ٻڙيون ڌاهي چڌيون هئائين...!؟

منهن سڄائي دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳي هئي...!

ڪيڏيون نہ منٽون ۾ عازيون ڪري پرچايو هئائينس....!؟

ان کانپوءِ ٻيهر اهي ڳل چمڙ جون حسرتون ور ور ڏيئي سندس من ۾ لهريون پيدا ڪنديون رهيون هيون....! پر جبين جي وري رسي پوڙ واري خوف کيس ٻيهر ڳلن جا منا ڏائقا چکڻ جيتري جرئت ڪرڻ نٿي ڏني.

هڪ طويل عرصي کانپوءِ راتوڪي رات اهي ساڳيا ڳل سندس جهوليءَ ۾ ستا هئا....!

مدهوشيءِ وچان هن اهي ڳل الائي ڪيترا پيرا چميا هئا ....؟

پر ڏائقو سجاڻڙ وارو هوش کيس ڪونہ رهيو هو....!

سدائين ماڪ ۾ وهنتل گلڙن جهڙي ڳلڙن مان، اها تازگي کيس محسوس ئي ڪونہ ٿي سگهي هئي....!

" نہ....! هيءَ اها جبين نٿي ٿي سگهي....!؟"

"هي منهنجي جبين ناهي..... هي ..... نہ نہ ..... !!؟؟"

هن بي خياليءَ مان نهڪر ۾ ڪنڌ ڏونڙڻ شروع ڪيو تہ جبين کيس ٻانهن مان ڏوندڙيندي هوش ۾ آڻي وڏو هو.

ٻيهر هو ڪن سوچن ۾ ويڃائجي ويو....!!؟

"انسان جا خبر ناهي گهڻا جنم هوندا....؟!

شايد هي جبين جو ٻيو جنم آهي، جنهن ۾ کيس سدا سهاڳڻ بڻجڻو هو.

پهرين جنم ۾ جبين فقط منهنجي هئي....! معصوم..... نازڪ ۽ نفيس جبين....! جنهن سان منهنجي روح جا رشتا هئا.....

هن کي منهنجي شريڪ حيات بڻجي زندگي جون لذتون شيئرز ڪرڻيون هيون، ليڪن قسمت ڪجهہ ٻيو ڪري ڏيکاريو هو ۽ هاڻي هو هيرا منڊيءَ جي هڪ ڏنڏوڙي عورت آهي.

پر..... پر هن ڏنڏوڙي جبين سان منهنجو ڪهڙو رشتو ٿي سگهي ٿو.....؟؟!"

"نعيم صاحب....!" جبين جو ڳورو آواز سندس سوچن کي توڙي ڇڏي ٿو.

"نعيم صاحب! ڏينهن جو وقت هن ڪوٺي ۾ ويهي سوچڻ جو نہ هوندو آهي.....!؟"

" مون کي خبر آهي تہ مون کي هتي ڏسي، توهان کيتريقدر پريشان آهيو.....؟"

"پر جيئن اڄ توهان جهڙي شريف انسان کي ٻه ڪي مجبوريون هتي گهلي آيون آهن، تيئن مون جهڙي بدنصيب عورت جو ٻه هتي پهچڻ ڪوئي تعجب جهڙو سوال ناهي....!؟"

"نہ.... نہ نہ.... منهنجو توسان ڪوبہ واسطو ناهي....! منهنجي.... منهنجي جبين ....

مري چڪي آهي.... تون ..... تون .....!!؟؟؟"

هو چرين وانگي بوکلائجي ترين جي زور تي پوئتي هٽندي ڇڻ ڏڇي پڇڻ جا سعيا ڪري رهيو هو....!؟

"مان..... مان سڪون جي تلاش ۾ پتڪندڙ مسافر آهيان.... پر پر سڪون تہ خود منهنجي مقدر کان ئي پتڪي ويو آهي....!!؟؟"

"هوش ڪريو نعيم صاحب، هوش ڪريو...."

جبين خود بوکلائجي کيس هوش ۾ آڻڻ لاءِ ايلاز ڪرڻ لڳي هئي....

"نعيم صاحب! مان هڪ حقيقت آهيان ۽ حقيقت کان منهن موڙڻ ٻه بيوقوفي آهي....!"

" نہ نہ! منهنجو تو سان ڪوبہ رشتو ناهي..... مون کي وڃڻ ڏي....!"

"نعيم صاحب! آئون توسان ڪوبہ رشتو جوڙڻ نٿي چاهيان....!"

"منهنجا تہ سمورا رشتا، ڳوٺ جي ڪچي رستي جي ڏوڙ ۾ مُٺ مان چڏائجي ويل ان آڏئي مثل هئا، جن کي پاڻ گڏجي ڏاڏو ڳوليو پر ڪونہ لڌا هئا....!؟"

"توهان کان ڪابہ همدردي جي خيرات نٿي گهران....!"

"توهان شهر جا شهريت يافتہ شريف انسان ۽ مان بازار حسن جي جسم فروش هڪ ڪميٽي عورت آهيان....؟!"

"نعيم صاحب! خبر اٿم توهان ايترا ڏکايل آهيو جو وڌيڪ ڪوبہ ڏک پهچائڻ نٿي چاهيان....!"

..... ۽ ڪن پل ۾ ئي جبين جي چپن تي رقص ڪندڙ ڏندوڙي مرڪ ، حقيقي سڏڪن ۾ تبديل ٿي ويئي....!؟

هوءَ گوڏن ۾ منهن لڪائي سڏڪا پري روئڻ لڳي....!

سڏڪن ۾ جبين جو ننڍپڻ وارو درد ۽ اهائي پنهنجائپ موٽي آيس، جيڪا وقت جي ستم ظريفي ۾ وڃائجي وئي هئي.

هوءَ روئي رهي هئي ۽ سڏڪن کي روڪي روڪي چئي رهي هئي....

"نعيم "..... نعيم صاحب .... منهنجو تو سان ڪوبہ رشتو ناهي....!"

منهنجا سپ ... سپ رشتيدار مري ويا آهن.... ۽ مان.... مان هڪ چڪلي جي اها رنڊي آهيان، جيڪا.... جيڪا ڪيترين بيچين دلين کي سکون بخشي ۽ پاڻ هميشه لاءِ بيچين ٿي ويندي آهي....!!؟"

"ان رنڊي مثل آهيان.... جيڪا.... جيڪا پنهنجي جوبن شباب عيوض دنيا جون بيچينيون پنهنجي جهوليءَ ۾ پري.... گهاڻي جا سوداءِ ٻولي ڪٽندي آهي....!!؟"

"ها نعيم صاحب.... ها نعيم.... مان بيغيرت وٺشيا.... بي ضمير عورت ۽ .... ۽ ناقابل رحم عورت آهيانءِ نعيم صاحب....!"

"مان ڪنهن بہ رشتي ....! ڪنهن بہ عزت لائق ناهيان...."

هوءَ ٻيهر سڏڪن جي طوفان ۾ لڙڪن جي سيلاب ۾ مسلسل سڏڪي نعيم صاحب جي دل جي ڪچين ديوارن ۾ ڌار وجهي ٿي ڇڏي....!!

۽ سندس پيڙائن جي آلاپ ۾ نعيم صاحب جي نيٽن جا ڇپر ائين ڇلڪي پون ٿا، جيئن سمنڊ ڪناري مسڪين مهاڻي جي ککاوين جهوپڙي طوفان ۾ غير محفوظ ٻڌجي ويندي آهي...؟؟!!

هو بي اختيار جبين کي پنهنجي ٻانهن ۾ پري وٺي ٿو ۽ پوءِ ٻئي هڪ ٻئي جي ڪلهن تي ڪنڌ رکي سڏڪندا، هڇڪيون پريندا، ائين ياڪرن ۾ هڪ ٻئي کي مضبوطي سان قيد ڪري ٿا وٽن ڇڙ ڪين ٻيهر ڇهڙ جو خوف هجي....!!؟؟

هڪ ٻئي جي ياڪرن ۾ هو ايترو رنا جو ٻنهي جا سينا سڏڪن جي بار کان هلڪا ٿي وياءِ نيٽن جي سموري ڇهر.... ٽڪ ۽ اوپراٽ جا سمورا احساس لڙڪن جي ٻوڏ ۾ ٻڏي ويا....

ائين ڇڙ ورهين اڳ جبين جي مٽ مان رستي جي ڏوڙ ۾ وڃايل آڏيو ڪيس لپي پيو هجي....!؟

ڇڙ وڃايل رشتا لپي پيا....!؟

پٽڪندڙ روحن کي ڪائي شانتي ملي ويئي...!؟

۽ پوءِ ٻنهي جا ڪنڌ هڪ ٻئي آڏو ائين جهڪي پيا هڻا ڇڙ تہ هو ٻئي هڪٻئي جي ڏکن جا ميارِي هڻا....!!؟"

پوءِ ڪجهہ گهڙين لاءِ ائين ڪوٽي ۾ منڙي ماڻ چانڀجي ويئي....

جبين جهڪيل ڪنڌ سان پريشانيءَ وچان قالين جي پشم کي آڱريءَ تي ويڙهيندي ڏيمي ۽ ٻڏل آواز سان ڳالهايو....

"نعيما! توهان سوچيندا هوندؤ ته آئون هت ڪيئن پهتيس...؟؟"

نعيم پنهنجي اندر جو آواز جبين جي زبان تي ٻڌي حيران نظرن سان جبين جي ڪوماڻل چهري کي گهورڻ لڳو...!

"ها نعيم صاحب!" جبين اتان ئي ڳالهايو..

"جيئن اڄ توهان پهريون پيرو هن گناهن جي منڊيءَ ۾ مون کي ڏسي پريشان آهيو...؟ تيئن آئون به پنهنجي تقدير جو هيرا منڊيءَ وارو پيانڪ ڪيل ڏسي حيران ضرور ٿي هئس...!! پر نعيم صاحب، پوءِ مون سپ ڪجهه قسمت جو ليک سمجهي ماڻ اختيار ڪري ورتي...؟؟"

"پر جبين! جيڪي ماڻهو لڪير جا فقير ٿي قسمت تي پاڙي ويهي رهندا آهن تن کي ڪڏهن به هن سماج ناهي قبوليو...!"

تقدير جون تدبيرون سوچ سان نه پر ڪردار ۽ عمل سان تبديل ٿيندیون آهن...!؟"

"ها پر نعيما! هڪ ڪمزور عورت ته صرف قسمت تي ئي پاڙي سگهي ٿي نه ...!!؟"

"توهان ئي ٻڌايوته جيڪڏهن قسمت تي نه پاڙيان هڻا ته باقي ڪهڙي رشتي تي پاڙيان ها...؟؟"

"مون کي ته توهان به ٺڪرائي چڏيو...؟ جنهن نانءَ تي هن احمق دل کي وڏو ناز هو...!؟"

"مون کي ته منهنجي ان جيون ساڻي به خوب ذليل ڪيو جنهن جي جهول ۾ مون تو لاءِ سانديِ رکيل سپ امانتون وجائي چڏيون...!!؟"

" مون کي ته منهنجي نيڪ مسلماني روح رکندڙ پيءَ به گهر ۾ اهو چئي نه قبوليو ته مسلمان گهٽو وقت پنهنجي لائيق نياڻي کي گهر ۾ نڻو ويهاري سگهي ۽ عورت جو اصل گهر سندس مڙس وارو گهر هوندو آهي...!!؟"

جبين جي چاتي، روح ۽ اکيون هڪ ئي وقت ڀرجي آيون...!

"پر جبين ! هڪ نيڪ مسلمان جي جواڻ ڌيءَ گهر ۾ ويهڻ بجاءِ جيڪڏهن بازار حسن ۾ پنهنجو مقدس حسن وڪڻندي هجي ته اهڙي نيڪ مسلمان جي پنهنجي رب وٽ ڪهڙي مسلماني رهندي...!؟" "اهو رب جيڪو پنهنجي مخلوق سان ماءِ کان به وڌيڪ پيار ڪندو هجي...!؟"

نعيم جي نرڙ تي نفرت جون ليکون ايري اچن ٿيون ۽ هو جذباتي ٿيڻ لڳي ٿو...

جبين جي اندر مان پڙڪو ڏيئي ائيل سڏڪو ڪنڀ پکيءَ وانگي ڦٽڪي دم ٽوڙي ڇڏي ٿو.

ڪوٺي ۾ ٻيهر خاموشيءَ جو راج قائم ٿي وڃي ٿو. ان خاموشيءَ ۾ نعيم جي واڇ جو سيڪنڊ ڪانٽو صاف آواز ۾ ٽڪ ٽڪ ڪندو رهي ٿو.

"نعيم....!" جبين ڳالهين جي سلسلي کي جوڙيندي ڳالهايو....!

"منهنجو مڙس دراصل هڪ ملڪ دشمن ايجنسيءَ جو ايجنٽ آهي....!"

" چا ....!!؟؟" نعيم چرکي ڏانهنس ڏٺو.

"ها اها حقيقت آهي."

"هو هر وقت خوش لباس ۾ پاڻ کي شريف انسان ٻڌائي پيش ڪندو آهي.....؟"

" پر دراصل هو ضمير فروش، بيغيرت انسان اٿو....!"

"اها ڳالهه به مون کي بعد ۾ ٻڌائي هئائين ته هن منهنجي رشتي عيوض بابا وارن کي تمام ڳري رقم ڏني هئي...!"

" مون کي ان ڪري به هن جي ڳالهه سچي لڳي هئي جو جڏهن منهنجي ساٽس مگٽي جي رسم ادا ڪندي مون کي هن سوني منڊي پارائي هئي، تڏهن بابا ڳوٺ جي پر ۾ ۴۰ ايڪڙ پلي زمين خريد ڪئي هئي...!!"

"خالد حسين نالو سڏرائي ٿو....!"

منهنجي جڏهن کان ساٽس مگٽي ٿي، تڏهن کان گهورارا ضرورت کان گهر ۾ وڌيڪ شادمانا رچائي رهيا هئا.....!"

"اڪثر امي اچي چوندي هئي ته ڏيءَ تنهنجو نصيب موچارو ٿيو آهي....!"

"تون اتي ڏاڍي سکي گذاريندئين....؟!"

تنهنجو مگيندو ڪروڙ پتي آهي...؟ چڙهڻ لاءِ ڪار ۽ رهڻ لاءِ بنگلو ملندئي....!؟""

"ڀ نعيم، سچ ته تن ڏينهن تون مون کي ڏاڍو ياد ايندو هئين...!؟"

"الائي چو؟ اهي سموريون لالچون مون کي وحشت جي روپ ۾ نظر آيون هيون.....!؟"

شايد ان ڪري جو مون اسڪول جي زماني کان وٽي پنهنجو سپ ڪجهه صرف تنهنجي نانءَ ڪري ڇڏيو هو.....!"

"ءِ ..... ءِ سموريون مقدس امانتون صرف تو لاءِ سنيالي رکيون هئم.....!"

" ءِ نعيم! اهي پويتر سوچون ءِ معصوم جذبا جي مون تولاءِ وقف کيا هئا. سي مون کي ايترو ئي پيارا لڳندا هئا. جيترو کائي ڪنواري نينگري پنهنجي ٽيندڙ ور لاءِ سنهڙي سئي سان نازڪ اڳريون زخمي ڪري ريشمي رومال تي پرت تانڪي ان سان پنهنجو ڪنوارو پيار واڳي ويهندي آهي.....!!؟؟"

ءِ هوءَ ٻيهر روئڻ ۾ ڇڪي ٿي..... ءِ نعيم پنهنجي لڙکن کي روڪي نٿو سگهي.....؟!"

"پوءِ منهنجي شادي ٿي ويئي.....!" جبين لڙڪ اگهندي ٻيهر قصو شروع ڪيو.

"ان ڏينهن شام جو جنهن بنگلي وٽ مون کي ڇڏي ويو هئين، انهيءَ بنگلي تي شام جو شادي واري ڏينهن پنهنجي زوري ٽاڦيل مڙس سان گڏجي آئي هيس.....!"

"بنگلي کي تالو ڏسي حيرت ٿي هئم.....!" هن گاڏي مان لهي مين گيٽ وارو وڏو تالو کوليو ءِ آئون خاموشي سان اهو سپ لقاءَ ڏسندي رهيس.....!! ءِ اندر داخل ٿيندي اجائي خوف ۾ دل ڏڙکي هئم.....!؟

بنگلو زبردست ڊيڪوريٽ ٿيل هو..... صرف ڪنهن عورت جي ڪمي هئي. جا هاٿي پوري ٿي ويئي هئي.....!

جبين ٻيهر وڏو ساهه کڻي اندر جو غبار هوائن ۾ اڇلائي ڇڏيو.....

خالد حسين ڏسڻ ۾ هڪ خوبصورت نوجوان هو (قصو جاري رکندي چيائين) سوچيو هئم ته هو منهنجو مقدر ٿي آيو آهي ءِ شايد سندس قدمن ۾ منهنجي زندگي سٽي گذري وڃي.....!؟"

هو مون کي هڪ سينگاريل ڪمري ۾ ڇڏي باهر نڪري ويو.....!

اڌ رات تائين جاڳندي انتظارن ۾ لڇندي مون وڏا پور پچايا هئا.....!

سوچيم هن جي پيار جي گهرائي ۾ منهنجون سپ اکيلايون هليون ويندیون.....! ءِ اسين ٻئي پيار جي نشي ۾ ايترو وڃائجي ويناسين جو دنيا جو ڪوئي هوش باقي نه رهندو.....!؟

پر منهنجا اها سپنا سجايا نه ٿي سگهيا.....!

سڄي رات جي انتظار کانپوءِ هو رات جي پچاڙڪي پهر ۾ ڪمري اندر داخل ٿيو.

مون شرم وچان گھونگھٽ ٺاهي ورتو.

پر هن نہ تہ منهنجو سهاڳ رات گھونگھٽ کوليو ۽ نہ ئي اهو پڇيائين تہ سڄي رات ڪنهن جي راهن ۾ نيڻ وڇايو ويٺي آهين...!!؟؟

لاپرواهي سان الماڙي طرف وڌي ويو.

الماڙيءَ مان وائرليس سيٽ ڪڍي بجلي جي هاف پوائنٽ ۾ ڪلپ لڳائي نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ٻوليءَ ۾ الائي ڪنهن سان، الائي ڪيترو وقت الائي ڪهڙيون ڳالهيون ڪندو رهيو...!!؟؟

فارغ ٿيڻ کانپوءِ ڊاڍي اوپرائپ سان منهنجي ويجهو اچي چيائين، "جبين صاحبا! توهان بہ ٽڪل هوندؤ ۽ مان بہ گھٽو ٽڪجي چڪو آهيان... ان ڪري توهان آرام ڪريو ۽ مان پنهنجي ڪمري ۾ وڃي آرام ٿو ڪريان... باقي خبرون صبح جو ڪنداسين...!!؟؟"

ان ڳجهارت مون کي هيڪاڻي پريشان ڪري وڌو هو...!؟

سوچيو هئم تہ شايد موت سان لاڻئون لڏيون اٿم...؟!

شادي جي پهرين رات ڪيڏي عظيم هوندي آهي، نعيم...؟

ان رات جو قدر ان عورت کي ئي هوندو جنهن سپنن جي شهزادي سان سهاڳ رات سيج تي گوڏو گڏي اکڙين ۾ ڪاڻي هوندي...!!

۽ مون جهڙيون بدنصيب عورتون تہ سهاڳ رات کي صرف زندگيءَ جي طويل اذيتناڪ رات ئي سمجهن ٿيون...!!؟؟

ها نعيم! اهو نہ ڇ تہ اها رات ڪيئن گذري...؟؟

پر بس! نيٽ تہ گذرٽي هئي نہ...؟ سو آخر گذري ويئي.

صبح سوير هو منهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيو... ۽ آئون ڪنهن نئين امتحان لاءِ تيار ٿي ويس...!

مون کان نئين ڪنوار هجڻ وارو احساس رات ئي پراسراريت ۾ موڪلائي ويو هو...!

جڻ ڪنهن طلسماتي محل ۾ قاسي پيئي هيس...؟؟!

جتي رڳو خوف... رڳو تجسس ... ۽ رڳو پريشانيون هيون...!!

هو مون سان گڏ ويهڻ بجاءِ پر واري صوفہ تي ويهي رهيو ۽ پوءِ سندس گفتگو مون کي وڌيڪ اذيتن ۾ آڻي ڇڏيو هو...!؟

چيائين"جبين صاحبا! توهان يقينن حيران هوندؤ تہ مان ڪهڙي قسم جو مڙس آهيان...؟ جو شاديءَ جي پهرين رات ڪنوار کان ڏار گذاريم...؟؟

"دراصل مون کي فضول ڳالهائڻ جو نه ته سبق مليل آهي ۽ نه ئي فضول ڳالهائڻ جو شوق اٿم...

چو ته اسان وٽ هڪ هڪ گهڙي وڏي قيمتي هوندي آهي...."

"مقصد جي ڳالهه کي غور سان ٻڌجانءِ، چو ته مون کي ڳالهه ڏهرائڻ ناهي ايندي...!"

"حقيقتن تون منهنجي زال نه پر منهنجي هڪ دوست ٿي ڪم ڪندئين...؟؟"

"تون منهنجي لاءِ ڪهڙا ويچار ٿي رکين ان سان منهنجو ڪوبه سروڪار ناهي...!"

"مان توهان کي اهو ٻڌائيندي ڪوئي شرم محسوس نٿو ڪريان ته مان مرد ناهيان...؟!"

"ها منهنجي مردانگي ان ڏينهن ختم ڪئي وئي هئي جڏهن پنهنجي ٽريننگ مڪمل ڪري انتهائي خفيه مشن تي پنهنجي ملڪ کان پاڪستان فلائيٽ ڪرٽي پيئي...!"

مان پنهنجي ملڪ جي هڪ خفيه ايجنسي جو ڪارڪن آهيان ۽ هن ملڪ جا هڙئي خفيه راز پنهنجي اداري تائين بنا دير جي پهچائڻ منهنجي فرضن ۾ شامل آهي."

"مون کي زال جي ضرورت ڪڏهن به نه پوندي جو ان حيثيت کي پنهنجي وطن خاطر قربان ڪري چڪو آهيان...؟"

"مون کي صرف توجهڙي هڪ خوبصورت ڇوڪري جي ضرورت هئي، جيڪا مون کي پنهنجي خفيه مشن ۾ معاون ثابت ٿي سگهي...؟!"

"ان لاءِ مون توکي ايڏي وڏي قيمت سان حاصل ڪيو آهي، جو تون واپس وڃڻ بہ چاهين ته تنهنجا والدين توکي هڪ پل بہ بيهڻ نه ڏيندا."

"مان جيڪڏهن چاهيان ته تو کان هر ڪم تشدد وسيلي وٺي سگهان ٿو پر اسان کي سيڪاريو ويو آهي ته لٽ ڪٽڻ کان پهرين قرب کان ڪم وٺڻ گهرجي...."

"۽ ها! جنهن ديده دليري سان مون توکي سپ ڪجهه بنا خوف جي پهرين ڏينهن ٻڌائي ڇڏيو آهي، انهيءَ طرح پنهنجي رازن جي حفاظت بہ ڪري ڄاڻان ٿو."

"اگر ڪٽي راز فاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيئي ته...؟!"

پر خالد صاحب توهان جو ڪم ته ڏاڍو ڏکيو آهي. ان لاءِ ته توهان کي شهر جي ڪنهن چالاڪ چوڪريءَ جي مدد وٺڻ گهرجي ها...؟!" مون ڏکندڙ لهجي ۾ پهريون پيرو ساٿس ڪجهه ڳالهائڻ جي جرئت ڪئي.

موٽ ۾ هن جو دهشتناڪ آواز منهنجو ڪمزور جسم ۾ ڏڪٽي پيدا ڪري ويو...!

"جبين! مان ڪوبه التو سڏو سوال ٻڌڻ جو عادي ناهيان...!"

"مان ضروري سمجهان ها ته شهر جون هزارين چالاڪ چوڪريون خريد ڪري پنهنجي منشا موجب انهن کان ڪم وٺي پي سگهيس. پر مون کي هن مشن ۾ ڀهراڙيءَ جي تو جهڙي گهٽ پڙهيل سادي سودي چوڪري جي ضرورت هئي... جنهن جي معصوميت تي ڪوبه شڪ نه ڪري سگهي...!"

"۽ آخر ۾ توکي اهو به واضح ٻڌائيندو هلان ته تنهنجي واپسيءَ جا سمورا دروازا بند ٿي چڪا آهن. اگر ڪيڏانهن وڃڻ به چاهين ته وڃي ڪونه سگهندين. چو ته مون وٽ اڃڻ کان پوءِ تنهنجا سيئي رشتا ختم ٿي چڪا آهن ۽ توکي هن سماج ۾ ڪوبه نه قبولينڊو...!"

۽ پوءِ هو اتان اڀي وڃڻ لڳو هو... ۽ ويندي ويندي چاؤنٽ وٽ ٻيهر قدم رکجي ويس. ٻيهر پوئتي مڙي مون ڏانهن ڏٺائين ۽ پوءِ ڏمڪي آميز لهجي ۾ چيائين "جبين! تو کي به ڏينهن سوچڻ جو وقت ڏنو ٿو وڃي. جيڪڏهن سمجهي سگهين ته ٺيڪ نه ته انڪار کي اقرار ۾ بدلائڻ جون مشينون مون وٽ جديد قسم جون آهن...؟؟!"

۽ پوءِ تکا تکا قدم کڻندو ٻاهر نڪري ويو ۽ آئون خدا کان ئي شڪايتون ڪرڻ لڳي ويس جنهن مون کي هيڏي ساري مصيبت ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو...؟

مون پنهنجي زندگي کي موت جي ڪال ڪوٺڙي ۾ يرغمال ٽيندي ڏٺو هو. ۽ مون کي مسلسل پوائتا خيال ڊيڄارڻ ٿي آيا.

ڪڏهن ڪڏهن ته خودڪشي جا خيال ٿي آيا. پر مون موت جو مقابلو ڪرڻ ٿي چاهيو...! سوچيم شايد اڃتي هلي ڪٿي زندگي کي نوان دڳ ملي پون...؟

..... ائين عذابن جون طويل گهڙيون قيد خانن ۾ ڪٽي ڪٽي گهارڻ لڳي هيس...!

خالد جو معمول اهوئي هو تہ سڄو ڏينهن غائب هوندو هو ۽ رات جي پوئين پهر منهنجي ڪمري جي الماڙي مان وائرليس سيٽ ڪڍي اوپري هوليءَ ۾ الائي ڪنهن سان، الائي ڪيتري دير ڳالهائيندو هو ۽ پوءِ بغير ڪجهہ مون سان ڳالهائڻ جي اتان نڪري ويندو هو...

هي ڏينهن صبح جو دل ہڏي مون ڏڪندي خالد اڳيان پنهنجي والدين سان هڪ پيرو ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي... جيڪا هن خوشي سان قبوليندي مون کي ٽيڪسي ۾ موڪلي ڏنائين...!

مون سوچيو هو تہ واپس ڪوٽ پهچي امي ۽ بابا سان سڄي حقيقت ڪنديس ۽ پوءِ بس اتي ئي رهي پونديس... ليڪن افسوس آئون جڏهن واپس پنهنجي ئي گهر ۾ داخل ٿيس تہ سيئي مون کي اوپرين نظرن سان نهارڻ لڳا هئا... جڏ تہ آئون انهيءَ گهر ۾ جائي نہ هيس...!؟ جڏ منهنجو ننڍپڻ انهيءَ ٽلهي تي ڊوڙندي ئي نہ گذريو هو.....؟؟

۽ ..... ۽ نعيما! مون کي واپس قبولڻ لاءِ ڪوبہ تيار نہ هو.....؟؟!

بابا جي قدمن ۾ ڪريس تہ هن جو ايمان ٽي خراب ٿيو.....!!؟؟

امي کي چنبڙيس تہ هن چيو تہ تون چري ٿي ويئي آهين...؟؟!

۽ پوءِ منهنجي لاءِ سمورا سهارن جا در بند ٿي ويا... مجبورن ساڳي ٽيڪسي ۾ واپس هلي آئي هيس...!؟

نصيب جا در ٻيڪڙجي وڃڻ کانپوءِ آئون انتهائي دلشڪستہ ٿي پئي هيس، پر پوءِ ٻہ زندگي سان پيار هئم. جيئڻ ٿي چاهيم ۽ جيئڻ لاءِ هاڻي مون کي خالد جو سهارو ونڊو پيو هو.

سوچيم هاڻي خالد سان انڪار موت کي دعوت ڏيڻ جي برابر ٿيندو.

پوءِ آئون ٻہ ورندڙ واءَ جي سامهون ۽ چڙهندڙ سج جي سلامي ٿي پيس... حالتن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار ٿي ويئي هيس.

۽ واپس اچي رات جو خالد جي واپس اچڻ جو شدت سان انتظار ڪرڻ لڳيس...!؟

معمول موجب خالد حسين ديرسان گهر موٽيو هو.

اڄ سندس ڏنل وارننگ جو پيرڊ پورو ٿي چڪو هو تنهن ڪري ڪمري اندر داخل ٿيندئي ڏاڍي شوخيءَ سان پڇيائين.

"جبين، تو ڪهڙو فيصلو ڪيو...؟؟"

بي ڏڙڪ چئي ڏنم.

"خالد صاحب جيڪو توهان جو مشن، سو منهنجو مشن....!!"

ڪيس منهنجي لفظن تي يقين نہ آيو ۽ وڌيڪ پڪ ڪرڻ لاءِ چيائين...

"چا اهو فيصلو تو سوچي سمجهي ڪيو آهي....؟؟"

وراٹيم " چا سوچڻ لاءِ ٻہ ڏينهن ڪافي نہ هئا....؟"

منهنجو جواب ٻڌي هو هڪ فاتحانہ مرڪ مرڪي پيو.

۽ هن جي چپن تي آيل ان مرڪ ۾ ايتري ڪشش هئي جو آئون دعويٰ سان ٿي چوان تہ اها اگر ڪنهن حقيقي مرد جي مرڪ هجي ها تہ هزارين عورتون مٹانئس نثار ٿي پون ها.....!

چيائين" چئبو تہ توهان جي بابا پنجويهہ لکن عيوض، چوڪريءَ سان گڏ دعائون ٻہ دل سان شامل ڪيون هيون....!؟"

" چا بابا توهان کان منهنجي عيوض پئسا ورتا هئا....؟؟"

مون حيران ٿيندي ڪانئس پڇي ورتو هو.

خالد مرڪندي ڦهريون پيرو مون سان گڏ اڇي پلنگ تي ويٹو هو ۽ منهنجي ڪلهن ۾ پاڪر وجهندي وراٹيو هئائين تہ....

توهان جي والد صاحب توهان جو سودو مون سان پنجويهہ لکن عيوض ڪيو هو ۽ هو منهنجي ڪم کان ٻہ چگي ريت واقف هو....!!؟؟

مون کي پنهنجي بابا تي حيرت ٿي هئي....!!!

هن دين جي سڃي عمر تبليغ ڪئي هئي....! ۽ هن چوڌري جلال الدين ڳوٹ جا اڌ کان وڌيڪ نڪاح ٻہ پاڻ ٿي پڙهيا هئا.

اهڙي ايماندار انسان جي ايڏي وڏي بي ايمان منهنجا حواس گم ڪري ڇڏيا....!!؟

منهنجي ان حيرانگيءَ تي خالد هڪ دل ڏاريندڙ ٹهڪ ڏنو هو جنهن سان ڪمري ۾ سجايل فرنيچر لڏي ويو هو....! ۽ وڏي طنز سان چوڻ لڳو.

"تون پنهنجي ان ايمانداد بيءَ کي نٹي سچاٹين جبين دوست....!!"

"مذهبي رنگ ۾ رچيل اهو مولوي صاحب نہ فقط منهنجي مشن کان پلي پت واقف هو بلڪ هو خود منهنجي ڪمپنيءَ جو هڪ مخلص ڪارڪن ٻہ آهي....!!؟"

" چا مطلب .....؟؟!"

"مطلب....!!"

ها هاها .... اَها ها....هاها....

ڀ منهنجي ان حيرت پرئي سوال جي جواب ۾ هن چڙ ڏياريندڙ نهڪ ڏنا هٿا .....

--- ان ڏينهن کانپوءِ خالد منهنجو مڙس نه پر ڪمپني جو دوست بڻجي پيو هو---

"نعيم صاحب مون کي نه فقط زندگي ساڻ محبت هئي، بلڪ تنهنجي تلاش به هئي....."

منهنجي دل کي اهو پختو يقين هو ته زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي توهان سان ضرور ملاقات ٿيندي ڀ پوءِ گڏجي هن لاقانونيت ڀ ظلم و جبر جي رسمن خلاف وڙهه ڪنداسين.....؟"

"بس ان ئي يقين ڀ اميد جي آڌار تي زنده رهڻ لاءِ آئون دنيا جي حقير کان حقير ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويس...!"

ڪجهه ڏينهن خالد مون کي گهر ۾ هدايتون ڀ ضروري ڄاڻ حاصل ڪرڻ جا طريقا سيکاريندو رهيو هو ڀ پوءِ هڪ ڏينهن حڪم ڏنائين.

"جبين دوست، هاڻي تنهنجو مشن شروع ٿي ويو اڄ کانپوءِ تنهنجو نالو به جبين نه پر ريشمان آهي--- ڀ توکي پنهنجي مشن شروع ڪرڻ لاءِ ريشمان جي نالي سان هڪ وڻشيا جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو...!!"

"وڻشيا...!!؟؟" آئون سڄي ڏکي ويس.....!

؟چو؟ ڊڄين ٿي.....!!؟"

"شرم ٿو اچيئي.....؟"

هن طنزيه مرڪ مرڪندي منهنجي اکين ۾ اکيون ملائيندي چيو.

"ريشما ! گهبرائڻ جهڙي ڳالهه ناهي...!"

"ڏس اسين پنهنجي مشن خاطر مردانگي جي قرباني به ڏيئي سگهون ٿا...!

تون ته وري به جوانيءَ جي لذتن کي انجوائي ڪري سگهندئين...؟؟"

"خالد صاحب...؟" مون جذباتي ٿيندي کيس اک ڏيکاري. اهو ڪيئن ممڪن آهي"

پر هو منهنجي جذبات کي نظرانداز ڪري چوڻ لڳو.

"ريشما ايجا به هڪ ڳالهه ٻڌائي ڇڏيان...."

هونئن ته تون هر معاملي ۾ آزاد آهين،... پر جيڪڏهن پنهنجو جسم بچائڻ چاهين ته اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو...!"

"اهو ڪيئن.....؟"

"هيرامنڊيءَ جو مک دلال بشارت خان بہ پنهنجي ڪمپني جو ماڻهو آهي.....!

اهو توکي رڳو انهن وي آءِ پيز ڪوٺن تي چڏيندو جتي فقط ڪامورا سرمائيدار رات جو شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي اچي ڪرندا آهن.

توکي ڪجهه گهڙين لاءِ ساقي بڻجي انهن جا رهيل حواس اڏائڻا پوندا. ۽ پوءِ انهن اڳيان گهنگهرو ٻڌي نچڻو پوندو تون فقط شهر جي انهن ڪامورن ۽ سرمائيدارن جا راز گڏ ڪري مون تائين پهچائيندئين.... باقي انهن جون ضرورتون اتي جون ٻيون وٺشيائون پوريون ڪنديون.....؟"

"مون کي تہ انهن سمورين ڳالهين کان حد درجي نفرت هئي. نعيم صاحب.....!؟"

"ڪڏهن تصورن ۾ ئي ڪوٺہ سوچيو هئم تہ ڪنهن ڏينهن هيرا منڊي جي ڪوٺن تي گهنگهرو پيرن ۾ پائي نچڻو پوندو.....؟"

"پر اها هڪ آس ۽ هڪ تلاش هئي نعيم صاحب. جنهن منهنجي پيرن ۾ گهنگهرو پارائي ڪوٺن تي نچائڻ شروع ڪيو.....!"

رات جو روز هتي ايندي رهيس.....!

گهنگهرو پيرن ۾ پائي ان وقت تائين مسلسل نچندي رهندي هيس. جيسين شرابي عياش پرست پئسا لٽائي. هوش وڃائي خوبصورت وٺشيائن جي جسمن کي ٻکن ۾ پري گناهن جي دنيا ۾ غرق ٿي ويندا هئا.....!!؟؟"

تڏهن آئون پيرن جا گهنگهرو اتي ئي چڏي پرهه جي پهرين ڪرڻن کان بہ اڳ پنهنجي بنگلي تي خالي جذبن سان ٽڪي. ٽٽي موٽي ايندي هئس ۽ خالد صاحب کي سندس مقصد جهڙيون جڙتو ڪهاڻيون سٽائي مطمئن ٿي پنهنجي ڪمري ۾ سمهي پوندي هئس.....!!"

"..... ۽ نعيم! شايد هيرا منڊيءَ جي آئون اها واحد ڪنواري وٺشيا آهيان جنهن کي گذريل ڪيترين سالن جي عرصي ۾ اڄ رات جي توهان جي هٿن ڪانسواءِ ڪنهن بہ ناپاڪ هٿ نہ ڇهيو هو.....!؟"

"پر جبين. هيستائين جيڪڏهن تو پنهنجي پاڪ دامن تي داغ اچڻ بہ نہ ڏنو هو تہ پوءِ رات تو مون کي ان گناهہ کان روڪيو ڇو ڪوٺہ.....!!؟؟"

"نعيم! مون سڀ پاڪيزگيون ۽ مقدس امانتون توهان لاءِ ئي تہ سانڊي رکيون هيون.....؟!

"توهان ئي تہ منهنجي انگ انگ جا وارث آهيو.....!؟"

ياد نہ اٿو تہ مون پنهنجي شادي رات ارمانن جي سيج تان ويهي توهان ڏي اهو خط لکيو هو تہ جان! آئون توسان اڄ بہ پيار ڪريان ٿي.... ڪالهہ بہ پيار ڪيو هئم.. سياڻي بہ پيار ڪندي رهندیس....؟!"

"ها نعيما! مون اڄ تائين پنهنجي دل جي پيڙي مان تنهنجي پيار پکيڙي ڪي آزاد نہ ڪيو آهي....!؟"

نعيم جي دل پرجي آئي....

بي اختيار جبين کي پنهنجي سيني سان لڳائي ورتائين....

ڀ پوءِ ڇڄ ديرتائين ٻنهيءَ جا ڪنڈ هڪ ٻئي جي ڪلهن تي لڙڪ هاريندائي رهيا هئا.....!

پر اها خبر انهن کي بہ نہ پئجي سگهي تہ اهي لڙڪ ڏک جا هئا يا خوشيءَ جا.....؟؟!"

نعيم کي اڄ هيرامنڊي جي ڪوٺي مان اهو چين ليي پيو هو جنهن لاءِ هو بن بن پٽڪيو هو.....؟!

سندس بي رنگ زندگيءَ ۾ نوان رنگ جرڪي پيا هئا.....!!

جڙ ٻڌندڙ ٻيڙيءَ کي ڪنارو ملي ويو.....؟!

جن اجهامندڙ ڏيئي کي تيل ملي ويو.....!؟

ڀ جڙ منزل لاءِ پٽڪندڙ پلجي ويل مسافر کي منزل جي سڌي راهہ ملي ويئي.....!؟؟

.....جبين جي اميدن کي بہ يقين جو دڳ ليي پيو.....

چپن تي وٺشيا جهڙيون مصنوعي مرڪون سجائي، اندر ۾ دکندڙ جذبن جي جي تپش تي زندگي جا ٽڏا هٽ سيکيندڙ احساسن کي وڃايل مرڪون موٽي مليون ڀ ماڪ ۾ وهنتل گلڙن جي تازگي جيان سمورا جذبا جهومڻ لڳا هئا.....!؟

جبين جي خوابن کي حسين تعبير ملي ويئي.....!

هيرا منڊيءَ جو گنهگار ڪوٺو ڪنوار جي ڏولي ٻڌجي پيو...!؟

ڀ فرش تي وڃايل نرم قالين جن تہ اميدن جي سيج ٻڌجي پئي.

جنهن ڪوٺي جي ديوارن ۾ هميشہ بي سرا ٿهڪ ڀ وحشي گهنگهرو پڙا ڏبا رهيا هئا.... اتي شهنائي جي گونج گونجندي محسوس ٿي هئي.....!!

هنن مرڪي پاڻ ۾ نيٺ ملايا.....

سڄو ڪوٺو لهرون لهرون ٿي مرڪڻ لڳو....

ڇ ڪوئي مان نڪرڻ وقت جبين نعيم جي ٻانهن جي سهاري تي ائين ڳرا قدم گهلي ٽي ڪنيا جڏ نئين پرٽيل ڪنوار سهاڳ رات پنهنجي سينگاريل ڪمري ڏانهن ويڃي رهي هجي...!؟؟

هنن هاٿي جيتوٽيڪ ڪوبہ جامع پلان تہ ڪونہ جوڙيو هو پر پوءِ بہ سندن اکين ۾ ظالم معاشري خلاف نفرت انتقام جي باهہ وانگي پڙڪي پيئي هئي...!

هنن دل ئي دل ۾ انهن ظالمن خلاف وڙهہ جا پلان تيار ڪري ورتا هئا ڇ موڪلائڻ وقت جبين هڪ جذباتي ڇ پراعتماد ڪيفيت ۾ نعيم کان سندس گلبرگ واري بنگلي جو پتو ڇ فون نمبر وٺي ورتو هو.

نعيم جڏهن واپس گهر ۾ داخل ٿيو تہ ان وقت سپنا پنهنجي بيڊ تي سرد بدن ٻٽي ستل هئي...!؟ ڪليل اکيون ڇت ۾ اٽڪيل هئس ڇ جسم جو ڪوبہ عضوو ساهہ جي ساڪ ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿيو...!؟

هو اهو پوائنٽو منظر ڏسي سڃو حراسجي ويو...!!؟

بدحواسي وچان سڏيائينس "سپنا.....!؟

پيءُ جي اوچتي آواز تي سپنا جو سڃو پلنگ لڏي ويو ڇ سپنا جي بي ست بدن ۾ بجلي جي ڪرنٽ وانگي تيزي سان زندگي موٽي آئي...!!

هن ائين ڏوڙي وڃي پيءُ کي پاڪر وڌا جڏ سندس واپسي جون سيئي اميدون پلي چڏيون هٿائين...!!؟

پوءِ نعيم جي بدن مان نڪتل ساهہ جو ويساهہ بحال ٿي ويو... ڇ هن دل ئي دل ۾ سپنا جي زندهہ هڻڻ تي رب سائين جا احسان مڃي ورتا...!

سپنا مسلسل سڏڪا پري ائين چرين وانگي روئي رهي هئي. جڏ ڪوئي خوفناڪ خواب ڏٺو هجيس...!؟

ڇ سڏڪندي سڏڪندي چئي رهي هئي.....

"پاپا... پاپا خبر اٿو تہ توهان کان سواءِ مون کي ڪيڏو ڊپ ٿيندو اهي...!؟؟"

"آئون... آئون سڃي رات رني آهيان... مون کي ننڊ بہ ڪونہ آئي پاپا...!؟؟"

"پاپا... مون کي اڪيلو چڏي ڪيڏانهن هليا ويا هئا پاپا...!!؟؟"

ڇ هو پيار مان سندس متي کي ٽڪيون ڏيئي آلين اکين ڇ ڳري آواز سان ڪيس پرچائي رهيو هو.

"پٽ سپنا! رات اسان جي وڏي ميٽنگ هئي. سوچيو هئم آڻي سومهٽي گهر موٽي ايندس. پر پُٽا ميٽنگ سڄي رات هلندي رهي هئي، تڏهن دير ڪيم...!" هن ڏيءَ سان پهريون پيرو ڪوڙ ڳالهايو.

"پاپا...! هتي مون اڪيلي کي ڊپ ٿو ٿئي نه...؟؟" روئيندي چيائين.

"پر سپنا! ڏس توسان واعدو ٿو ڪريان ته اڄ کانپوءِ تنهنجون سڀ اڪيلايون ختم ٿي ويندیون."

ائين ڳچ ٽائيم. سپنا پنهنجي پاپا جي جي چاتيءَ جي ڪهرن وارن ۾ منهن لڪائي لڙڪ هاريندي رهي ۽ پيءُ هن کي پيار مان پرچائيندو رهيو.

شام جو سج لهڻ کان ٿورو اڳ تڏهن فون جي گهنٽي وڳي هئي، جڏهن نعيم صاحب باٿ روم ۾ ويل هو.

سپنا وڏي اچي فون اٽينڈ ڪيو...

"هيلو...!"

"هيلو... ڪير ٿا ڳالهايو...؟"

"سپنا ٿي ڳالهايان... توهان ڪير ٿا ڳالهايو...؟"

"سپنا...؟ ليڪن توهان هن گهر ۾...؟؟!"

" مان ته پنهنجي ئي گهر مان پيئي ڳالهايان... ليڪن توهان کي ڪهڙي تڪليف آهي...؟؟"

سپنا جذبات مان چپ پيڪوڙيندي چيو.

"چا هي نعيم صاحب جي گهر جو نمبر ناهي...؟؟"

"ها پر مان پڇاڻ ٿي تون ڪير آهين...؟؟!"

"سپنا پٽ ڪير آهي فون تي ...؟"

نعيم صاحب ٽوال سان وار خشڪ ڪندي تڪڙو اڳتي وڌندي پڇڻ لڳو.....

"سپنا ڪير ٿو ڳالهائي...؟"

سپنا ڪاوڙ ۾ منهن کي موڙو ڏيندي رسيور سندس حوالي ڪري چڏيو...

"هيلو.....؟"

"جي نعيم ٿو ڳالهايان."

"اوهه جبين آهين...؟ چا خبر چار آهي، جبين.....؟"

"پهرين توهان خبرچار ڏيو ته اها سپنا ڪير آهي...؟؟"

"سپنا...!؟ اها ها ها... ها ها ها...!!؟ ڇ هو فون تي وڏا ٿڪ ڏيڻ لڳو هو....."

ڪافي عرصي ڪانپوءِ هن ايڏا چڙواڳ ٿڪ ڏنا هئا.

"نعيما فون مان جبين جو پريشان آواز آيو....."

"ڇا توهان مون سان وري ڪوئي نئون مذاق ڪيڏڻ ٿا چاهيو...؟!"

"اوهه جبين تون ته جلدي ۾ ايتري سنجيده ٿي وئين...؟ گهبرائڻ جي ڪابه ڳالهه ناهي... سپنا ته اصل ۾ منهنجو پٽ آهي."

" ته ڇا هو چوڪرو آهي...؟!"

مرڪي وراٽيائين.

"جبينا سپنا منهنجي ڏيءَ آهي ۽ مان پيار مان ڪيس پٽ سڏيندو آهيان...!"

"ليڪن انهيءَ جي باري ۾ توهان اڳ ۾ ڪوئي ذڪر نه ڪيو هو...؟!"

"ڏس جبينا ايترو جلدي مايوس نه ٿيندي ڪر. اڃا ته الائي ڪيترا ذڪر اڏورا رهيا پيا آهن. پر ڇا توکي مون تي پروسو ناهي...؟!""

" ان ڪري ٻه ويساهه نٿو اچي جو هڪ پيرو اڳ ئي توهان منهنجو پرم نوڙي چڪا آهيو...!"

" پر جبينا هاڻي ته اهو وڃايل پرم ڏنڊ ڏوهه سان موٽائي ڏبو...ٻوءِ ته بس...!؟ ""

چڱو هاڻي اجايا بحث ڇڏ. مقصد جي ڳالهه ٻڌائي؟"

نعيما اڄ رات مون کي هتان ڪجهه ضروري ڪاغذات، نقشا، ڪارڊ ۽ ثبوت وغيره چورائڻا آهن...! جيئن ئي هتان خالد روانو ٿيندو ته آئون پنهنجي ڪارروائي کي لڳي ويندس ۽ بيماري بهاني گهر ۾ رهنديس...!

۽ سڄو ڪم پڪو ڪري هتان نڪري توهان تائين پهچي ويندس...!"

جبين پنهنجو سڄو ارادو هڪ ڏڪ ۾ ٻڌائي ڇڏيو.

"پر جبينا ٿورو احتياط سان... اهي ماڻهو ڏاڍا خطرناڪ هوندا آهن...!"

"متان ڪٽي تون ٻه...!!؟"

نعيم کيس سمجهائيندي تنبيهه ٻه ڪئي.

"نعيم! انهيءَ معاملي ۾ مون جيترو تجربو توهان کي نہ هوندو...."
"توهان بلڪل بي فڪر رهجوءَ."
" ءِ ها ڪجهہ دير سوير ٿي وڃي تہ گهبرائجوءَ نہ.....!"
" اوڪي.....؟"
"باءِ...!"

نعيم جيئن ئي رسيور ڪريڊل تي رکندي واپس مڙيو تہ سامهون سپنا ڪاوڙ مان ڪمري کان ٻاهر وڃي چڪي هئي.

هن سڏو اچي کيس پيشاني چمندي پيار مان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"سپنا پٽ! ٽيليفون تي ايڏيون ڪاوڙون ڪيون آهن چا.....؟!"
" پاپا.....؟ سپنا ڪاوڙ گڏ ڏکايل لهجي ۾ نهاريندي سوال ڪيو.
"پاپا! چا هي گهر منهنجو ناهي...؟"
" ها پٽ! هيءَ گهر تنهنجو ناهي تہ پوءِ ڪنهن جو آهي...؟"
" تہ پوءِ منهنجي گهر فون ڪري هوءَ ڪير ٽيندي آهي مون کان اونڌا سوال ڪرڻ واري...؟
"پر سپنا! پچڑ ڏوهہ تہ ناهي پٽ...! ايتري ڪاوڙ ڪونہ ڪبي آهي، بابا.....!!"

هن کيس پيار مان سمجهائيندي چيس.

"نہ پاپا! مون سان ٻيهر ڪنهن ان نموني ڳالهايو تہ فون ڪڍي روڊ تي اڇلائي ڇڏيندس...؟" سپنا ساڳي ڪاوڙ مان چيو.

"چگو ائين ڪجانءِ ..." نعيم صاحب کيس ڪلندي اجازت ڏيئي ڇڏي ءِ وري کيس ننڍڙي ٻارڙي وانگي جهولي ۾ ليڻائي پيار مان ٿڦڪيون ڏيڻ لڳس.

.....صبح جو ائين وڃي ڏاري ٽيليفون جي رنگ وڃي ءِ اها رنگ نعيم صاحب ٻيهر باٿ روم ۾ ئي ٻڌي هئي.....

سپنا وڏي اچي رسيور کڻي ڪن تي رکيو.

"هيلو.....؟"
"جي ڪير...؟"
" مان سپنا ٿي ڳالهايان... توهان ڪير.....؟"
"سپنا ڪهڙي...؟" جبين جڙ ساٽس مذاق لاءِ ساڳيو سوال ڪيو.

ڀ سپنا هڪ ڇڪ سان ٿي فون جي تار ٽوڙي ورتي. سيٽ کڻي ٻاهر روڊ تي اڇلائي ڇڏيائين....!؟

ڀ پوءِ باٿ روم جي دروازي تي بيهي وڏا وڏا ساهه کڻي پيءِ جي نڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي.

نعيم جيئن ئي باٿ جو در کولي منهن ٻاهر ڪڍيو ته سپنا ڪاوڙ مان سهڪندي چيو" پاپا! هو ٻاهر روڊ تي پيو اٿو....!"

"ڪير روڊ تي پيو آهي. پٽ....؟"

نعيم صاحب پريشان ٿيندي ڪانئس پڇيو.

"ڪير نه.... هو "... (سپنا ڳيت ڏيندي چيو) ٽيليفون روڊ تي پيو اٿو....!؟"

"ٽيليفون روڊ تي...؟! نعيم صاحب کان هلڪو ٿهڪ ڇڏائجي ويو ڀ مذاق جي انداز ۾ پنهنجي پياري سپنا جي منهن ۾ ڏسڻ لڳو....!

سپنا ساڳي ڪاوڙ مان ٽيبل تان ڪتاب کڻي ٽپ ٽپ ڪندي ٻاهر نڪري ويئي ڀ پٽس پنهنجي جواڻ ٿيءَ جي ٻاراڻين شرارتن تي مرڪندو رهيو....! هن جي چپن جي مرڪ اڃا برقرار ئي هئي جو جبين دروازي مان منهن ڪڍيو ڀ هڪدم نعيم صاحب جي سڄي مرڪ غائب ٿي ويئي....

"جبين! تون پهچي وئين...؟؟"

"ڪوئي مسئلو ته ڪونه ٿيو....!؟"

نعيم صاحب هڪدم ڪانئس تکا سوال ڪرڻ لڳو....!

"مسئلو ته مون سان تمام وڏو ٿيو آهي. ٽرئجڊيءَ جهڙو...؟"

" ڇا...؟ خير ته آهي نه جبين...؟؟"

نعيم بيچين پريشاني وچان تکو سوال ڪيو.

"ها ٻيو ته خير آهي پر ڪجهه دير اڳ مون فون ڪري توهان کي پنهنجي اچڻ جو اطلاع ئي ڏيڻ چاهيو."

نعيم کان هلڪو ٿهڪ ڇڏائجي ويو. چيائين:

"ها جبين! ٽرئجڊي اها آهي جو منهنجو ٽيليفون سيٽ او اهو روڊ تي پيو اٿو....!""

"پر آخر ڇو....؟" بيزاريءَ وچان پڇيائين.

"بس جبين. منهنجو پٽ ڏاڍو حرڪتي آهي....!؟"

بدستور نعيم صاحب فون ڏانهن ڏسي مرڪندو رهي ٿو.

"توهان جو پٽ....؟!"

"ها ها، اهائي منهنجي ڏيءَ سپنا!"

"جوان ٿي ويئي آهي، پر اڃا تائين ڏاڍيون عجيب ۽ هاراڻيون شرارتون ڪندي رهندي آهي....!"

"سچ ٻڌائي نعيم صاحب! سپنا ڪير آهي...؟ ۽ هتي ان کانسواءِ ٻيو ڪير ڪير هن گهر ۾ رهندو آهي...؟؟

جبين عجيب سنجيدگي ۽ گمبيرتائن مان پڇيو هو...؟

" نہ جبين هن گهر تي ڪوبہ شڪ نہ ڪجاءِ ....! هي گهر بہ منهنجي دل وانگي ڪيئي ڪمال ۽ زوال جا دور ڏسي چڪو آهي...؟؟"

نعيم اهو ڪجهہ چوندي ڪافي ڏاڪارو ٿي ٻيو....!

سندس مرڪون ۽ خوشيون کن پل لاءِ ماتم ڪرڻ لڳيون هيون...

"ها پر نعيم....!؟"

"ها جبين! مون کي خبر آهي تہ تون ڇا ٿي پڇڻ چاهين...؟!"

جبين جو سوال اڌ ۾ ئي ڪٽيندي هن ڳالهايو هو.

"منهنجي زندگي بہ مون سان اهڙائي ڪيڏ ڪيڏيا آهن، جيئن تنهنجي نصيبن توکي رلايو هو، جبين.....؟؟"

"شروع کان وٺي منهنجي جيون ڌارا ۾ اڪيلاين جا عذاب رهيا آهن...!؟"

"منهنجي چپن ايترو مرڪيو ناهي، جيترو منهنجي اکڙين رنو آهي...؟"

"۽ جبين! مون ايترا گناهہ بہ نہ ڪيا هوندا، جيتريون سزائون پوڳيون اٿم...!"

" جبين هي ڏس ...؟؟!!" (هٿ تري اڳيان وڌائيندي...)

"ڏس منهنجي هٿ جون ريکائون...؟؟"

"مان ڄاڻان ٿو تہ تون هٿ جي پاميسٽري ڪونہ ٿي ڄاڻين...؟!"

"ليکن جبين! منهنجي هٿ جون ليکون پاڻ ڪليل ڪتاب وانگي صفا واضح صفا آسان سمجهہ ۾ ايندیون...؟ ڏس تا هڪڙي بہ اهڙي سڌي ليڪ نہ آهي جيڪا مون کي زندگيءَ جي سڌي دڳ تي لاهي سگهي ها...؟"

"پوءِ ڇا جبين ! ڪڏهن اهڙن مسافرن کي بہ منزلون ملي سگهيون آهن، جيڪي مسافت ۾ ئي ٻاٽ اونداهين ۾ راهن تان پٽڪي ويندا آهن...؟؟!"

"ها جيئن منهنجي زندگي ۾ ان مرگھ ترشنا مثل آهي، جنهن ۾ پياسو هرڻ وڏا ڏا چال هٽي ساڻو ٿي ڪري پوندو آهي پر سندس اڄ اجهامي ناهي سگھندي...!؟"

"مون ۾ جيون جي رڻ پٽ ۾ سڪون جي ڳولا ۾ هرڻين وارا چال هنيا آهن...!"

ٽڪجي، نٽي، ڪري ۽ وري اٽي ۽ رڙهيو آهيان پر ڪٽان ۾ دائمي سڪون ملي نہ سگھيو اتمرا"

"ائين بن بن پٽڪندڙ انسان جي جيون ڪٽا ۾ تلخ تجربن جو ڪتاب ٻڌجي پوندي آهي...!"

"۽ انهيءَ ئي تجربن جي ڪتاب جو هڪڙو ورق هيءَ ۾ آهي جيئن! جڏهن مان پهريون پيرو سڪون جي تلاش ۾ ڪوهہ مري جي پهاڙين پٽيان ائين ٽڙندڙ قدمن سان ٽاپڙندو رهيس، جيئن گذريل رات ڪٽاني کان ٽڙندو ٽاپڙندو اچي هيرا منڊي کان نڪتو هئس...!"

بلڪل اهڙي طرح ڪوهہ مري جي پهاڙين پٽيان سڪون کي ڳولينديڳولينديڳوليندي

"ڇا جڏهن اسان گڏجي ان منزل جون ڪجهه مسافتون طئي ڪري ورتيون تہ اسان جي اندر ۾ هڪ ننڍڙي خواهش ڪر موڙي جاڳي پيئي ...؟!"

"هڪ ننڍڙي مسافر جو جيون ساٿ...!؟"

" ان ننڍڙي خواهش پٽيان ڏاڍو ڊڪياسين...!!"

"ڊڪي ڊڪي، ٽڪجي ويهي ٽي رهياسين ڇا وري ڪنهن جي ڏسيل ڏس تي ڊوڙون ٽي پاتيونسين...؟!"

" پر جڏهن ڊوڙي ڊوڙي وڃي اهو ننڍڙو مسافر ماٽيوسين تہ مون کان منهنجو محبوب همسفر هميشہ لاءِ راهون الڳ ڪري هليو ويو. هو مون سان گڏ ايترو ڊوڙيو هو جو وڌيڪ جيون سفر جو ساٿ نہ نياڻي سگهيو هو...."

" ڇا پوءِ مون پنهنجو باقي جيون سفر ان ننڍڙي مسافر سان گڏجي جاري رکيو آهي...؟"

"سچ جبين! جيڪڏهن هن جيون سفر ۾ مون سان "سپنا" جهڙي ننڍڙي مسافر جو ساٿ نہ هجي ها تہ ڪڏهونکر رستن ۾ دم ٽٽي پوي ها...؟؟!"

پنهنجي اداس ڪٿا ٻڌائيندي نعيم ڏاڍو ڳنڀير ٿي ويو.....

سندس چهرو اداسين جي ڪوهيڑي ۾ ڏنڊلو ٿي پيو هو...!!

جبين اهو سڀ ڪجهه خاموشي سان ٻڌو ۽ پوءِ پاڻ بہ نعيم سان گڏ لڙڪ لاڙيندي رهي.....!

ڪمري ۾ ڪنهن قدر اداسيون ڊوڙنديون رهيون ۽ دلين تي غمگينين جا ڪارا ڪڪر جمي ويهي رهيا...

ڳنڀيرتائن کي ٽوڙيندي وري نعيم ڳالهائڻ لڳو هو.

"جبين! حقيقت ۾ منهنجي مثل زندگي ۾ سپنا ئي ساهہ وڌو آهي. هن جي معصوم شرارتن ئي منهنجي خودڪشي طرف وڌندڙ حياتيءَ ۾ نئون ويساهہ وجهي مون کي زندگيءَ جي راهن تي ٻيهر ڊوڙڻ تي مجبور ڪيو. ان ڪري ئي هو مون کي پنهنجي زندگي کان وڌيڪ پياري آهي."

"ها نعيم...!" جبين ڏک واري لهجي ۾ وراٽيو.

"سپنا نہ فقط توهان کي پياري آهي پر مون کي بہ ايتري ئي عزيز رهندي...." جيتري توهان کي لڳي ٿي.

هاڻي هو پنهنجي ڪار ۾ سوار ٿي ويا ۽ سندن ڪار جو رخ سڌو ڳڄهي اداري طرف هو.

ان ملڪي ڳڄهي اداري جي هيڊ ڪوارٽر تي ڪين اداري جو سربراهه معظم علي صاحب مليو هو.

نعيم صاحب ڪيس پنهنجو تعارف پيش ڪيو ۽ معظم صاحب ڪيس تمام گهڻو احترام سان پيش آيو.

نعيم صاحب ونس اچڻ جو سبب واضح ڪندي ان ملڪ دشمن ايجنسي جي گروهه بابت مڪمل آگاهي ڏني ۽ جبين سان ٽيل ترئجدي جا پڙ دردناڪ قصا ٻڌايا. جيڪي هن ڏاڍي غور ۽ همدردي سان ٻڌا.

ان دوران هن پنهنجي معلومات يقيني بنائڻ لاءِ جبين کان ڪجهه پيچيده سوال ڪيا، جن جا جواب هن اطمينان جوڳا ڏيئي ڪيس مطمعين ڪري ورتو. ان کان به وڌيڪ معظم صاحب کي جبين طرفان مليل ڪاغذن، نقشن ۽ ڪاردن جي ثبوتن مطمعين ڪيو هو.

ان سڄي معلومات کانپوءِ معظم صاحب جو تجسس ۽ دلچسپي ڏسڻ ونان هئي..... هن فوري ڪارروائي ڪرڻ ٿي گهري.....

جبين ٻيهر ڪيس سندن ٽائيم ٽيبل کان واقف ڪري چڙ ته سندس ڪارروائي لاءِ وڌيڪ آساني پيدا ڪري چڏي.....

۽ ان ڳالهه کان واقف ڪرائڻ کانپوءِ معظم صاحب چڙ ته سندن دل سان شڪر ئي ادائي ڪئي.

اٿڻ کان اڳ پرس سنياليندي جبين ٻيهر معظم صاحب سان مخاطب ٿي.

"سر! مون کي اتان نڪتي ڪافي ٽائيم لڳي ويو آهي ۽ هو شايد منهنجي تلاش ڪندا هجن... ۽ سر هنن جي جاسوسي به تمام تيز آهي، ان ڪري هن وقت اسان ٻنهيءَ لاءِ خطرا پيش اچي سگهن ٿا، ان لاءِ سر ممڪن ٿي سگهي ته اسان جي تحفظ لاءِ پڙ اپاءِ ونو."

"رائٽ! نعيم صاحب توهان پنهنجي بنگلي جو پتو ڏيندا!"

"جي ضرور.....!"

هن سندن سڄي ائڊريس لکڻ کانپوءِ ساٿس گرمجوشيءَ سان هٿ ملائيندي چيو.

"نعيم صاحب! مان توهان جو گهڻو شڪر گذار آهيان جو مون کي ايڏي وڏي سازش کان آگاهه ڪيو..! انشاءَ الله دشمنن کي جلد نڪاڻي

لڳائي وٺنداسين...! توهان جي سيڪيورٽي جو بندوبست جلد ٿي ويندو بي فڪر رهو...!"

" ڀ ها...! جيستائين اسان انهن دشمنن تائين پهچي نه وڃو تيستائين توهان پليز احتياطن پنهنجي گهر کان ٻاهر نه نڪرجؤ...؟؟"

"چڱو الله حافظ...!"

"جي خدا حافظ...!"

ڳجهي اداري جي هيڊ ڪوارٽر کان اڌ ڪلاڪ جي مسافري کانپوءِ جڏهن واپس پنهنجي بنگلي تي پهتا تہ حيرت وچان چرڪي بيهي رهيا...

هن جي بنگلي جي چوڪسي پوليس سنيالي چڪي هئي... ڀ کين پنهنجي ئي گهر ۾ سخت تلاشي ڏيٽي پئي هئي.

جڏهن هو ٻيئي گهر اندر داخل ٿيا هڪ پيرو ٻيهر سپنا حراسيل نظرن سان کين ڏسندي ڏڪڻ لڳي هئي ڀ پٽس کي ڏسندئي شڪايتي انداز سان منهن ٻي طرف ڦيري ڇڏيو.

پٽس اڳتي وڌي ڪيس ڳرائڻي پائيندي چيو.

"پٽ سپنا! ان ۾ ڏوڙ جي ڪهڙي ڳالهه آهي، هي پوليس تہ پنهنجي حفاظت لاءِ بيٺل آهي...!؟"

"پاپا! هي ڪهڙي حفاظت آهي جو پنهنجي گهر ۾ به اسان کي سچاٽپ ڪرائٽي ٿي پوي.....!؟"

"ها پٽ! اها مجبوري آهي، تون ايترو جلدي ان ڳالهه کي سمجهي نه سگهندئين." ان کان لاجواب ٿيندئي هن سوالیہ نظرن سان جبين طرف نهاريو.

نعيم صاحب هڪدم ڳالهه جي نوعيت کي سمجهندي اداڪاري واري نموني ڏيءَ کي سمجهائڻ لڳو هو.

"سپنا پٽ! توکي ڪيئن سمجهايان... تہ... تہ هي تنهنجي ماءُ آهي .....!! شهناز .....!!؟" هن ٻيو پيرو ڏيءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهايو.

" چا .....!؟" سپنا کان دانهن نڪري ويئي ڀ حيرت وچان جبين جي چهري کي گهورڻ لڳي هئي ڀ جبين ڏوهارين وانگي ڪنڌ جهڪائي بيٺي هئي...؟؟

"ها سپنا! هيءَ تنهنجي اها ئي ماءُ شهناز آهي، جنهن لاءِ آئون تو سان ڪوڙ ڳالهائيندو رهيس تہ هو توکي جنم ڏيڻ وقت مري ويئي

هئي....؟؟ دراصل هوءَ مون کان ڪاوڙجي ويٺي هئي ۽ اڄ موٽي آئي آهي....!!؟"

"ڇا تون پنهنجي ماءُ سان نه ملندئين....؟!"

"پاپا....!؟"

سپنا ڏاڍي شوخي ۽ ڪاوڙ وچان ڳالهايو.

"مون ڪڏهن سوچيو ئي ڪونه هو ته توهان به ايڏا وڏا ڪوڙ ڳالهائي سگهو ٿا....؟!"

"سچ ٻڌايو توهان وڏي ۾ وڏو ڪوڙ اهو ڳالهايو هو ته منهنجي ماءُ مون کي جنم ڏيڻ وقت مري ويئي هئي.....؟؟؟"

" يا وڏي ۾ وڏو ڪوڙ اهو ڳالهائي رهيا آهيو ته هيءُ منهنجي ماءُ شهناز آهي.....!؟؟"

"پٽ سپنا....!" نعيم صاحب ڏکارو ٿيندي منجهي پوي ٿو.

"سپنا! آئون ان ڪري ڪوڙ ڳالهائيندو رهيس ته تنهنجي ماءُ مري ويئي آهي، جو مون وٽ تنهنجي معصوم سوالن جا جواب نه هوندا هئا."

"۽ جيڪڏهن توکي ٻڌائي ڇڏيان ها ته هوءَ زنده آهي ته يقينن تنهنجي اندر ۾ پنهنجي ماءُ کي ڏسڻ جي خواهش جاڳي ها.....؟!"

"۽ سپنا! تنهنجو هر انگل پورو ڪري ٿي سگهيس، پر جيڪڏهن تون پنهنجي ماءُ کي ڏسڻ جي خواهش ڪري ويهين ها ته تنهنجو اهو انگل پورو ڪرڻ منهنجي وس ۾ ئي نه هجي ها....!؟"

"۽ سپنا! مون تنهنجو هر انگل پورو ڪيو آهي، اهو نٿي چاهيم ته تون ڪوئي اهڙو انگل ڪري ويهين جيڪو پورو ڪرڻ منهنجي وس ۾ نه هجي....؟؟!"

نعيم صاحب جڏهن لڙکن هاڻيون اکيون صاف ڪري رهيو هو ته اوچتو سپنا هڪ تيزيءَ سان وڃي سندس ڇاتيءَ سان لڳي ۽ سڏڪي سڏڪي چوڻ لڳي.

"پاپا.....پاپا.... منهنجي ته ماءُ به توهان آهيو... ۽ پيءُ به .....!!؟"

سپنا جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي اکين جي گهور سان نعيم، جبين کي اشارو ڪيو ۽ هن اڇي سپنا کي پنهنجي ٻانهن ۾ پري کيس ائين بي اختيار چمڻ لڳي، جڙ ورهن جا وڇڙيل ماءُ ڏيءُ وڏي سڪ کانپوءِ ملیا هجن. سپنا جي دل جڙ ته ڏک مان ڦاٽڻ لڳي هئي، هن پيءُ جي ڪنڌ مان ياڪر ڪيي پنهنجي ان ماءُ جي ڪنڌ ۾ ياڪر وڏا ۽ پوءِ ٻنهي ماءُ

ڏيءَ روئيندي روئيندي هڪ ٻئي جا ڪپڑا لڙڪن سان آلا ڪري ڇڏيا هئا.

سپنا کي مامتا جي احساس زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ڪنهن درد جو احساس ڏياريو هو ۽ پهريون پيرو هؤ ڏک پريو روئڻ رني هئي. جنهن کانپوءِ سندس اندر ڪافي هلڪو ٿي ويو ۽ ماءُ جي جهوليءَ ۾ سمهڻ جي خواهش جاڳي هئس....!؟

اهو هڪ ڏکائتو منظر هو. جڏهن سڄو گهر سڏڪن ۾ سڏڪي پيو هو ۽ ماءُ ڏيءَ کي پيار جا پاڪر پائيندي ائين پنهنجائپ وچان روئيندي ڏسي نعيم جي نيٽن جا نارا بہ مسلسل وهندا رهيا.....!

جبين هاڻي جبين نہ پر شهناز بنجي پئي هئي. هن ماحول کي دلچسپ بنائڻ لاءِ ان نالي جي تبديلي کي خوشيءَ سان قبولي ورتو هو.

هن ان گهر جون رونقون ۽ خوشيون بحال رکڻ گهريون ٿي، جنهن کي پنهنجي حياتي جو ڇپر ڇانو سمجهيائين ٿي ۽ جنهن گهرجي اميد تي هؤ سالن تائين جيئندي اذيتون پوڳيندي آئي هئي....!

سپنا تمام گهڻي خوش هئي.... اڳ هوءَ اڪيلي پيءُ سان ڪيئا ڪري وقت گذاريندي هئي ۽ ڪڏهن پٽس گهر نہ ايندو هو تہ پوائتا خواب ڏسڻ لڳندي هئي. پر هاڻي ڪيس گهرجي وندر ملي پئي هئي....“

هوءَ پيءُ کان وڌيڪ ماءُ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳي هئي ۽ انهن ئي معصوم سوالن ۽ شرارتن سان ماءُ سان ايتريقدر خوش هئي جڙ حقيقي زندگيءَ جو لطف ڪيس هاڻي ئي مليو هجي....!!؟

هي ڏينهن صبح واري خبرنامي ۾ ئي اها خبر نشر ٿي رهي هئي تہ ملڪ جي ڳجهي اداري ڪامياب چاپو هڻي خطرناڪ ملڪ دشمن گروهہ جا ٣ سرگرم ڪارڪن گرفتار ڪري ورتا. ونائڻ خطرناڪ هٿيار وائرليس سيٽ. اهم نقشا ۽ ثبوت هٿ آيا آهن.

انهيءَ نيوز بليٽن ۾ هڪ طرف گرفتار ٽيل گروهہ ۾ خالد حسين، هيرا مندي جو دلال بشارت خان ۽ جبين جو پيءُ ڏيکاريو پئي ويو. هي طرف هٿ آيل ثبوت ڏيکاريا پئي ويا تہ ٻي طرف وري اداري جو ڊائريڪٽر معظم صاحب انٽرويو ڏيئي پنهنجي ڪارنامي بابت تفصيل ٻڌائي رهيو. هو ٻڌائي رهيو هو تہ اهڙي ڪارروائي انتهائي خفيہ اطلاعن تي ڪئي وئي ۽ آخر ۾ خفيہ اطلاع پهچائيندڙن جا ٿورا مڃي رهيو هو....! اها ٻي وي رپورٽ ڏسڻ کانپوءِ جبين جي روحاني ڪيفيت ايڏي پرسڪون ٻڌجي

ويئي جڙ سندس سمورا گناهه آب زم زم سان ڏوڀجي پاڪ ٿي ويا هئا...!؟

نعيم صاحب پڙ ايترو سنجيده ۽ پرسڪون ٿي ويو جڙ هن زندگي جو هڪ وڏو مقصد ماڻي ورتو هجي...!

جبين ۽ نعيم گمنامي ۾ ئي پنهنجو قانوني نڪاح رجسٽرڊ ڪرائي چڏيو هو.

تڏهن نعيم صاحب توڙي جبين جوانيءَ کي جيتوڻيڪ پوئتي چڏي آيا هئا. پر سندن چهرن جا نقش ونگار اڃا تائين به کين جوان ٻڌايو بيٺا هئا ۽ شادي جي ٻندڻن ۾ ٻڌجڻ کانپوءِ ته هو ٻيهر تازي گلاب جيان تڙي پيا هئا ۽ سونهن جا سمورا رنگ سندن اندر کي رنگينيون بخشڻ لڳا هئا.

هڪ دفعو وري به گلبرگ واري نعيم صاحب جي پراڻي بنگلي کي نئين جواني نئين رونق ملي پيئي.

نعيم ۽ جبين، سپنا تي اهو راز ڪڏهن به نه کولڻ جو عهد ڪري ويٺا هئا ۽ جبين اهو وساري ويٺي ته هؤ جبين هئي. بلڪ هن پاڻ کي شهناز ئي بنائي چڏيو هو هميشه لاءِ ... هن سپنا سان حقيقي ماءُ واري روش رکندي کيس ايترو پيار ڏنو هو جو سپنا هاڻي گهر ۾ هڪ نئين پيار جي سحر هيٺ گم سم ٿي ويئي...! هن کي مامتا جي ڏاڍي اکير هئي جيڪا پوري ٿي رهي هئي ۽ هؤ ڏاڍي خوش گذارڻ لڳي هئي...!

نعيم صاحب تان وڏو بار لهي پيو هو سپنا جي سنپال جو هاڻي هو آزاديءَ سان بي اونو ٿي سياست کي ڦل ٽائيم ڏيئي رهيو هو ۽ سياست جي اپ ٿي سندس نالو چمڪندڙ ستاري وانگي جرڪڻ لڳو هو...

وقت جي رفتار سان سپنا تيزي سان تعليم جا ڏاڪا چڙهندي رهي. هن بهترين نمبرن ۾ انٽر پاس ڪري ورتو.

نعيم صاحب کيس لا ڪاليج ۾ قانون جي ڊگري ڏيارڻ ٿي چاهي. مگر سپنا ان جي برعڪس يونيورسٽي ۾ داخلا وٺي ڏيڻ لاءِ بضد رهي. هوءَ هميشه پنهنجي ضد ۾ ڪامياب ٿي ويندي هئي. ان ڪري ئي هن جي ضد کي ڏسي پٽس کيس پنجاب يونيورسٽي ۾ داخل ڪرائي چڏيو يونيورسٽي ۾ پير پائڻ وقت سپنا تي نه فقط سونهن ۽ جواني مهربان ٿي پئي هئي بلڪ هوءَ شعوري طور تي به بالغ ٿي چڪي هئي. هن کي يونيورسٽي جي آزاد فضائن ۾ ايترو سرور مليو جيترو شهر جي گهٽ ۽

هوسٽ پرئي ماحول ۾ رهندڙ ڪنهن پراڻي شهريءَ کي ٻهراڙي جي سرسبز ۽ ڪليل هوائن ۾ مزو ايندو آهي.

هن جيڪو يونيورسٽي بابت تصور ڪيو هو هتي ان کان ٻه وڌيڪ ڪيس انجوائمينٽ ملي رهي هئي....!!

هوءَ يونيورسٽي جي پارڪن، ڍڳهن وڻن يا ڪليل ڪينٽين ۾ ويهندي گهر کي ٻه وساري ويهندي هئي.

يونيورسٽي ۾ ٽيندڙ مختلف ڪلچرل شوز ادبي پروگرام، سماجي سياسي پروگرام، فنڪشن ۽ ملهائجندڙ ڏاڻن جا لطف ماڻيندي سپنا جي فطرت ۾ زبردست نکار اچي ويو هو.

هوءَ جا ڪاليج تائين جي پيرڊ ۾ پنهنجو پاڻ تائين محدود هڪ سنجيده چوڪري هئي، ان جي رويي ۾ عجيب پنهنجائپ جو عنصر شامل ٿي ويو هو.

هاڻي ڪلاس فيلوز سان دوستيون جوڙي ورتيون هئائين ۽ هر معاملي ۾ ڏاڍي هشاش بشاش ٿي پيئي گهمندي هئي.

اڪثر فارغ ٽائيم ۾ پنهنجي سهيلين جي جهرمٽ ۾ هوندي ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي تمام وڏا ٽهڪ فضائن ۾ ابابيل پکين جيان اڏاري ڪائنات جي حسن کي رومينٽڪ بڻائي ڇڏيندي هئي...! سهيلين کي زوري زبردستي ڪينٽين تي آڻي اجايا سجايا موضوع چيڑي بحث مباحثا ڪرائي ائين پنهنجي اندر جا اوبار هلڪا ڪري چانهه جا خرچ سجايا ڪندي هئي، جيئن ڪوئي شوقين شاعر پنهنجي دوستن کي هوٽلن تي زوري چانهه پياري تازي شاعريءَ جا داستان مٽن زبردستي ٻڌيندو آهي...!؟

هوءَ سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي، سرتين ست ۾ ويٺي آسمان ۾ ٽمڪندڙ ننڍڙن ستارن جي جهرمر ۾ بيٽل وڏي مرڪزي تاري جي حيثيت وانگي نمايان نظر ايندي هئي، ساٿس اڪثر سهيليون حسد ڪنديون هيون ۽ پر پٽ سندس ادائن جا نقل ڪري پاڻ کي سپنا جهڙو ثابت ڪرڻ جون ٻه ڪوششون ڪنديون هيون.

يونيورسٽي جا اڪثر استوڊنٽس سپنا کي پنهنجي هڪ آئيڊيل سپنو سمجهي ساٿس غائبانه محبت ڪندا هئا ۽ جن رستن تان سپنا جو گذر ٿيندو هو اتي پنهنجي نيٽن جا رابيل ملائم قالين وانگي وڇائي رکندا هئا.....!

جڏهن هوءَ ڪنهن بہ چوڪري تي اختيار نہ آڻيندي هئي تڏهن پريٽ سيئي دوست گڏجي ڪيس بيرحم..... ظالم..... پٿر دل ۽ بيوفا جهڙن لقبن سان نوازي چڏيندا هئا.....! هو سمجهڻ لڳا تہ سپنا جي دل واري خاني ۾ گوشت بجائي پٿر جو ٽڪرو رکيل آهي، جنهن ۾ ڪوبہ احساس يا جذبو نٿو پلجي سگهي.....!؟

.....ان جي برعڪس، سپنا عشق جي امنگن کان اڻ ڄاڻ پنهنجي هستيءَ جي مستيءَ ۾ مگن هئي.....! ڪيس نہ تہ عشق جي اُسات جو احساس هو ۽ نہ ئي بدمست سونهن تي ڪوئي باور.....!؟ هوءَ جا هميشہ سرتين جي ست ۾ ويهي مرڪن جا گل ٽيڙيندي هئي، ان کي قدرت جي ڪمالیت سمجهندي رهندي آئي هئي.....!

هڪ پيري..... يونيورسٽي پاران تاريخي ماڳن جو مطالعاتي دورو ٿيو هو ان ڏينهن سپنا پنهنجي ريشمي وجود کي گهري سائي رنگ جي ململي جوڙي ۾ ويڙهي آئي هئي .....ان سر سبز لباس جي ساوڪ منجهان سندس گلابي چهري جي رنگت، بهارن ۾ ساون پنن مان ٽڙندڙ گلاب جا اهجاڻ پي آڇيا.....! ڳوري پيشاني تي چاڙهيل ڪاري چشمي جو گولڊن فريم ۽ فريم جي ٻنهي ڇيڙن کان لڙڪندڙ گولڊن زنجير، ڪنڌ جي هلڪي لوڏي سان زنجير مان نڪرندڙ چمڪ جا شعاع ڪنوارن جذبن ۾ عجيب خلش جاڳائي رهيا هئا.....!؟!

هوءَ جڏهن اوچتو يونيورسٽي پوائنٽ جي گيٽ مان نمودار ٿي هئي تہ سڄي گاڏي موتئي جي مدم پرفيوم سان معطر ٿي ويئي ۽ بي اختيار سيئي نظرون ان خوشبوءِ طرف ڪڇي ويون، جيڪا هن پنهنجي ڪپڙن تي هنئي هئي پر اڪثر نوجوانن ان کي بہ سندس جسم جي ڪچڙي سڳنڌ سان پيتيو هو.....!

۽ هن جي سنهڙن ڇيڙن تي ڪڙيل پهرين تاريخ جي سنهڙي چنڊ جهڙي مرڪ پوائنٽ ۾ موجود سمورين چوڪرين کي ائين احساس محرومي ۾ ڌڪي چڏيو جڙ هڻ متن چٽر ڪندي هجي.....!؟ ان وقت گاڏي ۾ اڳواڻ موجود سموري سونهن ائين مرجهائجي ويئي، جيئن سج جي روشني ۾ هرندڙ بلب.....!

هوءَ جيئن ئي گاڏي ۾ چڙهي تہ ڊرائيور سيٽ جي پٺيان تن واري سيٽ تي ويٺل تبسم ۽ ڏکيہ جو گڏيل سڏ ڪنن تي پيس ۽ هن جي

مرڪ تهائين گهري ٿي ويئي. هوءَ سڏو انهن طرف آئي ۽ پوئتي گاڏي ڏانهن نهارينديءَ هڪ محبوبانہ انداز سان هٿ هوائن ۾ لهرائيندي چيائين

"Good morning every body"

۽ موٽ ۾ مجموعي جواب آيو:

Good morning beauty girl...!

هن انهيءَ جواب تي هلڪو ٽهڪ ڏنو ۽ تبسم ۽ ذڪيہ جي وچ ۾ ويهي رهي.....!

ڊرائيور اڳ ۾ ئي سيٽ تي موجود هو.... سامهون واري اسٽاف سيٽ تي مشتاق. فهيم ۽ نفيس ويٺا عجيب نظرن سان سندن سيٽ ڏانهن ڏسي سرگوشين ۾ ڳالهائي رهيا هئا.....! گاڏي ۾ هلڪو هلڪو شور هو.... سيئي ٽوئر بابت پلاننگ ڪري رهيا هئا..... ڪن ڊائرين تي نوٽ پي لکيا.... ڪن ڪئميرائن ۾ رول پي وڌا ته ڪي ان تاريخي ماڳن جي تاريخ تي بحث مباحثو ڪري رهيا هئا.....

يونيورسٽي جي روڊن تان گهمندي جڏهن گاڏي هڪ ويڪري مين روڊ تي رفتار سان ڊوڙڻ لڳي ته تيز هوا جا جهوٽا سرسر ڪري درين مان بس اندر ڦڙڦوٽ پيدا ڪرڻ لڳا ۽ نڙاڪ نڙاڪ سان سيني درين جي بند ٽيڻ جا آواز اچڻ لڳا هئا.....

گاڏي ۾ مڪمل خاموشي جو سنهري موقعو ڏسي ڊرائيور ٽيپ رڪارڊ جو بٽڻ آن ڪيو ۽ هلڪي موسيقي ڪانپوءِ گاڏي ۾ محمد رفيع جو مٺڙو آواز گونجي ٻيو:

چودوين ڪا چاند هو يا آفتاب هو

جو بي هو تم خدا ڪي قسم لاجواب هو....!

سڄي بس ۾ جڙ ته ساڪت طاري ٿي ويئي.... ۽ سيئي استوڊنٽس چپن ئي چپن ۾ رفيع جا ٻول جهونگارڻ لڳا هئا....!

اوچتو ان خاموشيءَ ۾ رفيع جي آواز سان گڏ هڪ ٻيو مٺڙو ۽ دردناڪ آواز گونجي ٻيو ۽ سڄي بس ۾ تاڙين جي گونج ان آواز کي داد ڏيڻ لڳي هئي.... سپنا جي پر ۾ ويٺل تبسم ۽ ذڪيہ ان تاڙين ۾ شامل ٿي ويون....!

سپنا چرڪ پري سامهون واري سيٽ ڏانهن نهاريو هو....! نفيس سيٽ جي ٽيڪ تي مٿو ٽيڪي چت ۾ لڳل اسپيڪر ۾ اکيون ڪپائي

محمد رفيع جي گاني جو ورجاءِ ڪري رهيو هو ۽ سندس چهرو غم ۾ ٻڏل هو.....

"چوڏوين ڪا چاند هو يا آفتاب هو.....

جويي هو تم خدا ڪي قسم لا جواب هو.....!!؟"

اڄ پهريون ڀيرو سپنا جي دل معمول کان ڪجهه وڌيڪ ڏڪ هنيا هئا.....

اها دل، جنهن کي خود نفيس به پٿر دل سمجهندو رهيو هو.....!؟ ۽ سپنا جي مرڪن ۾ ڀهڪندڙ چهري تي ڪجهه درد ريکائون جهومڻ لڳيون هيون.....!؟

هن هڪ اڻ ڄاڻ درد جي ڪيفيت ۾ اکيون پوري پنهنجو مٿو سيٽ جي ٽيڪ تي رکي چڏيو.....! عجيب بيقراري، اندر ۾ مانڊاڻ مچائڻ لڳي هيس، پنهنجي دل ۾ ڪائي غرض جاڳندي محسوس ڪئي هئائين.....!؟

نفيس جو اهو دردناڪ آواز هڪ طرف سپنا جي اندر ۾ عجيب بيقراري بيدار ڪري رهيو هو ته ٻي طرف درد مان ملندڙ عجيب سرور ڪيس سڪون ڏيڻ لڳو هو.

هن جي شيشي جهڙي شفاف دل ۾ ڀهريون دفعو درد جا عڪس جاڳيا هئا.....

نہ ڄاڻ ڪيڏي مهل گانو ختم ٿيو ۽ نفيس جو ورلاپ خاموش ٿي ويو.... پر هن جي دل ۾ ايڏا تائين ڪائي گونج پڙاڏا ڄي رهي هئي.....!؟

ڪجھ دير ڪانپوءِ جڏهن هوش سنڀالينديِ سيٽ جي ٽيڪ تان مٿو کڻندي هن اکين تان چشمي جا ڪارا شيشا لاٿا ته حادثاتي طور سندس نظرن جو نفيس جي نظرن سان ٽڪراءِ ٿي پيو.... سپنا جا نشيلا نيٽ، نفيس جي عقابي اکين جو شڪار ٿي ويا ۽ هن سٽ نہ سهي هڪدم نظرون واپس موڙائي ورتيون.....! هن جي دل ۾ هڪ اهڙو ڊائنامائيٽ ڦاٽو هو جنهن سندس جبل جهڙي مضبوط دل کي چيهون چيهون ڪري اڏاري چڏيو ۽ هوءَ ٻنهي هٿن سان ڇاتيءَ کي قابو جهلي پريشاني وچان سوچي رهي هئي ته هيءَ ڪيس اوچتو ڇا ٿي رهيو آهي.....!؟؟

هن ڏاڍو پاڻ سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي پر زندگي ۾ پهريون ڀيرو سندس ڪوششن ناڪامي جو منهن ڏٺو هو.....!

ائين ٿي سندس سڄو سفر هڪ اڻڄاڻي بيقراري ۾ گذريو هو جنهن ۾ ڪڏهن هلچل..... ته ڪڏهن سڪون..... ڪڏهن پڇتاءَ..... ته ڪڏهن اجائي خوشي جو احساس شامل رهيو هو.....!؟

اڄ سپنا، سهيلين کان وڌيڪ نفيس ۾ انٽريسٽ ورتو هو.....!

ٽوئر دوران به هيڪر دل چاهيس ته جيڪر سهيلين جي سٽ کان پاڻ آجي ڪرائي ويجي نفيس سان ڪمپني ڪري ۽ وري وري ڪيس اهو گانو ڳائڻ جي فرمائش ڪري جنهن سندس خودي کي فنا ڪري اندر ۾ ڪائي غرض جاڳائي هئي پر هوءَ جيڪو سوچيندي رهي اهو ڪري نه سگهي هئي.....!!

تاريخي ماڳن تي گهمندي جتي سموريون ڪلاس فيلوز ان تاريخي ماڳ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ گم ٿي ويون اتي به سپنا جو سدا بهار چهرو اداس اداس ڦرندو رهيو..! ننڍڙين ڳالهين تي وڏا ٺهڪ اڏائيندڙ سپنا اڄ وڏين ڳالهين تي ننڍڙا ٺهڪ به نه ڏيئي سگهي هئي.....؟ ان اوچتي تبديلي سپنا جي جوڙ ۾ گهمندڙ تبسم ۽ ذڪيه کي خاص طور تي پريشان ڪري رکيو هو.....!! هنن سپنا کان ان اداسيءَ بابت سخت پڇاڻا ڪيا.....؟

پر هو صرف اهو چئي خاموش ٿي ويئي ته " اڄ طبيعت ۾ گهبراهٽ آهي..... شايد طبيعت ٺيڪ نه اٿم.....!؟" پر حقيقت ۾ سندس همراز دوست انهيءَ ڪيفيت جو سبب ڄاڻي ڇڪيون هيون.....!

ماڳن جي دوري دوران نفيس به پنهنجي جوڙ جي ساڻين فهيم ۽ مشتاق سان گڏ سندن پويان پويان ٽورڻي مفاصلي تي گهمندا رهيا هئا ۽ سپنا سهيلين کان نظر بچائيندي چور نظرن سان موقعو ملڻ تي پويان نهاريو ٿي.....!

اڄ سپنا جيترو پنهنجي هار تي اداس هئي، نفيس اوتروئي پنهنجي فتح تي خوش هو..... هن پويان ايندي اوچتا وڏا ٺهڪ اڏاريا ٿي، جيڪي سپنا جي دل ۾ لهي ڪيس وڌيڪ اداس ڪري رهيا هئا.....!

ڪجهه فاصلي ڪانپوءِ جڏهن پويان ٺهڪ اچڻ بند ٿي ويا ته بيقراريءَ وچان سپنا ٻيهر پوئتي نهاريو..... نفيس جي جوڙ کي پويان نه ايندو ڏسي هن واڻڻ وانگي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ شروع ڪيو هو..... جو اوچتو پريان ٺڪري تان نفيس جا ٺهڪ ٻريا هئا..... هن بي اختيار ان طرف

نهاريو جيڪي ڦوٽو گرافي ڪري رهيا هئا... تڏهن سپنا ۾ ندامت مان ڪنڌ هيٺ جهڪائي تکو تکو اڳتي وڌڻ لڳي.....!!

.....ائين اهو تاريخي ٽوئر سپنا لاءِ هڪ يادگار ۽ تاريخي تبديليءَ جو سبب بڻيو هو.....!

هڪ اهڙي تبديلي جنهن سندس ٻاراڻين سوچن ۾ ڪورن جذبن کي جوانيءَ جو شعور ارپيو هو.....! هڪ اهڙو شعور جنهن ۾ڏن دولت کان علاوه ڪنهن بي سهاري جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي...!!؟ هڪ اهڙي ضرورت جنهن ۾ ڪابه دنيا جي رندڪ بند نٿي ٻڌي سگهي...!!؟ ۽ سپنا کي به اندر ۾ هاڻي ان سهاري جي غرض جاڳي پيئي هئي.

۽ زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ڪنهن غيرنوجوان طرف هن پيش قدمي ڪري ڇڏي هئي.....

هوءَ هلندڙ ڪلاس دوران نوٽس جو بهانو بنائي نفيس طرف وڌي ويئي هئي ۽ ڏڪندڙ دل جي بي ترتيب ڌڙڪن کي روڪيندي چئي ڏنو هئائين ته "نفيس تنهنجو آواز ڏاڍو پيارو لڳو.....!"

اهي اکر اچاريندي سپنا پنهنجا نشيلا نيٺ ائين جهڪائي ڇڏيا، جڙ هن پنهنجي ڪل ڪائنات ئي نفيس جي قدمن ۾ جهڪائي ڇڏي هجي...!!؟

نفيس هڪ شاهڪار مرڪ مرڪيو... ۽ مرڪندي جهڪيل ڪنڌ ڏانهن ڏسندي پڇيائينس ته...

"سپنا! ڇا توکي صرف منهنجو آواز ئي پيارو لڳو...؟؟"

موت ۾ سپنا جو جهڪيل ڪنڌ ويتر جهڪي ويو هو...! هوءَ هڪڙو لفظ به نه ڳالهائي سگهي هئي... پر سندس ڪيفيت ۾ ڪيئي اظهار هئا..... جڙ سندس دل جي ڌڙڪن چئي رهي هجي ته

"نفيس! تون ته منهنجي من ڪليسا جو خدا آهين.....!؟"

ان ڏينهن ڪانپوءِ سپنا ۽ نفيس جو اٿوت سهنڌ جڙي پيو هو.....! ۽ هنن اڻ چيل لفظن ۾ هڪ ٻئي سان گڏ جيئڻ مرڻ جا وچن ڪري ورتا هئا.....!؟

.....نفيس هڪ رائل فيملي جو فرد هو... ڏاڍو سمارٽ... ڊگهيرو قد پوري بني بادي، پڪو ڳورو رنگ، ويڪري پيشاني، سنهڙو نڪ، پنکڙين جهڙا سنهڙا ۽ قدرتي رنگن ۾ رچيل گلابي چپ..... مطلب ته مرداڻي حسن جو هو هڪ بيمثال شاهڪار هو.....! هو جڏهن هلڪي اسڪائي ڪلر

جو ڪاٽن پائي يونيورسٽي ايندو هو تہ سپنا جون اکيون ڪيس تڪيندي رهجي ويندیون هيون....؟

ڪلاسز ڪانپوءِ ٻئي ڪڏهن ڪينٽين جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي روح رهاڻيون ڪندا هئا تہ ڪڏهن ڪنهن لان جي ٽڏڻي ڇپر تي ويهي قرب وندبيندا هئا....! هاڻي تہ هنن جا ڪچهرين جا لمحا ڏاڍا طويل ٿيندا ٿي ويا....!

ڪڏهن بي خياليءَ ۾ چهل قدمي ڪندي يونيورسٽي کان ڏاڍا ڏور نڪري ويندا هئا ۽ منڙيون منڙيون لاتيون لنوندا جڏ ڪائنات کي پوئتي ڌڪيندا ڪنهن نئين ڪائنات جي راهن تي گامزن ٿي پوندا هئا.

۽ ڪڏهن نفيس سپنا کي پنهنجي ڪار ۾ ويهاري لاهور جي شالامار باغ کان ويندي مينار پاڪستان جي اوچاين تي وڻي اچي جڏ تہ پنهنجي پيار جو قد اوچو ڪندو هو....! ۽ ڪڏهن سندن گاڏي جو رخ راوي ندي طرف هوندو هو....!

راويءَ جي ڪاپي ڪپ تي واري تي قدمن جا نشان ٺاهيندا ائين دنيا جي درد ۽ غم کان بي فڪر ٿي ڦرندا رهندا هئا جڏ هنن جو ڪائنات خداداد سان ڪوئي رشتو ئي نہ هجي....!!؟

نفيس جي نفيس آڱرين ۾ پنهنجون بخملي آڱريون جڪڙي سپنا ائين جڳ جهان جي خوف کان بي خوف ٿي گهمندي هئي. جن هنن رشتن جي اهڙي مضبوط زنجير جوڙي ورتي هجي. جنهن کي ڪوبہ سماج ٽوڙڻ جي سگهہ نہ رکندو هجي....!!؟

هميشہ ٻاراڻيون شرارتون ڪندڙ سپنا هاڻي گهر ۾ بہ ايتري سنجيده ٿي ايندي هئي جو جڏ تہ هن ۾ وڏي سمجهہ اچي ويئي هجي...!!؟

سپنا جي اهڙي تبديلي کي سندس ماءُ پيءُ فطري عمل سمجهيو هو هنن محسوس ڪيو هو تہ هاڻي سپنا ۾ شعور اچي ويو آهي ۽ سندس طبيعت ۾ تبديليون فطري ڳالهہ هئي....! پر ڪين اها خبر بلڪل بہ نہ هئي تہ ڪنهن اهڙي طاقت هن تي طلسم ڪري ڇڏيو آهي. جو سندس سمورو هٺ ٽوڙي ڪيس سنجيده بڻائي ڇڏيو آهي... عشق جي اها غيبي طاقت جيڪا سياڻن کي چريو ۽ چرين کي سياڻو بڻائيندي دير نہ ڪندي آهي.....!!؟

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن هنن جو پيار گهرائپ ۾ تبديل ٿيندو رهيو....! سپنا سهيلين کي وقت ڏيڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ سهيلين کيس خود غرض سمجهي چوٽ ڇڏي ڏنو هو.

هوڏانهن نفيس جا گهرا دوست به سندس پاڳ سان ريس ڪندي مٿس حسد ڪرڻ لڳا هئا ۽ سيني وهنوارن کان بيپرواهه وقت رمندو رهيو پنهنجي رفتار سان ۽ هن سالن جو عرصو گذري چڪو....!؟

.... تن ڏينهن اوچتو ملڪي سياست ڦيرو کاڌو هو هلندڙ حڪومت کي وقت کان اڳ ئي هٽايو ويو.... نگران حڪومت جڙي، جنهن ۾ نعيم صاحب کي وزير جو قلمدان مليو....

هي بلڪل انهن ئي ڏينهن جي ڳالهه آهي جو نفيس سپنا کان ڏاڍو انوکو ۽ مشڪل امتحان ورتو هو. جڏهن ٻئي اڪيلا يونيورسٽي لان ۾ ڪچهري لاءِ ويٺا هئا ته نفيس ڪجهه وڌيڪ ئي سنجيده ٻڌجي پيو هو.

۽ انتهائي ڳڻپيرتائن مان سپنا جي اکين ۾ نهاريندي پڇيو هئائين ته "سپنا! تون مون سان ڪيترو پيار ڪرين ٿي....؟"

"جيترو تون مون کي پيارو آهين....!" مرڪندي کيس روڪڙو جواب ڏنائين.

"آئون توکي ڪيترو پيارو آهيان سپنا....؟"

"تون نفيس مون کي ايترو پيارو آهين....ايترو جيترو زندگي کي ساهه پيارو هوندو آهي....!"

"پر سپنا، الائي ته چو....!؟ ۽ هن سالن جو عرصو توسان گڏ گذاريندي به آئون پنهنجي دل کي اهو يقين نه ڏياري سگهيو آهيان ته تون منهنجي ٿيندئين....!؟"

"نفيس توکي شايد خبر ئي ناهي ته مون توکي ڪيترو چاهيو آهي....!؟"

"مون توکي ان حد تائين چاهيو آهي جو تو کانسواءِ شايد زنده به نه رهي سگهان....!؟ نفيس! تون منهنجي دل جي پيڙي ۾ قيد اهو طوطو آهين جنهن ۾ منهنجو ساهه آهي...!؟ ۽ جنهن ڏينهن دل جو پيڙو خالي ٿي ويو ته پڪ ڄاڻجانءِ منهنجي جسم مان ساهه موڪلائي ويندو....!!؟"

"ٿي سگهي ٿو ته تون سچ چوندي هجين سپنا، پر الاهي ڇو هي دل چري مڃي ئي نٿي....!؟!"

"نفيس! توکي منهنجي وفا تي شڪ نه هئڻ گهرجي....؟"

"پر الائي ڇو سپنا...؟! منهنجي دل ڏاڍي بي ايمان ٿي پيئي آهي...!؟"

"شايد نفيس...! توهان عورت جي نفسيات کان اڻواقف آهيو...! عورت پنهنجي زندگي ۾ دل سان صرف ڪنهن هڪ مرد کي قبولينديِ آهي ۽ ان تان زندگي ته ڇا پر سڀ ڪجهه ٻه قربان ڪري ڇڏيندي آهي... ۽ ... نفيس... توکي مون تي اعتبار ڪرڻ گهرجي...!؟"

"ته ڇا سپنا! تون پنهنجي وفا جو مون کي يقين ڏياري سگهندئين...؟؟"

"هزار پيرا...!؟" سپنا ڏري گهٽ روئيندي جذبات وچان وراٽيو.

"ته پوءِ اهڙو ثبوت ڏيکار جو يقين ٿي وڃي ته...!!؟"

"وٽ نه منهنجي وفا جو امتحان... تون مذاقن ۾ ئي چئو... آئون حقيقت ۾ ڪوهه ۾ ٽپو ڏيئي ڇڏيندیس...؟!"

"سپنا...! اهي پراڻا پهاڪا مون کي نه ٻڌائي... دراصل اڄ ڪلهه منهنجي طبيعت ۾ ڏاڍي سنجيدگي لهي آئي آهي، آئون چاهيان ٿو يا ته سيئي ويڇا ختم ڪري هميشه لاءِ منهنجي ٿي وڃ...! يا مون کان ڪوڙا سهارا ٻه کسي وٺ...! آئون تنها ٻه گذاري وٺندس...!؟"

سپنا جذبات وچان پڙڪو ڏيئي اٿي ۽ نفيس کان ٻانهن مان ڇڪيندي روئيندي، سڏڪندي، چئي رهي هئي.

"اٿي نفيس... هينئر ئي مون سان گڏ هل...؟!"

"پر ڪيڏانهن ...؟؟"

"ڪورٽ ڏانهن...! آئون توسان ڪورٽ ميريج ڪرڻ لاءِ ٻه تيار آهيان...!؟"

"پر سپنا! اهو ٻه سوچيو ٿئي ته تون هڪ منسٽر جي ڏيءُ آهين...؟! ڇا تنهنجو پيءُ انهيءَ قدم تي خاموش رهندو...!؟؟"

نفيس...! مون پهرين ئي چيو هو نه ته عورت ضد تي اچي ته هر ناممڪن کي ٻه ممڪن بنائي وٺندي آهي...! ۽ وري توکي ته منهنجي وفا جو امتحان وٺڻو آهي نه ...!؟ آئون تو تان زندگي جون سڀ عشرتون گهوري سگهان ٿي...! اٿي هل مون سان هينئر ئي...!!؟"

۽ پوءِ سپنا اهو جذباتي فيصلو ڪري ڇڏيو...! هنن خاموشيءَ سان ڪورٽ ميريج ڪري ڇڏي ۽ ڪين ڪورٽ طرفان گڏ رهڻ وارو اجازت نامون ملي ويو...!

هي ڏينهن سپنا پنهنجي جيون ساڻي نفيس کي سيڪريٽريٽ تي پنهنجي پاپا سان ملائڻ لاءِ وٺي آئي....! سندس پيءُ جيڪو هڪ اهم وزارت جي قلمدان جو ڌڻي هو، هنن سان نهايت ئي گرمجوشي سان مليو. سپنا کي ائين پيار کيائين جيئن گهر ۾ ڪندو هو. پوءِ هن بيل وڄائي ۽ بوتلون آڻڻ جو چيو ۽ پاڻ وري به ٽيبل تي پيل فائلن جي ڪاغذن تي صحيحون ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويو. جڏهن ٻئي بوتلون خالي ڪري واپس ٽيبل تي رکيون، تڏهن هن به فائل مان نظرون ڪڍي چپن تي ڀاجهاري مرڪ سجائي هنن ڏانهن ڏسندي سپنا سان ڳالهايو.

"سپنا پٽ! هن طرف پاپا جي آفيس ئي ڏسڻ آيا هئا يا ڪوئي ڪم ڪار به هو....؟"

" پاپا دراصل.....!؟؟" هوءَ گهبرائجي اڌ ۾ جملو کائي ويئي.

"ها ها پٽ چئو پنهنجي پاپا کان گهبرائين ٿي....؟!"

نعيم صاحب کيس آئٽ ڏينڊي سندس همٽ وڌائي.

"پاپا اصل ۾، هيستائين ته توهان منهنجون سڀ هجتون ۽ سڀ انگل پورا ڪيا آهن.... پر اڄ توهان سان تمام وڏي هجت ڪٽي آئي آهيان....!!؟"

۽ سپنا اهو چوندي احترام وچان ڪنڌ جهڪائي چڏيائين.

نعيم صاحب ڪجهه دير سوچن ۾ پئجي ويو پر پوءِ نفيس کي ڏسندي کيس خيال آيو ته شايد هوءَ پنهنجي هن ڪلاس فيلو جي ڪنهن منجهيل مسئلي بابت مدد وٺڻ ٿي چاهي....!! اهو سوچيندي وري چيائين....

"سپنا! تنهنجو پاپا توکان وڌيڪ ٻي ڪنهن جي سفارش نٿو مڃي سگهي....! ان ڪري .... بس شاباس چئو....! ڇا مسئلو آهي.....؟؟"

ان وقت سپنا جي دل جو ڌڙڪو تيز ٿي ويو ڪجهه چوڻ لاءِ چپن ۾ جنبش آيس، پر ڳالهائي نه سگهي.....!!

پٽس ٻيهر همٽ وڌائيندي چيس....

"سپنا پٽ! اڄ تون ايترو گهبرائين ڇو پئي.... ڇا توکي پنهنجي پاپا تي يقين نه آهي....؟! چئو شاباس! ڇا ڳالهه آهي.....؟؟"

سپنا ڏکندڙ هٿن سان جهولي ۾ پيل فائل کولينديِ، ان مان ڪورٽ ليٽر ڪڍي سندس سامهون ٽيبل جي شيشي تي رکي انتهائي منجهيل انداز ۾ بيهي رهي.

پر سپنا! آخر هي چا جو ڪاغذ آهي....؟؟" ٽيبل تان ڪاغذ ڪٽندي هن پڇيو.

"سپنا نظرون سندس پاپا جي ڪرسيءَ مٿان لڳل قائداعظم جي تصوير ۾ ڪپائيندي ٻڏل ٻڏل آواز ۾ وراٽيو.

"پاپا.... هي.... هي نڪاح نامو.... اسان پا.... پاڻ ۾.... ڪورٽ ميريج .....!!؟؟ "

"چا چيئي.....؟؟..... ڪورٽ ميريج.....؟؟!"

هو ائين چرڪ ڀري ڪرسي تان اٿيو جڏڪ ڪنهن غير متوقع طور اهڙي ٽڪر وهائي ڪڍي هجيس. جنهن سان سڄو دماغ ڦنوانجي ويس.

ٻنهي هٿن ۾ مٿو جهليندي بيساخته بدن کي ڪرسي تي اڇلايائين آفيس ۾ هلندڙ ايئرڪنڊيشن جي ٺڏ باوجود به پگهر جا ريلا سندس منهن تان آبشارن جيان وهڻ لڳا..... اکين اڳيان اونداهيءَ جا گلابي تروار ڦوڙي ويس ۽ نيم بيهوشي ۾ پاڻ مهاڳو پٽڪڻ لڳو.

"سپنا....! سپنا، تو هي چا ڪيو...؟؟"

" تو به پنهنجي پاپا جي زندگيءَ ۾ زهر اوتيو....!؟؟"

"اڙي تون ته .... منهنجي محبوب جي نشاني هئين.....؟"

"تون .....! تون به مون کان فيصلي جا حق کسي وئين.....!؟؟"

"ڪاش سپنا....! ڪاش تون.... تون..... !!؟؟" ۽ تيز هڇڪيءَ سان گڏ سندس اندر ۾ ائين مروڙ پيئي جڙ سندس آنڊا وات مان ٻاهر نڪري ايندا ۽ تڪليف جي ڪيفيت ۾ هو مٿو ڏونڊڻ لڳو....

سپنا اڳتي وڌي. پيءُ جا لڙڪ اگهڙ چاهيا..... هن ڪيس هٽ جي اشاري سان اتيئي بيهڻ جو حڪم ڪري چڏيو.....؟

ان ويل سپنا جو اندر پڙ ڪنهن ٻرندڙ جبل! وانگي ڦاٽڻ لڳو هو ٻنهي هٿڙن جي ٻڪ ۾ منهن ڏڪي سڏڪڻ لڳي.... هن کان به پنهنجي آئيڊيل پاپا جا لڙڪ ڏٺا نٿي ٿيا....! ۽ نفيس اهو سارو تماشو ڦاٽل ڦاٽل اکين سان ڏسندو ئي رهيو ۽ ڪيس ڪنهن وڌي سزا جو خوف ورائي ويو.....!؟ هن سپنا کان اهڙو ڏکيو امتحان ورتو هو جنهن جي نتيجي ڪيس به چرڪائي چڏيو هو..... دل چاهيس ته جيڪر ٻنهي پيءُ ڏيءَ کي انهيءَ حال ۾ چڏي پاڻ ٻچي وڃي آزاد فضائن ۾ ساهه ڪٽي.....! پر هو آفيس ۾ ساهه گهٽجڻ باوجود ٻاهر پڃڻ جي همت نه ساري سگهيو.....!؟

..... ڪجھ دير ڪانپوءِ نعيم صاحب ڪرسي جي ٽيڪ تان مٿو ڪنيو ۽ ٽيبل تي رکيل نڪاح نامي تي سائي پين سان صحيح ڪندي پنو اڇتي وڌائيندي چيو تہ.

"هان وٺ سپنا! مون توهان کي گڏ رهڻ جي اجازت ڏني.....!"

"پنهنجي مرضيءَ سان زندگي ڪلندي ڪڏندي گذاري چڏجو.....!"

" ۽ سپنا وساري چڏجان پنهنجي ان پاپا کي جنهن توکي وڏي پيار مان ماءُ بٽجي پاليو هو.....!"

"ها سپنا اڄ ڪانپوءِ ڪڏهن پلجي ٻہ پنهنجي ان پراڻي گهروٽ اچي يادن جي سورن کي جاڳائڻ جي ڪوشش نہ ڪجانءِ. جتي ڪڏهن تنهنجون معصوم شرارتون ۽ منهنجا چڑواڳ ٽهڪ ٻريا هئا.....!"

"۽ سپنا! اڄ ڪانپوءِ تنهنجو بدنصيب پيءُ هي وزارت.....!

هي لاهور.....! ۽ هي گهر چڏي ڪنهن ڏورانهن ڏيهہ طرف هليو ويندو.....! اهڙي اونداهي ماڳ ڈي جتي ڪير ڪولڙ ٻہ چاهي، تڏهن ٻہ مون کي هرگز ڪولي نہ سگهندو.....!!؟"

نعيم صاحب زور سان اکيون بند ڪري مڙي آيل لڙڪ جذب ڪيا ۽ ٻيهر پنل اکين جي ڏنڏلي روشنيءَ مان سپنا کي ڏسندي اٿي ٻيٺو ۽ درد جي پيڙائن مان اهي آخري لفظ چئي نشو سان لڙڪ اگهندي چيمبر ۾ هليو ويو تہ.....

"۽ سپنا! ڏس تنهنجو پاپا ڪيڏو نہ بهادر آهي.....؟! هر امتحان مان پاس ٿي نڪري ٿو..... ڏس سپنا تنهنجي پاپا جا عجب نصيب.....!!؟"

"سپنا ڪڏهن ائين ٻہ نہ سوچجانءِ تہ منهنجي پاپا منهنجي ڪنهن هجت کي ٽڪرايو.....!! ڪڏ لڪ سپنا..... ڪڏ لڪ.....!!؟؟"

سپنا کي وقت ائين ٻڪن ۾ منهن لڪائي روئندي رهي هئي ۽ پوءِ خالي نظرن سان خالي پيل پاپا جي ڪرسي ڏانهن ڏسندي نفيس جي بانهن ۾ جهپي هٿي کيس ٻاهر گهلڻ لڳي هئي.....!

ڪار ڪاري روڊ تي ڊوڙندي رهي..... نفيس اسٽيرنگ تي ائين بي حس و حرڪت جميو ويٺو هو جو سپنا ڏانهن نهاري جيتري ٻہ همت نہ هئس.....! ۽ سپنا سندس پر ۾ لڙڪن پنل چهري سان ويٺي رهي، جهڙوڪ هوءَ مسلسل روئيندي رهي هئي.....!؟

ڪجھ فاصلي ڪانپوءِ سپنا جو روئڻهارڪو آواز گاڏي ۾ گونجيو.....

"نفيس صاحب! شايد آڻون اڃا صرف (Written test) ۾ پاس ٿي آهيان. لڳي ٿو ته منهنجي وفا جي امتحان جو ٻيو مرحلو ڪجهه ڏينهن کانپوءِ شروع ٿيندو...!؟"

نفيس ائين خاموش گاڏي ڊرائيو ڪندو رهيو جڙ سندس ڪنن ڪجهه ٻڌو ئي نه هو.

سپنا ٻيهر روٺڙهار کي لهجي ۾ ڳالهايو.

"ڇ نفيس! تون چا چاڻين ته مون اڄ ڪهڙي عظيم هستي کي ڪاوڙايو آهي؟"

"هن مون کي ماءُ وانگي نپايو...! پيءُ جهڙو پيار ڏنو...! استاد وانگي پڙهايو...! دوست وانگي وندرايو...! ڇ خدا وانگي سهارو ڏنائين...

"پر ڏس نفيس...؟ هڪ عورت جي وفا چا ٿيندي آهي...!؟؟"

"ڏس نفيس... هٽ ٿي جوڙيانءِ نفيس...پليز آڳنده ڪنهن به مون جهڙي جذباتي عورت کي آزمائش ۾ نه وجهجانءِ...!؟"

سپنا هٽڻ ۾ مُنهن ڏکي اوچنگارون ڏيئي روئندي رهي... ڇ نفيس ڪنهن گونگي ڪاريگر وانگي بت بڻجي گاڏي ڊرائيو ڪندو رهيو...!؟"

سندن ڪار لاهور جي وشال روڊن تان وراکا کائيندي شهر کان ڪجهه ٻاهرين حصي ۾ هڪ عاليشان ٿي منزله بلڊنگ هيٺ اچي بريڪ هنيو گاڏي جي هارون ته هڪ ٽلهي متاري چوڪيدار ٻوڙي اچي وڏو لوهي گيٽ کوليو ڇ گاڏي گيٽ مان اندر ٿيندي هڪ عاليشان پارڪ مان گذرندي اچي ڪارپورش هيٺ بيٺي. گاڏي جا شيشا لاڪ ڪندي نفيس چوڪيدار کي گاڏي کي صاف ڪرڻ جو ائين حڪم ڪيو جڙ هو سپنا کي پنهنجي رعب ڇ دٻدٻي کان آگاهه ڪندو هجي...!؟

ڇ هو ٻئي ان بنگلي طرف وڌڻ لڳا...! ڏاڪڻ چڙهندي پهرين منزل تي پهتا ته پهريون پيرو نفيس سپنا سان ڳالهايو.

"سپنا، هي پنهنجو غريب خانو آهي... ڇ هاڻي اڄ ته توکي امي سان ملايان ٿو."

سپنا اهو سڀ اجنبي نظرن سان ڏسندي آئي ڇ چپ چاپ هلندي رهي نفيس جي پٺيان...!

"سپنا امي هوءَ سامهون پيئي اچي... ڪيس ادب سان پيش اچجانءِ...!"

نفيس جي ان سرہاڻ تي سپنا سامهون نهاريو ۽ حيرت وچان سندس اکيون ڦاٽل ئي رهجي ويون....!!؟

ٽيهه سالن جي نفيس جي ماءُ کيس سورهن سالن جي چوڪري لڳي هئي....!! پر جڏهن هوءَ ويجهي آئي تڏهن پتو پيو ته هن جي مصنوعي جواني جو راز ميڪ اپ جا تهه هئا...!؟ هن پهرين نفيس کي پيار وچان پيشاني تي چمي ڏني ۽ پوءِ سپنا کي مهمان سمجهي سٽو ورتاءُ ڪيو.. پر جڏهن اهو راز کليو ته هنن پاڻ ۾ ڪورٽ ميريج ڪئي آهي ته ٽامٽي جيان تپي ڳاڙهي ٿي ويئي ۽ ڪاوڙ منجهان ٻه چار ٽڪرون نفيس جي ڳلن تي وهائي ڪڍيائين....!

۽ پوءِ هوءَ سپنا تي پلٽي پيئي....!

هن جي چهري جا تيور ڏاڍي جلدي سان بدلجي رهيا هئا ۽ زبان جي ڪمان مان نڪتل سمورا تير سپنا کي گهايل ڪندا رهيا....!

"بي حيا چوري! پرائي دولت جي عياشي ڏسي پنهنجي مائٽن جي عزت ٻه ڏوڙ ۾ ملائي چڏيئي....!؟؟"

"تو جهڙيون ڇڙواڳ چوڪريون ڪار ۽ بنگلي جي نشي ۾ اميرن جي اولاد کي بليڪ ميل ڪري زوري پيار جا ڊونگ رچائي شادي کي مذاق بنائيندي شرم ٻه محسوس ناهن ڪنديون....!!؟؟"

"تون چا ٿي سمجهين ته آئون تنهنجي ڪورٽ جي ليٽر کان ڊڄي هن گهر جي وارثي تنهنجي حوالي ڪري چڏيندس....!!؟؟"

"نڪري وڃ هتان....آءُ چوانءِ ٿي منهنجي نظرن کان هٽي وڃ....!؟"

نفيس جي ماءُ جي اکين ۾ ٻاهه جا شعلا پڙڪڻ لڳا....!

سپنا اهو سڀ ڪجهه ڪٿڙي ۾ بيٺل ڪنهن مجرم تي ٽيندڙ وڪيل جي حملن وانگي خاموشي سان ٻڌندي رهي هئي کيس دل ۾ آيس ته چئي ڏي "مان ڪنهن بکئي پينگئي جي ڏيءُ ناهيان جو دولت جي لوڀ ۾ ايترو ڪجهه برداشت ڪريان....! آئون امير پيءُ جي ڏيءُ آهيان ۽ منهنجو پيءُ هڪ منسٽر آهي....!!؟" پر هن اهو سڀ ڪجهه دل ۾ ئي سوچيو هو ۽ ٻڙڪ ٻه ٻاهر نه ڪڍي هئائين....!؟

هن کي وڌيڪ ڏک نفيس جي ان خاموشيءَ جو ٿيو هو جيڪو پنهنجي ماءُ اڳيان ايتري ٻه جرئت نه ڪري سگهيو جيتري سپنا پنهنجي پيءُ اڳيان همت ڪئي هئي....!!؟

هن کي هاڻي پنهنجي غلطيءَ جو شديد احساس جاڳيو هو. پر هن پنهنجي هٿن ۾ پيرن ۾ سنگهرون لڳل محسوس ڪيون. جتان ايتري آساني سان هوءَ آزادي نٿي ماڻي سگهي ۽ هن پاڻ کي لڪير جو فقير سمجهي سپ ڪجهه نصيبن تي ڇڏي ڏنو.

سپنا جي اندر ۾ ان وقت ندامت جا تير وڌيڪ وسي رهيا هئا جڏهن هو نفيس جي گهر مان نفيس سان گڏ واپس ٻاهر اچي رهي هئي ....؟

هن جو دماغ چڪرائجي رهيو هو ۽ پنهنجي زندگي ڪنهن سورن جي گهاٽي ۾ پيڙجندي محسوس ڪيائين. درد جي ڪيفيتن ۾ وري نفيس کان پنهنجي پريشاني جو حل پڇي ورتائين.

"نفيس... هاڻي ڇا ٿيندو...!؟"

"سپنا! مون توکي وڏي امتحان ۾ وڌو ۽ لڳي ٿو ته هاڻ ان جي نتيجي ۾ مون کي به توسان گڏ پوڳٽو ئي پوندو...!!؟

"نفيس! تنهنجي پيار خاطر مون ته سپ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو. ڇا تون به ايتري قرباني ڏيئي سگهندين....؟؟"

"....!!؟؟"

نفيس خاموش ٿي ويو...! ڪوبه جواب نه ڏيئي سگهيو...!؟

"ته ڇا نفيس، پيار جي اڏي تي صرف عورت جائي معصوم جذبا کسندا رهندا آهن....؟؟ "

"....!!؟" نفيس لاجواب.

"نفيس! جيترا ڏکن جا ميزائل منهنجي دل جي دنيا کي برباد ڪرڻ لاءِ کيرايا ويا آهن ڇا ڏکن جو ايترو بارود تنهنجي نفيس دل به برداشت ڪري سگهندي....؟؟"

"....!!؟" بدستور خاموش.

"ته ڇا نفيس! ڪوئي استوڊنٽ آخري امتحان جي ڪنهن پيپر کي ڏکيو سمجهي، هميشه لاءِ مقصد کي ڇڏي به سگهي ٿو...!!؟"

" نه سپنا...! آئون توکي ائين ڪڏهن به نه ڇڏيندس...!"

" ته ڇا تون مون کي ٻيهر پنهنجي گهر ونڊي هلڻ جو سوچي سگهين ٿو...!؟"

سپنا جي ان سوال ٻيهر نفيس کي خاموش ڪرائي ڇڏيو ۽ هن ڪنهن بيوس انسان جيان ٻيهر ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو...!!؟

سپنا جو صبر ٽٽي چڪو هو... هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"نفيس! مون توسان پيار ڪري اهڙو ته گناهه ناهي ڪيو جو ان جي سزا مون کي سهپ کان بہ وڌيڪ پوڳٽي پوي...؟"

هڪ تنهنجي ننڍڙي خوشي خاطر مون پنهنجي خوشين جو سڄو سنسار اجاڙي چڏيو...؟"

"هڪ تنهنجي پيار خاطر مون پنهنجي ان عظيم پاپا کي بہ ناراض ڪري چڏيو جنهن منهنجي قدمن ۾ هميشہ خوشين جا رابيل ۽ مرڪن جا موتيا پکيڙي چڏيا...؟"

"مون پنهنجي پاپا جي جهولي۽ ۾ پرسڪون ننڊون ماڻيون آهن، نفيس...!

آئون رسندي هيس ، هو پرچائيندو هو... ! گهر ۾ نقصان ڪندي هيس ته ڪاوڙ بجاءِ وڌا وڌا ٽهڪ ڏيندو هو... هاڻي ٻڌائي...؟ ٻڌائي نفيس هي۽ مائٽن جي پيار ۾ پليل دادلي سپنا اهي ڪيتا هاڻي ڪنهن سان ڪندي...!!؟"

"هي ڏس...! ڏس نفيس اڄ آئون ڪيڏو رني آهيان پر منهنجا لڙڪ اگهڻ وارو بہ ڪير ناهي...؟ ۽ ڪاش...! ڪاش منهنجو پاپا هي منهنجا گرم لڙڪ ڏسي سگهي ها... ته جيڪر ڳرائڙيون پائي مون کي مٽيون ڏيئي پرچائي ها...!!؟"

"پر نفيس...! اڄ ڪانپوءِ آئون پنهنجا لڙڪ بہ پاڻ اگهنديس...!"

پنهنجي ڳلن تي نمي آيل لڙڪن کي آڱرين سان اگهندي...!

" ۽ اڄ ڪانپوءِ سيئي رساما بہ چڏي ڏينديس..."

" ۽ نفيس تنهنجي لاءِ هاڻي آئون ٻهراڙيءَ جي اها اٻوجهہ ناري بڻجي رهڻ لاءِ بہ تيار آهيان، جنهن کي جاهل مڙس بنا سبب جي تشدد جو نشانو بڻائي چڏي، تڏهن بہ سندس پيرن مان نہ اتندي آهي...؟"

"... پر نفيس! خدا جي واسطي ... مون کان جيئڻ جا سهارا نہ کسجاءِ...!"

آئون هر حال ۾ جيئڻ چاهيان ٿي... ۽ جيئڻ لاءِ مون کي تنهنجي سهاري جي ضرورت آهي. نفيس...! مون تنهنجي خاطر پنهنجا سڀ سهارا وڃايا آهن پر پليز تون مون کان پنهنجو سهارو نہ کسجاءِ...!!؟"

۽ پوءِ وري بہ سپنا جي سڏڪن جو سلسلو شروع ٿي وڃي ٿو.

"تہ پوءِ سپنا...(نفيس انل لفظن ۾ ڳالهايو)سياڻي ڪان اسين واپس پنهنجي گهر هلنداسين...؟

"چا.....!؟؟" سپنا ڪان چرڪ نڪري ويو.

"ها سپنا! هوءَ منهنجي ماءُ آهي... چاهي پاڻ کي ڏڙڪا ڏئي يا ڪٽي گهر مان ڏڪاري، پر پاڻ هر حال ۾ سندس قدمن ۾ ڪري خدمت ڪندا رهنداسين...؟"

"ليڪن نفيس، اهو سڀ ڪجهه مون ڪان برداشت نہ ٿيندو... مون اڄ تائين ڪنهن جا ڏڙڪا ڪونہ سڻا... ۽ رڳو ڏڙڪا هجن تہ بہ سهي وڃان، هتي تہ مورڳو طعنا آهن، اهڙا طعنا جيڪي گهٽ ۾ گهٽ مون ڪان تہ برداشت بہ ڪونہ ٿا ٿي سگهن...!"

"پليز سپنا! تون سوچ پلان پنهنجو پيو ڪير آهي...؟ ڪيڏانهن هلنداسين...؟"

سپنا جا چپ خاموش ٿي ويا هئا...! اندر ۾ طوفان اٿي ڪڙا ٿيا... ضمير ملامتون ڪرڻ لڳس ۽ حواس هوائن ۾ گٽس ٽوڪڻ وانگي اڏامڻ لڳس.

هوءَ نازن جي نپايل نينگري هئي، ڪنهن ڪارو بہ نہ ڳالهايو هو. ليڪن هن وقت ڪيس ٻيهر لعنتاڻن ۽ گارين جي بوڇاڙ ۾ نہ ڏيڻو پئجي رهيو هو.

اڄ ڦريون پيرو ڪيس زندگي ڪان نفرت ٿيڻ لڳي هئي...! ڪيس نفيس جي بزدليءَ تي ڪار اڇو لڳا هئس، هيڪر دل ۾ آيس تہ جيڪر نفيس کي انهيءَ بزدلي تي ست سريون سڻائي... پر وري بہ سندس ڪاوڙ اندر ۾ ئي دٻجي وڃي ٿي، چاڪاڻ تہ هن وٽ بہ هاڻي نفيس کانسواءِ ڪوبہ سهارو نہ بچيو هو ۽ مجبور ٿي نفيس جي فيصلي اڳيان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين ۽ پئي ڏينهن نفيس ڪيس واپس اتي آندو جتي سپنا لاءِ ٻيهر زندگي جون ذليل گهڙيون انتظار ڪري رهيون هيون.

نفيس جي ماءُ واپس سپنا کي پٽ سان گڏ ايندي ڏٺو تہ وري تيور چڙهي ويس.

اکين ۾ رت مڙي آيس ۽ جهنگ جي زخمي شينهن وانگي آسمان ۾ گجگوڙ سان دهشت ۽ وحشت ڦهلائڻ لڳي، ڪيس جيڪي طعنا، مهڻا، گاريون ياد هيون سي سڀ سپنا تي لاهي ڇڏيائين، ان وقت نفيس جو پيءُ بہ گهر ۾ موجود هو جيڪو انهن وڏي ڳالهائڻ تي ٻاهر نڪتو ۽ سپنا، وري

ڪنهن نئين طوفان جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويئي پر پٽس زال جو تماشو ڏسي جلدي ڪمري اندر هليو ويو ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪيو هو.

جڏهن نفيس جي ماءُ پنهنجي ڪاوڙ جا سڀ جذبات سپنا تي لاهي چڏيا ۽ پگهر جا ريلا سندس چهري تان ميڪ ڦٽائي عمر جا اصلي گهنج ظاهر ڪرڻ لڳا تڏهن هوءَ بڙبڙ ڪندي ڪمري ۾ هلي ويئي ۽ نفيس سپنا کي وٺي اچي پنهنجي بيڊروم ۾ ويهاريو هو. هڪ ٻئي پلنگ تي گڏ ويٺي بہ هنن ڪيتري وقت تائين پاڻ ۾ صفا ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو.

سپنا سان پيش ايندڙ ڏلالتن سندس پيار متان ان ڪري بہ پاڻي ڦيري چڏيو هو جو پيار جي هر امتحان ۾ هو اڪيلي هئي ۽ نفيس ڪٽي بہ سندس ساٿ نہ ڏنو هو نہ پنهنجي پيءُ جي آفيس ۾ ۽ نہ ئي سندس ماءُ جي گهر ۾ ـــ!!؟ پر پوءِ بہ هاڻي اهو سڀ ڪجهہ برداشت ڪرڻ ان ڪري مجبوري هئس جو هن هاڻي هتان نڪري ڪنهن نئين ڏلالت جو منهن ڏسڻ نٿي چاهيوـــ!

پيار تہ نفيس وارو بہ پڏرو ٿي پيو پر رڳو يونيورسٽيءَ ۾ بدنامي جي خوف کان سپنا کي گڏ رهائڻ لاءِ مجبور هو.

ـــــ ۽ جڏهن هي ڏينهن جي اخبار آئي هئي تہ ان ۾ اها خبر سپر ليڊ تي هئي تہ مشهور قانوني ماهر ۽ صوبائي وزير نعيم احمد پنهنجي اڻ ڄاڻايل مجبوري سبب اوچتو وزارت تان استعيفيٰ ڏيئي چڏيـــ!!؟

ان خبر پڙهڻ باوجود نفيس جي نفسيات تي ڪوبہ اضافي بار نہ پيو هو پر جڏهن سپنا جي نظر ان خبر تي پئي تہ ڪيس دماغي شاڪ لڳو سيلاب ۾ ڍهندڙ ديوار جيان سمورو اندر پورا پورا ٿي پري پيس. ضمير جون ملامتون هٿوڑا بٽجي ذهن تي وسڻ لڳســـ!

۽ ڪيس هڪ عظيم غلطي جو پرپور احساس ٿيڻ لڳو. هڪ اهڙي غلطي. جنهن جي ازالي لاءِ وٽس ڪجهہ بہ نہ بچيو هو سواءِ پڇتاءُ ۽ لڙڪن جي. جڏهن تہ پڇتاءُ ۽ لڙڪن جا ڪمزور هٿيار ڪڏهن بہ ظالم ۽ ظلم جو مقابلو نٿي ڪري سگهيا.

ڪيس پنهنجي پيءُ جو سمورو ڏکوئيندڙ ماضي بہ معلوم هو. هڪ پيري سندس غيرموجودگي ۾ سندس جيون ڊائريءَ جا ڪي ورق پڙهيا هئائين. تڏهن ئي ڪيس هڪ طرف پاپا جي حساسيت جا اندر ۾ وڍ پئجي رهيا هئا تہ ٻئي طرف ڪيس نازن مان نپائڻ ۽ هر انگل ڪٽڻ وارا احساس

ڏهن تي وري وري وڃن وانگي وراکا کائي بجلي وانگي ايڏائيندڙ شاکون هٽي رهيا هئا.

سوچيائين "پنهنجي پاپا جي مقدس دل ۾ هن لاءِ کيڏا نہ خوبصورت آدرش هوندا هئا....؟ کيڏيون نہ کلپنائون سندس وشال دل جي نيري ڍنڍ ۾ نرگس گلن وانگي ترنديون هيون...؟" ۽ ان سان گڏ ئي سندس اندر ۾ اهڙي ولوڙ پئجي وئي. جو پانيائين اجهوڪ اجهو سندس اندر مان آندا روڙجي منهن مان ٻاهر نڪري ايندا...؟! هن پنهنجي پشمي هٿن جا ٻها ٻرندڙ اکين تي رکي چڏيا ۽ اندر ۾ تيز طوفان ۽ زلزلا وجود کي ئي ڏوڏيندا رهيس...؟ ان ويل سپنا. سڏکن کي روکي سوچيو تہ "مان تہ آب زم زم جيان زندگي ۾ پاڪ ۽ شفاف هيس...!! هونئن تہ زندگيءَ ۾ ڪو صغيرو پاپ ٻہ نہ ڪيو اٿم. پر شايد پاپا جي عظيم پيار پري دل ٽوڙي مون اهڙو ڪبيرو گناهہ ڪيو آهي. جو مون کي مليل سزا ٻہ بلڪل ٿوريڙي آهي...؟ آئون ان کان ٻہ وڌيڪ سزا جي مستحق آهيان...؟ ۽ شايد .... ان گناهہ جي سزا. قيامت تائين پوڳٽي پوندم...!!؟؟"

الائي کهڙي ناڻيم کان. الاهي ڪيتري وقت تائين. سپنا ائين روئيندي رهي هئي. جو سندس سرير مان نڪرندڙ هر هڪ ساهہ سڏڪي جو پڙ لاءِ بڻجي ٽي پيو. جڏهن روئيندي روئيندي اندر جو ڪافي غبار لهي ويس. تڏهن اکين تان هٿ هٽائي چڏيائين ۽ اکين اڳيان سڄي ڪمري ۾ سواءِ گلابي ترورن جي. ٻيو ڪجهہ ٻہ نظر نہ آيس...!! جڏهن آهستي آهستي اکين جي روشني موٽي آئي. تڏهن ڪمري جي سڄي وسعت کي جانچي جانچي ڏٺائين...

سڄو ڪمرو سندس دل وانگي بلڪل خالي خالي ٻيو هو ۽ نہ ڄاڻ تہ کيڏي مهل نفيس ٻہ کيس ڪمري ۾ اڪيلو روئيندي چڏي هليو ويو هو. هڪ پيرو ٻيهر دل پرجي آئي هيس... ڏک جي لهر سموري وجود تان تکي لهر وانگي ڏوڙي ويئي. ڏک جي ڪيفيتن ۾ سوچڻ شروع ڪيائين تہ "مون جنهن خاطر پنهنجو سڀ ڪجهہ برباد ڪري چڏيو. اهو شخص تہ مون کي لفظي دلداري ٻہ نہ ڏيئي سگهيو...؟ يا خدا...؟" هي کهڙيون آزمائشون منهنجي اجڙيل تقدير جو سامان ٻڌيون آهن...؟ ۽ اجا...؟ نہ ڄاڻ تہ کهڙن...؟ ۽ ڪيترن امتحانن مان مون اڻ ڄاڻ کي گذرڻو پوندو...!!؟؟" ۽ هوءَ ٻيهر گوڏن ۾ منهن لڪائي سڏڪن ۾ پئجي ويئي...!!

پر اوچتو ڪنهن آواز ڪيس چرڪائي وڌو ۽ سندس سڏڪا سوال ٻڌجي دروازي طرف نهارڻ لڳا...؟؟

نفيس جي ماءُ جي منهن مان لفظ بارود جي باهه وانگي وسڻ لڳا.

"چوري...! آخر تنهنجو مقصد ڪهڙو آهي...؟"

"پنهنجي مائٽن جي عزت برباد ڪري ... تون اسان جي بربادي پٽيان چو پئي آهي...!؟"

"پرائي دولت ڏسي، پنهنجي ڪنوارپ جو شرم به وڪڻي چڏيئي...؟!"

" مان ٽي چوانءِ ته هينئر ئي هينئر منهنجو گهر خالي ڪري نڪري وڃ، نه ته پوليس جي حوالي ڪري چڏيندياسانءِ...!!؟؟"

سپنا انتهائي ڏکاري لهجي ۾ وراڻيو" مون کان واقعي به وڏي غلطي ٿي ويئي آهي...! بس، رڳو نفيس کي اچڻ ڏيو آئون چوندس ته مون کي اتي ئي چڏي اچي، جتان ڪنيو هٽائين."

ان وقت نفيس جي ماءُ زبان روڪي، ڦري اکيون ڦاڙي، ڪاوڙ مان نڪ جون نالیون ڦوندارِي، مُٽيون پيڪوڙي ائين خوفناڪ اکين سان ڏسڻ لڳي، جڻ ڪائي بکايل ڏائڻ پنهنجن ئي ٻچن تي ڪڙڪڻ جون تياريون ڪري رهي هجي...؟! ۽ پوءِ بگڙيل آواز ۾ چوڻ لڳي.

"نفيس هن گهر ۾ جلدي واپس نڪو اچي سگهي...!"

"چا...؟؟" سپنا مايوسي مان ڏانهنس نهاريو.

"ها! نفيس شام جو ارجنٽ ويزا تي چاچي وٽ آمريڪا هليو ويندو...؟

" چا نفيس آمريڪا وڃي رهيو آهي...؟؟"هن دلشڪسته لهجي ۾ پڇيو.

"هاها، چو نه آمريڪا ويندو...؟ منهنجو پٽ ڪوئي ٻٽهين جهڙو ڪنگال ٿوروئي هوندو جو آمريڪا نه وڃي سگهي.....!؟؟"

"ٻڌي چڏ واحيات چوڪري، نفيس جو اجايو انتظار ڪرڻ بجاءِ هينئر ئي هلي وڃ، هتان.... نه ته مجبورن پوليس گهرائي گهر مان ڪڍرائيندیس توکي...!؟"

....۽ پوءِ سپنا ڳچل دل سان پنهنجا گرم لڙڪ روڪي اتان نڪري آئي هئي.....

سوڙهين گهٽين مان گذرندي هوءَ مين روڊ تي چڙهي هئي ۽ پوءِ مسلسل هلندي رهي هئي.

"ڪيڏانهن پي ويئي.....؟"

"ڪهڙي منزل هئس...!؟"

ڪيس ڪاب تہ خبر ڪونہ هئي...!؟

بس! سست قدم ائين زوري ٿي ڪنيائين، جڙ پنهون جي پٽيان سسئي ٿي جبل، جهنگ لتاڙيا هجنس...!

هوءَ سوچن ۾ گم سم وڃي رهي آهي...

"مون هي سپ ڪجهہ چا ڪري چڏيو...!؟"

هڪ بيوفا ۽ بيحس مرد جي چڪر ۾ اچي پنهنجي فرشتي جهڙي پاپا کي ڪيڏا نہ ڏنجهہ ڏنا آهن...!؟ چا گذريو هوندو منهنجي حساس پيءُ جي دل متان .....؟ ڪيڏو نہ تڙپيو هوندو منهنجي هن ڪنور دليءَ تي.....!

..... او پاپا! تون عظيم انسان آهين...!

تون ئي تہ چوندو هئين تہ سپنا! تون منهنجي جياپي جو سبب آهين...!؟

ها پاپا! تون تہ اڄ بہ منهنجون خطائون درگذر ڪندو رهيو آهين نہ .....!؟

بس پاپا! منهنجي هي آخري غلطي سمجهي مون کي معاف ڪري چڏجانءِ...!

مان.....!

مان هاڻي ڪڏهن بہ توکي تنگ نہ ڪندس...! بس! دنيا جي هڪڙي ٿي ٽوڪر مون کي گهٽو ڪجهہ سيکاري چڏيو آهي...

پاپا! مان هاڻي گهٽو ڪجهہ سکي ويئي آهيان...! مان ميچوئر ٿي ويئي آهيان....."

..... ائين سپنا پنهنجو پاڻ سان گالهائيندي چرين وانگر هٽن جا اشارا ڪندي روڊ جي ڪناري وٽي اڇتي وڌي رهي هئي جو اوچتو پويان ايندڙ ڪار جي هارون تي چرڪ پري وڃ چلانگ ڏنو هئائين...!

پوئتي مڙي ڏنو هئائين ڪار جي اسٽيرنگ تي اڌ ٿوڙ عمر جو ڊرائيور مرڪي رهيو هو.

سپنا پريشاني مان ڪنڌ جهڪائي اڇتي وڌڻ لڳي هئي تہ ڊرائيور گاڏي ريڙهي ٻيهر سندس پر ۾ بريڪ هٽندي چيائين.

"لفٽ ڊارلنگ....؟"

سپنا ڊرائيور ڏانهن خالي نظرن سان نهاريندي ڪجهه سوچي پوءِ ڪنڌ کي خم ڏيئي پراعتماد لهجي ۾ وراڻيو هٿائين....

"جي مون کي گلبرگ ڏانهن وڃڻو آهي....!"

ڊرائيور فراخدلي سان دروازي جو لاڪ کوليندي چوي ٿو:

"ها ها، مون کي اوڏانهن ئي ته وڃڻو آهي."

سپنا هڪ ڦڙتي سان ڪار جي فرنٽ سيٽ ۾ ويهي رهي هئي ۽ ڪار جا ڪارا ٽائر ڪاري ڏامر جي روڊ مٿان تيزي سان ڦرڻ لڳا هئا.

مرڪٽو ڊرائيور گاڏي جي ڊرائيونگ شيشي مان سپنا جي چهري جا بدلجندڙ عڪس مسلسل ڏسي ان خوبصورتي کي انجواءِ ڪري رهيو هو....!

سپنا ٻيهر ڪن خيالن ۾ گم سم ويٺي هئي. هن ٻيهر پنهنجي پيءُ وٽ واپس موٽي وڃڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو. ڪيس يقين هو ته جڏهن آئون واپس پنهنجي پاپا وٽ پهچنديس ته هو هرگز به ساٽس نفيس جي ماءُ وارو ورتاءُ نه ڪندو بلڪ ڏک وچان روئي ويهندو....! ۽ پوءِ مان به روئي جڏهن ڪيس پاڪي پائينديس ته هو سڀ ڪجهه وساري مون کي پنهنجي سيني سان لاهي چمندو ۽ پرچي پيار ڪرڻ لڳندو....!؟

سپنا، سوچن ۾ ائين غلطان رهي جو ڪيس سفر ڪٽڻ جو به احساس نه رهيو.

"جناب هي توهان جو گلبرگ ايريا....!"

ڊرائيور جي اوچتي آواز تي سپنا خيالن جي دنيا مان ٻاهر آئي هئي ۽ ڊرائيور کي ٽينڪس ڪري چوراهي تي ئي لهي پيئي هئي....!

هو اتان وڌي جڏهن انهيءَ گلي ۾ پير پائي رهي هئي جتي سندس حقيقي پيارو گهر هو ته سندس دل وسامڻ لڳي هئي....!

هن انهيءَ گليءَ ۾ ڏاڍي اوپرائپ پڻي محسوس ڪئي، ائين لڳس جڻ ٿورڙي عرصي ۾ گهڻو ڪجهه بدلجي چڪو هو....؟

اهي ئي رستا، جيڪي سندس روز جا همسفر هئا.... اڄ هن لاءِ اجنبي ٻڌجي پيا هئا....؟

بنگلي جي ٻاهرين ڪمپائونڊ وال تي پري کان نظر پوندئي سپنا جا قدم سست ٿي پيا هئا....! جڻ ڪائنس هلڻ جي قوت کسجي ويئي هجي....؟

زوري بدن کي گهليندي جڏهن مين گيٽ وٽ پهتي تہ گيٽ تي وڏو وزني تالو لڳل ڏٺائين...!

منهن مان بي اختيار رڙ نڪري ويس.

"پاپا...!؟"

ڇو ٻوءِ سندس اکين آڏو اونداهين جا پردا چڙهي ويا هئا. سڄو دماغ مختلف آوازن جي شور ۾ ٻُڙي اٿيو هئس...! بي خيالي ۾ ئي ٻنهي ڪنن تي هٿن جون ٽريون ڏيئي چڏيون هٽائين...! ڇ بيساخته زمين تي ويهي رهي هئي...!

... هن کي هاٿي يقين ٿي چڪو هو تہ سندس زندگي جي اميدن جا دروازا بند ٿي چڪا آهن. جيڪي هاٿي ڪڏهن بہ ڪلي ڪونہ سگهندا...!

ٻڌتر ۾ سوچيندي رهي ٿي تہ !

جنهن سنگدل انسان خاطر پاپا جهڙي عظيم انسان جو رنج ڪنيم. سو تہ صرف نالي جوئي نفيس هو...! ڇ چڏي مون بدنصيب کي برباديون جي شهر ۾ ڇ پاڻ آمريڪا جي اسٽينڊرڊ لائيف گذارڻ لاءِ هليو ويو آهي...!

هوءَ ڪو وقت اتي روئيندي رهي ٿي پر پريور زندگيءَ واري شهر لاهور ۾ ڪير بہ ڪيس آڻت نٿو ڏئي...!

هوءَ آڻت جي اميد رکي بہ ڪنهن مان ها...!؟

سهاري وارا ساٿي تہ ڪيس بي سهارو چڏي هليا ويا هئا...!؟

ائين روئندي لڇندي ڪيس شام لڙي ويئي هئي...!

سپنا ٻنهنجي چڪنا چور بدن کي ڪٽي اٿي بيهي ٿي ڇ آخري نظر انهيءَ بند پيل لوهي گيٽ جي وزني تالي تي وجهي ٿي...!

ڪيس انهيءَ چوديواري اندر نظر اچي ٿو هڪ ننڍڙو قبرستان...!

جنهن جي ننڍڙين ننڍڙين تربتن ۾ دفن آهن سپنا جا سونا سونا سپنا...! ننڍپڻ جون ڪينچل ڇ شرارتون...! پاپا جا زندگيءَ سان پريور ٽهڪ...!

ڇ هڪ تازي مٽيءَ واري قبر بہ ڏسي وٽي ٿي. جنهن ۾ سندس پاپا جي انهن آدرشن جو لاش پوريل آهي. جيڪي هن ٻنهنجي پٽن جهڙي ڏيءَ سپنا جي آس خاطر سانڊي وڏا ڪيا هئا...!؟؟

...سپنا تي جڙ تہ چريائيءَ جو دورو پئجي وڃي ٿو ڇ هوءَ لوهي گيٽ جي گرلن کي جهلي زور زور سان انهن سان مٿو ٽڪرائڻ لڳي ٿي...

ڇ پوءِ هوءَ اتان روئيندي واپس مڙڻ لڳي ٿي.

هوءَ واپس مين روڊ جي چوراهي تي اچي بيهي ٿي. شايد ڪيس ڪنهن ٽيڪسي جو انتظار آهي....؟

پر وري ڪيس ياد اچي ٿو ته وٽس ٽيڪسي جي پاڻي جيترا پئسا به ته ڪونه هئا...؟

هو مايوس ٿي وڃي ٿي....! ڇ وري سوچي ٿي ته هوءَ ٽيڪسيءَ ۾ به ڪيڏانهن ويندي.....؟

نه گهر....! نه گهاٽ.....! نه ڪائي پناهه گاهه....!!؟

اوچتو وري ڪيس نفيس ياد پوي ٿو.

نرڙ تي پريشاني ڇ نفرت گاڏڙ گهنج پئجي ٿا وڃن.

سوچي ٿي.

"نفيس! تون منهنجي ڪنوارن جذبن جو قاتل آهين....!" پٽڪي ٿي....!

"مان توکي ڪڏهن به معاف نه ڪنديس....!"

"ڪڏهن به نه....!"

ذهن ۾ اچيس ٿو ته اڄ شام نفيس کي آمريڪا وڃڻو آهي. هوءَ بيتابي سان ايئر پورٽ تي پهچڻ جو سوچي ٿي. هن پڪو پهه ڪيو هو ته هوءَ ايئر پورٽ تي ئي نفيس کي روڪي دنيا جي سامهون ڪيس بي نقاب ڪري سرعام رسوا ڪري پنهنجي ٽيل تذليل جو ضرور به ضرور بدلو وٺنديس....؟

ته جيئن اهو قصو عالم اشڪار ٿي عام پبلڪ ۾ زير بحث اچي ته هڪ بيگناهه عورت سان پيار جي نالي ۾ ڪيڏو دوکو ٿيو آهي ڇ ايندڙ نسل جون ناريون منهنجي ڪهاڻي مان سبق حاصل ڪن....؟!

سپنا سامهون ايندڙ گاڏين جي لائين ڏئي ته ٻيهر ڪيس لفٽ ملڻ جي اميد جاڳي پوي ٿي.

هوءَ مسلسل ايندڙ گاڏين آڏو هٿ لهرائيندي رهي ٿي پر ڪابه گاڏي بيهڻ لاءِ تيار نه ٿي ٿئي. هڪڙي ڪار سندس پيرن وٽان زوزاٽ ڪندي گذري ته سپنا چرڪي پيئي. بيساخته رڙ ڪيائين "پاپا....؟"

پر تيستائين گاڏي اڳتي نڪري ويئي

سپنا جون نظرون ويندڙ گاڏيءَ پٺيان ڊوڙن ٿيون. پليٽ نمبر واري جاءِ تي اپلائي فار رجسٽريشن لکيل ڏسي پاڻ مهاڳو سوچي ٿي....

"گاڏي ته پاپا جي ڪار جهڙي هئي....؟"

ڪافي دير ڪانپوءِ هڪ گاڏي سندس اشاري تي قدمن ۾ اچي بيٺي.

سپنا تڪڙ ۾ ڊرائيور سائيڊ ڪان هيٺ جهڪي چيو.

"لفٽ پليز....؟"

ڪڇڙي جواني ۽ واري نوجوان ڪيس مرڪي پڇيو.

"ڪيڏانهن وڃڻ ٿا چاهيو....؟"

"ايئر پورٽ تي....." سپنا بي صبرائي مان وراڻيو.

نوجوان گاڏي جو دروازو کولي چڏيو ۽ سپنا هڪدم فرنٽ سيٽ تي ويهي رهي.

جڏهن گاڏي روڊ تي ڊوڙون پائڻ لڳي ته ڊرائيور نوجوان ڪيسٽن وارو شيلف کولي ڪيسٽون اٽلائڻ پٽلائڻ لڳو.

هڪ ڪيسٽ ٽيپ ۾ لڳائي بٽڻ آن ڪيائين ته گاڏيءَ ۾ مدر ساز ساهه کڻڻ لڳا.

۽ هن بٽڻ دٻايو ته آٽوميٽڪ ڪيسٽ جو ٻيو پاسو شروع ٿيو.

محمد رفيع جو منڙو ۽ دردناڪ آواز.

چوڏوين ڪا چاند هو يا آفتاب هو

جو ٻي هو تر خدا ڪي قسر لاجواب هو.

انهيءَ گاني جا لفظ سپنا کي زهر جا ڏڪ محسوس ٿيڻ لڳا. جذبات ۾ سندس بدن ۾ رڦٽي اچي وئي. چڙ اچڻ لڳس انهيءَ ٻولن تي ٻيچيني مان سيٽ جي ٽيڪ تي منڊ ٽيڪي تڙڦڻ لڳي هئي. دل چاهيس ته نوجوان کي ٽيپ بند رکڻ لاءِ چوي پر زبان ايترو به ساٿ ڪونہ ڏنو.

سندس بيقراري نوجوان ڊرائيور کي ٻهڪائي چڏيو هو.

هن کي ائين ئي لڳو ته هوءَ گاني جي سحر ۾ بيقرار ٿي تڙپي آهي.

شايد کنهن جي ياد تڙپايو هوندس.....

پر اصل ڪارج جي انهيءَ اجنبي نوجوان کي ڪهڙي ڪل....؟

اهو نوجوان بار بار بيقرار سپنا کي ڏسندو جڻ ته انهيءَ بيقراري کي انجوائي ڪري رهيو هو....؟

ڪار مان ايئر پورٽ تي لهڻ وقت سپنا تڪڙ ۾ لفٽ ڏيندڙ نوجوان جو ٿورو به ڪونہ مڃيو هو ۽ ڊوڙندي وڃي معلومات جي ڪائونٽر تان آمريڪن فلائيٽ جي روانگي بابت پڇيو هئائين.

رسيپشنس تي ويٺل انگريز ٽائيپ چوڪري ٻڌايو ته اها فلائيٽ صرف ۱۲ منٽ اڳ اڏام ڪري چڪي آهي.

سپنا جي جسم مان جڙ ته پساهه ئي نڪري ويا هئا.

دل ۾ سوچائين "نفيس دنيا جو پهريون نمبر نگ هو...!؟ جيڪو پيار جي دوکي سان سندس زندگي جون سموريون رونقون کسي پاڻ سان گڏ بريف ڪيس ۾ ڪٽي آمريڪا لاءِ روانو ٿي ويو هو ۽ پويان رهجي ويون هيون نااميديون ۽ بربادیون باقي...!!؟

هاٿي هوءَ سوچي سوچي اڌ چري ٿي پئي هئي.

صبح کان وٽي نه ڪجهه کاڌو ۽ نه پيتو هئائين...!

هن وقت به ڪيس ماني کان وڌيڪ هڪ عدد ٽيبليٽ جي ضرورت هئي، جو مٿي ۾ سخت سور هئس.

ليڪن ٽيبليٽ لاءِ به ساڳيو پئسن وارو مسئلو درپيش هو ۽ هن وقت هڪ گوري جيترا به پئسا ڪو نه هئا.

هوءَ ٽڪل قدمن سان ايئر پورٽ جي عاليشان بلڊنگ ۾ مايوس مايوس ٽهلندي رهي ٿي، جو سامهون سندس نظر سرڪاري پي سي او تي پئجي وڃي ٿي.

ڪيس هڪدم پنهنجي سهيلي تبسم جو نمبر ياد پوي ٿو ۽ من ۾ ڪائي اميد جي ريکا نکري پويس ٿي، ائين بدن ۾ نئين جوت جاڳي ٿي.

هو بوٽ وٽ ته پهتي پر وري به پئسن نه هجڻ وارو احساس ڪيس مايوس ڪرڻ لڳو هو.

مايوسيءَ مان بوٽ جي ديوار کي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهي.

هن اندر ڪنهن هم عمر چوڪري کي ڳالهائيندي ڏٺو ته وري به ڪجهه همٽ وڌي ويس.

جيئن ئي اها چوڪري بوٽ مان نڪتي ته سپنا کيس ائين چئي روڪي وڌو.

"ايڪسڪيوزمي پليز...؟"

چوڪري اتي بيٺي ئي سپنا کي ائين گهورڻ لڳي جڙ کيس سچاڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

سپنا بي حجاب چيو.

"چا مان توهان جي ڪارڊ تان هڪ ڪال ڪري سگهان ٿي...؟"

"يئس ! واءِ نااا هي ڪارڊ وٺو ۽ جتي چاهيو اتي ڳالهايو...؟"

سپنا کارڊ وٺي ڏکي مرڪ مرڪندي سندس ٿورو مڃي ٿي. هوءَ بوٽ تي اچي کارڊ تان تبسم جو نمبر ڊائيل ڪرڻ لڳي ٿي. رسيور مان تبسم جوئي آواز گونجيو هو.

"هيلو....؟"

"هيلو تبسم مان سپنا ٿي ڳالهايان.....!"

"او سپنا! اڄ پلان اسان غريبن جي ڪيئن ياد آيوَ...!؟"

"ها تبسم دوست اڄ نہ فقط تون... پر گهڻو ڪجهہ ياد اچي ويو اٿم.....! سندس آواز ۾ ڏک هو.

"پر سپنا دوست تنهنجي منهن تي اهي مايوسيءَ واريون ڳالهيون نهن تہ ڪونہ ٿيون...!؟"

"بس تبسم دوست لڳي ٿو تہ انهن مايوسين ہ مون کي ڏاڍو ڇوليو هوندو...! ۽ هاڻي جو هٿ چڙهي آهيان تہ شايد مايوسيون ہ مقدر جو حصو بڻجي ويندیون....؟"

"ليڪن سپنا، تنهنجو تہ لهجو ہ صفا روئڻهارکو ٿو لڳي...! ڪهڙو ڏک اٿئي؟!"

"ايترو رنو اٿم جو هاڻي شايد روئڻ جهڙي عظيم نعمت ہ منهنجي اداسين ۾ نہ اچي سگهي...!... بس تبسم دوست! ڏاڍي ٽڪل آهيان...

ڪجهہ آرام ۽ ڪجهہ آٽت جي ضرورت اٿم.....!"

"هن وقت ڪٽان ٿي ڳالهائين...؟"

"ايئر پورٽ تان"

"پوءِ مون ڏانهن هلي ڇو نٿي اچين...؟"

"هڪ تہ گهر ڪونہ ڏنو اٿم ۽ ٻيو تہ پاڙي جيٺرا پٽسا نہ اٿم...!"

"چڱو سپنا! تون منهنجي ائڊريس نوٽ ڪر ۽ ٽيڪسي ڪري هلي اڇ، آئون گيٽ تي انتظار ڪنديس ۽ ڪرايو پاڻ ڏينڊس!"

"اوڪي سپنا!"

"اوڪي باءِ"

۽ سپنا ٽيڪسي ذريعي ڏسيل ايڊريس تي پهتي هئي تہ تبسم وعدي موجب گيٽ تي ئي بيٺل نظر آئي هئي.

هوءَ وڏي سڪ ۽ حب مان ڪيس ڳرانڊي پائي ملي هئي ۽ ٽيڪسي جو ڪرايو ادا ڪري ڪيس پنهنجي گهر اندر وٺي آئي هئي.

تبسم، سپنا جي چهري جا عڪس ڏسندئي سندس پريشانيءَ کي سمجهي ورتو هو سندس موڊ بدلائڻ لاءِ ڳالهايو هئائين، "سپنا! اڄ منهنجا گهر وارا به پنڌي ويل آهن ۽ گهر ۾ اڪيلي ڏاڍي بور ٿئي ٿيس، چگو ٿيو جو تون اچي وئين....!"

سپنا جواب ۾ ڪجهه به نه ڳالهايو سندس حالت ڏاڍي بگڙيل بگڙيل هئي.

اکيون ڳاڙهيون.... ڪپڑا ميرا.... وار ڪليل....! پريشان چهرو....!؟

تبسم ڪيس آٽي هڪ ڪمري ۾ ويهارينديِ چيو ته

"ٽڪل ٽي لڳين ويهه ته چانهه ٺاهي اچان تو لاءِ....!"

ٻانهن مان جهلينديِ چيو هئائين.

"تبسم! چانهه سان گڏ هڪ مٺي جي سور جي گوري ملي سگهندي....؟"

تبسم مرڪي سندس چهري ۾ نهارينديِ وراڻيو.

"دوست! مون وٽ اگر ڪا شيءَ نه به هوندي ته تولاءِ ڪٽان به حاصل ڪري سگهان ٿي....! پريشانين ۾ ڪمر نه اچي، سو دوست ٿي ڪهڙي ڪمر جو....!؟"

ان وقت سپنا کي ڪيڏو نه فخر ٿي پيو هو پنهنجي انهيءَ دوست تي هڪدم کيس پيءُ جا چيل لفظ ياد اچي ويا هئا ته!

"سپنا پٽا زندگي ۾ وڏا ڪان وڏا دوستيون پيدا ڪر جڏهن پنهنجائپ جا سهارا کسجي ويندا آهن تڏهن دوستيون ئي سهارا ڏيندیون آهن."

..... گڏ چانهه پيئڻ وقت پنهنجي محبوب سهيلي سپنا جي انهن اڻڄاڻ اداسين تبسم کي به اوترو ئي اداس ڪري ڇڏيو هو.

هوءَ سوچي رهي هئي ته!

آخر اها ڪهڙي پريشاني ٿي سگهي ٿي، جنهن سپنا جهڙي خود غرض کي ايترو منجهائي ڇڏيو آهي....!؟

اچانڪ نعيم صاحب جي استعيفيٰ واري اخبار ۾ پڙهيل خبر ڏهن تي تري آيس ۽ بي صبرائيءَ مان سپنا کان پڇي ورتائين ته!

"سپنا! توهان جي والد صاحب وزارت تان ڇو استعيفيٰ ڏني....؟"

انهيءَ امالڪ سوال تي سپنا جو اندر جهيرون جهيرون ٿيڻ لڳو هو.

پريشانيءَ جون ڪيئي لڪيرون چهري تي ڊوڙڻ لڳس... چپ ٽڙڪيا. نيٺ ڳرا ٽي پياس... ۽ بت ائين گرم ٽي پيس جڙ بخار ٽرما ميٽر جون سموريون ڊگريون لتاڙي ڪيس بيهوش ڪري ڇڏيندوس!؟

آخر ٻڌائي ب... ته ڇا ٻڌائي ها پنهنجي دوست تبسم کي!؟

ايتري همت ڪٿان آڻي جو چئي سگهي ته اهو سڀ ڪجهه هن ئي بدنصيب جي غلطين جو ثمر آهي. جو منهنجو پيارو پيءُ لاهور ڇڏي دنيا جي اميق سمنڊ ۾ ٻڏي هٽي گم ٿي ويو ۽ مان انهن غلطين جي سزا پوڳڻ لاءِ هتي اڪيلي رهجي ويئي آهيان!

۽ هوءَ ڪوب جواب نه ڏيئي سگهي هئي!

تبسم ب سوال ڪري پڇتائڻ لڳي هئي ۽ سوچيائين ته مون کي اهڙو سوال هن وقت نه ڪرڻ گهربو هو!؟

... رات جي ماني تي ب سڄي ڏينهن جي بکايل سپنا ہن گرهن کان وڌيڪ ڪجهه ب نه کاڌو هو ۽ تبسم التجائون ڪندي رهجي ويئي هئي!

سپنا جي ٽڪل حالت ڏسي تبسم همدرديءَ مان چيس!

سپنا! تون ڪافي ٽڪل ٽي لڳين تنهن ڪري پلي اندر آرام ڪر! ۽ جيڪڏهن ڪنهن شيءَ جي طلب ٿئي ته ٻڌائجان!"

سپنا جهيٽي لهجي ۾ وراٽيو:

"تبسم! ٿي سگهي ته مون لاءِ ب ننڊ جون گوريون ڪٽي اڇ!"

"ڇا!!"

"ڏس سپنا تون اڄ ڏاڍي ٽڪل آهين. مون کي يقين آهي ته تون رڳو بيڊ تي ڪرندين ته ننڊ ورائي ويندئي. خوامخواه گورين جي چڪر ۾ ڇو ٿي پوين تون!؟" تبسم کيس سمجهائيندي چيو.

انهيءَ جي موٽ ۾ جڏهن سپنا رڳو سامهون کيس نهاريو ته تبسم ڏڃي ويئي!؟

الائي ڇو!؟

سڄي يونيورسٽيءَ ۾ سهٽين اکين واري سڏجندڙ سپنا جي اکين ۾ موت جو پاڇو نظر آيو هئس!؟ ائين لڳس..... جڙ اڪڙين جي نيري ڊنڊ تان زندگيءَ جا سمورا پکيڙا اڏامي ويا هجنس... ۽ آڪاش تي رهجي ويل لهندڙ سج جي لالاڻ ڪاري رات کي پکاريو هجي!؟

....تبسم ڌهلجي ڪرٽيءَ سان ائي ٿي ۽ سپنا لاءِ ننڊ جون گوريون آڻڻ لاءِ نه رڳو ڪمري مان، بلڪ گهر کان ئي ٻاهر نڪري وڃي ٿي...

پنهنجي انهيءَ دوست لاءِ نندِ جون گوريون وٺڻ ... جيڪا ڪڏهن ڪنهن نوجوان ڏي نيٺ ڪٽندي هئي ته ان جي اکين ۾ نندِ جي خمار جا ڪيپ چڙهي ويندا هئا....!

.....سپنا نندِ جون بہ گوريون ڇڙڪائي ٿوري دير ڪانپوءِ ائين بستر تي وڃائجي ويڃي تي جيئن ڪوئي نائيٽ ڪلب مان نڪرندر مدهوش شرابي اڌ رات تائين رستن تي رلندي رات جي پوئين پهر ريلوي پليٽ فارم تي سمهي پوندو آهي.....؟

تبسم پنهنجي بيڊ تي اچي ليٽي پوي ٿي پر نندِ سندس نيٽن کان ڪوهين ڏور هلي ويڃي ٿي....! انيڪ خيال سندس ذهن جي ڪينواس تي چڙهي ۽ ڪن پل ۾ رخ بدلائي ٿي ويا....؟ هن جو ذهن ڪوريئڙي جي ڇار ۾ قائل مڪ جيان ڦٽڪڻ لڳي ٿو....!

...."اها ڪهڙي مجبوري ٿي سگهي ٿي، جا سپنا جهڙي بردبار نينگريءَ کي بربادين جي ور چاڙهي. ڪيس ٽيڪسي ڪرائي لاءِ بہ ايترو پريشان ڪري سگهي ٿي....!!؟"

....."اها سپنا، جنهن جو دامن ڪڏهن بہ ٿهڪن کان خالي نہ رهيو....!؟"

....."اها سپنا! جيڪا خود سپنن جي ساڃيا رهندي آئي آهي....!؟"

"پوءِ .....! پوءِ ڇا ٿي ويو سپنا کي .....؟!"

"ڪنهن برباد ڪيو سپنا جي خوابن جهڙي نگريءَ کي .....؟؟!"

" ۽ ....! ۽ آخر هيءَ حقيقت بہ آهي يا..... يا ڪوئي سپنو.....؟؟!"

.....ائين، سڃي رات جتي سپنا پاسو بہ نہ ورايو هو اتي تبسم ايترو لڇي ۽ ڦٽڪي هئي جو سڃو بستر گهنج بڻجي پيو هو.

.....خدا خدا ڪري نيٺ تبسم صبح ڪيو هو....! ۽ صبح سوير تبسم سپنا جي مٽان اچي بيٺي هئي، جيڪا اڃا تائين اونڌو منهن ڪري ستي پئي هئي.

تبسم واپس اچي نماز پڙهي پنهنجي ان سهيلي جي حق ۾ دعائون گهريون هيون ۽ پوءِ ڪچن ۾ اچي ناشتو تيار ڪيو هئائين.

..... هن جڏهن ناشتي لاءِ سپنا کي ڏونڊاڙي اٽارڻ جي کوشش ڪئي ته هن اف به نه ڪيو هو. ان وقت تبسم جي دل جو ڌڙڪو تيز ٿي ويو هو ۽ وهمن ۾ وکوڙجي وئي هئي.....!!؟

وڏي اڇي سپنا جي نبض چڪاسيائين. جيڪا سندس زنده هجڻ جي شاهدي ڏيئي رهي هئي. تڏهن تبسم جي بدن ۾ چڙ بيئل رت ڊوڙڻ لڳو هو ۽ سندس دل جي حرڪت آهستي آهستي معمول تي مونڻ لڳي هئي.

.....تبسم بيڊ تي ويهي ستل سپنا جي اڇين وارن ۾ شفقت مان آڱرين سان ڪنگي ڏيئي ڪيس ائين اٽارڻ جي کوشش ڪري ٿي جيئن ماءُ پنهنجي دادلي ٻار کي پيار سان اٽارندي آهي.....!؟

..... سپنا ننڍ مان اڪي سڀ کان پهرين ائين حيران ۽ بدحواس نظرن سان آسپاس جو جائزو ٻي ورتو جيئن ڪوما ۾ هليو ويل مريض ڏگهي عرصي کانپوءِ هوش سنڀالينديِ ٿي. اهو سوچيندو آهي ته هو هن وقت ڪٿي ڪيئن. ڇو ۽ ڇا لاءِ پهتو آهي.....!؟؟

.....سپنا ڏهن تي زور ڏيڻ لاءِ ڪنڌ کي تکو جهٽڪو ڏيئي جيئن ئي سامهون نهاريو ته سندس نظر وڃي تبسم تي پيئي ۽ ڪيس اڻ چٽي ياد وانگي ڪجهه ڪجهه ياد اچڻ لڳي ٿو ۽ ٻيهر سندس چهري جو گل ڪومائجي وڃي ٿو.

هوءَ تبسم آڏو ائين ڪنڌ جهڪائي چڏي ٿي . جڏ سندس آڏو پنهنجي ڏوهن جو اعتراف ڪندي هجي.....!؟

تبسم مسلسل سپنا کي ڏسندي رهي ٿي... ۽ سپنا جهڪيل ڪنڌ ۽ جهيڻي لهجي سان ڳالهائڻ شروع ڪري ٿي.

....."تبسم. مون کي تنهنجي مدد جي سخت ضرورت آهي.....! پر ان کان پهرين توکي مون سان هڪ وعدو به ڪرڻو پوندو.....!؟"

"ڪهڙو وعدو سپنا.....؟"

"تبسم. مون سان اهو واعدو ڪر ته تون مون کان منهنجين پريشانين ۽ اڻتي جي پروگرام بابت ڪجهه به نه پڇندئين.....!" سپنا شرط ٻڌائي ٿي ته تبسم واڙجي وانگي چوي ٿي..... " اهو ناممڪن آهي سپنا. توکي مون سان پنهنجا ڏک ضرور به شيئر ڪرڻا پوندا. آخر ته تنهنجي دوست آهيان نه.....!؟ ۽ ٻيو به ته اندر جو بار ڪٿي ته هلڪو ڪرڻ ئي گهرجي.....؟"

"بس تبسم! جيڪڏهن اها ئي ڳالهه آهي ته پوءِ مون کي تنهنجي ڪنهن به مدد جي ڪائي ضرورت نه آهي...!" سپنا ڏکائتي ۾ اڻ ارادي سان چوي ٿي.

...تبسم پهرين پريشان سوچن ۾ گم ٿي وڃي ٿي، ۾ پوءِ گهري سوچ کانپوءِ چوي ٿي ته ٺيڪ آهي سپنا، مون کي منظور آهي تنهنجو اهو شرط! هاڻي ٻڌائي آئون تنهنجي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿي...!؟"

"تبسم مون کي پٽسا گهرجن!"

"گهٽا پٽسا...؟"

"جيترا ٿي سگهن."

...تبسم خاموشيءَ سان ڪمري کان ٻاهر نڪري وڃي ٿي ۽ ٿوري دير ۾ واپس اچي هڪ پرس سپنا جي جهولي ۾ اڇلائيندي چويس ٿي" کولي ڏس پٽسا، اگر وڌيڪ ضرورت هجي ته ٻڌائي...؟"

...سپنا پرس هٿ ۾ کڻي ڏڏتي سان وڃڻ لاءِ اٿي بيهي ٿي.

"سپنا ڪهڙي تڪڙ اٿئي... ڪجهه گهڙيون ويهه ته...؟!" تبسم چويس ٿي.

سپنا نماڻي نظرن سان ڏسندي ڪيس ڏکويل لهجي ۾ ورندي ڏئي ٿي...

"تبسم! تون مون سان وعدو ڪري چڪي آهين ته ڪوبه سوال نه ڪندئين...؟!"

...تبسم پنهنجي دوست کي وڌيڪ سيريئس ۾ پريشاني ڏسي "آءِ ايم سوري" چوي ٿي.

سپنا تکيون وکون کٽي گهر کان ٻاهر نڪرڻ وقت لوهي گيٽ جي گرل ۾ هٿ وجهي پوئتي ڪنڌ ڦيرائي تبسم ڏانهن ڏسي ٿي.

تبسم هيڪل وياڪل نيٽن سان کيس الوداع ڪرڻ لاءِ ڪجهه پرپرو بيهي پنهنجي سهيلي کي ويندو ڏسندي رهي ٿي.

ان ويل سپنا جو اندر ڏک مان ڦاٽڻ لڳي ٿو ۾ سندس معصوم دل سڏڪي پوي ٿي، هيڪر دل چاهيس ته پنهنجي پياري سهيلي تبسم کي ٻاکون ۾ پري ايترو روئي وٺي جو زندگيءَ جي ڪنهن به موڙ تي دنيا جو ڪوبه نٽون درد ڪڏهن به کيس وري روئاڙي نه سگهي...!؟ پر هوءَ ائين نه ڪري سگهي ۾ ڏک جي ڪيفيت ۾ هينيون چپ ڏندن ۾ پيڪوڙيندي

منهن ٻي طرف ڦيرينديءِ هوائن ۾ هٿ لهرائي تبسم کي الوداع چوندي اتان نڪري اچي ٿي.

سپنا کي اڄ نه صرف لاهور جا رستائي اٽڄاڻ لڳن ٿا. بلڪ هوءَ پاڻ کي به ڏارين ديس ۾ اجنبي مسافر جيان اوپرو محسوس ڪري ٿي. اڄ ڪيس اباڻو شهر لاهور اهڙا ڏنج ڏيئي رهيو هو جو زندگيءَ ۾ ٻي رنگ ۽ ٻي مقصد لڳي رهي هئس. سپنا لاهور جا مختلف روڊ لتاڙيندي ريلوي اسٽيشن تي اچي پهتي هئي جتي دنيا جو ڪاروهنوار جيئن جو تيئن روان دوان هو. اسٽيشن تي وڏي رش هئي ۽ ڪنهن ڳاڏي جي اچڻ وقت ماڻهن جي ڇهل ڇهل وڌي پئي ويئي.

ڪي پنهنجن پيارن کي رسيو ڪرڻ لاءِ بيتاب بيٺا هئا ته ڪي پنهنجن محبوبن کي الوداع ڪرڻ لاءِ اکين ۾ اداس موتين جا هار جوڙي رهيا هئا.

.....هوءَ اتان نڪري مسافر خاني طرف اچي ٿي. جتي به ڪيس زندگي ڏاڍي مصروف نظر اچي ٿي. ويٽنگ رومن ۾ عورتن. ٻارڙن ۽ مردن جي وڏن رش ۾ هڪ همراهه چٽن جو وڏو ٽال ڪٽي هوڪرا ڏيئي رهيو آهي ته ٻئي طرف ننڍڙي ڄمار جو ڇوڪرو ڊبل روٽي ۽ پکوڙا وڪٽي رهيو آهي... هڪ ڪنڊ ۾ هڪ پوڙهي. هڪ نوجوان عورت ۽ ٻه ٻارڙا ڳنڍ ڪولي پکوڙن ۽ سانڊاڻي سان مانيءَ کائي رهيا هئا... مردائي ويٽنگ روم ٻاهران هڪ موالي سگريٽ جا دونها اوڇاڇي رهيو آهي... سندس نظرون هڪ پٽريلي ٻنڊ تي وڇي ٻيهن ٽيون. جتي اڌروٽ عمر جي ٽلهي متاري چري عورت دنيا جي دستور کان اٽڄاڻ ٻڌجي سني پئي آهي ۽ سندس پر ۾ هڪ ميرانجهڙي پوتيءَ ۾ ٻڌل وڏي پري رکيل آهي. جنهن ۾ پراڻا ڪاغذ ۽ ميرا ڦاٽل ڪپڙا نظر اچي رهيا آهن.

سپنا جون نظرون هڪ ٽڪ ان چري تي جمي وڃن ٽيون ۽ هوءَ سوچن ۾ گم ٿي وڃي ٿي.....!!

.....نه گهر..... نه گهاٽ.....!!؟"

" نه مٽ.....نه مائٽ.....!"

"نه ڪوئي فڪر..... نڪي ڪنهن جي ڪاڻ.....!!؟"

"هن کي نه ته ڪوئي ڏک ياد هوندو نڪي ڪائي اميد به رکي هوندائين.....؟!"

" نه پيار جو پڇتاءُ.....! ۽ نڪي جدائي جو خوف.....!!؟"

"ڪيڏي نہ لاپرواھ...! ڪيڏي نہ پر سڪون زندگي ھوندي ان چري عورت جي ...!؟"

"ڪاش ...!؟...ڀ ڪاش آئون بہ ھن وانگي چري ھجان ھا...!؟"

ھن جي اندر مان ھڪ ڏڳھو ساھ نڪري ٿو ڀ ماٿھن جي ٻيھر ھلچل تيز ٿي وڃي ٿي. ڪائي ٽرين پليٽ فارم تي لڳي ھئي ڀ مسافرن ۾ جڙ ته پاڄ پئجي ويئي ھجي.

... ھوءَ ٻاھر نڪري ان ٽرين جو منظر ڏسندي رھي ٿي... جڏھن ٽرين ڪوڪ ڪري ڇڏڻ واري ٿئي ٿي ته غير ارادي طور ھوءَ بہ ڊوڙندي ھڪ بوگي ۾ چڙھي پوي ٿي ڀ ٽرين آھستي آھستي رڙھڻ لڳي ٿي.

سپنا کي اھا بہ خبر نہ آھي ته ٽرين ڪيڏانھن وڃي رھي آھي ڀ سندس آخري منزل ڪھڙي ھوندي...!؟ ھوءَ ته بس اھو سوچي لاھور مان نڪرڻ چاھي ٿي ته "ھاڻي ھن لاھور ۾ منھنجو بچيو ئي ڇا آھي...!؟"

" ڀ جيڪڏھن ايڄا بہ لاھور ۾ رھيس ته گلي گلي گھاءُ ڀ قدم قدم ٺوڪرون ملنديون."

ڀ ھو لاھور مان فراريت حاصل ڪري ائين دنيا جي اميق سمنڊ ۾ غرق ٿيڻ لاءِ وڃي رھي ھئي جيئن سندس پاپا لاپتہ گمنام زندگي ۾ غائب ٿي ويو ھو...!

ھوءَ پنھنجي سوچن ۾ گم سم گيٽ وٽ بيٺي ھئي جو پر ۾ ھڪ ٽلھو متارو پوليس وارو اچي بيھي رھيو ھو... ڪيس شايد يقين ھو ته ھن وٽ ٽڪيٽ ڪونہ آھي... سو ھمدردي ڏيکاريندي چوڻ لڳيس ٿو... "بيبي! توھار ڪي ٽڪيٽ گھرجي...؟"

پوليس واري جي اوچتي آواز تي سپنا چرڪ پري ڏانھنس نھارينديھڪدم ٻاڻ سنياڻي ڪنڌ جي اشاري سان "ھا" چوي ٿي.

"ڪراچي ويندا توھان...؟" پوليس واري اندازو ھٽندي چيو.

"ڪراچي...!!؟" سپنا ڦھريائين سوچ ۾ پئجي ويئي ڀ پوءِ ڪجھ سوچي ڪنڌ جي اشاري سان ٻيھر "ھا" ڪري ٿي.

" پر بيبي شاليمار ايڪسپريس ۾ ائين سيٽ ته ڪونہ ملندي، ڏڳھو سفر ڪيئن ڪٽيندؤ...!!؟"

سپنا پوليس واري جي منھن ۾ نھارينديڪجھ پريشان ٿيڻ لڳي ٿي ڀ پوليس وارو ھڪدم سندس پريشانيءَ جو فائدو ونندي چوي ٿو.

....بيبي پريشان ٿيڻ جي ڪائي ڳالھ ناھي، ڪجھ خرچي پاڻي ڪرائيندو تہ ٽڪيٽ سان گڏ سيٽ بہ ملي ويندي.

سپنا بہ بغير ڪجھ ڳالھائڻ جي ٽڪيٽ خرچ ۽ بہ سئو روپيہ اضافي پرس مان ڪڍي پوليس واري کي ڏنا تہ پوليس وارو پينٽ جي کيسي مان ٽڪيٽ ڪيندي، کيس پويان اچڻ لاءِ چوي ٿو ۽ سپنا سندس پويان وڃڻ لڳي ٿي.

سيٽ نمبر ٢٣ تي ھڪ نوجوان ويٺو دري مان ٻاھر جو نظارو ڪندي سفر کي انجوائي ڪري رھيو آھي، جو پوليس وارو ڪلھي تي ٽڦڪي ڏيئي متوجھ ڪريس ٿو.

سيٽ تي ويٺل ھمراھ اوچتو پوليس واري تي نظر پوندئي ڇجي وڃي ٿو.

"اٽ سيٽ خالي ڪر....شاباس...!؟" پوليس وارو حاڪماڻي انداز ۾ چوي ٿو ۽ ھمراھ بنا بحث جي سيٽ خالي ڪري ٿو ڇڏي.

سپنا کي ٽڪيٽ ڏيندي پوليس وارو چوي ٿو.

"بيبي....! ھي توھان جو ٽڪيٽ ۽ ھيءُ توھان جي سيٽ."

سپنا مشڪور مرڪ سان سندس احسان مڃي ٿي، پوليس وارو ھليو وڃي ٿو ۽ سپنا سيٽ تي ويھي دريءَ مان لاھور شھر جا پوئتي نڪرندڙ نظارا ڏسڻ لڳي ٿي.

لاھور جي زندگي جيئن جو تيئن روان دوان آھي، ھر ماڻھو مصروف ۽ ڪنھن کي بہ ڪنھن جي غرض نٿي نظر آئي، ڪيس لاھور بہ بيوفا محبوب وانگي لڳي رھيو ھو.

ڪيس آھستي آھستي ماضيءَ جون ڪي ساروٽيون جر تي ڦوٽي جيئن ترندي ۽ ڦسندي ياد رھيون ھيون.

يونيورسٽي جا اھي امر لمحا، جڏھن نفيس سان گڏ لان ۾ ويٺي نفيس ٿھڪڙن جا جلترنگ فضائن ۾ ساز ڇيڙيندا ھئا....!؟

نفيس سان ھجتون....!! ۽ پوائنٽ ۾ جھونگاريل گيت ٻڌائڻ جون فرمائشون....! نفيس جي چرندڙ چپن مان اڏامندڙ لفظن جا رنگين پوپٽ....!

"چودھوين کا چاند ھو يا آفتاب ھو
جو بھي تم خدا کي قسم لاجواب ھو"

۽ انھيءَ گيت جي سحر ۾ سندس وڃائجي وڃڻ....!!؟

ائين پانئيو هئائين تہ نفيس سندس سونهن جو سوداگر بڻجي ائين گيت ڳائيندو رهندو ۽ هوءَ سدا عمر سندس ٻانهن جي شفيق پاڪرن ۾ پنهنجي نفيس وجود کي محفوظ ڪري ڇڏيندي....!؟

ائين سپنا سوچن ۾ گم سم ويٺي رهي ٿي، ٽرين جي رفتار تيز ٿيندي پيئي وڃي...! لاهور جون رنگين ۽ بي رنگ، سرڪاري ۽ غير سرڪاري بلڊنگون تيزي سان پوئتي ڊوڙنديون پيون وڃن.

..... سپنا آخري نظر اٿي بيهي دريءَ جي سلاخن مان منهن ڪيڊي لاهور جو آخري نظارو ڪري ٿي...! ائين لڳس جڙ رتل محبوب منهن سڃائي پٽي ڏيئي ٻيهي رهيو هجي...!!؟ ۽ ڪيس پرچائڻ جي ڪابہ اميد نہ بچي هجي.

.....اندر منجهہ ڪي طوفان کڙا ٿيا ۽ وري خاموش بہ ٿي ويا.....!

دل ۾ آيس تہ جيڪر زندگيءَ کي وڌيڪ ذلالتن کان بچائڻ لاءِ ٽرين مان ٽپو ڏيئي انت آڻي ڇڏي.....!!؟

.....پر ائين بہ نہ ڪري سگهي هئي.

....هوءَ لاهور کان نظرون ڦيري واپس سيٽ تي ويهي بوگي جي مسافرن کي ڏسڻ لڳي ٿي.

پرواري سيٽ تي اڌڙوٽ عمر جي ٽلهي عورت مزي مزي سان سگريٽ پي رهي هئي کيس متي تي (پي ڪيپ) پهريل، جنهن تي بليو ۽ ڳاڙهن اکرن ۾ پوليس لکيل هو هوءَ واقعي ئي پوليس واري ٿي محسوس ٿي، ان جي سامهون واري سيٽ تي بہ نوجوان ويٺا معمولي ڳالهين تي وڏا ٽهڪ ڏيئي پاڻ کي دنيا جا خوشحال انسان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا...!!؟

"مرد ....بيدرد...!!" سپنا جي اندر مان آواز نڪري ٿو ۽ هوءَ نفرت مان نظرون ڦيري اڳتي نهاري ٿي.

اڳين سيٽ تي بہ عورتون سفيد پوتين جي پرت ۾ ائين نقاب چاڙهيو ويٺيون هيون جو اها بہ خبر نٿي پئجي سگهي تہ اهي نوجوان آهن يا وڏيون آهن...؟

هڪ عورت جو هٿ سندس سٽرن تي رکيو پيو آهي.

ڳوري جرڪندڙ ٻانهن ۾ ڪاري پٽي واري واچ خوبصورت پٽي لڳي... آڱرين ۾ سونيون منڊيون پهريل... هٿ پٽيءَ تي تازي مهندي سان شاهڪار گلڪاري ٿيل..... سپنا کي ائين لڳو تہ هوءَ نئين پرٽيل ڪنوار

آهي، جيڪا زندگي جي پرڪيف سفر ۾ مڪڙيءَ مان ٽڙي گلاب ٿي پيئي آهي....؟

هوءَ ڏڏو شوڪارو پري اتان نظرون هٽائي سامهون واري سيٽ ڏانهن ڏسي ٿي، هڪ نوجوان ڪيس مسلسل تڪي رهيو آهي ۽ سندس اکين ۾ ننڊ جهڙا خمار آهن، سپنا جي اندر ۾ وساڻل باهه تي جڻ گاسليٽ جا چنبا پٽجي، وجن ٿا ۽ باهه ٻيهر پڙڪي پويس ٿي.

هوءَ اتان نفرت سان نظرون هٽائيندي آخري ڪنڊ ۾ سيٽ تي نهاري ٿي، سندس ئي جمار جي هڪ خوبصورت چوڪري پنهنجي هم عمر نوجوان سان رل مل ٿي ويٺل آهي، پنهيءَ جي چپن تي پريور ۽ جوان مرڪ رقصان آهي، جڏهن هڪ ٻئي کان نظرون بچائيندي نظرون ٽڪرايون ته اها چوڪري ائين مرڪي جڻ ته خود زندگي مرڪي پيئي هجي....؟

هنن ۾ ڪابه وچوٽي ڪونه هئي.... هڪ ٻئي جي ايترو ويجهو ويٺل، هٿا جو جسم جي گرمائش به محسوس ٿي سگهي ٿي....

هو ٻئي هڪ ٻئي جي ساهن جي سرهاڻ ۾ معطر ٿي رهيا هٿا ۽ کين آسپاس جي ماحول جي به ڪائي ڪل نه رهي هئي....؟

..... هڪ الهڙ چوڪريءَ جو ڪنهن نوجوان سان ايتري ويجهڙائپ وارو رشتو سپنا جي اندر ۾ ودِ وجهي چڏي ٿو....!

ڪيس پور آيو ته جيڪر اٿي وڃي ان چوڪريءَ کي ٻانهن مان جهلي، ڏونڊاڙي انهيءَ پيار جي نريب مان ٻاهر ڪڍي وٺيس....!

ڪيس سمجهائي ته "اهي مرد وڏا ظالم، بيوفا ۽ دوکيباز هوندا اٿئي....!!؟"

"اهي مرد ڪنوار جي سپنن جي سيج جا لٽيرا ۽ سڪ، سونهن جا ازلي ويري آهن....!"

ڪيس سمجهاڻي ته...." پنهنجي ڪچڙي جوانيءَ تي ترس کاءِ پنهنجي حسن جي باغ جو مالهي ڪنهن بد ذوق مرد کي رکڻ بجاءِ پاڻ محافظ ٿي ....!!؟"

پر اهي سيئي سپنا جي اندر جا خيال هٿا.... هوءَ ان عورت کي ڪيئن ٿي روڪي سگهي، جنهن سان سندس ڪوبه رشتو ڪو به ناتو نه هو....؟

ٽرين روشنين جو سفر طئي ڪري اونداهي جي پيٽ کي چيري اڳتي هلندي رهي ٿي، بوگيءَ ۾ بلب جي جهيٽي روشني ائين لڳي رهي هئي، جيئن پراڻي مندر ۾ هرندر ڏيئي جي مورتين تي پوندڙ روشني.

اڪثر مسافرن جا ڪنڌ ننڊ جي جهٽڪن ۾ سيٽن تي لڙڪي پيا هئا، ڪي سيٽن تي ستل هئا تہ ڪي مٿي برٿ تي سمهي پيا هئا.....!

پريمي جوڙي جون اکڙيون اڃا تائين ٽرين جي بلب جيان ٽمڪي رهيون هيون پر هاڻي منظر ڪجهہ تبديل هو.

انهيءَ نوجوان جو مٿو ناريءَ جي سيني جي نرم وهاڻن تي رکيل هو ۽ ناريءَ جون سنهڙيون آڱريون ان جي گهنڊيدار وارن ۾ کيڏي ڪري رهيون هيون....

سپنا اهو منظر نہ ڏسي سگهي هئي ۽ هڪدم ڪنڌ ڦيري دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳي هئي.

نيور جوپن جو چانورن جي مانيءَ جيڏو گول چنڊ، ڏرتيءَ تي کيرٽيون هاري رهيو هو.... چٽيءَ چانڊوڪيءَ ۾ سرسبز کيت، جهومندڙ گل، وهندڙ نهرون، ٻوٽا ۽ ننڍڙا ننڍڙا ڳوٺڙا ايترا تہ خوبصورت لڳي رهيا هئا جو انهن نظارن جا حسين رنگ چورائڻ لاءِ دل بي ايمان ٿي رهي هئي.

اهڙن نظارن جي عاشق سپنا جون اکيون اڄ ائين خالي خالي نظرن سان انهن نظارن کي ڏسي رهيون هيون جڙ ڪيس اهو يقين ٿي ويو هجي تہ اهو سڀ ڪوڙ....بڪواس.....۽ شيطاني خواب مثل آهن....!!؟

تڏهن الائي ڇو....؟ هڪ پيرو ٻيهر سپنا جي اندر ۾ خودڪشي جو خيال آيو هو سندس ضمير مٿس ملامتون ڪري رهيو هو ۽ هوءَ پنهنجو پاڻ کي دنيا جي واحد بدنصيب سمجهڻ لڳي هئي....؟

هوءَ سوچڻ لڳي ٿي....

"مان کهڙي بدنصيب چوڪري آهيان....؟"

..... "مون کي پنهنجي عظيم پيءُ، کيڏي لاڏ ڪوڏ سان نپايو هو....؟"

"کيڏو پيار ڪندو هو مون سان ....؟!"

... جڏهن ضد ۽ شرارت ۾ وڌا نقصان ڪري وجهندي هئس.... تڏهن بہ کيڏي زنده دليءَ سان ٿهڪ ڏيئي ۽ فراخدلي سان منهنجا حوصلا وڌائيندو هو....؟!"

"پر ڇا ڏنو اٿم ان جو بدلو پنهنجي ان ڏکويل پيءُ کي....!؟؟"

"هڪ بيوفا مرد جي پيار جي فريب ۾ اچي ، پاڻ سان حقيقي پيار ڪندڙ پيءُ جي مقدس دل کي پاش پاش ڪري ڇڏيم....؟!"

"ڀ ڪيڏو رنو هوندو مون لاءِ پاپا، لاهور جو شهر ڇڏڻ وقت....؟!"

" تہ ڇا ؟ منهنجو پاپا مون کي وساري سگهندو....!؟؟"

"ڀ ڇا اڄ پاپا کي منهنجون اهي شرارتون ساروٹيون بٹجي روئاڙيندیون نہ هوندیون....؟؟!"

" ڀ ڇا! آئون پنهنجي ان فرشتي جهڙي پيءُ کي ڪڏهن وساري سگهنديس....؟؟

جنهن جي دردن ڀ تڪليفن جو علاج بہ رڳو منهنجا ٿهڪ ڀ شرارتون هيون....؟؟"

"نہ.....! هرگز بہ نہ.....!!؟ اهو ڪونہ ٿي سگهندو....!"

ڀ وري ڪيس نفيس ياد اچي ٿو.

نفيس جي ياد ايندي ئي نفرت سندس رڳن ۾ زهر جيئن ڊوڙڻ لڳي ٿي.

هوءَ سوچڻ لڳي ٿي تہ:

"نفيس ڪيڏو نہ ڪنور دل انسان نڪتو جنهن جي محبت خاطر پنهنجي سڀ ڪجهہ برباد ڪيم، ان بيوفا وڃڻ وقت مون کان موڪلايو بہ ڪونہ.....؟!"

هن جي اندر ۾ انتقام جو اهڙو شعلو پڙڪي پوي ٿو پاڻ تہ جيڪر نفيس روبرو هجي تہ کيس گريبان مان جهلي هتي ئي سيني ڏالتن جا حساب ڪتاب وٺي ڏيکاري تہ جيئن ان مان ٻيا مرد بہ سبق پرائين تہ جيئن ٻيهر ڪابہ سپنا، ڪنهن بہ دوکيباز نفيس جي سازشن جي ڄار ۾ ڦاسي ڏلتن جا ڏکا نہ کائي ها....!!؟؟

.....اوچتو ٿرين جو شور وڌي وڃي ٿو.... ٿرين ڪنهن پل تان گذري رهي آهي ڀ انهيءَ گوڙ سبب سپنا جا خيال ٽٽي پون ٿا ڀ هوءَ حقيقي دنيا ۾ موٽي اچي ٿي....

.... هوءَ ٻيهر بوگيءَ جي مسافرن کي ڏسڻ لڳي ٿي، بوگيءَ ۾ هلڪي ٽڏ ڇانيل آهي ڀ اڪثر مسافر سمهي چڪا آهن پر اها پريمي جوڙي شايد اڄ سمهڻ جو قسم کٹي ويٺي آهي....؟

ٽڏڙي ٽڏڙي هوا رات کي ننڊ جي آغوش ۾ آٹي ورتو هو ڪل ڪائنات ستل ٿي لڳي ڀ ٿرين جو آواز هاٹي وڌيڪ چٹو ٿي رهيو هو.

آسمان ۾ چنڊ گلاب جي پاڻي مان وهنجي نڪتل حسين جي تازين ڪلن جيان ڀهڪي رهيو هو.

سپنا کي لڳو ته جڏ چنڊ تي ئي سندس آخري منزل مقصود آهي.

حالانڪ هوءَ جنهن منزل طرف گامزن هئي، اتي سندس ڪو به آشيانو ئي ڪونه هو.....!؟

پر هاڻي ته ڪيس ڪنهن آشياني جي تلاش به نه رهي هئي.

هوءَ ته فقط لاهور کان فراريت حاصل ڪرڻ لاءِ سمنڊ جهڙي شهر ڪراچيءَ ۾ پاڻ وڃائڻ لاءِ نڪتي هئي.....؟

لاهور کان ڪراچي جو طويل ۽ ٽڪائيندڙ سفر نيٺ پڄاڻي تي پهتو هو ۽ سپنا پنهنجي سڄي مسافريءَ جو سامان هڪڙو پرس ئي پاڻ سان گڏ کڻي ٽرين مان لهي ڪراچي جي پليٽ فارم تي آئي هئي.

اسٽيشن تي بيهي هن ساڳي ٽرين جي همسفر مسافرن کي پنهنجي عزيزن ۽ پيارن سان وڏي پيار مان وڏا پاکر پائي ملندي، کلندي ۽ خوش ٿيندي جڏهن ڏٺو تڏهن سندس نصيب پٽڪي پيو هو ۽ سڄو ڏينو ماتمي سڏڪن سان گونجي اٿيو هئس .....!؟

اندر مان آواز پڙاڏجيس ٿو ته

"ڪاش! هن پليٽ فارم تي ڪوئي منهنجو به انتظار ڪندڙ هجي ها.....!؟"

نيٺ پرنمر ٿي پونس تا. هوءَ پنهنجا لڙڪ پنهنجن هٿن سان اگهندي محسوس ڪري ٿي ته جذباتي فيصلا ڪيڏا نه ايذائيندڙ نتيجا ڏيندا آهن.....!؟ ۽ رهجي ويندا آهن انسان جي اندر ۾ پڇتاءَ جا گرم لڙڪ خالي جهوليءَ ۾ سدا عمر لاءِ.....!؟

..... هڪ ڏکيو ساهه اندر جي گهراين مان نڪريس ٿو ۽ موت کي من ۾ ميار ڏيئي ٿي ته "ڪاش: اي موت تون بازار ۾ وڪامندڙ ڪائي شيءَ هجين ها.....!؟"

..... هوءَ ڇڄ وقت ائين سوچن جي ٻڏتر ۾ ڪراچي شهر جي پليٽ فارم تي بيٺي رهي ٿي.

هوءَ سوچي ٿي.....

"ڪراچيءَ کي ته روشنين جو شهر ڪوٺيو ويندو آهي، پر هتي ته اهڙي اونداهي انڌو ڪار آهي، جو نه ته ڪوئي مونکي ڏسي سگهي ٿو ۽ نه ئي آئون ڪنهن کي ڏسي سگهان ٿي.....!؟ شايد! هي شهر به لاهور وانگي

بيحس شهر آهي.....!؟ هونئن به وڏن شهرن ۾ رشتن جا احساس ته نالي ماتر ئي هوندا آهن.....!؟ ڪو به ته ڪنهن جو ناهي هوندو شهرن ۾..... نه پاڻ، پاڻ جو نه ٻيءَ پٽن جو ۽ نه ئي ماڻ ڏيئرن جي.....!؟ ان کان ته ڀهراڙيون سٺيون هونديون آهن. جتي گهٽ ۾ گهٽ رشتن جو تقدس ۽ پنهنجائپ جو احساس ته زنده رهي ٿو.....؟؟"

..... پليٽ فارم تي ٻي ٽرين پهچي ٿي ته ڇڏ اسٽيشن درياءَ جي وهڪري وانگي اوٽل ۾ اچي وڃي ٿي..... ڇهل پهل وڌي وڃي ٿي ۽ سپنا جو ڏيان ان ٽرين طرف هليو وڃي ٿو.

ائين ٿو لڳي ڇڏ سڄي ڪراچي انهي ٽرين ۾ سفر ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي هجي.....!؟

ٽرين جي ڇت به ائين ماڻهن سان ستجڻ لڳي هئي جيئن ورهاڱي وقت اصل ڏرتي ڏٺي سر جو سانگو بچائي ٽرينن ۾ ڏالٽن جا سفر ڪري ديس کان پرديس طرف راهي ٿيا هئا.

انهيءَ ڇهل قدمي جا نظارا ڏسندي هيڪر سپنا کي پنهنجي اندر جا درد به وسري ويا ۽ هوءَ دلچسپي سان ٽرين ۾ چڙهندڙ مسافرن کي ڏسي رهي هئي جن ۾ جيترو تعداد مردن جو هو اوترو ئي عورتن جو پڻ هو. پر حيرت ان ڳالهه جي ٿي رهي هئي ته عورتن ۽ مردن کان علاوه ڪڏڻي فقيرن جو به هڪ وڏو تعداد ان ٽرين ۾ سفر ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو.....!؟ هوءَ انهن جي نخرو لي لوڏ ۽ عورتاڻي لباس کي پر تجسس نظرن سان ڏسي رهي هئي جو اوچتو سندس نظر وڃي پريان بيٽل هڪ ٽلهي متاري پوليس واري تي پيئي ۽ ڪيس لاهو وارو پوليس وارو ياد اچي ويو ۽ هوءَ ان طرف وڌي وڃي ٿي ۽ پڇيس ٿي "هي ٽرين ڪيڏانهن وڃي رهي آهي.....؟"

پوليس وارو اهڙي ماهه لقاءَ کي پاڻ سان مخاطب ٿيندي ڏسي پهريان ته ڊري ٿي ويل پينٽ کي چڪي مٿي چيلهه تي ٻڌاري ٿو. بيدولن چپن تي زبان ڦيرينديءَ وراڻي ٿو.. "جيا هن ٽرين ۾ ان ڪري ايتري رش آهي جو اها قلندر لال شهباز جي ميلي تي وڃي رهي آهي."

"قلندر لال شهباز" هوءَ پاڻ مهاڳو پڪي ٿي ته سپاهي تيزيءَ سان چوي ٿو.

" ها ميڊما هي سڀ قلندر جا پانڌيڙا ۽ ميلي جا شائقين آهين، جيڪي قلندر سائين جي حاضري پرڻ لاءِ وڃي رهيا آهن.....!"

..... سپنا ماضيءَ ۾ گم ٿي وڃي ٿي.

جڏهن ڪيس پاپا ننڍي هوندي شفقت جي جهوليءَ ۾ ويهاري ٻڌايو هو ته "ڏيءَ سپنا! اسانکي اولاد نه ٿيندو هو. پوءِ سنڌ مان آيل هڪ قلندري فقير تنهنجي ماءُ شهناز جو هٿ ڏسي چيو هو ته سنڌ جي سيوهاڻي مرشد قلندر لال شهباز تي سُکا ڪٽي ويجو ته الله ڪندو ته اتان جهولي ڀرجي ملندي پوءِ اسين قلندر بادشاهه جي درگاهه تي هلي ويا هئاسين. خيرات جون ديگون لاهي منتائون گهريونسين. جتان اسانکي تون ملي وئين....؟ ها سپنا، تون قلندر جائي آهين.....!؟"

.... ٽرين جي اوچتي ڌڪهي ڪوڪ تي سپنا ماضيءَ مان نڪري حال ۾ اچي وجي ٽي. ٽرين هڪ وڏو لوڏو کائڻ بعد چيڪاٽ ڪري رڙهڻ لڳي ٽي ته اوچتو سپنا جي جسم ۾ بجلي جي ڪرنٽ جهڙي مقناطيسي لهر ڊوڙي وجي ٽي ۽ هوءَ منيون پڪوڙي پنيان ڊوڙڻ لڳي ٽي.

پنيان پوليس وارو هڪلون ڪري ٿو.

" او چوڪري.... چوڪري ٽڪيٽ..... چوڪري هيڏانهن ور...!!؟"

هوءَ بنا ڪجهه ٻڌڻ جي ٽرين سريڪي ڊوڙڻ لڳي ٽي.

چت تي ويٺل قلندري ملنگ زور زور سان نعره هڻڻ لڳن تا....

"قادر قلندر مست... مست! حيدر قلندر لال، بيڙا پار...!"

سپنا ڊوڙندي هڪ بوگيءَ جي گيٽ تي جهلن ۾ هٿ مضبوط ڪري ونڊي ٽي. جيتوٽيڪ ايتري اندر رش هجي ٽي جو پير رکڻ جيتري به جڳهه نه آهي، پر سپنا پنهنجو هڪ پير قاسائڻ ۾ ڪامياب ٽي وجي ٽي ۽ جيئن ئي اندر چڙهڻ لاءِ جمپ ڏي ٽي ته ڪيس اندر داخل ٿيڻ جي جاءِ نٿي ملي ۽ هوءَ لڙکي پوي ٽي. ليڪن هڪ نوجوان ڪيس هڪ ٻانهن جي ٻاڪر جي سهاري تي ڪرڻ کان بچائي ونڊي ٿو ۽ هوءَ بوگي اندر ان نوجوان جي سهاري تي چڙهي پوي ٽي.

اندر اچي سهڪندي سپنا مشڪور نظرن سان ان نوجوان ڏانهن ڏسي ٽي جيڪو ڪيس ڏسي طمساتي مرڪ مرڪي رهيو آهي.

.. سپنا هڪدم ڇرڪي ان اکان نظرون بچائي بوگي اندر گهسجڻ جي ڪوشش ٽي ڪري.

اندر بوگي ڪچي جي ڪنهن بس وانگي جانورن جيان ماٺهن سان ستي پئي هئي. ائين بيٺلن جا جسم جسمن سان ٽڪرايا بيٺا هئا. جو سپنا کي به ائين تڪڙ ۾ چڙهڻ تي پچتاءُ ٿيڻ لڳو هو ، چاڪاڻ ته

هيترن سارن مردن ۾ اڪيلي ۽ نوجوان ناري جو بيهي سفر ڪرڻ تمام ڏکيو مرحلو هو.....!

سامهون ڏٺو هئائين تہ اڪيلي سيٽ تي ويٺل هڪ ڳيرو نوجوان کيس سيٽ ڏيڻ جي آڇ ڪري رهيو هو.

سپنا کيس ائين احسانمندانہ نظرن سان ڏسڻ لڳي، جڙ ساٿس کي پنهنجائپ جا پراڻا رشتا هجن...!؟

....."پيٽ توهان ويهو نہ..... مان بيهي سفر ڪري وٺندم.....!؟" نوجوان مرڪندي چوي ٿو پيٽ واري لفظ جڙ تہ سپنا جي ڏکندڙ رڳ تي ڪير جهڙو پهو رکي ڇڏيس.....! هوءَ هڪ ٽڏڙو شوڪارو پري ويهي سوچڻ لڳي ٿي تہ:

"ڪاش! هن ڪائنات ۾ منهنجو ڪوئي حقيقي ٻاءُ هجي ها تہ جيڪر هينئين دربدريءَ جا ڏينهن ڏسٹا نہ پون ها.....!"

ان نوجوان جو خيال آيس تہ ان طرف پنهنجائپ مان نهاريندي سوچي ٿي تہ "ڪيڏا سهاجهڙا ماڻهو آهن سنڌ جا.....!؟ اسانجي پنجاب ۾ تہ ڪوئي مرد عورتن جو ايترو احترام ناهي ڪندو جيترو هتي جا سنڌي نوجوان عورتن کي پيڙ ۾ ماءُ جو درجو ڏيئي احترام ڪن ٿا...!"

سپنا جون نظرون ان نوجوان طرف ڪجي وڃن ٿيون، جيڪو مخالف رخ ۾ منهن ڪريو هيڏي ساري رش ۾ بہ مطمعين ٿي سفر ڪري رهيو آهي...!؟

هوءَ سندس وصفن کي دلچسپيءَ سان ڏسڻ لڳي ٿي.

مٿي تي چاندي جهڙي ٽڪن واري ٽوپي، جنهن ۾ ستارن جيان ٽڪون جرڪي رهيون آهي، ڪلهي ۾ اڪ ڪلڙين جي پور واري ننڍڙي ناسي اجرڪ..! هڪ آگر ۾ جڙ تہ مگئي جي منڊي پاتل..... شلوار قميص جو سادو ۽ سهڻو لباس..... ڏگهو قد، جاڙا پرون، وڏيون چمڪدار اکيون، سانورو رنگ.....!!!؟

اهو سدورو سنڌي نوجوان سپنا کي قدرت جي شاهڪار تخليق لڳو هو. هيڪر دل ۾ آيس تہ کيس سڏي پر ۾ ويهاري، ٻانهن جا هار پارائي چڏي، پر وري ڏٺائين تہ ڪافي بينلن جون نظرون کيس گهوري رهيون هيون تڏهن وري ڪنڌ ڦيري، دريءَ کان ٻاهر جا نظارا ڪرڻ لڳي هئي.

سوچون پيچو نٽيون چڏينس..... هوءَ سوچي رهي آهي تہ:

"پنجاب ۾ ڪيتري بہ حسين عورت کي ڪوئي ايڏي پيار جي نظرن سان ناهي تڪيندو..... پوءِ هتي..... سنڌ ۾ چو ڪنهن عورت کي

ايتري پنهنجائپ جي نظرن سان ڏنو تو وڃي!؟ شايد ان ڪري جو سنڌي ماڻهن جون دليون پيار جي خزانن سان پريون پيون آهن..... !!؟ ۽ انهن جي اندر ۾ بہ ڪافي سونهن پريل آهي."

هين پانڌيئڙن جي قافلن سان گڏ هوءَ بہ ٽرين مان لهي درگاهہ طرف وڃڻ لڳي ٿي.

ماڻهن جا سمنڊ ميلي ۾ نظر اچن ٿا ۽ هر طرف کان "قادر قلندر مستسا" جا نعرہ گونجندي ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

هر طرف سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ ڏاڙهين جي جڳ مڳ ۾ ماڻهن جا ريلا جڙ ت درياءَ ۾ چاڙهہ اچي ويو هجي ۽ ان جا ڪمزور بند اجهو ٽٽي پيا هجن.....

.....ان دوران سپنا کي ٻيهر اهو چهرو ياد آيو هو جنهن ٽرين ۾ ڪيس پيڻ جهڙي مقدس رشتي جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌي پنهنجي سيٽ ويهڻ لاءِ خالي ڪري ڏني هئي.

هو اٿاهہ سمنڊ ۾ ان نوجوان کي ڳولڻ لڳي ٿي. پر اهو ڪيس ڪٽي بہ نظر نٿو اچي ۽ هوءَ وهندڙ عوامي سمنڊ سان گڏ ميلي ۾ لهي پوي ٿي. سيوهڻ جي سوڙهين گهٽين ۾ ڏاڍي ڀيڙ لڳي پيئي هئي. بازارون رنگين جهنڊين، بلبن سان خوبصوريتيءَ سان سينگاريل هيون. نوان نوان استال ميلي جي سونهن کي وڌائي رهيا هئا. هوٽلن تي ماڻهن کان وڌيڪ ٽيپ رڪارڊن جو گوڙ هجي ٿو. هر طرف کان اڪثر قلندري ڌمالن جي گونجار ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

جتي پانڌيئڙن عقيدت جو اظهار ٿي ڪيو اتي سائي لباس ۾ قلندري ملنگن بہ خوب نعرہ هڻي پنهنجي مرشد کي پيٽائون ڏنيون پئي.

هر طرف ماکيءَ تي ميڙا هئا.

سپنا ڀهريون پيرو ڪنهن ميلي جو سماءُ ڏنو هو جتي هر ماڻهو خوشين مان ڀهڪندو نظر اچي رهيو هو. سواءِ ڏنڊوڙي فقيرن جي، باقي ڪنهن جي بہ مُک تي مايوسي نظر نٿي آئي. انهيءَ خوشين جي ميلي ۾ هيڪر تہ سپنا بہ پنهنجا سمورا درد، وڇوڙا وساري انجوائي ڪرڻ لڳي هئي.

عوامي سمنڊ جهاڳيندي جڏهن هوءَ درگاهہ جي ٻاهران علم پاڪ وٽ پهتي هئي تڏهن اتي ڪيس هزارن جي تعداد ۾ قلندر جا ديوانہ ملنگ ۽ ملنگياڻيون نظر آيون هيون، جن کي ساوا ڀهراٽ، هٿن ۾ ڪندريون،

ٻانهن ۾ ڪنگڻ، ڪچيءَ ۾ وڏن مٽڪن وارا ڳانا ۽ ڳچيءَ ۾ ڪشڪول لڙڪندڙ هئا. ..... سندن وار وڏا ۽ اٽيا هئا ۽ اهي قلندري ڏمال تي نگارن تي مست ٿي نچي رهيا هئا.

سپنا مٿي نظرون ڪنيون هيون. سندس نظرن سامهون قلندر جو روضو مبارڪ ٻيئل هو.....! روضي تي نظر پوندئي سپنا جي اندر اُڇل ڪاڌي هئي ۽ دل پرجي آيس. اڄ پهريون پيرو ڪيس پنهنجي مٽيءَ ماءُ ياد اچي ويئي هئي. اها ماءُ جنهن هتي اچي باسون باسي مرشد قلندر کان اولاد جي خيرات گهري هئي.

ها، پر ڪيس ڪهڙي خبر هئي ته قلندر طرفان خيرات ۾ ڏنل سپنا کي مقدر ائين دربدر ڪري پٽڪائي ڇڏيندو.....!؟

هوءَ ڏکويل نيٺ ڪٽي ائين قلندر جي روضي ڏانهن نهاري ٽي، جڙ هوءَ پنهنجي مرشد کي ڏوراپا ڏيندي هجي.....!؟

هوءَ درد جي ڪيفيت ۾ هيٺيون چپ ڏندن ۾ پيڪوڙي ڇڏي ٽي ۽ اکڙيون بہ ٽمٽار ٽي پونس ٽيون.

هوءَ دل ئي دل ۾ سوال ڪرڻ لڳي ٽي.

"اي سخي شهبازا! چا مان نہ جمان ها ته هن دنيا جي ڏرتيءَ تي ڪوئي خال رهجي وڃي ها.....!؟" سندس نيٺ ڪٽورا پرجي پون ٿا ۽ سڄو بدن جڙ ته بخار جي پويس ٿو. هوءَ ٽڪل قدمن سان اچي علم پاڪ جي اوٽ ۾ گوڏن ۾ منهن ڏڪي سڏڪڻ لڳي ٽي. هن ائين منظر کي اداس ڪري ڇڏيو هو جڙ سڄي ڪائنات جي ڏکن اچي سندس گوڏن ۾ منهن لڪايو هجي.....!؟ ائين پئي محسوس ٿيو ته سڄي دنيا جا ڏک، غم، رنگ، خوشبوءِ، اداسيون، مسرتون، عيدون ۽ ميلا سندس لڙکن جي وهکري ۾ وهي ويندا.....! اندر مان اٽندڙ سڏڪن ائين ڏيل ڏکائي ڇڏيو هو جڙ ته انهيءَ سڏڪن جي طوفان ۾ ڏرتيءَ تي ڪجهہ بہ باقي نہ بچندو.

سپنا کي اڄ پهريون پيرو ان روئڻ ۾ ايترو سکون آيو هو جو پانيائين ٽي ته ائين روئندي ڪيس پر سکون ننڊ اچي ويندي! هڪ اهڙي ننڊ، جنهن جي ڪابہ جاڳ نہ هجي.....!؟

نہ جاڻ ڪيترو وقت لڙکن جا قافلا سندس ملائم ڳلن جي رستي تان لنگهندا رهيا ۽ سندس سيني جي سوني پيچري ۾ قيد سڏڪن جا

غلام پکي، آزاديون ماڻي آڪاش جي پولارن ۾ پرڙا هٽندا، ڏور گگن ۾ گم ٿيندا ويا هئا.

سج لهي چڪو هو. نگارن جي نوبت شروع ٿيندي ئي لکين پانڊيئڙا پڌر ۾ مڙي آيا هئا. نگارن جا آواز بلند ٿيا ته سپنا ائين گوڙن مان ڪنڌ مٿي ڪنيو هو جڙ ڪچي ننڊ مان ڪيس اٽاريو ويو هجي. هوءَ رڙهي ان ميڙ ۾ بيٺي هئي، جتي قلندري ڪمال تي عقيدتمند نچي رهيا هئا. سپنا پهريون پيرو عقيدتمندن جو اهو ناچ ڏٺو هو جنهن ۾ ايترو ته جوش ۽ جذبو هو جو انهن کي ڏسي ناچ نه ڄاڻندڙ به ٽپي ٽپي پيا ۽ هٿوراڙيون هٽڻ ٽي لڳا. ملنگن جي گڏيل نعرن ويتر ماحول کي جذباتي بڻائي ٽي ڇڏيو. ان وقت سپنا جي انگن ۾ انگڙايون ڊوڙڻ لڳيون هيون... جيتوڻيڪ هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن به نه نچيو هو. پر اهو الائي ڪهڙو جذبو ڪهڙي غيبي قوت هئي جنهن سپنا کي نچڻ تي جڙ ته مجبور ڪري وڏو هو ۽ هوءَ چال ڏيئي ان ميدان ۾ لهي پيئي هئي...!؟

هن ايتري ته جذباتي ناچ ڪيو هو جو نگارا وڃائيندڙ پڻ وجد ۾ اچي تيز نگارا وڃائڻ لڳا هئا ۽ چڱا خاصا ناچ ڄاڻندڙ به جڙ ته سپنا اڳيان پنهنجي هار مڃي ٻاهر نڪري سندس ناچ کي ڏسڻ لڳا هئا...!؟

هر طرف کان قلندري نعره زور وٺڻ لڳا هئا. سپنا ايتري جذبات ۾ نچي رهي هئي جڙ ڪڏهن به سندس بدن ۾ ٽڪاوٽ نه ايندي...!؟ جيئن پوءِ تيئن سندس جسم ڪامئي جي لڪڻ جيان نگارن تي وراڪا کائڻ لڳو هو.

شام جي اذان لڳڻ تي نگارا بند ٿيا هئا ته سپنا ڏڙام ڪري اچي نگارن مٿان ڪري هئي..... هر طرف کان نوٽن جا مينهن وسڻ لڳا هئا ۽ فقير نوٽ ميڙڻ کي لڳي ويا هئا..

.....ڪجهه دير کانپوءِ مجموعو ٽڙ پکڙ ٿيڻ لڳو هو. ڪي ميلي ۾ ته ڪي درگاهه جي زيارت لاءِ نڪري ويا هئا ۽ رهجي ويو هو سپنا وٽ هڪڙو ڪڙو فقير، جيڪو به شايد سندس ناچ کان متاثر ٿيل هو ۽ سپنا کي سنوٽ ۾ آڻڻ لاءِ مٿي جا زور ڏيئي ڪيس مالش ڪري رهيو هو.

ڪجه دير کانپوءِ سپنا جڏهن هوش سنياليو ته ير ۾ ان فقير کي ويڙل ڏٺو هئائين جنهن سان اڳ سندس ڪا به ڏيٺ ويٺ نه هئي. پر سندس خدمتن، سپنا جي دل ۾ پنهنجائپ وارو احساس جاڳائي ورتو هو.....!؟

فقير کانئس، سندس زندگيءَ جي ڏکن سکن بابت پڇڻ جي کوشش ڪري ٿو تہ سپنا ڏگھو ساھ پريندي چوڻ لڳيس ٿي:

"فقير سائين! مان پنھنجي دردن جو داستان تہ پنھنجي ان پياري سھيلي تبسم کي ب نہ ٻڌائي سگھي آھيان، جنھن کان مون زندگيءَ جو ڪو ب راز پوشيده نہ رکيو ھو. ان ڪري مون کان منھنجي درد ڪٿا مھرباني ڪري نہ پڇ...! بس ايترو ئي توھان کي ھمدردي جي بدلي ۾ ٻڌائي سگھان ٿي تہ مان پنھنجي ديس مان تڙيل اھا بدنصيب عورت آھيان، جيڪا قلندر جي حضور ۾ پٽڪي اچي پھتي آھيان. ۽ مرشد قلندر کان پڇڻ آئي آھيان تہ جڏھن منھنجو ڪو ب گھر گھاٽ ناھي ۽ نڪي مٽ مائٽ اٿم.....!"

"منھنجي زندگيءَ جو تہ ڪوئي مقصد باقي نہ بچيو آھي، تہ آخر منھنجي زندگيءَ جي ھن ڏکن جو باب ڪڏھن ۽ ڪٿي ويجي دنگ ڪندو" فقير سندس ڪٿا ھمدردي سان ٻڌي ٿو ۽ ڪيس چوڻ لڳي ٿو.

"دوست! اڄ تومرشد جي نگريءَ ۾ اھڙو ناچ نچيو آھي، جو مونکي يقين آھي تہ مرشد سائين تو کان راضي ٿي ويو ھوندو ۽ اڄ ھو تنھنجا سمورا ڏک مٽائي ڇڏيندو...! مونکي يقين آھي تہ اڄ تنھنجا ٻيڙا پار ٿي ويندا. .... وڃ دوست، ھاڻي تون اندر وڃ ۽ آئون ھتي باھر تنھنجو انتظار ٿو ڪريان...! ۽ پوءِ انشاءَ الله پاڻ ٻئي سڻن دوستن وانگي گڏجي دنيا جي دردن کي جھيڙيندا سين ...!؟"

فقير جي اھڙين دلدارين تي سپنا جي سرير ۾ ويساھ وري اچي ٿو. ھوءَ ٻر اميد نظرن سان پنھنجي ھمدرد دوست فقير ڏانھن ڏسندي ۽ ٽڪل قدمن سان دعا گھرڻ لاءِ درگاھ طرف وڃڻ لڳي ٿي.

اندر داخل ٿيندئي سندس ستل سور ٻيھر جاڳي پون ٿا ۽ دل ٻرجي اچيس ٿي. ان وقت تہ ويتر ڏک مان سندس اکڙيون ٻرجي آيون، جڏھن ھن درگاھ اندر اولاد جي آس کٽي داخل ٿيندڙ سندس ماءُ، پيءُ جو تصور جوڙيو ھو...! سوچيائين.

"منھنجي ماءُ ھن مزار جي ساون پڙن ۾ منھن لڪائي، ڪيڏو نہ اولاد لاءِ رُني ھوندي..... ! دعائون گھريون ھوندائين...؟ ڪيڏيون نہ عازيون ، نيزاريون ڪري ٻاڏايو ھوندائين مرشد قلندر کي...؟"

"ڀ پوءِ اي قلندر سائين! تو منهنجي ماءُ، پيءُ کي خيرات ۾ ڏني هئي..؟ هڪ بدنصيب ڇوڪري...؟"

"چا، جيڪي درويش اولاد جهڙي نعمت الاهي حضور مان ونڊي ڏيئي سگهن ٿا... تہ چا انهن ۾ ايتري ڪرامت ناهي هوندي، جو پنهنجي تخيل جو مقدر موچارو ڪري سگهن.....!؟"

"اي مرشد! آخر ڪهڙي ضرورت هئي منهنجي جنم جي؟"

"قلندر سائين! آخر مون هڪڙي بدنصيب جي خاطر ڇو منهنجي سڄي خاندان کي ايتريون سختيون سهڻيون پيون آهين...؟؟ ڇو؟؟"

"پاپا جون حسرتون تباهہ ٿيون؟"

"اولاد لاءِ ڪشالا ڪائيندڙ امڙ پنهنجي اولاد مان دل پري ٻہ نہ سگهي ڀ انهن جو اڪيلو اولاد دربدر ٿي تنهنجي نگريءَ ۾ پٽڪي ويو...؟ آخر هي ڪهڙن گناهن جون سزائون آهن؟ ڀ ايڏا ڪيترون سزائون ملنديون...؟"

سپنا ائين مزار جي چادرن ۾ منهن ڍڪي مسلسل روئي رهي هئي، جيئن دادلو ٻار دڙڪا ڏيندڙ ماءُ جي جهوليءَ ۾ منهن ڍڪي سڏڪا لڳندو آهي...؟؟

سپنا جون اکيون مرشد جي چادرن ۾ لڙڪن جا موتي هاريندیون رهن ٿيون... ڪيس ڪوئي دنيا جو هوش نڙو رهي جو روئندي روئندي ڪيس ننڊ جو جهٽڪو اچي ٿو وڃي.

.. نن ڏينهن جي ذليل سفر ۾ اڄ ڦهريون پيرو مٿس ننڊ ديوي مهربان ٿي هئي..! ڀ پوءِ ڏٺو هئائين هڪ عجيب خواب.....!!؟

سائي جُبي ۾ هڪ قلندري فقير اچي سندس اڳيان بيهي ٿو . ڪنڌ ۾ وڏن مٽڪن وارا ڳانا، ڪنن ۾ پتل جا والا اٽس. مٿي ڀ ڏاڙهيءَ جا اڇا وار جن ۾ مٿيءَ جي ميراڻ پري کان بکجندڙ.....! اکيون اهڙيون ڳاڙهيون، جڙ صدين جا اوجاڳا هجنس...!؟

آڱريون پٿرن جي منڊين سان پريل قسم قسم جا پٿر زرقون، يا قوت، مرجان، پکراج، فيروزو وغيره پوڙهائپ جا گهنج چهري تي واضح آهن.

هو آهستي آهستي هن طرف وڌي اچي ٿو ڀ روئندڙ سپنا جي مٿي تي شفقت جو هٿ رکي چوي ٿو تہ:

"تيءَ هاڻي بس ڪر! وڌيڪ روئڻ جي ڪائي ضرورت نہ آهي. مرشد سائين تنهنجي حاضري قبولي، تنهنجا سمورا ڏک مٽائڻ جي دعا

ڪئي آهي ۽ انشاءالله اڄ ڪانپوءِ ڪو بہ ڏک تنهنجي پر مان بہ نہ گذرندو.....وڌيڪ ڪيڏانهن بہ پٽڪڻ جي ڪوشش نہ ڪجانءِ..... ٻاهر جيڪو فقير تنهنجو انتظار پيو ڪري. اهو بہ قلندري فقير آهي، تون ان جو پلئہ نہ ڇڏجانءِ، مرشد جي دعائن سان سدا سکي گذاريندين.... تنهن جو مرشد ڪامل آهي بابلا... تنهنجو مرشد بلاشڪ ڪامل آهي..... هاڻي ڪنڌ مٿي ڪر. ۽ ڏس تہ دنيا ڪيڏي نہ رنگين آهي.....!؟"

اوچتو سپنا جون اکيون کلي وڃن ٿيون ۽ اوجاڳا منجي وڃنس ٿا. هو جڏهن مٿي اٿي ٽي تہ ڪيس پنهنجو وجود ڏاڍو هلڪو ٿو محسوس ٿئي...!

هوءَ پاڻ کي ايترو تازو توانو محسوس ڪري رهي هئي. جڙ هن دنيا ۾ اڄ تائين ڪو بہ ڏک نہ ڏٺو هجي.....!؟ ڇهري جون اجهاڻل رونقون ٻيهر جرڪڻ لڳيون هيون. ائين جڙ اجهاڻل بلب کي ٻيهر جاڳايو ويو هجي...؟ سندس پر رونق ڇهرو ائين صاف جرڪڻ لڳو هو جڙ جهڙ لهڻ کان پوءِ آڪاش تي چنڊ نروار ٽي پيو هجي! اکين ۾ پڻ مقناطيسي چمڪ چمڪڻ لڳي هئي ۽ ٽڪل جسم ۾ اهڙي چستي اچي ويئي جڙ بيمار ماڻهو کي صحت ملي هجي...!؟

سپنا خوش خوش ٽپندي. ڪڏندي روضي کان ٻاهر نڪري اچي ٽي. ڪيتري عرصي کانپوءِ اڄ کيس دنيا ايڏي رنگين نظر اچي رهي هئي. جيتري سالن کان پڇري ۾ قيد طوطي کي آزادي ملڻ بعد آڪاش جي وسعتن ۾ دنيا خوبصورت لڳندي آهي...!؟ ۽ هو خزائن ۾ بہ بهارن جا نغما جهونگارڻ لڳندو آهي..؟

گيٽ تي سپنا کي سندس انتظار ڪندڙ فقير دوست ملي وڃي ٿو جنهن کيس هن ڏکي مهل ۾ همدردي جو اظهار ڪيو هو..... ۽ وري کيس درگاهہ طرفان مليل بشارت ياد اچيس ٽي تہ مرشد سائين ان فقير کي مون لاءِ مددگار ڪري موڪليو آهي. تڏهن ائين اُڪير مان اچي ان فقير کي ٻکين پيئي پاڪرن ۾ پريو هئائين. جڙ صدين کان وڇڙيل ڪائي پياري سهيلي، پرديس ۾ اوچتو ملي ويئي هجيس.....!؟

سپنا جي اها خوشي ڏسي. اهو فقير بہ ائين ٻهہ ٻهہ ٻڪي پيو هو جڙ کيس پيريءِ ۾ زندگي جو سهارو مليو هجيس.....!؟

ڇ پوءِ هٿ هٿن ۾ ڏيئي هو ميلو گھمڻ لاءِ رش ۾ ڪاهي پيا هئا. ماٺھو انتهائي خوش نظر آيا ٿي ليکن سپنا کي پنهجي خوشيءَ جي اڳيان سڄي ميلي جون خوشيون تمام ننڍڙيون نظر آيون هيون....!؟

ميلو گھمڻ دوران ان فقير سپنا کان صرف سندس نالو ئي پڇيو هو. شايد وڌيڪ ڪجھ ان ڪري نہ پڇيو هئائين جو هن ڪيس ٻيھر ماضيءَ جي ڏکن ۾ ڌڪڻ نٿي چاهيو.....!

ڀر پنهنجو مڪمل احوال هنن لفظن ۾ ٻڌايو هئائين تہ

"آئون هن قلندر جو پراڻو مريد آهيان ڇ منهنجو نالو نوري فقير آهي.....! جوانيءَ ۾ آئون بہ تو وانگي تمام حسين صورت جو مالڪ هئس.... جن منهنجي جوانيءَ جي سونهن ڏٺي هئي، سي اڄ بہ مونکي انهيءَ ئي قدر جي نگاهہ سان ڏسن ٿا.... منهنجو بہ تعلق هڪ تمام اعليٰ شان ڇ مان مرتبي واري خاندان سان هو. پر اهو راز مون اڄ تائين بہ ڪنهن آڏو کوليو نہ آهي.... منهنجو والد صاحب ڪروڙ پتي هو ڇ هن شادي لنڊن ۾ ساٺس پڙهندڙ سوئيڊن ڇوڪريءَ سان لوَ ميريج ڪئي هئي ڇ پوءِ ٻئي واپس پاڪستان هليا آيا.

واپس اچي منهنجو والد صاحب بلڊنگس ڊپارٽمينٽ جو سرڪاري ٺيڪيدار ٿي ويو ڇ ونس هر وقت ڪروڙن جا ٺيڪا هلندا هئا.... انهيءَ ڪم ۾ منهنجي ماءُ (سوئيڊن عورت) تمام گھٽو هٿ ونڊائيندي رهي هئي. سندن زندگي ڏاڍي پيار ڇ سڪون سان گذرندي پيئي آئي. پر جڏهن انهن کي منهنجي صورت ۾ پٽ جھڙو اولاد مليو تہ سندن زندگيءَ ۾ وڌيڪ خوشين جو نکار پيدا ٿي ويو. هنن مونکي وڏي لاڏڪوڏ سان نپايو. ڇ جڏهن مون اکيون پٽيون تہ منهنجي بابا سائين وٽ بہ وڏيون پرائيويٽ فئڪٽريون ذاتي ملڪيت ۾ هيون ڇ هو شاهاڻي ڇ ٺٺ واري زندگي گذاري رهيو هو ڇ منهنجي والده هڪ وڏي فئڪٽري ۾ جنرل مئينيجر هئڻ ڪري مونکي هڪ اميراڻي لائيف ملي چڪي هئي ڇ تعليمي لحاظ کان مون گريجوئيشن پڙ ڪري ورتي هئي. بابا سائين ڇ امان جو خيال هو تہ آئون اڄان بہ وڌيڪ پڙهان ڇ فارين جي ڪنهن يونيورسٽي کي جوائن ڪريان پر تن ڏينهن مونکي هڪ اهڙي پريشاني گھيري ورتو هو جو پڙهائيءَ سان ڪا بہ دلچسپي نہ رهي هئم. مسئلو اهو هو جو مون ۾ ڪابہ مردانگي نہ هئي. ان سلسلي ۾ مون لڪ ڇپ ۾ تمام گھٽو علاج ڪرايو. پروفيسر ڊاڪٽرن بہ مونکي بلڪل لاعلاج قرار ڏيئي ڇڏيو هو. هڪ سرجن ڊاڪٽر

جو چوڻ هو ته آپريشن ٿي سگهي ٿو پر مردانگي موٽي اچڻ جي اميد صرف ۳۰ سيڪڙو آهي. چاڪاڻ ته ۷۰ سيڪڙو عورتاڻي جزن جو موجود آهي. ن بعد مون فوٽ پاڻي ۾ اشتهاري حڪيمن جا چڪر ڪاٽڻ شروع ڪيم. نمام گهٽو پئسو لٽائڻ باوجود به مون ۾ مردانگي نه اچي سگهي هئي.

تن ڏينهن گهر ۾ منهنجي شاديءَ جا پڙ چؤپول هلڻ لڳا هئا. ڪڏهن ڪنهن وڏي خاندان جا وڏا اسانجو گهر ڏسڻ پئي آيا، ته ڪڏهن ابا، امان ڪنهن گهر جو ماحول ڏسڻ لاءِ وڃي رهيا هئا. انهن ڳالهين ونکي تهائين پريشان ڪري ڇڏيو هو. مونکي امڙ چيو ته تون پنهنجي رضيءَ تي ڪائي وڏي خاندان جي ڇوڪري رڳو پسند ڪر باقي اهو ٻشتو ڪرائڻ اسان جو مسئلو آهي. پر آئون ائين چئي ٽاريندو رهيس ته في الحال مونکي شادي جو ڪوبه شوق نه آهي، ان ڪري توهان پليز مونکي ايترو جلدي جڪڙڻ جي ڪوشش نه ڪريو...! .. پر شرمندگي مان کين اهو نه ٻڌائي سگهيو هئس ته آئون شاديءَ جي قابل نه آهيان...!؟

انهيءَ ندامت مونکي تمام گهٽو پريشان ڪري ڇڏيو هو. سوچيم ته جيڪڏهن منهنجي اصليت جو راز کلي پيو ته منهنجي هاءِ ڪلاس سوسائٽي ۾ رهندڙ والدين جي معاشري ۾ ڪهڙي عزت رهندي. ..!

شاديءَ کان به انهي ڪري ڇرڪيل هئس جو يقين هئيم ته شادي جي ڪجهه عرصي بعد اهو راز يقينن راز رهڻو نه هو..!

ان عرصي دوران مونکي خودڪشي جو به خيال آيو. پر وري به پنهنجي امير خاندان جي بدناميءَ جي خوف کان مون ائين ڪرڻ مناسب نه سمجهيو. پوءِ تمام گهٽو پريشان رهڻ لڳو هئس ۽ منهنجي انهيءَ پريشانيءَ کي منهنجي والدين به پرکي ورتو هو. هنن ڪافي زور پريو هو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ پر ڪجهه به نه ٻڌايو هئم ۽ نيٽ هڪ ڏينهن انهن پريشانين کان بچڻ لاءِ مون فراريت حاصل ڪئي هئي. سوچيو هئم ته جيڪڏهن انهيءَ راز تان پردو کڄي ويو ته سڄي زندگي منهنجا مائٽ منهنجي محروميءَ جي عذاب ۾ پوڳيندا رهندا. انڪري جيڪڏهن انهن کان پڄي نڪرندس ته هو وڏ کان وڏ منهنجي ڳولا ڪندا، پڇائون رکندا، پر نيٽ هڪ ڏينهن آسرو پلي روئي رڙي، هڪڙو سور سيني ۾ سانديي وسارڻ جي به ڪوشش ڪندا.

جيتوڻيڪ اهو سوچي آئون گهر ڇڏي فرار ٿيو هئس ته دنيا ڏاڍي وسيع آهي... ڪنهن ڪنڊ ۾ وڃي پناهه ونی گمنامیءَ جي زندگي

گذاريندس پر منهنجي لاءِ ان وقت وشال دنيا ۾ هڪ ننڍڙي ڪمري جهڙي سوڙهي ٽي پيئي هئي. جڏهن منهنجي والد صاحب اخبارن ۾ ني وي تي منهنجي گمشدگي جا اشتهار چپائيندي، ڳولينڊڙ لاءِ ڏهه لک روپيا انعام جو اعلان ڪيو هو. پوءِ مونکي جڏهن ڪا ۾ پناه گاهه محفوظ نه ملي تڏهن مجبورن مون عورتاٽو لباس پائي چڏيو هو. اتفاق سان رلندي ڦرندي ميلي ۾ مونکي ڪڙن فقيرن جو ٽولو ملي ويو. جن زوري گيهلي گرو وٽ پيش ڪيو. مون ڏٺو ته اتي سيئي فقير پنهنجي ٽئين جنس تي شرمنده هجڻ بجاءِ خوش نظر آيا هئا. ان ڏينهن کان ونِي مون ۾ زندگيءَ سان هڪ سمجهوتو ڪري چڏيو ۽ پوءِ مونکي اج تائين ڪو ۾ ڳولي نه سگهيو آهي.

جيئن ته منهنجا مهانڊا پنهنجي سوئيڊن ماءُ جهڙا هئڻ ڪري جوانيءَ ۾ باقي سيني فقيرن کان وڌيڪ حسين ۽ پرڪشش هئس. ان ڪري مونکي سائي فقيرن توڙي عام ماڻهن کان تمام گهڻو پيار نصيب ٿيو هو. ان ڪانپوءِ آئون باقائده فقير بڻجي پنهنجي سائين سان مڙهين ۾ رهڻ لڳو هئس ۽ سيئي فقير سنڌ جي ميلن ملاکڙن ۾ وڃي ڪمائيندا هئاسين ۽ واپس حيدرآباد جي هالا ناڪي وٽ پنهنجي مرڪزي مڙهيءَ ۾ گرُو ساڻ گڏ اچي رهندا هئاسين ۽ انهن ئي منهنجو نالو وري نوري فقير رکيو هو . گرُو اهو نالو انڪري مون تي رکيو جو هن هڪ ڏينهن سيني فقيرن جي روبرو چيو هو ته اسانجي نئين فقير جو چهرو تمام نوراني آهي. انڪري منهنجو نالو مشهور ٿي ويو. هونئن منهنجو اصل نالو شهزاد هو.

هڪ دفعي اسين لاڙ جي سپ کان وڏي ميلي سمن سرڪار تي آياسين. هونئن ته سڄي سنڌ جا ميلا ڏسڻ ۽ گهمڻ جا موقعا مليا هئم. پر سمن سرڪار جو ميلو مونکي ڪجهه وڌيڪ ئي محبتن ۽ منڙن ماڻهن جي ڪري پياروٿو لڳو هو. سادڙا، سهاجهڙا ماڻهو. ڪن پل ۾ دلين جا واپار ڪندڙ ۽ وفادار ماڻهو. انهن جي وسيع دلين ۾ ماڻهپي ۽ محبت جي ڪا به ڪمي نظر نٿي آئي. سمن سرڪار جي ميلي ۾ اسان کي تمام گهڻو پئسو به مليو هو. تڏهن ئي دل چاهيو هئم ته جيڪر اهڙن ئي منڙن ماڻهن جي ڏرتي ۽ تي بسيرا اڏي رهي پوان.

۽ پوءِ مون بدين شهر ۾ پنجو آشيانو ناهيو هو. اتي به مون فقيرن وارو لباس فقط انڪري نه لاٽو ته متان ئي ڪوئي ڏهن لکن جي لوپ ۾ مونکي سڃاڻي منهنجي مائٽن کي اطلاع نه ڪري چڏي. چاڪاڻ ته مون جيڪو هاڻي روپ ڌاريو هو. انهيءَ ۾ هرگز به پنهنجي مائٽن سان ملڻ

نٽي چاهيو. البت فقيرن وارا ميلا ملاکڙا ۾ ڳائڻ وڄائڻ ڇڏي مون گل وکٽڻ شروع کيا هئا. بدين جي ماڻهن منهنجي حسن شباب تان پنهجون سموريون عاشقيون گهوريون هيون ۾ منهنجا گل هٿو هٽ وکامي ويندا هئا. جنهن مان سُٺو گذر سفر ٿيندو هو پر وقت سدائين ساڳيو ناهي رهندو.

آهستي آهستي جواني جو سج لهڻ لڳو هو ۾ ائين گلن جو کاروبار پڻ گهٽجي ويو. کجهه وقت کان طبيعت به ناچاڪ رهي ٿي تنهنکري گذر سفر به وڏو مسئلو بٽيل آهي. هونئن ته هر سال مرشد قلندر جي ميلي ۾ حاضري پرائيندو رهيو آهيان. پر هن پيري خاص طور آئون اها صدا کٽي آيو هئس ته هاڻي منهنجي سهاري جو کوئي سبب پيدا ڪر.

۽ تون جڏهن قلندري ڏمال تي نچين پئي ته الائي ڇو مونکي ائين لڳو ته تون ئي مون لاءِ سهارو ثابت ٿيندين.....!؟ ۽ پوءِ مرشد قلندر جي مهربانين سان مونکي تو جهڙو بهترين دوست ملي چکو آهي...!؟

"۽ سپنا دوستا! مونکي يقين آهي ته پاڻ ٻئي هڪٻئي لاءِ بهترين سهارو بڻجي ويندا سين.....!! تون فقط منهنجي مشورن تي عمل ڪندي رهجانءَ . انشاءَالله پاڻ اهڙو ڪاروبار شروع ڪنداسين جو روزگار به سُٺو هلندو ۽ عزت توڙي شرافت تي به کوئي داغ نه ايندو...!"

"پر سپنا دوستا! اهو ڪڏهن به نه وسارجانءَ ته زندگي هڪ ڏکيو امتحان پڙ آهي. ان ڪري ان امتحان کي پاس ڪرڻ لاءِ پاڻ کي اڳواٽ تيار رکڻو پوندو آهي...!!!!"

.... سپنا ڏڳهو ساهه پري نوري فقير جي منهن ۾ ڏسندي وراڻي ٿي.

"دوستا! مون زندگيءَ جو هڪ اهڙو ڏکيو امتحان به پاس ڪيو آهي. جنهن جي ناڪامي موت جو سبب به ٿي سگهي ٿي. ڇا ان کان به وڌيڪ کوئي ٻيو امتحان ٿي سگهي ٿو.....!!؟"

"سپنا دوستا! ناڪامي چاهي ننڍي هجي يا وڏي .....!!!؟ پر ناڪامي موت هوندي آهي. پر ناڪامي جي موت کي مات ڏيڻ لاءِ اسان کي ڪاميابين جا ڪيئي ڪورس ڪرڻا پوندا. ڇا ان لاءِ تون تيار آهين...!!؟"

سپنا پر عزم نظرن سان نوري فقير جي اکين ۾ نهارينديِ مرڪي ڪنڌ سان هائوڪار ڪري چڏي ٿي. ... ۽ پوءِ زوردار تاڙي ملائڻ جو آواز ٿئي ٿو.

نوري فقير جون دلچسپ ڳالهيون ۽ نصيحتون سپنا ڏاڍي دلچسپيءَ سان ٻڌندي رهي ٿي ۽ گڏوگڏ هٿ هٿن ۾ ڏيئي چنبيليون هٽي گهمندا ائين جيئن ميلي ۾ گهمڻ لاءِ ايندڙ نوجوان هٿن ۾ چنبيليون هٽي گهمندا آهن تہ متان ڪٽي رش ۾ اهي هڪٻئي کان جدا ٿي نہ وڃن.

هنن ميلي ۾ سجايل عارضي خوشين جا انيڪ استال گهمي ڏٺا...! ڪوڙين کاڻين جا وڻي ڪتاب، فلمي اداڪارائن جاپورٽريٽ، تحفي ۾ ڏيڻ جهڙين منڊين، هارن، ڪنگڻ ۽ چوڑين جا شوڪيس پڻ ڏٺائون.....!

هنن ميلي ۾ روح ريجهائيندڙ تماشا بہ ڏٺا تہ وڏن ٿيٽرن اڳيان نچندڙ عورتن ۽ ڪڏڻ جا گڏيل ناچ بہ ڏٺا تہ ماٺهن جي جهڳٽن ۾ سر آلاپيندڙ سريلين چوڪرين جا اگهاڙي عشق وارا فحش ڪلام پڙ ٻڌا.

ائين سڄي رات هو گهمندا رهيا هئا صبح ٿي ويو هو ۽ هنن واپس بدين طرف ورڻ جو فيصلو ڪيو جتي نوري فقير جو آشيانو سندن استقبال لاءِ آتو هو.....!

نوري فقير جي جڳهه شاهنواز چوڪ کان شهباز رود ڏانهن نڪرندي پراڻي ميرواهه جي کاٻي ڪپ تي ڪپڙا مارڪيٽ پويان مين نالي تي هئي. خالص سرن جي چؤديواري ۾ سندس مڙهي ٻاهران ڪنهن ڪنڊرات جو ڏيک ڏيئي رهي هئي. پر اندر صفائي ۽ سليقي مان راحت پي محسوس ٿي. ڪلراٽي سرن جي ديوار جي ڏاڪڻي ڪنڊ ۾ هڪ ننڍي قد جو گهاٽي چانو وارو نم جو وڻ بيٺل هو. جنهن جي چانو ۾ پيل پراڻي ڪٽ تي سڪل پن ۽ پکين جون وٺيون پيل هون.! ۽ پرسان پاڻيءَ جي مٽڪن جو ڪاٽ وارو منجو پيل هو. ساڳيءَ ڪنڊ ۾ واٽر سپلاءِ جي لائين تي هڪ هينڊپمپ پڙ لڳل هو.

نم جي ٽڏڙي چانو هيٺ گرمين جي سخت ڏينهن ۾ ٻه ٽڏڪار لڳي پيئي هئي. هوجڏهن بدين آئي هئي تڏهن گرمين جي موسم هئي. ڏينهن جي سخت گرمي کانپوءِ شام ڏاڍي وٽندڙ ٿي پوندي هئي. جڏهن لاڙ جي هن ڏرتيءَ تي سمنڊ جون گهميل هوائون گهلي، لڳ جي لوسائيل لڳن کي سڪون بخشيندڙ هيرون لڳندیون هيون، تڏهن سپنا جي نيٽن تي ننڊ جا خمار چڙهي پوندا هئا.....!!؟ هوءَ کليل اڳڻ ۾ ڪٽ رکي آسمان ۾ نظرون وجهي واهيرن ڏانهن ورندڙ پکين جي اڏارن کي ڏسي، شام کي خوب انجوائي ڪندي هئي. پر جڏهن چانبوکي چيٽ جي راتين ۾ سندس ننڊ فٽي پوندي هئي....! تڏهن پورنماسي چنڊ کي تڪيندي بلڪل اتاولي ٿي پوندي هئي..... ڪيس ائين محسوس ٿيندو هو. جڙ ڪوئي وجود چانبوکيءَ ۾ ڪنهن نهر ڪناري سندس انتظار ڪندي ٽڪجي بانسري تي ڪائي دردیلي ڌن وڄائي ڪيس پيار جا واسطا وجهي اچڙ لاءِ پڪاريندو هجي.....!!؟

۽ پوءِ سچ ٻه سندس ڪنن ۾ ڏور فضائن مان ايندڙ بنسري جا آلاپ گونجڻ لڳندا هئا. ۽ سندن بدن ۾ بيقراري پيدا ٿي ويندي هئي، تن راتين ۾ اڪيلائي جو شديد احساس سندس جيءُ جهوريڙ لڳندو هو ۽ هوءَ پنهنجي وجود کي دنيا مٽان اضافي بار سمجهندي ٻيهر خودڪشي جا

ارادا ڪرڻ لڳندي هئي... ۽ پوءِ لڇندي پڇرندي رات جي پوئين پهر ۾ ننڊ وڪوڙي ويندي هئي ۽ هوءَ ننڊ جي غفائن ۾ عجيب سپنا ڏسڻ لڳندي هئي.....!!

....سپنا اهو ته ڪڏهن سوچيو به نه هو ته هوءَ لاهور جي اسٽينڊرڊ لائيف کي چڏي هڪ ڏينهن سنڈ جي هن لاڙي علاقي ۾ هلي ايندي!! پر وري به هوءَ انڪري مطمعين ٿي ويندي هئي ته ڪنهن بيڪار ماحول ۾ پٽکي وڌيڪ تذليل کان پوءِ به هتي پناهه ملي ويئي ، اها به غنيمت چئبي.

....لڳ ڀگ ڏهن ڏينهن تائين نوري فقير پنهنجي گل فروش زندگي جا سيڀي تجربا سپنا کي سيکاري چڏيا هٿا. هن ڪيس سمجهائي چڏيو هو ته "هاڻي پنهنجي زندگيءَ ۾ نوان رنگ پرڻ لاءِ تو کي گل فروش ٿيڻو آهي. ۽ چپن تي مرڪ هميشه لاءِ سانڍي رکجانءَ. .... ائين ئي گراهڪن کي محسوس ڪرائجان ته تون گل نه پر خوشبوءِ وڪڻندڙ چوڪري آهين..!!! اسٽاپ تي اگر ڪائي گاڏي اچي بيهي ته ڊوڙي اچي ڊرائيور شيشي ۾ موتئي جي گلن جو هار ننگي چڏجانءَ..! ۽ جيڪڏهن ڪوئي انهن جي قيمت پڇڻ جي ڪوششش ڪري ته مرڪي اکين ۾ پيار اوتي جواب ڏجانءِ ته..... "

"گلن جي به ڪائي قيمت هوندي آهي چا.....!؟"

پوءِ ڏسجانءِ ته قدردان ڪيئن ٿا انهن گلن جو ملهه چڪائين.

سپنا دوستا تون سوچيندي هوندئين ته پئسو ايتري اهم شيءَ ته ناهي.....؟

پر جان! جن کان دنيا جا سيڀي سهارا کسجي وڃن، تن لاءِ پئسو تمام وڏو سهارو هوندو آهي... چاکاڻ ته لتا چيو آهي ته دنيا ۾ آيا آهيون ته جيئڻو ئي پوندو ۽ اگر جيون زهر آهي ته به پيئڻو ئي پوندو.....!!؟؟

۽ هي ڳالهه سپنا، هميشه لاءِ ياد رکجانءِ ته توکي ڪنهن به نوجوان سان اجايو فري ٿيڻو ناهي. اگر ڪوئي گلن جا پئسا روکي زوري هجتي ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ته پئسن جو انتظار ڪرڻ بجاءِ اتان هلي وڃجانءِ.

هڪ ٻي ڳالهه ته توکي اهو ڪٿي به ظاهر ناهي ڪرڻو ته تنهنجي رهائش ڪٿي آهي؟ توکي صبح جو اوچتو روڊ تي نروار ٿيڻو آهي ۽ گل کپائي ٻيهر اوچتو ئي غائب ٿي گهر پهچڻو آهي، ته جيئن تنهنجي اچڻ ۽

وڃڻ جي رستن جي ڪنهن کي سُڌ نہ پوي... ورنہ... اوباش قسم جا نوجوان تنهنجي رستا روڪ بہ ڪري سگهن ٿا.

.....سڀنا اهي سيئي ڀالهيون هڪ فرمانبردار هار جيان، ڪنڈ جهڪائي ٻڌيون هيون ۽ پنهنجي دوست نوري فقير کي يقين ڏياري چڏيائين تہ ائين ئي ٿيندو جيئن ڪيس سمجهايو ويو آهي.

..... ۽ پوءِ صبح جي ولهہ جهڙي ٽڏڙي هوائن ۾ بدين جي روڊن تي خوشبوءِ وکيريندي هڪ حسين ۽ ماهہ جبين ناري اوچتو ظاهر ٿي پئي هئي. ...؟

نہ ڄاڻ تہ هوائن ۾ وکيريل اها موتئي ۽ گلاب جي گلن جي خوشبوءِ هئي. يا گلن جهڙي ئي نازڪ ان چوڪري جي بدن جي ڪچڙي مهڪار هئي...!!! جيڪا نوجوانن کي پاڻ ڏانهن چڪيندي رهندي هئي...!

اها اجنبي حسينہ بدين واسين کي جنت مان پٽڪي نڪتل حور يا وادي پرستان مان آيل جل پري محسوس ٿي هئي...؟

... هلڪي سائي ڪلر جي جينز جي شرٽ ۽ نيري رنگ جي بدن سان چهٽل سوڙهي پينٽ پاتل هئس..! سندس چهري جي رنگت اڇيان تہ گلابن جي سونهن بہ جڏاءِ نٽي ڪيو.

لهندڙ سج جي لالاڻ جهڙو گول ۽ شفق چهرو ڇڙ تہ نور جون لاٽون پکيڙي رهيو هو... ڪونج جهڙي ڊگهي ڳچيءَ ۾ نوري فقير پاران پارايل ڪارو نظر جو ڏاڳو طوطي جي ڳچيءَ تي قدرتي ڳاني وانگي ڏاڍو سهڻو پئي محسوس ٿيو...؟ ماسيري چاتيءَ تي ہ ٿاهڙ ڪبوتر ڇڙ اڏامن جا سعيا ڪري رهيا هئا ۽ چاتي جي پوري وچ مان ڪليل اڌ زپ مان بکجندڙ ڪڇڙي ماس جا ٻيرا، ڏسندڙ نظرن کي بد حواس بنائڻ لاءِ ڪافي هئا...!!؟ پٽيري ڊوڙڻ وقت چيلهہ ونان پوندڙ ريشمي ڪپڙي ۾ گهپ بہ قدرت جي ٽناءُ لڳو ٿي. ويڪري پيشاني تي جهومندڙ بيبي ڪٽ وارن جون جهالرون ۽ هرٽيءَ جهڙين وڏين ۽ چمڪندڙ اکڙين ۾ رنگينيون بہ ڪنهن شاهہ چترڪار جي شاهڪار تخليق لڳي پئي..!

ڪلهن تائين اگهاڙيون ڳوريون ٻانهون بہ حساس شاعرن جي تشبيهہ کان وڌيڪ وٽندڙ هيون..

۽ هوءَ المهراڻ هوٽل کان حيدرآباد بس اسٽاپ تائين ايڏي ڦڙتي سان ڊوڙي رهي هئي جيئن اڏامندڙ پنيورين پٽيان ٻار ڊوڙندا آهن...!

هڪ هٽ ۾ ڪچي جي ٽوڪري هئي جنهن ۾ رنگبرنگي گل ڏاڍي ڪاريگريءَ سان سجايل هئا. ٻي ٻانهن ٽونٽ ڪان موڙي ان جي وڪڙ ۾ گلاب، موتئي ۽ گيندي گلن جا ڳاڙها، اڇا ۽ ڦڪا گل لڙڪايا هئائين ۽ انهيءَ هٽ ۾ گلن جون ڪجهه ڏگهيون لڙيون پڻ عجيب ڪشش ڏياري رهيون هيون.

جيئن ئي ڪائي ڪار جيپ، وين وغيره اچي روڊ تي بيٺي ٿي ته هن ڊوڙي وڃي ڊرائيور گيٽ ڪان ڊرائيونگ شيشي ۾ ٻه گلن جا هار ٽنگيا ٿي ۽ گاڏي ۾ گلن ڪان وڌيڪ سندس ڪڇڙي ٻانهن جي سڱڌ پکڙجي مسافرن تي مدهوشيءَ جا خمار چاڙهي ٿي ڇڏيائين. ۽ گاڏين ۾ سوار قاتل قاتل نظرن سان ڪيس ڏسندا رهجي ويندا هئا ۽ سپنا ڊرائيور ڪان ملندڙ نوٽ کي مٺ ۾ پيڪوڙي ٻي گاڏي طرف رومڙ ٿي ڪئي.

هوءَ گاڏين ڪانسواءِ گاڏين جي اوسيئڙي ۾ بيٺل مسافرن کي ٻه گلاب جي گلن جون لڙيون آڇيندي رهي ۽ ڪنهن کي ٻه گلاب ڇوڪريءَ جي هٿن جا گلاب نه ونڊ جيتري جرئت نٿي ٿي سگهي....

پهرين ڏينهن ئي سپنا جي ظاهر ٿيڻ جي خبر شهر ۾ اتر واءُ ۾ ڦهليل ڪتوريءَ جي خوشبوءِ وانگي پري پري تائين پکڙجي ويئي هئي...!! شهر جا ڪيترائي نوجوان گلن ونڊ ٻهاني سندس روپ جا سوداگر ٻڌجندا رهيا ۽ سپنا کين گلن سان گڏ مرڪن جون مالهائون پارائي ڇڙ ته پنهنجي حسن جو پڪو شيدائي ٻڌائيندي رهي...!

پهرين ڏينهن تي سندس ايترا مداح ٻڌجي پيا هئا جو جيڪڏهن انهيءَ سندر روپ ۾ هوءَ ڪنهن مندر ۾ سجايل مورتي ٿي پوي ها ته جيڪر اڏ بدين جا نوجوان ڪافر ٻڌجي سندس قدمن ۾ ڪنڊ جهڪائي ڇڏين ها...!؟ ان ڏينهن ڏسندي ئي ڏسندي سوير ئي سوير سندس سمورا گل وڪامجي ويا هئا.

۽ هوءَ ائين اوچتو روڊ تان گم ٿي هئي جو سندس پيڇو ڪندڙ نظرون رڳو ڳولينديئي رهجي ويون هيون...!!؟

هوءَ ڇا روڊ تان گم ٿي .....؟؟

ڇڙ سڃي روڊ جون رونقون پاڻ سان گڏ ٻهاري ويئي.....!!؟

سندس نظرن جا گهايل ديوانه. .....!!!؟

نظرن ئي نظرن ۾ هڪٻئي کان پڇندائي رهجي ويا هئا...؟

۽ ہي ڏينهن سوير سج جي پهرين ڪرڻن جي روشني سان گڏ ٽڏي هوا جي جهوٽي وانگي هوءَ ريلوي اسٽيشن کان مهراڻ چوڪ...

۽ مهراڻ چوڪ کان حيدرآباد اسٽاپ تائين هوائن ۾ خوشبوءِ اڏاريندي نظر آئي هئي...!!

ڪالهه جن گاڏين ڏي سپنا ڏوڙون پاتيون هيون...

اهي اڄ پاڻ سپنا ڏانهن ڏوڙي ايندیون رهيون...

احساس محروميءَ جا ستايل...

ديوانہ...

عشق ۾ ناڪام نوجوان...

اڄ ڪالهه کان بہ وڌيڪ سپنا جي هٿن جون گلن جون لڙيون وٺي رهيا هئا...

مسافريءَ جي پنڌ پونڌڙ منڙن ماٺهن کي بہ سندن همدردن ۽ مائٽن تازن گلن جي سوکڙين سان الوداع ٿي ڪيو...!؟

ڪن پنهنجي محبوبائن لاءِ گل پي خريد ڪيا...!

۽ ڪن وري خود سپنا کي ئي پنهنجو محبوب تصور ڪندي، سندس هٿن جي گلن کي پيار جو تحفو سمجهي ڊائريءَ جي ورقن ۾ محفوظ ٿي ڪيو...!؟

سپنا حسب دستور مرڪن جي سخا جاري رکيو پي آئي...!؟

ڪيترن چاهيندڙن تہ سپنا جي ٻن لفظن ٻڌڻ خاطر ہ٘ہ، چار چار پيرا بہ پئي گل خريد ڪيا...

پر سپنا وٽ تہ هر سوال جو جواب هڪ تکي مرڪ ئي هو...!؟

هڪ اهڙي مرڪ...!

جنهن ۾ زندگيءَ جو اتساهہ...!

زندهہ رهڻ جي آرزو...!!

۽ ڪنهن پرپور اميد جا سنيها هئا...!؟

هڪ نوجوان گل جي لڙي ونندي پڇيس تہ "هن گل جي قيمت ...؟"

مرڪي سندس اکين ۾ نهارينديِ وراڻيائين...

"گل محبت جي نشاني هوندا آهن...؟

"ڇا ؟ ڪوئي عاشق پنهنجي محبت جي قيمت ادا ڪري سگهيو آهي...!!؟"

هو خاموش ٿي ويو هو...!؟

ڪيسي مان جيترا بہ نوٽ هٿ چڙهيا هئس.... ڪيڏي گلن واري نوڪريءَ ۾ وڃهندي هٿ ۾ جهليل ڏگهي لڙي وارو گلاب چپن تي رکي چميو هڻائين....! ۽ ائين هليو ويو هو جڙ ڪيس هدايت جي راهہ ملي ويئي هجيس. جيڪڏهن سپنا ايترو بہ ڪنهن سان نہ ڳالهائي ها تہ جيڪر سيئي ڪيس مرڪندڙ گونگي حسينا جا لقب ڏين ها....!

وقت گذرڻ سان گڏ گلن جي خريدارن جو تعداد وڌندو رهيو هو ۽ هاڻي سنڊس گل ايترو جلدي ختم ٿي ويندا هئا جو اڪثر نوجوانن کي سنڊس صبح جو ديدار ئي نصيب نہ ٿي سگهندو هو....! خاص انهيءَ سبب ڪري بہ ڪافي گهران دير سان نڪرندڙ نوجوان اڪثر ناشتو هوٽلن تي ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري ايندا هئا....!

شهر ۾ هاڻي سپنا تي عام بحث ٿيڻ لڳا هئا....!

" هوءَ ڪير آهي....؟"

"ڪٿان اچي ٿي....؟"

"ڪيڏانهن وڃي ٿي....؟"

ايتري تائين جو ڪجهہ نوجوان سنڊس پيڇو بہ ڪندا هئا. پر هوءَ سوڙهين گلين ۾ ائين گم ٿي ويندي هئي. جڙ جادو ذريعي غائب ٿيندي هجي....؟

تنهن ڪري ڪجهہ چاهيندڙن ڪيس "طلسمي پوپري" جو لقب ڏنو هو....؟

....سپنا. بدين جي حساس دلڙين لاءِ هڪ اتساهہ ۽ هڪ تجسس بڻيل هئي....! جيڪڏهن اتفاقيہ اچڻ ۾ دير ڪندي هئي تہ روڊ. رستا ۽ گاڏيون پريشان ٿي پونديون هيون ۽ هر نظر خالي منظرن مان اوچتو ٽڙندڙ گلن جي اميد تي خلائن ۾ گهورڻ لڳندي هئي....؟

هوءَ روزانہ نئين نفيس لباس ۾ ظاهر ٿيندي هئي...

هڪ ڏينهن جڏهن اجرڪ پور چولي تي گربيءَ جي شلوار پائي آئي هئي تہ ڏسندڙن جو نظرون مٿس پترائجي ويون هيون....؟

هڪ شاعر ڪيس ان روپ ۾ ڏسي پنهنجي غزل ۾ لکي ويٺو هو تہ .

"اڄ سنڊ. محبوب جي روپ ۾. گلن جا تحفا آندا آهن....؟"

۽ تڏهن سپنا خود الائي ڪيترين ڪنوارين دلڙين جو ڪوئي سپنو بڻجي پيئي هئي....؟

وقت خوشين ۾ ته سالن کان مهينن جيترو مهينن کي ڏينهن ۾

ڏينهن کي ڪلاڪن جيترو مختصر ڪري وهندڙ پاڻي وانگي رکاوٽون جا بند نوڙي ٻه گذري ويندو آهي.

ائين ويندڙ وقت حال کي ماضيءَ جي موهن دڙي ۾ دفنائيندو. چند گاڏيءَ وانگي مستقبل کي آسمان تي گهر اڏڻ جي آس تي تيزي سان فاصلا متائيندو رهيو ۽ سپنا محبتن سان گڏ نوٽن جا جهول ميڙي گڏ ڪندي رهي....!

هوءَ ڏاڍي خوش هئي پنهنجي همسفر دوست نوري فقير سان....!

نوري فقير هڪ استاد وانگي رهنمائي ڪرڻ کانسواءِ سندس ٻاهريان مسئلا پڻ سلجهائيندو رهيو هو....!

سپنا هاڻي پنهنجي ڏنڈي ۾ ڪافي مهارت ماڻي ورتي هئي. سندس روز جي خريدار نوجوانن سان ٺيڪ ٺاڪ سچاٽ ٿي ويئي هئي. ڪيس خبر هئي ته ڪنهن کي گلاب جو گل پسند آهي....!

ڪنهن کي موتئي سان محبت آهي....؟!

ڪير مُگري کان متاثر آهي....؟!

ڪير هار ونندو آهي....؟

ڪنهن کي ڊگهي چڙي وارو گل گهرجي....؟

۽ ڪير رنگين گلن واري گلدستي جو خريدار آهي....!؟

هوءَ صرف چهرو ڏسي.... انهيءَ کي سندس پسند موجب گل ڏيئي چڏيندي هئي ۽ مرکن جي موٽ ۾ نوٽ وٺي هلي ويندي هئي....!؟

ظاهري طور هوءَ مرکندڙ محبتي چوکري لڳندي هئي....!

پر اندر ۾ هوءَ مرد جي درد کي صرف معصوم عورتن کي ڪاسائڻ وارو ڇار سمجهڻ کان وڌيڪ ڪوبه سندن عشق، محبت يا رومانس سچو نه پائيندي هئي....!؟

هوءَ هڪ پيرو اهڙي پيار جي ڇار ۾ ڦاسي آزاد ٽيڻ کانپوءِ هاڻي ڪنهن به نئين ڇار کان ڇرڪيل رهندي هئي....!؟

پر هڪ ڏينهن جڏهن هوءَ هڪ نئين آيل ڪار طرف گل کڻي ڊوڙي رهي هئي ته سندس نظرون روڊ جي پي پار بيٺل ان نوجوان جي نظرن سان ٽڪرائجي ويون هيون، جيڪو ڪيس مسلسل انتهائي گهرائپ مان ڏسي رهيو هو. هوءَ ڪار بدران ساڳي اسپيڊ سان ڊوڙندي ان نوجوان وٽ گل وڪڻڻ لاءِ هلي آئي هئي. پر حيران ۽ شرمسار تڏهن ٿي، جڏهن ان

ڏوجوان کيس ويجهو ايندي ڏسي کانئس نظرون ڦيرائي پنهنجو رخ ٻي طرف ڪري ڇڏيو هو....!؟

..... سپنا کي ڏاڍي حيرت ٿي هئي....!!؟

هيڏي طويل عرصي ۾ اهو پهريون نوجوان کيس مليو هو جنهن ايڏي دلچسپيءَ سان کيس نهاريو هو... پر جڏهن وٽس پهتي تہ هن انتهائي بيرخيءَ سان ڪنڌ ٻي طرف ڦيريو هو....!؟

ٻيهر سپنا پاڻهين پاڻ کي اهو چئي مطمئن ڪري هلي ويئي هئي تہ "شايد ويچارو بيروزگار آهي... ۽ گلن جيترا پئسا ٻہ تہ ڪونہ هوندس...!؟"

.....پر ٻي ڏينهن ٻہ سپنا کي ساڳيو نوجوان ساڳي جاءِ ۽ ساڳي وقت تي کيس ساڳين حسرت ڀرين نگاهن سان تڪيندي نظر آيو هو...!؟

هوءَ اهو سوچي ڏانهنس ڊوڙي آئي هئي تہ....

"اڄ ضرور هڪ گل جي چڙي ونندو....!؟"

پر جڏهن سپنا ان نوجوان وٽ پهتي تہ هن ٻيهر ساڳي بيرخي اپنائيندي پنهنجو منهن ٻي طرف ڦيري ڇڏيو....؟

هن، ڀڻيري بيٽل نوجوان کي پيرن کان چوٽيءَ تائين حيرت مان جانچي ڏٺو هو....

۽ هو کيس نظرانداز ڪندي روڊ ڪراس ڪري هليو ويو هو....!

سپنا، اسٽاپ تي بريڪ ڏيندڙ نئين ڪار طرف ڊوڙي تہ ويئي هئي...

پر بار بار سندس دل ۾ الائي ڇو؟ انهيءَ بيرخيءَ جا منظر بدلجڻ لڳا هئا...!؟

کيس گل نہ وڪامجڻ تي ڪوبہ ڏک نہ هو....؟

پر رڳو ان نوجوان جي بيرخيءَ تي کيس حيرت هئي....!!؟؟

ڪافي سوچڻ باوجود....!!

هوءَ ان نوجوان جي بيرخي واري فطرت کي سمجهي نہ سگهي هئي...!!؟

کيس ڏسڻ ۾ ٻہ هو ٻهراڙي جو ڪوئي شريف زادو نظر آيو هو...!!؟ ۽ انهيءَ جو ڇهرو سپنا جي ذهن تي عڪس ٻڌجي ٻيهي رهيو هو...!!؟

ٽئين ڏينهن گل وڪٽندي سپنا جون نظرون بار بار ان جاءِ طرف کڄي ٻئي ويون جتي اهو نوجوان اڇي ٻيهندو هو....!!

اڄ انهيءَ بہ اڇڙ ۾ الائي ڇو گهٽي دير ڪئي هئي....!؟

ايتري ۾ روڊ تي هڪ ڊبل ڪئبن گاڏي اچي بريڪ هنيو هو هن گاڏي طرف ڏوڙ پاتي هئي جو اوچتو سامهون ساڳيو نوجوان پنهنجي جاءِ تي بيٺي ڪيس تڪيندي نظر آيو هو....!!؟

هوءَ ساڳي اسپيڊ سان ان نوجوان طرف ڇڙ مقناطيسي حرارت ذريعي ڇڪجي هلي آئي هئي....!؟

پر وري بہ جڏهن هوءَ سندس ويجهو پهتي هئي تہ هن ساڳي بيرخي اختيار ڪندي نظرون ٻي طرف ڦيري ڇڏيون هيون....!!؟

ان ويل سپنا کي حيرت بجاءِ ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي...!!؟

ائين لڳو هئس جڙ تہ .....!!

هو مسلسل سندس توهين ڪندو رهيو هجي...!!؟

ڪاوڙ مان جهڙپ ڏيئي ٻانهن کان جهليو هئائين....!!

ڏوندڙيندي جذبات ۾ ڏکندڙ آواز ۾ چيو هئائين.....

"اي مسٽر....!"

"تون ڪهڙي طبيعت جو ماڻهو آهين....!؟"

"روزاني گلن کي معنيٰ خيز نظرن سان ڏسين بہ ٿو...!"

" ۾ جڏهن آئون گل کڻي تو وٽ پڃان ٿي تہ ....!!"

"نظرون نفرت مان ڦيري ٿو ڇڏين...!!؟؟"

"ڇو؟"

"ڪنهن سان ايتري نفرت اٿئي...!؟"

"مون سان....؟!"

"يا هنن گلڙن سان....؟!"

نوجوان پروقار نموني ڏانهنس ڏسندي چوي ٿو:

پراعتماد لهجي ۾ وراڻي ٿو.....

"محترمہ.....!!"

"انهيءَ ۾ ڪاوڙجڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي.....؟"

"۾ آئون توهان سان نفرت ڪيئن ٿو ڪري سگهان....!؟"

"نفرت بہ تہ انهن کان ٿئي ٿيندي جن سان ماضيءَ ۾ ڪي اميدن جا رشتا جڙيا هجن..... يا انهن کان دوکو رسيو هجي....!!؟"

"جڏهن تہ ، پاڻ ٻئي هڪ ٻئي لاءِ صفا اجنبي آهيو...!؟"

"باقي گلن جي ڳالهہ آهي....!"

"تہ گلن ساڻ تہ مون کي ازلي محبت رهي آهي...؟"

سپنا طنزيہ مرڪ مرڪندي....

"گلن سان توهان کي ايتري محبت آهي تڏهن اهي گل توهان وٽ هلي ٿا اچن تہ نفرت مان منهن ڦيرائي ٿا ڇڏيو...؟"

نوجوان ڪنڌ انڪار ۾ ڏوٽيندي چوي ٿو

"نہ نہ...! ائين ناهي...!"

"دراصل ماڻهو جنهن سان پيار ڪندو آهي تہ ان جو موت پنهنجي اکين سان ڏسي ناهي سگهندو...؟"

اهي لفظ چوندي نوجوان جي چهري جا عڪس بدلجي ويا هئا...!

چپن تان مرڪ ۽ شوخي موڪلائي ويئي هئس...؟

ڇڙ تہ سندس چهري تي ڪائي اداس شام لڙي آئي هئي...؟

جنهن سپنا کي پڻ اداس ڪري ڇڏيو هو...؟

سپنا جهيڻي لهجي ۾ چيو....

"پر هيءَ تہ تازه گل آهن...؟"

"ها پر انهن جي تازگي بہ تہ هاڻي چند گهڙين لاءِ باقي آهي...؟!"

نوجوان اداس ٿيندي چيو.

سپنا خاموشيءَ سان هٿن ۾ جهليل گلن ڏانهن ڏسڻ لڳي هئي ۽ نوجوان جي چهري تي اداسي جا پاڇا گهرا ٿيڻ لڳا هئا...؟

هن ڳڻيرتا مان سوال ڪيو.

"ڪڏهن اهو سوچيو اٿو تہ جڏهن ڪنهن ٽڄ پياڪ ٻار کي ماءُ جي ڇاتيءَ کان ڇني جدا ڪبو آهي تہ اهو ڪيترو احتجاج ڪندو آهي...؟!

"۽ ڪنهن ان ماءُ کان جهولي خالي ٿيڻ جو درد پڇيو آهي...؟!"

"اهوئي مثال اٿو هنن گلڙن جو بہ...!"

"جڏهن انهن معصومن کي بہ تاريءَ کان جدا ڪيو ويندو آهي تہ اهي بہ خاموش احتجاج ڪندا آهن...؟"

"۽ مڪڙي کان گل تائين پالينڊڙ ان ٻوٽي جو درد بہ خالي جهولي واري ماءُ جهڙو ئي هوندو آهي...!"

"پر ان کان بہ وڌيڪ ڏک ان ٻوٽي ۾ بيٺل انهن ڪنڌن کي رسندو آهي جيڪي انهن گلڙن جا محافظ هوندا آهن...؟"

"بس فرق رڳو ايترو آهي تہ انهن جي خاموش درد کي ڪوئي ٻڌي ناهي سگهندو...!؟"

.....ان وقت سپنا ٽوڪريءَ ۾ رکيل گلن کي ائين گهوريڻ لڳي هئي جڻ انهن جو درد ڳولينديءَ هجي.....!؟

ڀ هڪ نظر ڪاپي هٿ ۾ جهليل ٽارين واري گلن جي جهڳٽي کي ڏسندي پڇي ٽي:

"ڀ جيڪڏهن گلن کي ٽاريءَ سوڏو ٽوڙيو وڃي تہ...؟"

نوجوان سندس ڪتابي چهري جا ورق پڙهندي وراڻيو.

"اهو اهڙي عورت جي قتل مثل آهي، جنهن جي پيٽ ۾ پورن مهينن جو ٻار پلجندڙ هجي...! ڀ ماءُ جي مرڻ ڪانپوءِ اهو ٻار سندس پيٽ ۾ ئي دم گهٽجڻ سبب مري وڃي ٿو.....!!؟؟"

نوجوان جون ڳالهيون ٻڌندي سپنا ائين پنهنجون نظرون پنهنجي ئي قدمن ۾ جهڪائي ڇڏيون، جيئن ڪچي پهرين درجي جو شاگرد سبق ۾ منجهي پنهنجي استاد اڳيان ڏوهارين وانگي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيندو آهي.....!!؟

ڀ جڏهن ٻيهر سپنا نيٺ ڪنيا هڻا تہ پاسو خالي نظر آيو هئس.....!!

متلاشيءَ نيٽن سان رودِ ڏانهن ڏٺو هئائين تہ هڪ شگر مل جي شفت واري بس ۾ اهو نوجوان ڪيس دريءَ وٽان ويٺل نظر آيو هو...!

هو ائين سپنا کي اداس نظرن سان ڏسي رهيو هو جڻ ٻنهيءَ جوئي درد ساڳيو هجي...!!؟ ڀ جڻ هو هڪ سڪي جا ٻہ پاسا هجن...!؟" بس نظرن کان اوجهل ٿي تہ سپنا پاڻ سنياليءَ سست قدمن سان رودِ تي ائين هلڻ لڳي هئي، جڻ تہ بدن جي سموري چستي هڏن مان نڪري ويئي هجي...!؟

.....ٽوڪريءَ ۾ پيل گلن کي ڏسڻ لڳي هئي.

ائين لڳس !

جڻ ٽوڪريءَ ۾ گل نہ پر معصوم لاشا پيل هئا...!؟

ڀ هوءَ پاڻ کي گل فروش بجاءِ.....!

لاش فروش سمجهڻ لڳي هئي...!؟

هوءَ سوچي رهي هئي تہ.....!

"مون پئسن جي ڊوڙ ۾ الائي ڪيترا معصوم لاشا وڪيا هوندا...!؟"

هوءَ پاڻ کي قاتل ڀ جلاد سمجهڻ لڳي ٿي...!؟

اندر ۾ ملامتون، آندا مروڙڻ لڳنس ٿيون.....؟

ڀ هوءَ بچيل گل واپس ڪٽي نوري فقير واري مڙهي طرف هلي اچي ٿي. نوري فقير اوچتو سپنا کي گلن سميت پريشان حال واپس ايندو ڏسي سڄو هڪو ٻڪو رهجي وڃي ٿو.....!؟

هڪ ته سپنا جو چهرو ڪافي گهبرايل هو.....!!؟

ڀ وري پهريون ئي پيرو گلن جي اڏ ٽوڪري واپس آندي هئائين.....!؟

ڪيس خاطري ٿي ويئي ته اڄ سندس دوست سان ڪوئي اٽوٽنڊڙ واقعو ضرور پيش آيو آهي.... تڏهن ايترو جلدي موٽي آئي آهي. اڳتي وڌي سپنا جي هٿن مان گلن جو ٽوڪرو ونندي پڇيس ٿو.....

"ڇا ٿيو سپنا دوست!؟"

"ڪٿي ڪوئي، واقعو ته پيش نه آيو آهي.....!؟"

سپنا اداس نيٺ ڪٽي نوري فقير ڏي نهاري ٿي.....!

سندس چپ سڪي ٽوٽ ٿي ويا آهن.....!!

اکين ۾ درد جي شدت واري لالاڻ آيل آهي.....!؟

ڀ هوءَ جهيٽي لهجي ۾ وراڻي ٿي.....!

"دوست اڄ منهنجي طبيعت ڪي اوچتو ئي الائي ڇا ٿي پيو آهي.....!!؟؟"

گلن جي ٽوڪري پٽ تي رکندي سندس ٻانهن جهلي نبض چيڪ ڪندي نوري فقير چويس ٿو.....

"ها دوست! اڄ توکي ته شديد بخار ٿي پيو آهي....."

ڪوٽي اندر وٽي اچي ڪٽ تي بستر لڳائي ڪيس آرام ڪرڻ لاءِ چوندي پيراسٽامول جون ٻه گوريون کارائي چڏي ٿو ڀ سپنا جي سيراندي ويهي ڪيس مٿي جا هلڪا زور ڏيڻ لڳي ٿو.

بخار جيئن پوءِ تيئن زور رکندو پئي ويو.....!

بخار چڏي ٻه ته ڪيئن.....!؟

ڪيس بار بار ان نوجوان جا ٻول ڪنن ۾ ٻرڻ ٿي لڳا.....!؟

ڀ وري ويندڙ بس مان نهارينڊڙ اهي نماڻا نيٺ ته ويتر سندس رت جو دورو تيز ڪندا رهيا هئا.....!؟

ڪڏهن سندس من آڏر تي معصوم لاشن جا انبار لڳي ٿي ويا.....!؟ ته ڪڏهن جهوليءَ ۾ گڏ ٽيس ٿي نوٽن جا ڍير.....!؟

ڇ ائين لڇندي پڇرندي تيز بخار دماغ تي حملو ڪري ڏنو هو ڇ هوءَ ڦٽڪڻ لڳي هئي، پنهنجي دوست نوري فقير جي هنج ۾ مٿو رکي...!؟ نوري فقير سخت پريشاني جي حالت ۾ ٽڏي پاڻي جو ن پٽيون سپنا جي پيشانيءَ تي رکي، گڏوگڏ مرشد قلندر کي ساڻيهه ٽيڻ لا ءِ سڏي رهيو هو...!

ڪافي وقت اهو سلسلو جاري رهيو هو...!

الاهي ڪيتري ٽائيم ڪانپوءِ سندس دماغ تان، بخار جو زور هٽيو هو ڇ سپنا ننڊ جي غفائن ۾ ملي ويئي هئي...!

نوري فقير هاڻي پٽيون رکڻ ڇڏي، ٻيهر ڪيس هلڪا زور ڏيئي رهيو هو.

.....ٻي ڏينهن فجر مهل اوچتو سپنا جي ان وقت اک کلي ويئي، جڏهن مسجدن مان اذانون پئي آيون.

هوءَ جيئن ئي کٽ تي اٿي ويني ته سڄي بدن مان سور جا سٽڪا نڪري پيا هئس...!؟

ڪيس دماغ کي جهٽڪا محسوس ٽيڻ لڳا هئا...؟

ان باوجود ب هوءَ اٿي اچي نوري فقير جي کٽ تي بيئي هئي ڇ ڪيس ڏنڏاڙيندي اتاريندي ڇڻي رهي هئي...!

"اڻ دوستا فجر ٿي ويو آهي... ڇا اڄ تون گل وڻڻ نه ويندين...!؟"

نوري فقير هڪ دڳهي اوباسي ڏيئي آرس پيچندي وراڻيو...

"نه دوستا اڄ موڪل ٿا ڪريون!"

"موڪل...ليڪن ڇا جي موڪل...!؟" سپنا حيران پريشان ٽيندي پڇيو. نوري فقير اٿي ويهندي."ان ڪري جو اڄ تنهنجي طبيعت ٺيڪ نه آهي...!؟"

"سپنا پاڻهين پاڻ کي ڏسندي اڻ ڄاڻائي ۾ چوي ٿي...!

"منهنجي طبيعت .....!؟"

"چو...؟ ڇا ٿيو آهي مون کي.....!؟؟"

" ڏس ته .....!!"

"آئون ته بلڪل چگي پلي آهيان...!؟؟"

نوري فقير سختي سان چوي ٿو.

"سپنا! تنهنجو چهرو ٿو ٻڌائي ته ڪالهوڪي بخار توکي ڪافي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي...! ان ڪري جيڪڏهن اڄ ب اس ۾ گل وڪٽندين ته ويتر بيمار ٿي پوندين...!!؟"

"پر دوستا جيڪڏهن آئون اڄ گل وڪڙ نه ويندس ته هتي ويٺي مون کي ڏينهن نه لهندو...! ۽ آئون وڌيڪ بيمار ٿي پوندس...!!؟

پليز دوست! مون کي گل آٽي ڏي...!؟

گراهڪ منهنجو انتظار ۾ ته ڪندا هوندا...!!؟"

.....سپنا جي بيماريءَ باوجود ۾ گل وڪڙ واري ضد، نوري فقير کي گهرائپ ۾ وجهي سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو...!!؟

هن کي ۾ ڪجهه شڪ ...! ۽ ڪجهه وهم وڪوڙي ويا هئا...!؟

سپنا جي بيقراريءَ مان هن سمجهي ورتو هو ته جنهن ڳالهه جو خوف هو اهو شآيد ٿي ويو آهي...!!؟

سپنا کي پنهنجائپ مان سمجهائيندي چيو هئائين.

"ڏس سپنا دوستا"

" تون پلي مون کان لڪائيندي رهه، پر زماني جي گردشن مون کي ۾ گهٽو ڪجهه سيکاري ڇڏيو آهي...؟"

"ڪڏهن ڪڏهن انسان، جذبات ۾ اچي اهڙا فيصلا ڪري وجهندو آهي، جيڪي اڳتي هلي جيون زهر بٽائي ڇڏيندا آهن...!!؟"

" ۽ سپنا! اکين سان جڙيل رشتن جو دل تائين ته اثر رهي ٿو...! پر اهي رت جي رشتن جيترو نباهه ناهن رکندا...!؟"

"بهتر ٿيندو سپنا، جيڪڏهن ماضيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن جي آڌار تي زندگي گذاريندي، گذريل غلطيون دهرائڻ جي غلطي نه ڪئي وجي...!!؟"

.سپنا هڪدم ڳالهه مٽائيندي چوي ٿي...!

"ڏس دوستا تون اجاين وهمن ۾ پئجي ويو آهين...؟؟"

"منهنجو ڪنهن سان ۾ ڪوئي چڪر ناهي...!"

"مون تي يقين ڪر دوست...!"

نوري فقير ڪجهه وقت سوچن ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ ٽوڪري کٽي گل خريدڻ لاءِ ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

هن جي وڃڻ جي فورن بعد سپنا ٻيهر ان نوجوان جي تصورن ۾ پاڻ وڃائڻ لڳي هئي... جنهن جي انوکي ڳالهين ... ۽ پيچيده سوالن کيس بيمار ڪري وڏو هو...!؟

جيتوڻيڪ نفيس جي پيار ۾ دوکو کائي، سڀ ڪجهه برباد ڪري ديس کان پرديس ۾ دربدر ٿيندي، سپنا پنهنجو پاڻ سان اهو عهد ڪري

چڏيو هو تہ هوءَ ٻيهر ڪنهن بہ غيرمرد جي پيار جي ڇار ۾ پاڻ قاسڻ جي هرگز بہ ڪوشش نہ ڪندي....!

پر پوءِ بہ اها الائي ڪهڙي ڪشش هئي.... جا سپنا کي ٻيهر ان نوجوان جي منڌي سرور ڏيندڙ درد پرين ڳالهين ۾ جڪڑيندي پئي ويئي....!!؟؟

ڇ هوءَ ان نوجوان جا وڌيڪ منا ٻول ٻڌڻ لاءِ بيتاب ٿيندي رهي هئي...!!؟

سج جي پهرين ڪرڻن سان گڏ ٻيهر سپنا حسب دستور مهراڻ چوڪ وٽان اوچتو ظاهر ٿي پيئي.... ڇ سمنڊ پار جي گهميل هوائن ۾ سندس گلن جي خوشبوءِ پري پري تائين پکڙجي، سپنا جي اچڻ جو نغما پي چيڙيا....!

سپنا جي محتابي چهري تي اڄ مرڪن جي انڊلٽ بدران اداسيءَ جا ڪڪر ڇانيل هئا...!؟

پر انهن پريشانين سندس معصوم چهري کي وڌيڪ معصوميت ڏيئي اڃا بہ وڌيڪ پرڪشش بڻائي ڇڏيو هو...

تنهن ڪري سپنا جي چهري تي اڄ اهڙو معصوم حسن نکري آيو هو جنهن سندس چاهيندڙن جي اندر ۾ وڌيڪ رنگينيون پري ڇڏيون هيون...!؟

اڄ سپنا جا، روڊ تي ڊوڙندڙ گاڏين جي ٽائرن جهڙا تيز قدم بہ اداس هئا...!؟ ڇ سندس چمڪندڙ اکين ۾ انتظار جا موتي جرڪي رهيا هئا.

بار بار سندس نظرون ان چوڪ جي پٽر طرف کڄي ٿي ويون، جتي اهو نوجوان روز بيهي شفٽ واري بس جو انتظار ڪندو هو...!؟

نيٽ نيٽن جي آس پوري ٿي پيئي هئس...!

اهوئي ساڳيو نوجوان، ساڳئي جاءِ تي، ساڳئي سادگيءَ سان ڪيس گهوريندي نظر آيو هو...!

اڄ سپنا بہ ڪيس چتائي چتائي ڏٺو هو...!

سانوري رنگ جو اهو نوجوان ڪيس وڌيڪ پرڪشش لڳو هو...!

ڪيس ڪپڙا بہ سادا سودا پهريل هئا...!

ڪنڌ ۾ پراڻي اجرڪ تائي وانگر لڙڪيل.

ڇ پيرن ۾ هئس بن ڪشن واري سادي چپل

هو ڪيس سادگيءَ جو هڪ سندر مجسمو لڳو هو.

..... سپنا سندس پر پر اچي ائين ڪنڌ جهڪائي خاموش خاموش بيهي رهي هئي جن سندس ڏوهاري هجي...!؟

نوجوان کي شڪ لڳو ته شايد هوءَ روئي رهي آهي...!؟

پر هوءَ رني به ڪونہ ٿي...!!

پر تڏهن به نوجوان کي ائين محسوس ٿيو جڻ سندس سڄو سرير سراپا سڏڪا بٽيل آهي...!؟

ڀ بي اختيار کانئس پڇي ويو ٿو.

"محترمہ ! اڄ توهان کافي پريشان ٿا نظر اچو...! خير ته آهي...!؟"

جهڪيل ڪنڌ سان سڏڪندڙ آواز پر سپنا پڇيو.

"ڇا توهان جي نظر پر آئون قاتل آهيان...!!؟؟"

" توهان کي قاتل...ڪير ٿو چوي...!؟" نوجوان حيرت مان پڇيو.

"ڪالهہ توهان ئي ته چيو هو ته اهو معصوم گلن جو قتل آهي...!؟"

"ها ضرور چيو هئمر!"

" پر محترمہ!"

" جنازن جا ڪفن."

"ڀ ميت لاءِ عطر وڪٽندڙ قاتل نہ پر پورهيت هوندا آهن...!"

" ته پوءِ هنن معصوم گلن جو قاتل ڪير آهي...؟" سپنا پڇيو.

"انهن جو اهوئي قاتل آهي، جيڪو ڏوڪڻن جي لالچ پر کين تارين کان توڙيندو آهي."

"ها! گلن جو اصل قاتل، مالهي ئي هوندو آهي...!"

.....سپنا هڪ اهڙو ڏکهو ساهہ پريو هو جو سندس وجود ئي ڏڪي ويو هو.

دل تان ڳچ بار هلڪو ٿي ويو هئس.

اکيون ڪٽي ڏنو هئائين، انهيءَ نوجوان ڏي، جنهن جي ڳالهين جي ڳهر پر هوءَ هاڻي مڪمل منڊ جي ويئي هئي...!؟

نوجوان کانئس نظرون هٽائيندي پڇيو هو.

"نالو ڇا ائٿي؟"

"سپنا" هن مختصر جواب ڏنو.

"سپنا! واهہ ڪنهن جا سپنا...؟!" هن سائس فري ٿيندي وڌيڪ پڇيو.

..... پنهنجي بدنصيب مائٽن جي سپنا...!؟

انهن کجهہ اکين ۾ سپنا سانديا هئا..
جيڪي شيطاني نڪتا ...!!
ڇ سندن سپنا، دربدر ٿوڪرون کائيندي،
بن بن ۾ پٽکي ويا.....!!؟
پن ڇڙ موسم ۾ ڇٽيل،
زرد پنن جيان...!!؟"
هن جي آواز ۾ ڏک جي لرزش اچي ويئي هئي.
نوجوان اهو محسوس ڪندي هڪدم ٻيهر پڇيو.
"پر سپنا صاحبا مون ته صرف سپنا لفظ جي معنيٰ ٿي پڇي...؟"
" سپنا....معنيٰ..... خواب.....!" هن پنهنجا لڙک اگهندي ٽٽل لفظن ۾ وراٽيو..
"اڇا....! تڏهن ڇئبو ته توهان صرف خواب ئي آهيو...!؟
آئون اجايو توهان کي حقيقي ڇوڪري سمجهڻ لڳو هئس...!؟"
.....سپنا جي چپن تي مرڪ تري آئي هئي..
هن مرڪندڙ چپن سان ئي پڇيو هو.
" ڇ توهان جو نالو ڇا هي.....؟"
"ساجن!"
" ڇ ساجن لفظ جي معنيٰ ڇا هي ....؟"
سپنا ڇڙ ته سندس پيرودي ڪندي پڇڙ لڳي هئي...!
پر ساجن انهيءَ سوال تي منجهي پيو هو.
ڪجهہ پلن جي خاموشيءَ کانپوءِ وراٽيو هئائين.
"سپنا، منهنجو جيڪو نالو آهي نہ.....؟
اهو دراصل آئون ٿي نٿو سگهان...!"
"اهو الڳ بحث آهي.... پر نالي جي معنيٰ ته ٻڌايو نہ...!؟"
سپنا مٽس زور پريندي چيو.
ساجن بيوسيءَ مان کيس ڏسندي چوڙ لڳي ٿو.
"نہ سپنا! اهو سيڪجهہ هتي رود تي نٿو ٻڌائي سگهجي....!
ڏس ته هتي ڪيترين نظرون، ڪيتري ٽائيم کان پنهنجو تعاقب ڪريو بيٺيون آهن، جيڪڏهن وڌيڪ ڪجهہ پڇڻو ئي اٿئي ته هي منهنجي رهائش جو پتو ڇ ٽائيم ٽيبل اٿئي ڪڏهن ٽائيم مليئي ته ضرور اچجانءِ....!"

هو هڪ پرچي سپنا جي هٿ ۾ ڏيندي روڊ ڪراس ڪري شفٽ واري بس ۾ چڙهي هليو وڃي ٿو.

سپنا ان پرچيءَ کي ائين مٽ ۾ پيڪوڙي چڏي ٿي. جن کانئس کسجڻ جو ڊپ هجي...!؟

.....اڃوڪي ملاقات هڪ پيرو ٻيهر سپنا جي رڳ رڳ ۾ جڙ ٿـ نئون جوين اوتيو هو.

هوءَ ايتري خوش هئي. جڙ آسمان فتح ڪيو هئائين.....!؟

بار بار ساجن جا پيارا ٻول ڪنن ۾ گونجي ٿي پيا... ۽ هوءَ پاڻ مهاڳو مرڪڻ ٿي لڳي...!؟

۽ پوءِ هوءَ هشاش بشاش.....!!

روڊ تان گل وڪٽندي ...!

چوماسيءَ جي ڪنهن واچوڙي وانگي. اتان اڏامي ويئي هئي.....!

بجلي جي تيزيءَ سان گهر اندر اچي خالي ٽوڪري کڻ تي اچلائيندي....

مروٽيل نوٽ نوري فقير جي جهوليءَ ۾ اچلائي.

پاڻ خوشيءَ مان ٽپندي اندر ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي...!

کڻ تي ليٽي. جلدي سان اها پرچي کولي ايڊريس ڏسڻ لڳي ٿي.

ساجن پنهنجي رهائشگاهه. ريلوي اسٽيشن طرف. پاٽي جي وڏي ٽينڪ سامهون پراٽي پٽڙي ٻٽيان پراٽي ريلوي ڪوارٽر ۾ ڄاڻائي هئي... ۽ سندس ٽائيم شام جو ۵ وڳي کان صبح ۳۰-۷ وڳي تائين هو.

اهو پڙهندي سپنا جي دل خوشيءَ ۾ تيز ڌڙڪڻ لڳي هئي.....!

خوشي کيس انهيءَ ڳالهه جي هئي ٽـ ساجن جي رهائش هڪ اهڙي جاءِ طرف هئي جتان ڇوٽطرف رستا فٽن ٿا...! ۽ ان طرف ماڻهن جي آمدرفت بـ گهٽ هئي. ۽ هوءَ بيچيني سان شام جا پنج ٽيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي هئي.....!

شام جو پنج وڳي جڏهن سپنا هڪ وڏي پرتيل چادر جو چهري تي اکين تائين نقاب چاڙهي نڪرڻ جي تياري ڪري رهي هئي ٽـ نوري فقير اهو ڏسي ڏڃي ويو هو حيرانگيءَ مان سوال ڪيو هئائين ٽـ.

"سپنا دوستا هي سڀ ڪجهه ڪهڙي تبديلي جو اشارو آهي.....؟!

ڪٿي تون پاڻهين پاڻ سان نئون دوکو ٽـ نـ پئي ڪرين.....؟؟!"

سپنا پراعتماد لهجي ۾ وراڻي ٿي.

"نوري دوستا! تون مون لاءِ ايترو فڪر نہ ڪندو ڪر!
باهر مون کي ڪوبہ سڃاڻي نہ سگھندو....!
ءِ مون زندگيءَ جي وڏين نوڪرن مان ايترو ڪجھ سکي ورتو آهي....
جو هاڻي بري پلي کي چڱي طرح سڃاڻي وٺندي آهيان...!
بس ڪجھ ئي دير ۾ واپس اچي ويندس..... o.k "
.....نوري فقير هڪ ٻڪو رهجي وڃي ٿو ءِ ڪوبہ سوال پڇڻ جي جرئت نٿو ڪري.....
ءِ سپنا باهر نڪري وڃي ٿي.
خاڪي پير جي درگاھ ٻڌيان، اونداهي گھٽيءَ مان نڪري، شهباز روڊ تي ڊوڙڻ جي رفتار سان هلندي موڙ واري مسجد کان مڙي باغ محلا جي سوڙهين گھٽين مان پاڻ لڪائيندي اچي ميونسپل آفيس جي سامهون قائداعظم روڊ تي چڙهي ٿي.
المهراڻ هوٽل واري چوڪ تي پهچي اتر طرف اسٽيشن روڊ ڏانهن اجنبي قدمن سان هلندي رهي ٿي.
هوءَ اسٽيشن جي انهيءَ ويران بلڊنگ تائين پهتي هئي جيڪا پنهنجي جوڀن جون سموريون مستيون وڃائي ڪنهن پوڙهي فقيرياڻي وانگي ايندڙ ويندڙ کي مظلوم نظرن سان ڏسي رهي هئي. اسٽيشن جي ويڪري ءِ مٿاهين ٽلهي تي ڪي موالي ءِ ڪي چريا ائين بيخوف ستا پيا هٿا جڙ پنهنجي گھر ۾ ستل هجن.....!؟
هوءَ انهيءَ انگريز دور جي شاهي بلڊنگ جو هيٺيون پاسو وٽي اوپر طرف وڏي پاڻي جي ٽانڪيءَ طرف وڌڻ لڳي هئي.....!
ٽانڪيءَ وٽان پراڻي ريل جي پٽڑي کي پار ڪندي اتر طرف ريلوي جي پراڻن ڪوارٽرن طرف وڌڻ لڳي هئي. جنهنجي چؤطرف سرڪاري پلاٽن تي قبضا گيرن ڳوٺ ٻڌي ڇڏيو هو.
هن جي جڏهن ساجن جي ڏنل اهڃاڻن واري ڪوارٽر تي نظر پئي تہ سندس دل ائين ڏڙڪڻ لڳي هئي، جيئن ڪنهن سيڪڙات چور جي دل پهرين واردات وقت بي ترتيب ڏڙڪندي آهي...!؟
ڪيس ايترو بہ هوش نہ رهيو هو تہ هوءَ هلي رهي آهي، يا سندس قدم رڪجي ويا آهن..... ايستائين جو هوءَ ڪوارٽر جي دروازي تي پهچي وڃي ٿي. ساجن ائين اچانڪ سپنا کي پنهنجي در تي ڏسي گھبرائجي وڃي ٿو

هڪدم دروازو کولي کيس اندر اچڻ جو اشارو ڪري ٿو. جڏهن سپنا اندر اچي ٿي ته هو هڪدم ٻاهر نڪري آسپاس جي ماحول جو جائزو وٺي ٿو ۽ مڪمل تسلي ڪرڻ کانپوءِ پاڻ به اندر گهڙي اچي ٿو. ان وقت سپنا ڪمري جو جائزو وٺي رهي آهي....!

ڪمري جي هڪڙي ڪنڊ ۾ هڪ پراڻو لوهي پلنگ پيل آهي، جنهن تي ڪجهه ميرا ڪپڙا ٽڙيا پکڙيا پيا آهن....!

ٻي ڪنڊ ۾ ننڍڙي ٽيبل جنهن تي پراڻي اخبار وڇايل هئي، ٽيبل تي انيڪ ڪتاب، رسالا ۽ مئگزين ٽڙيا پکڙيا پيا آهن....!

ديوار ۾ ٺهيل ڪٻٽ به پراڻن ڊائجسٽس ۽ ڪتابن سان بي ترتيب سٽيل....!؟

هيٺ ٽٽل فرش تي ڪاغذ جون چٽڪيون هڪ ڪنڊ ڪان ٻي ڪنڊ تائين اڌامي رهيون آهن....! ۽ دروازي جي ٻر وٽان به پلاسٽڪ جون ڪرسيون رکيل هيون.....!

.....ٻيهر سپنا جون نظرون تڏهن دروازي ڏانهن ڪڇي ويون هيون، جڏهن ساجن واپس ڪمري اندر داخل ٿيو هو.

ساجن اندر اچي سيءِ ڪان پهريائين دروازو ٻيڪڙي اندران ڪنڊي لڳائي پردو سيٽ ڪرڻ لڳو هو ته سپنا جي خاموش دل ڪي ٻيهر ڏڙڪڻ ياد آيو....! ۽ هوءَ حراسيل نظرن سان سيءِ ڪجهه ڏسندي رهي....!!!؟

جڏهن ساجن دريءَ کي بند ڪري ان جو پردو به هيٺ لاٿو ته ڪمري ۾ رات جهڙي خوفناڪ اونداهي پيدا ٿي پيئي هئي....!

جڏهن هن ٽيوب لائيٽ آن ڪئي ته سپنا کي سڄو پگهر ۾ شل ڏکندي ڏٺائين....!؟ سپنا جي چهري تي پريشاني جون لڪيرون انڊلڻ وانگي جرڪي رهيون هيون....!؟

ساجن ساٿس گڏ پلنگ تي ويهڻ بجاءِ پريان ڪرسي سيري ڪجهه پرپرو سندس سامهون ويهندي پڇي ٿو.

"ڇا ڳالهه آهي سپنا....؟"

" ايڏي پريشان.....؟"

" ڀپ ٿو لڳيئي .....!؟"

سپنا ڪجهه جذبات ۽ ڪجهه حراسيل لفظن ۾ چوي ٿي....

"آخر توهان جو ڪهڙو ارادو آهي.....!؟"

"هي در درين چو بند ڪيون اٿو....! ڪٽي توهان بہ انهن عام مردن وانگي.....!!!؟"

سپنا جملو اڌ ۾ ئي ڪائي وڃي ٽي.

ساجن چپن تي مرڪ وکيري سندس اکين ۾ نهاريندي چوي ٿو....

"هاها، سپنا! چئو....!"

"چا ٿي چوڻ چاهين....!؟"

"ڪهڙن عام مردن جي ڳالهہ ٿي ڪرين....؟"

سپنا نظرون ڦيريندي ڪاوڙ مان چوي ٿي.....

"اهي ئي....دوکيباز....!"

"مفاد پرست....!"

"انسان جي روپ ۾ بکايل بگهڙ....!؟"

"عورت کي صرف وندر جو راندیڪو سمجهندڙ....!؟"

.....ساجن مطمئن مرڪ مرڪندي وراڻي ٿو....!

"سپنا! جيتريقدر عام مردن جي ڳالهہ آهي تہ آئون پاڻ ڪوئي خاص ناهيان....!"

ليڪن وري بہ مرد تہ آهيان نہ.....!؟"

"پوءِ عام سمجهو....!

يا خاص.....!؟"

"دوکيباز سمجهو.....! يا بيوفا.....!؟"

سپنا بي اختيار پاڻ مهاڳو پٽڪي ٿي.....!

اوهہ خدايا.....!

"هي مون بي بہ خطا ڪري چڏي.....!؟"

"تہ ان جو مقصد آهي تہ توهان اڳ ۾ بہ اهڙي غلطي ڪري چڪا آهيو.....!؟"

ساجن وڏيڪ سيريئس ٿيندي پڇي ٿو.

ان وقت سپنا جو سڄو بدن پگهر جي ريلن ۾ ائين پسي وڃي ٿو جڙ هوءَ وسندڙ برسات مان آئي هجي....!؟

هوءَ پلنگ تان اٿندي التجائن مان هٿ جوڙيندي چوي ٿي.

"پليز ساجن!"

"منهنجي مجبوريءَ جو ناجائز فائدو نہ ونو....!"

"آئون اڳ ئي گهٽو ڏکايل آهيان....!"

" مون ته توهان کي پنهنجي ڏکن جو سهارو بنائڻ ٿي چاهيو...!"
"پر .....پر ساجن.....!؟"
"ساجن پليز مون کي وڃڻ ڏي پليز...!؟"
"جيڪڏهن توهان به مون سان دوکو ڪيو ته آئون جيءُ نه سگهنديس...!!؟"
ڀ هوءَ جوڙيل هٿن جي ٻڪ ۾ منهن لڪائي سڏڪڻ لڳي ٿي.
ساجن پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي اچي سندس منهن تان هٿ هٽائيندي انتهائي سنجيدگي ۾ پختگيءَ مان چوي ٿو...!
"اڇا! ته سپنا، تون منهنجي هن قيد مان آزاد ٿيڻ چاهين ٿي...؟!"
سپنا سڏڪندي جلدي ۾ ورائي ٿي.....!
"ها! آئون هڪ منٽ ۾ هتي نڪي رهڻ چاهيان...!"
"ٺيڪ آهي سپنا! ته ان لاءِ توکي منهنجو هڪ شرط مڃڻو پوندو...؟"
" هاها، چئو.....؟
ڪهڙو شرط آهي تنهنجو...؟!"
سپنا سڏڪا روڪي ڏک مان ساجن جي منهن ۾ ڏسي ٿي.
" ائين نه سپنا!"
"روئڻ بند ڪري، پهرين مون سان واعدو ڪر.....!"
سپنا ڏکارين اکين سان سڏڪا روڪيندي ورائي ٿي...!
"ڪوئي ڏکيو شرط نه هوندو ته.....!"
"پوءِ وعدو ٿي ڪريان ته.....!"
"اهو شرط پورو ڪندس.....!"
جملا پور اکندي هوءَ ٻيهر ڏڳهو سڏڪو ڀري ٿي.
ساجن نظرون ٻي طرف ڦيرينديِ چوي ٿو...!
"بس سپنا!"
"فقط اهو مون کي وعدو ڏي ته.....!"
"آئندہ ڪنهن به غير مرد جي آفر تي.....!"
"ايترو جلدي.....؟
"سندس ڪمري تائين.....!"
"تون ڪڏهن به نه ويندئين.....!؟؟"
.....سپنا ڇڙ ته ڇرڪي پٽيري بيٺل ساجن کي گهورڻ لڳي هئس.....!

ائين ئي ....! جڏ هن ڪائي توقع جي خلاف ڳالهه ڪئي هجي...!؟
هن جا سڏڪا، ائين رڪجي ويا هئا.....!
جيئن ڪنهن سارينڊڙ جو نان، ڪٽڻ سان.....!
هڏڪي هٿي ويندي آهي.....!!؟
سندس وهم اجايا ثابت ٿيا هئا.....!
اندر ۾ پچتاءَ جو پکي ٽٽڪڻ لڳو هئس.....!؟
سوچيائين.....!
"ساجن عام مردن وانگي بليڪ ميلر نه آهي.....؟!"
"مون مٿس اجايا شڪ ڪري.....!"
"سندس شرافت تي بهتان هنيا آهن.....!؟"
"مون کي ائين نه ڪرڻ گهربو هو.....!"
هن پچتاءَ پريل نظرن سان ساجن ڏانهن نهاريو هو.....!
ساجن جي سانوري چهري تي.....
شام جي شفيق چانورن جهڙي معصوميت مڙي آئي هئي.....؟!
سپنا جو سڄو خوف، پچتاءَ ۾ تبديل ٿي ويو هو.
ڇ ڪيس پٽيري بيٺل ساجن جي سادگي ۽ معصوميت تي پيار اچڻ لڳو هو.....!
هيڪر دل چاهيس ته جيڪر ڪيس هانهن جي پاڪر ۾ پري پرچائي وٺي.....!؟
پر ان کان اڳ ساجن درجا پردا هٽائي، ڪنڊي لاهي.....!
درجا ٻيئي تاڪ ڪولي ڇڏيا.....!
ڇ پاڻ، سپنا کي پٽي ڏيئي.....!
خالي پلنگ تي آڏو ٿي ويهي رهيو هو!!
ان وقت ٻيهر سپنا جي اندر جو پار سڏڪي پيو هو.....!؟
هن ٻيهر ڪليل در جي ڪنڊي بند ڪري، ساجن سان ڏک شيئر ڪرڻ ٿي چاهيو.....!
پر سندس اندر.....! ائين ڏک ۾ پرجي آيو هو.....! جو هن سوچيو ته هوءَ هڪڙو لفظ به نه ڳالهائي سگهندي... ڇ ..... ڇ سندس اندر قائي پوندو.....!!؟
تڏهن نه چاهيندي به هوءَ خاموشيءَ سان.....!
خاموش قدم کڻندي .....!
خاموش فضائن ۾ پاڻ رلائيندي.....!

منهن انڌاري مهل.....!
پنهنجي دوست نوري فقير جي مڙهيءَ ۾.....!
خاموش ڪمري لاءِ خاموشيون ڪٽي ئي.....!
واپس هلي آئي هئي.....!!؟
اڄ سڀ ڪجهه خاموش هئڻ جي باوجود بہ!
هن جي اندر جي صدين کان ستل خاموشي جاڳي پيئي هئي.....!!؟
سندس خاموش وجود جي پولار ۾.....!
بي چينيون ئي بچي ويون هيون.....!!؟
ليڪن خاموشين جي رشتن تي ڪهڙي سياڻ ڪهڙو ڏک.....؟
ڪيس اڳ ئي پتو هو تہ خاموشيءَ جو رشتو خاموشيءَ ۾ ئي ختم ٿي ويندو آهي.....!!؟
ڪيئن نہ سمجهي ها انهن احساس جي خاموش المين کي.....؟
هن جي دل ۾ بہ تہ ڪيئي بيوفائن جا درد.....!
مڪليءَ جي شاهڪار مزارن وانگي.....!
دنيا جي تاريخي خاموشيءَ جو اهڃاڻ بڻيل هئا نہ.....!!؟
.....اڄ ٻيهر هوءَ ايتري تڙپي هئي!
جيترو لاهور ايئر پورٽ تي، سندس پهچڻ کان اڳ ۾ اڏامي ويل ان فلائيٽ کانپوءِ تڙپي هئي، جنهن ۾ سندس پهرين محبت جو مهاراج نفيس، ڪيس بيوفائين جي سيج تي تڙپندو ڇڏي، هوائن جي خاموشيءَ ۾ هن لاءِ بيوفائين جا نغما چيڙي، آمريڪا جي عياشين ڏانهن هليو ويو هو.....!!؟
.....ليڪن اڇوڪي وارتا ڪيس منجهائي ڇڏيو هو.....؟
ڪيس ڪجهه بہ سمجهه ۾ نہ آيو هو تہ چا ٿي رهيو آهي.....!!؟
ساجن جو ائين در دربون بند ڪري ڏيڇاريندڙ ماحول ٺاهڻ.....؟
هڪ نوجوان چوڪريءَ کي پيڙي ۾ قيد ڪري، آسان شرط تي آزاد ڪرڻ.....!!؟
شرط طور ڪنهن مرد جي دوکي ۾ نہ اچڻ جي هدايت.....!!؟
ڀ پچاڙيءَ ۾ پٽي ڏيئي سامهون ڏسڻ جو انڪار.....!!؟
..... اهو سڀ ڪجهه ئي سپنا کي ڏاڍي عجيب ۽ خوابديده قصو لڳو هو.....!!؟

هوءَ تڏهن ساجن کي هڪ پراسرار نوجوان، بلڪ انساني روپ ۾ آسماني مخلوص محسوس ڪرڻ لڳي هئي.

تڏهن ساجن جون ئي سوچون، سپنا جي حواسن تي ڪڪرن جيئن چانئجي ويون هيون.....

الائي چو.....!؟؟

سپنا خود ۾ ٻاڙ کي!

انهن سوچن جي سرور کان آجو ڪرڻ نه ٿي چاهيو.....!

ڀ انهن ئي سوچن سان سپنا کي ايترو پيار ٿي ويو هو جيترو نياڳي پٽ سان ماءُ کي پيار هوندو آهي.....

.....اها سڄي رات سپنا ٻاٽي بنا مڇي وانگي ائين تڙپي ڀ انتظاري ۾ ڪاٽي هئي.....!

جيئن سهاڳ رات، ڪنوار پنهنجي دير سان موٽندڙ ور جي انتظار ۾ تڙپندي آهي.....!؟

ٻي صبح تي جڏهن ٻيهر سپنا ڀ ساجن بس اسٽينڊ وٽ هڪ ٻئي درجي آمهون سامهون ٿيا هئا، تڏهن ساجن جي چهري تي ساڳي رونق برقرار هئي، البته سپنا جو چهرو سُنبل جي چٽيل گل وانگي مرجهايل هو.....!؟

حسب دستور ٻئي ٻاڙ ۾ گڏ ته ٻيٺا هئا، پر اڄ انهن جي وچ ۾ خاموشيءَ جي اوپري ديوار حائل ٿي چڪي هئي.....!

.....نيٺ ساجن ئي ان خاموشيءَ جي ديوار ۾ ڏار وڌا هئا.....

"سپنا! اڄ شام تون مون وٽ اچي سگهندئين.....؟"

"ها.....! ها ساجن، آئون ضرور ايندس....." سپنا تڪڙ ۾ جواب ڏنو.

ساجن مرڪي سندس اکين ۾ نهارينديءَ.....

"ته چا سپنا! تو ڪالهه رڳو مون کان جان ڇڏرائڻ لاءِ اهو ڪوڙو وعدو ڪيو ته.....!؟"

اهو واعدو ته ٻين لاءِ ڏنو هئم.....!؟ سپنا وراٽيو.....

مرڪي ڪيس پنهنجائپ جي پرپور احساسن سان نهارينديءَ ساجن چوي ٿو.....

"مطلب ته سپنا! شعوري طور تي اجا تائين نابالغ ئي آهين.....؟؟"

"نه ساجن! مون لاشعوري جي ڇمار ۾ ئي ڪجهه اهڙيون غلطيون ڪيون جن مون کي پنهنجي ڇمار کان ٻه وڏا تجربا سيکاري ڇڏيا آهن.....!

مون ڏاڍا درد سٺا...! ۽ دوکا کاڏا آهن، ساجن...!!؟"

" ها سپنا! مون توکي پهرين نظر ڏسنديئي تنهنجي اندر ۾ ڪيئي ڪهاڻيون لکل محسوس ڪيون هيون...! جيڪڏهن وقت اجازت ڏني ته آئون ضرور تنهنجي درد ڪٿا تنهنجي زباني ٻڌڻ پسند ڪندس...! پر في الحال منهنجي شفٽ جي گاڏي اچي ويئي آهي. سو آئون هلان ٿو..."

"پنهنجو خيال رکجانءِ"

"o.k."

ائين ساجن، هوائن ۾ هٿ لهرائيندو روڊ پار ڪندي هليو ويو هو...!

۽ سپنا، پڳل دل سان، پنهنجي ڏنڌي ۾ مصروف ٿي وڃي ٿي...!

جيتوڻيڪ سپنا جي گلن جي ڪاروبار سان اڳوڻي دلچسپي ڪونه رهي هئي، پر پوءِ به سپنا وٽ خريدارن جي ساڳي لائين لڳي رهي هئي.

...اڄ به ڪالهه جا ڪچڙي وحي وار اڇوڪرا،

سپنا جي هٿن جا گل، پنهنجي نوٽ بُڪن ۾ رکي،

ڏاڍا خوبصورت شعر لکي ڇڏين ٿا...!

.....اڄ به به پريمي هڪ ٻئي کي سپنا جي هٿن جون گلڙن واريون لڙيون گفٽ ڪن ٿا...!

اڄ به ڪيئي حساس دلڙيون، سپنا جي سونهن جون سلامي آهن...!

۽ اڄا تائين، به نوجوان، سپنا جو آشيانو ڳولڻ لاءِ سندس پيڇو ڪن ٿا...!

پر سپنا کي دنيا جي درد سان ڪابه دلچسپي نه هئي.....

هوءَ گلن کي ته فقط روزگار جو ذريعو بڻائي.....

گراهڪن سان صرف پيشوراڻ مرڪ مرڪندي رهي ٿي.

پوءِ جيڪڏهن ڪوئي، سندس مرڪ آڏو پنهنجي دلڙي کي زخمي ٿو سمجهي ته ان سان هن کي ڪهڙي غرض هئي...!!؟

هن کي ته بس! ڪنهن جي به غرض نه هئي...!

۽ جيڪڏهن غرض هئي به ته.....!

فقط هڪ ساجن جي...!

جنهن جي ڳالهين جي درد مان ڪيس، جيون جو اتساهه مليو هو...!!؟

۽ جڏهن ڪان ساجن سان سندس ڏيٺ ٿي هئي...!

تڏهن کان سندس بي مقصد زندگيءَ جي اجڙيل چمن ۾، ڪي رنگين گل ٽڙڻ لڳا هئا.....!

ڇ ڪيس زندگيءَ سان پيار ٿيڻ لڳو هو.....!

.....هاڻي سندس اندر جون موسمون بي چين ٿي پيو هيون.....!؟

هوءَ ڪڏهن بيحد خوش هوندي هئي.....!

جيون ۾ اهڙو نڪار اچي ويندو هئس، جو پاڻ کي آسمان تي اڏامندڙ آزاد پنڇي سمجهي فضائن ۾ گنگنائڻ لڳندي هئي .....!!

ڇ ڪڏهن وري سخت اداس !

ڪيس ڪل ڪائنات عجيب غم ۾ روئيندي محسوس ٿيندي هئي.....!

هوءَ تڏهن سوچيندي هئي ته.....!

"ڪاش! ڪوئي پنهنجائپ جو اهڙو به ڪلهو هجي.....! جنهن تي ڪنڌ رکي زارو قطار روئي.....! سموري زندگيءَ جو درد لڙڪن جي سيلاب ۾ ڪاغذي ٻيڙين جيان لوڙهي ڇ ٻوڙي ڇڏيان.....!!؟"

شام ٿيندي ئي سپنا ساڳئي چالاڪي سان---ساڳين گهٽين مان گهمندي---- ساجن جي ڪمري تائين اچي پهتي هئي.

ان وقت ساجن جي ڪوارٽر جي در جو هڪڙو تاڪ مڪمل بند ۽ ٻيو اڌ ڪليل هو. سپنا اڌ ڪليل تاڪ جي اوٽ مان ڪمري اندر جهاتي پاتي هئي.....!

ساجن ننڊڙي ٽيبل جي سامهون ڪجهه لکڻ ۾ مصروف هو...!

ڪيترائي ڪاغذ، سندس ارد گرد بي ترتيب پکڙيا پيا هئا...!

هو لکڻ ۾ ايترو ته محو هو جو آسپاس جي حقيقتن جو ڪيس ڪوبه پتو نه هو...!؟

سپنا در اندر پير پائيندي گلو صاف ڪرڻ جي انداز ۾ ائين، کنگهڪار ڪئي ته ساجن هلڪو چرڪ پري جڙ خوابن جي دنيا مان نڪري حقيقتن جي دنيا ۾ اچي سامهون نهاري ٿو.

هو هڪدم سپنا سندس استقبال ۾ اٿي بيهي ٿو رهي.....

۽ ڪجهه ڪاغذ به پنڪي جي هوا تي اڏامي بي ترتيب پکڙجڻ لڳن ٿا...!؟

سپنا بيخوف قدمن سان وڌندي ائين اچي لوهي پلنگ تي ويهي رهي ٿي، جڙ هوءَ پنهنجي ئي گهر ۾ ٽڪي ٽٽي مونٽي آئي هجي...!؟

ساجن هيڏانهن هوڏانهن نهارينديِ هجتانه لهجي ۾ پڇي ٿو.....

"جناب! هي در ديون بند رکجن يا کليون ئي رهن...!؟"

... موٽ ۾ سپنا سندس اکين ۾ نهارينديِ هڪ اهڙي تکي مرڪ مرڪي ٿي جو ساجن کي جڙ سمورا حق ۽ واسطا ملي وڃن ٿا...!؟

....ساجن وڌي وڃي در ديون بند ٿو ڪري ته ڪمري ۾ ڪاري رات جهڙي اوندهه چانئجي وڃي ٿي...!

پر اڄ سپنا کي نه ته انهيءَ اونداهيءَ کان پئو ٿيو هو ۽ نه ئي پگهر چڙهيا هئس.

"ترڪ" جي آواز ڪانپوءِ ٽيوب لائيٽ ۾ جهٽڪا ڏيئي هري پوي ٽي....
۽ سڄي ڪمري ۾ ڪير جهڙي سفيد روشني پکڙجي وڃي ٽي.
..... ساجن ڪرسي سيري اچي سپنا جي سامهون ٽورڻي وڇوٽيءَ تي ويهي رهي ٿو....!
وار وکريل ۽ اکيون ائين ٽڪل ٽيون لڳن جڙ هن ضرورت کان وڌيڪ ٽڪائيندڙ ڪم ڪيو هجي.....؟
سندس ڪمري جو فرش ائين ڪاغذن جي ٽڪرين سان وکريل هو جيئن پن پڙ جي رُت ۾ باغ جي ڏرتيءَ تي زرد پتا وڇائجي ويندا آهن....!؟
سپنا ڪمري کي ڏسندي پڇي ٽي....!
"ساجن! تنهنجو ڪمرو هر وقت بي ترتيب ڪاغذن سان ڇو وکريل هوندو آهي...!؟"
" انهيءَ ڪري سپنا! جو منهنجي قلم جي ڪاغذن سان ياري ٽي پيئي آهي..."
"ڪاغذن سان قلم جي ياري....!!؟"
سپنا ڪجهه به نه سمجهي سگهي هئي ۽ پاڻ مهاڳو پٽڪيو هٽائين.
"ها سپنا! جيڪڏهن هونئن نه سمجهي سگهيس تہ ائين سمجهه تہ ڪاغذ ۽ قلم منهنجي اڪيلائي جي وندر آهن....!"
"پر هي ڪاغذ ۽ قلم، اڪيلائي ۾ تو سان ڳالهائيندا تہ ڪونہ هوندا....؟
پوءِ ڪهڙي وندر ڏيندا آهن، اهي اڪيلائي ۾ توهان کي ...!!؟" سپنا چيو.
....."تمام وڏي وندر ڏين ٿا اڻي سپنا!"
"اڪيلائيءَ ۾ جڏهن دل روئڻ چاهيندي آهي تہ اهي مون کي محبوب جي ريشمي وارن جي احساس ۾ ويڙهي، خوب روئاڙيندا آهن...!؟"
"جڏهن گهٽو خوش هوندو آهيان تہ اهي مون کي ڳل ڳرائڻي لاهي چپن تي، چميون ڏيئي، هڪ پرخلوص دوست وانگي واڌايون ڏيندا آهن مون کي....!"
....."ها سپنا....!"
"تون نٽي جاٽين تہ جن جي ڪاغذن ۽ قلم سان سنگت هوندي آهي...!

انهن ماڻهن جي هڪ الڳ ٽلڳ...! هڪ عجيب دنيا هوندي آهي...!؟

بلڪل نرالي دنيا.....!؟"

..... ساجن جي ڳالهائڻ دوران سپنا سندس چپن جي چرپر کي ائين غور سان ڏسڻ لڳي ٿي، جيئن ننڍڙا ٻار ديو پرين جا قصا ٻڌڻ وقت ڳالهائيندڙ جي چهري جي اسڪرين تي جنن جي واديءَ جو سير ڪرڻ لڳندا آهن...؟

ڇوءِ انتهائي سنجيده لهجي ۾ چوڻ لڳي ٿي.

" ساجن! تون به مون کي نصيبن جو ماريل هڪ اهڙو پٽڪيل انسان لڳين ٿو، جنهن جيون ۾ دوکا کائي زندگي جي زهر کي زم زم وانگي پيتو آهي...!؟"

" ها سپنا! آئون صدين کان ائين پٽکندو رهيو آهيان...!"

"اها خبر نه اٿم ته دربدريءَ جي ديس ۾ هي منهنجو کهڙو جنم آهي...!؟"

"سپنا! يقين ڪر ته زندگيءَ جو جيڪو لطف پٽکڻ ۾ آهي، اهڙو لطف لڳزري بنگلن توڙي A.C گاڏين ۾ هرگز به نه ملي سگهندو...!"

"پر ساجن! مون کجهه ٻيو مقصد سمجهيو هو...!"

"کهڙو مقصد توهان سمجهيو هو...!؟"

"ساجن! مون ته ائين سمجهيو هو تو کان به مون وانگي پنهنجو محبوب وچڑي ويو آهي ڇ... تون به پنهنجو سڀ کجهه لٽائي مون وانگي پٽکي ويو آهين...؟!"

....."سپنا! مون کي خبر نه هئي ته توکي تنهنجو محبوب جدائي جا داغ ڏيئي بيوفائي جي سفر ۾ هليو ويو ڇ تون وچوڙي جي ويراڳ ۾ دورنگي دنيا جي گولي تي ٽپکندي هتي پهتي آهين...!؟"

"پر يقين جاڻ سپنا!"

"ته منهنجو محبوب، تنهنجي محبوب جهڙو بيوفا هرگز نٿو ٿي سگهي...؟ منهنجو محبوب ته ايترو وفادار آهي، جو اهو پنهنجي عاشق جي دلي خواهش کي به سمجهي ونندو آهي... ڇ هر وقت پنهنجي عاشق جي اشارن جو منتظر هوندو آهي...؟!"

" ته چا دنيا ۾ اڃا وفاداريءَ جا اهڃاڻ موجود آهن ساجن...!؟"

" ٻي خبر ناهي، سپنا!"

"پر ايتري خبر ضرور اٿم ته هر ليکڪ ۽ قلمڪار جي اندر ۾ هڪ وفادار محبوب ضرور رهندو آهي.... جيڪو هر هميشه سندس اشارن جو اوسيئڙو ڪندو رهي ٿو."

...."هو جڏهن به چاهيندو آهي ته سندس محبوب سورهن سينگار ڪري اچي سندس سامهون نفيس ويس ڏڪي ويهندو آهي....!"

"جڏهن ضرورت پوندي اٿس ته سندس تخليقي محبوب ساين ٻنين، حسين باغن، وسندڙ برساتن توڙي سمنڊ ڪنارن تائين هٽ هٽ ۾ ڏيئي ساٿس هلندو رهي ٿو."

"هو جڏهن چاهي ته ان کي پيرن ۾ گهنگهرو پارائي نچائي....! ۽ اگر چاهي ته ان کي حويلين جي اوچن ديوارن ۾ قرآن سان حق بخشايل بيبي سڳوري بنائي ويهاري سگهي ٿو....!؟"

"۽ ايجا به اگر هو چاهي ته ان کي ڪنهن وحشي اڪيان وئيشيا بٽائي الف اگهاڙو ان جي بيڊ تي سمهاري چڏي....!!؟"

"ها سپنا! ليکڪ جو محبوب ايترو ته فرمانبردار ۽ وفادار هوندو آهي....! جو دنيا ۾ ته فقط ان جو تصور ئي ڪري سگهجي ٿو....!؟"

.... تو ڏٺو هوندو سپنا ته اڪثر ڪري ليکڪ ۽ شاعر اڇڙيل حالت سان تنها ئي گهاريندا.... روڊن تي رولاکيون ڪندي نظر ايندا آهن."

"پر سپنا! انهن کي ڪڏهن به تنها نه سمجهجانءِ ....!

چاڪاڻ ته هن جو محبوب هر وقت تصوراتي طور ساٿس گڏ هوندو آهي....!"

....سپنا ساجن جي ڳالهه جي ڦهر ۾ گهومانجي، پلنگ تي پاسيري ليٽي، ٺونٽ جي ٽيڪ تي، مٿي کي هٿ تريءَ جو سهارو ڏيئي ليٽي پيئي هئي.... سندس اکڙين تي ننڊ جا خمار چڙهيل هئا.... ۽ چوڻ لڳي....

"ساجن! آئون سوچيندي هئس ته تنهنجي ڳالهين ۾ ايتري گهرائپ ۽ ايڏو درد ڇو آهي....!؟ پر اها ته اڄ خبر پيئي اٿم ته تون ڪوئي ليکڪ به آهين....!؟"

"ها پر سپنا! هڪ ليکڪ جو درد، ڪوڪلن لفظن ۾ ماپي به ته نٿو سگهجي....!؟"

"توکي منهنجو درد ڇاٽڻ ۾ ايجا وقت لڳندو....!!؟؟"

"اهو ته آئون بہ مڃان ٿي ته ڪنهن ليکڪ جو درد سمجهڻ لاءِ اسان جهڙن اڻ ڄاڻن کي ته زمانو لڳي سگهي ٿو... پر ڇا توهان ليکڪ، ڪنهن عام انسان جو درد پهرين نظر ۾ سمجهي سگهو ٿا...؟؟"

....." ها سپنا، جنهن بہ شيءَ جو نالو درد آهي، اها ڪنهن حساس انسان اڳيان پاڻ نروار ٿي پوندي آهي ۽ لڪي ناهي سگهندي.

۽ جيتريقدر ليکڪ جي ڳالهہ آهي ته هڪ حساس دل کي هر دنيا جو ڏک پنهنجي من ۾ چيندي محسوس ٿيندو آهي، جنهن کي هو پنن تي اتاري وٺندو آ...! پوءِ ان مان ڪڏهن ڪهاڻيون ڪڏهن افسانا ته ڪڏهن ناول جڙي پوندا آهن...!!؟"

هوءَ پلنگ تي پاسيرو ليٽي، ٿونٽ کوڙي ، ڄاڙي هيٺان تريءَ جي ٽيڪ ڏيئي هڪ خوبصورت اداسان ساجن جي اکين ۾ ڏسندي چوي ٿي...

"ساجن! اڄ آئون تنهنجي زباني ڪائي درد ڪٿا ٻڌڻ چاهيان ٿي...!"

ساجن ڳالهہ ٽاريندي وراڻي ٿو...

"ها، مون وٽ اهڙا کوڙ سارا مڱڻين ۽ ڊائجسٽ پيا آهن، جن ۾ منهنجون ڪهاڻيون ڇپيل آهن.....! جڏهن وڃي ته ڪائي ڪهاڻي ڪٽيو ويڃجاءِ ۽ تنهائي ۾ پڙهي ڇڏجاءِ...!؟"

سپنا انڪار ۾ ڪنڊ ڏوٽيندي وڌيڪ هجتي ٿئي ٿي.....!

"اها ته جان ڇڏائڻ واري ڳالهہ آهي نہ...!؟

آئون ته تنهنجي شيرين لهجي ۾ ڪجهہ ٻڌڻ چاهيان ٿي...؟"

" چڱو پلان ٻي دفعي توهان جي اها فرمائش بہ پوري ڪندس.....!"

"ٻي دفعي چو...؟! ۽ اڄ چو نہ .....!؟"

"پليز ساجن.....! منهنجي دل ٿي چوي ته ڪائي پنهنجي لکيل ڪهاڻي سڻائي...!؟"

ساجن نيٺ سپنا جي ضد آڏو پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري ٿو.

هوائي ڪٻٽ ۾ پيل پراڻا ڊائجسٽ ڦلورڻ لڳي ٿو...!

ڪجهہ دير کان پوءِ هڪ پراڻو ڊائجسٽ ڪڍي اڇي ساڳي ڪرسيءَ تي سپنا جي سامهون ويهي ڊائجسٽ کولي ٿو.....

هو پنهنجي 40 صفحن تي مشتمل طويل کهاڻي "ارمانن جي تربت تي تازه گل" جي عنوان سان پڑهڻ شروع ڪري ٿو جنهن ۾ ليکڪ خود ڪردار جي حيثيت ۾ رفعت نالي هڪ نوجوان شاعره سان محبت ڪرڻ لڳي ٿو. رفعت جي پڻ انتها جي محبت رهي ٿي. ليڪن اوچتو رفعت جي ڊائريءَ مان هڪ پراڻي چٺي ملي ٿي، جيڪا سندس پراڻي چاهيندڙ ڊاڪٽر نواز جي هجي ٿي، جنهن ۾ هو رفعت کي پنهنجا قول، اقرار، وعدہ ۽ قسم ياد ڏياريندي کيس ٻيهر دوستي لاءِ التجائون ڪرڻ لڳي ٿو. انهيءَ چٺي پڑهڻ کان پوءِ هو انتهائي جذباتي ٿي پوي ٿو ۽ ڪاوڙ مان چٺي ڦاڙي رفعت جي منهن ۾ هڻڻ کان پوءِ هليو وڃي ٿو. رفعت کيس التجائون ڪندي ٻڌائڻ ٿي چاهي ته ڊاڪٽر نواز جيتوڻيڪ سندس پراڻو چاهيندڙ آهي، پر هوءَ نه ته ڪڏهن ساڻس ملي آهي ۽ نه ئي ساڻس ڪوئي تعلق رهيو آهي. پر هُو سندس هڪ ٻه نڪو ٻڌي ۽ جذبات مان گهٽو شراب واپرائڻ سبب بيمار ٿي بيهوشي واري حالت ۾ اسپتال پهچي ٿو. رفعت ان وقت سندس پاءُ کي علاج جي پئسن لاءِ پريشان ڏسي، پئسن هٿ ڪرڻ لاءِ ڏاڍيون ڪوششون ٿي ڪري، پر ڪٿان پئسا نه ملڻ ڪري مجبوراً هُو ڊاڪٽر نواز وٽ وڃي ٿي، جيڪو سندس مجبوريءَ جو فائدو ونڊندي پنج هزار روپين عيوض ڪجهه تائيم لاءِ رفعت کي پنهنجي بستري جي زينت بڻائي ٿو چڏي. رفعت اهي پئسا ڪٽي هُن جي پاءُ کي علاج لاءِ ڏئي ٿي ۽ جڏهن هُو صحتمند ٿي موٽي ٿو ته هڪ ملاقات ۾ رفعت کيس پنهنجي عزت جي قرباني عيوض سندس زندگي بچائڻ لاءِ ٻڌائي ٿي. هُو اهو سيڪجهه خاموشيءَ سان ٻڌي ٿو ۽ رفعت لاءِ ٻيهر سندس دل ۾ همدردي جاڳي ٿي. هو پنهنجي هٿ ڏرمي ۽ غلطيءَ تي دل ئي دل ۾ پچتائڻ باوجود به ساڻس معذرت نڪو ڪري ۽ سوچي ٿو ته صبح جو رفعت جي گهر وڃي کيس پرچائي ونڊندس. هوڏانهن رفعت دلشڪسته ٿي، پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو پنهنجي ئي هٿن سان گل ڪري چڏي ٿي. صبح جو جڏهن رفعت جي خودڪشيءَ جي خبر ٻڌي ٿو ته دل ڏک مان ڏري

پوي ٿي ۽ اندر ۾ لڙڪن جو سمنڊ چولين هٽڻ لڳي ٿو. آخر ۾ هو رفعت جي قبر تي تازه گل رکي نيري آڪاش جي وسعتن ۾ اُڏامندڙ پکين جون اُڏارون ڏسندي پاڻ مهاڳو چپن ۾ پٽڪي ٿو:

"ڪاش رفعتا ڪنهن نئين جنم ۾ قيامت کان اڳ توسان ٻيهر ميلاپ ٿي پوي، تہ جيڪر روئي، رڙي، پيرن تي ڪري، توکان پنهنجي هن گناهِ ڪبيره جي بخشش وٺي، ويراڳي روح کي هميشہ لاءِ شانت ڏيئي چڏيان."

اها سڄي ڪهاڻي ٻڌڻ دوران سپنا پلنگ تي پاسيري ليٽي، مٿي کي ٻانهن جي ٽيڪ ڏيئي ساجن جي چپن جي چرپر کي اکيون ٽمڪائي ڏسندي ڪهاڻي جي سحر ۾ گم سم رهي ٿي.

کھاڻي ختم ڪري، ساجن جيئن ئي سامهون پلنگ تي ليٽيل سپنا ڏانهن نهاريو تہ هوءَ سڄي لڙڪن ۾ وهنجي چڪي هئي....؟

هوءَ پلنگ تي اٿي ويهي پنهنجا لڙڪ اگهندي، انتهائي ڏک ۽ ميار جي لهجي ۾ چوي ٿي....

"ساجن! تون بہ ايترو ظالم نڪرندين....!!؟

مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو....!؟"

.....مرڪندي سپنا جي اکين ۾ نهاريندي وراڻيائين.....

" ۽ سپنا! تون بہ ايڏي بيوقوف نڪرندئين....!!؟

مون بہ ڪڏهن سوچيو ئي نہ هو....!؟"

سپنا پنهنجا لڙڪ اگهندي حيرت مان پڇيس ٿي....

"ڇو...؟"

"آئون ڇا ۾ بيوقوف آهيان....!؟"

وراڻيائين!

"مون کي جو ظالم سمجهڻ لڳي آهين....؟!"

" سو تہ ساجن تون آهين بہ.....!!؟"

" ڏس هيڏي ساري قرباني ڏيندڙ رفعت کي ڪوڙي همدردي بہ ڪونہ ڏيئي سگهئين....! ۽ هن ويچاري خودڪشي ڪري چڏي....!؟

معنيٰ تہ هن جي موت جو ذميوار بہ تہ تون ئي آهين نہ....!!؟"

"اهائي تہ سپنا تنهنجي سوچ جي ناداني آهي نہ ....!؟"

" اڙي پئي، اها تہ صرف هڪ فرضي ڪهاڻي هئي... ۽ تون انهيءَ کي بہ حقيقي سمجهي پنهنجا رايا قائم ڪرڻ لڳئين....!!؟"

"تنهنجو مطلب آهي تہ اها ڪهاڻي ڪوڙي آهي ساجن....؟!"

" ڪوڙي نہ.... فرضي چئو....!"

" خير ڪجهہ بہ هجي.....! پر مون ڏٺو آهي تہ مرد هر دور ۾ عورت کي صرف هڪ وندر ۽ تفريح جو ذريعو ئي سمجهندو رهيو آهي....!!؟"

" .... تہ سپنا، انهيءَ ۾ پلان مرد جو ڏوهہ ئي ڪهڙو آهي....؟"

"عورت کي ته فطري طور تي ئي مرد جي وندر لاءِ خلقيو ويو هو نه.....!!؟"

"ته تنهنجو مطلب آهي عورت مرد جي وندر لاءِ الله تعاليٰ پيدا ڪئي آهي.....!!؟"

"بلڪل.....!؟"

"ڏس نه سپنا! الله تعاليٰ پهرين اڪيلي ڏاڏي آدم کي پيدا ڪري ڏرتيءَ تي موڪليو.....! پوءِ جڏهن آدم کي ڏرتيءَ تي اڪيلي پريشان ٿيندي ڏٺائين ته کيس وندرائن لاءِ هڪ عورت (ڏاڏي حوا) خلقيائين.....! ۽ پوءِ ان سان گڏ ڏاڏو آدم خوش گذارڻ لڳو هو.....!!"

" پر ساجن! گهٽ ۾ گهٽ اهو ته سوچيو ته مرد جو وجود به ته عورت جي ڪڪ مان ئي جنم ورتي ٿو..... سو جيڪڏهن عورت ئي نه هجي ها ته پوءِ مرد ٿين ئي ڪٿان ها.....!!؟"

"پر سپنا! ٿورو اهو به ته سوچ ته خود عورت جو ابتدائي جنم ڪٿان ٿيو .....؟"

"الله تعاليٰ ڏاڏي آدم جي هڪ پاسرائيءَ مان ئي ڏاڏي حوا کي پيدا ڪيو هو.....

يعني خود عورت جو پهريون جنم مرد جي وجود مان ٿيو آهي..... ان کري جيڪڏهن مرد ئي نه هجي ها دنيا ۾ ته پوءِ اها عورت اچي ئي ڪٿان ها.....!!؟"

.....سپنا مايوس ٿيندي شڪايتي نظرن سان چت ۾ نهارينديچوي ٿي.....

.....پر جيڪڏهن ائين ئي هو ته پوءِ الله تعاليٰ عورت کي ڏرتيءَ تي سور کائڻ لاءِ آندو ئي چو.....؟!"

" ان کان جيڪر عورت دنيا ۾ هجي ئي نه ها ته ڪهڙو فرق پئجي وڃي ها.....؟!"

ساجن، سپنا جي اداس معصوميت ڏسي انتهائي قربائتي لهجي ۾ چوي ٿو.....

"پر سپنا! جيڪڏهن هن دنيا ۾ عورت جو وجود نه هجي ها ته جيڪر دنيا بي رنگ ۽ بي چسي محسوس ٿئي ها.....!! سيئي مرد خودڪشيون ڪري چڏين ها ۽ ڏرتيءَ تي پيار محبت جو ڪوبه سلو پيدا نه ٿي سگهي ها.....!"

ساجن اهي لفظ سپنا جي جيون ۾ اتساهه جاڳائڻ لاءِ چيا هئا....

سپنا بحث ۾ جڙ هار مڃيندي موضوع متائڻ لاءِ پڇي ٽي...

"پر ساجن! اوهان ليکڪن وٽ ايترا دليل ..... ۽ ايترا لفظ اڇن ڪٽان ٿا... نه ڳالهائڻ ۾ ٿا وارو ڏيو...؟ ۽ نه ئي لکڻ ۾ ٿا گهٽايو...!؟"

"بس سپنا! اها سڀ قدرت جي ڏنل ذات هوندي آهي...! عام زندگيءَ ۾ ته ليکڪ هڪ خط به ناهن لکي سگهندا... پر جڏهن ڏات نچاور ٿيندي آهي ته وڏا وڏا ڪتاب لکجي پوندا آهن...!؟"

"پر ساجن ! ليکڪ رڳو فرضي ڪهاڻيون لکندا آهن يا حقيقي ڪهاڻيون به لکي ڇاڻن ٿا...؟!"

"سپنا! ليکڪ ته معاشري جا ڪنوگرافر آهن...! اهي جتي به ڪائي نئين منظرڪشي ڏسندا آهن ته انهيءَ جي تصوير اکين جي ڪئميرا ۾ محفوظ ڪري وٺندا آهن... ۽ لفظن جي صورت ۾ اها تصوير عام ماڻهن کي ڏيکاري ڇڏيندا آهن...؟!"

"ساجن! مونکي ڪائي اهڙي ڪهاڻي پڙهائي جنهن ۾ تون پاڻ ئي موجود هجين...! آئون تنهنجي اندر جي تصوير ڏسڻ چاهيان ٿي...!؟"

ساجن مرڪي سپنا جي اکين ۾ نهاريندي چوي ٿو:

"ڪنهن جي ظاهري ڪهاڻيءَ مان، ان جي اندر کي نٿو پڙهي سگهجي...!؟

تون اگر مون کي سمجهڻ چاهين ته منهنجي هيءَ ڪهاڻي اڪيلائي ۾ ويهي غور سان پڙهي ڏسجانءِ...!؟"

ساجن ڪيس هڪ رسالو هٿ ۾ ڏيندي چوي ٿو...!

روانو ڪرڻ وقت ساجن سپنا سان گڏ در تائين اچي، در جي ڪنڊي لاهيندي انهيءَ بند درن جي وضاحت ڪري ٿو...!

"سپنا! اڄي ٻڌندا هئاسين ته پتين کي ڪن ۽ درن کي اکيون هونديون آهن...! پر يقين ڪرڻ ايندو هو...! پر جڏهن کان تون باقائدگي سان مون وٽ اچڻ لڳي آهين، تڏهن کان مون کي درن ديوارن کان به ڊپ ٽيڻ لڳو آهي...!؟

سوچيندو آهيان ته توکي ڪوئي بدنظر ڏسي ويو ته پنهيءَ کي تماشو بڻجڻو پوندو...!!؟"

"بس انهيءَ ڪري سپنا...! آئون هي سڀ ڪجهه ڪندو آيو آهيان...!؟"

"ڪهڙو سڀ ڪجهه...؟!"

سپنا پرتجسس اکين سان ڏسندي پڇيس.
وراٽيائين...!
"هي در ديون بند رکڻ...!"
مرکندي هڪ خوبصورت ادا سان سندس هٿ جهليندي چوي ٿي...!
"ساجن! تو کان هڪ شڪايت اٿم.....؟"
"ڪهڙي شڪايت سپنا...!؟"
"اها ئي ته جڏهن آئون ايندي آهيان ته تون ڪمري جا دروازا بند ڪري دل جا تاڪ کولي ڇڏيندو آهين...!!؟"
"ڇ جڏهن وڃان ٿي ته ڪمري جا تاڪ مون لاءِ کولڻ وقت توکي پنهنجي دل جا دروازا بند ڪرڻ وسري ويندا آهن...!!؟"
"ڪاش! آئون جڏهن تنهنجي دل اندر داخل ٿي ويندي آهيان ته اتان ئي نڪرڻ کان اڳي تون پنهنجي دل جا دروازا بند ڪري، مون کي اندر ئي لڪائي قيد ڪري سگهين ها...!!؟"
"پر تون ته ڪڏهن وڃڻ وقت ائين به نه چيو آهي ته سپنا، اڄا گهڙي پل مون وٽ وهه.....! تو سان ڪجهه ڳالهيون ڪرٽيون اٿم.....!!؟؟"
سپنا ساجن جي اکين ۾ سوالیہ نظرن سان نهاريندي اداس ٿي وڃي ٿي...!
ساجن، سپنا جي ڪلهي تي هٿ رکي ٿڏو ساهه کڻندي چوي ٿو:
"سپنا! مڃان ٿو ته تون بيحد حسين آهين...! ۽ تو جهڙو پيار دنيا ۾ ڪن خوشنصيب انسانن کي نصيب ٿيندو آهي...!!؟"
"پر سپنا! تون جنهن دل ۾ رهڻ جي ڳالهه ڪرين ٿي.....!! انهيءَ جا سمورا در ۽ ديون اڳ ئي ٽٽل آهن...!!؟"
"تون بيشڪ ڏکايل آهين سپنا ! پر منهنجي دل جو درد تو ماپيو ئي ڪٿي آهي...!!؟"
"خير، وقت اجازت ڏني ته ان موضوع تي ضرور بحث ڪنداسين."
"في الحال، رات گهٽي ٿي چڪي آهي...! ان ڪري توکي هاڻي وڃڻ گهرجي...؟"
.....۽ پوءِ نه چاهيندي به سپنا، پنهنجي وجود تي ڪاري چادر ويڙهي اتان نڪري پنهنجي آستاني ڏانهن موٽڻ لڳي ٿي.....!
سپنا ڄاڻندي هئي ته ڪوبہ نوجوان، ڪنهن خوبصورت عورت جي احساسن مان پاڻ کي آجو ڪرڻ پسند ناهي ڪندو...! پر ان باوجود

بہ ساجن جو ايترو خلوص...! ايڏي پنهنجائپ جو احساس. ڪيس وڌيڪ متاثر ڪري ڇڏي ٿو.

هوءَ ساجن بنا پاڻ کي صفا اڌوري سمجهڻ لڳي هئي ۽ دل چاهيس تہ هوند هر وقت پاڇي وانگي ساٿس گڏ هلندي رهي...! پر وقت جي مجبورين کين فاصلا رکڻ تي مجبور ڪري رکيو هو...!؟

... هوءَ جڏهن ديرسوير ساجن کان موڪلندي هئي تہ پنهنجي بستري تي ليٽي ڪافي دير تائين آسمان جي ستارن ۾ نهارينديِ. ساجن جي ڳالهين کي سوچيندي سوچيندي ٽيڙو ڪتيون ايري لهي ويندا هئس...!؟؟

ڪيس ساجن سان ڪيل هڪ هڪ ڳالهہ لفظ لفظ ٿي ڪنن ۾ گونجڻ لڳندي هئي ۽ هوءَ خوبصورت خيالن جي خوشبوءَ ۾ گل جيان نڙي پوندي هئي...!؟

... اڃوڪي ڳالهين تہ سندس نيٽن مان ننڍ کي نڙي ڇڏيو هو...؟

۽ موڪلائڻ وقت ساجن جي سانوري چهري جي معصوميت تي نکري آيل اداسين جي انڊلٽ سپنا جي ذهن تي صفا نقش ٿي ويئي هئي...؟

هن پڪو ارادو ڪيو هو تہ هوءَ ضرور ساجن کان سندس دل جو درد پڇندي...

جنهن ايڏي ٻاجهاري دل تي زخمن جا تير هلائي. محبتن جو خون ڪيو...

ان ظالم بابت هوءَ ضرور ڪانئس پڇندي.

اهو سوچيندي ڪيس هڪدم ساجن پاران مليل اهو رسالو ياد پيو هو جنهن بابت هن چيو هو تہ هن ڪهاڻي ۾ منهنجا احساس موجود آهن. سوچيائين!

"ممڪن آهي تہ ساجن جي درد ڪٿا انهيءَ ڪهاڻي ۾ موجود هجي ۽ مون کي سمورن سوالن جا جواب ملي وڃن...؟"

...۽ هوءَ اهو سوچي هڪدم اٿي ويهي رهي ٿي... ۽ پراڻي ڪٻٽ ۾ رکيل اهو رسالو ڪڍي وٺي ٿي. جيڪو هن ساجن کان گهري ورتو هو...! ۽ پوءِ ۱۰۰ وولٽ جي بلب جي روشنيءَ تي ويهي پڙهڻ شروع ڪري ٿي. ساجن جي اها لازوال ڪهاڻي... جيڪا ڪيس درد جو افسانو لڳي ٿي.

ميرواهہ جي ڪاهي ڪپ تي، پراڻي پير جي سڪل ٽڙ ڪي ٽيڪ ڏيئي، سگريٽ جا ڏگها ڪش هڻي هوائن ۾ دونهون اڏاري رهيو آهيان....!

سگريٽ جو هلڪو ڪارو دونهون.....!

ڪن پل لاءِ منهنجي نظرن اڳيان ماڪ جي ڪوهيڙي جهڙي ڏنڊ پکيڙي....!

نانگ وانگي ور وڪڙ....!!

ڇ بولاٽيون ڪائي.....!

اکين آڏو ڪجهہ عجب ڇ سوالیہ نشانيون جوڙي....!!؟؟؟

هوا ۾ هڳاءُ جيئن، تهليل ٿي رهيو آهي....!!؟

سگريٽ جي دونهين مان جڙندڙ نشانيون....!!؟؟؟"

لڳو هئم تہ اندر جي اونهاين منجهان ڪي لڪل سوال..... ڪي لڪل راز.....!!!

اوچتو ٻاهر نڪري پيا هئا....!؟

ڪجهہ اهڙا سوال...؟

ڪجهہ اهڙيون نشانيون....!؟

جن جا ڪي ٻہ جواب....!

ڪي ٻہ سمجهاٽيون....!

مون شعور ۾ نہ سوچيون ..... ڇ نہ ئي ڏنيون هيون....!!؟

....جيتوٽيڪ تہ هن پير جي پراڻي وڻ سان ٻہ منهنجي تمام پراڻي شناسائي رهي آهي.

پر الاهي ڇو.....!؟

پير جو هي وڻ، ان وقت ٻہ منهنجي سوالن جا جواب نہ ڏيئي سگهندو هو... جڏهن سندس جوين جي گهاڻن ڏاڻن ۾، محبوب جي ريشمي ٻانهن جي احساسن.... جهڙي، وٽندڙ ڇانو هوندي هئي.....؟

هاڻي تہ هيءَ ٻہ منهنجي اندر جيان، جوين جي سموري مستي لٽائي، هستي وڃائي.... اجاڙ جو شڪار ٿي ويو آهي.....!!؟

تڏهن هي ڪٿي ٿو منهنجي سوالن جو منجهيل سُٽ سلجهائي سگهي.....!!؟؟

.....ها البت اسان ٻنهيءَ جو پاڻ ۾ پنهنجائپ جو پراڻو رشتو ضرور رهيو آهي، مون هن وڻ جي اها ٻهاري ڏني هئي، جڏهن دنيا جي ڏکڻ پنڌڻ جا ٽڪل انسان، سندس چانورن ۾ سکون ڪري، مسافريءَ جا ٽڪ لاهيندا هئا.....!!

ڇ هن پير منهنجي ڏوهه جوانيءَ جي اها ڪشش ڏني هئي، جڏهن چيت جي چانڊوڪي راتين ۾ چنڊ جهڙو پرين مون کي پنهنجي سيني جي ريشمي وهاڻن تي سمهاري وارن ۾ آڱرين جون ڦٽيون ڏيندو هو.....؟

..... تہ ڇا، اهو سيڪجهه ڪوڙ هو.....!!؟

شيطاني خواب هو.....!!؟

فضول تصور هو.....!!؟

.....اهي سڀ منهنجي اندر جي اجڙيل وادين ۾ گونجندڙ اهڙا سوال، اهڙا آواز هئا، جن جا جواب هن پير جي سڪل تڙ وٽ بلڪل نہ هئا.....!!؟

.....پر پوءِ به اسين ٻئي پاڻ ۾ همراز دوست آهيون.....!!

ڇ هن وقت ...!

جڏهن پير به خزائن جي ڏاڙيلن هٿان پنهنجون سڀ مستيون ڦرائي ويٺو آهي.....؟

ڇ جڏهن آئون به نصيبن جون ٺوڪرون کائيندڙ هڪ بدنصيب، تن تنها... ديوانو مسافر بڻجي ويو آهيان.....؟

تڏهن اسين ٻئي همراز دوست پاڻ ۾ سور سلي خاموش ٿي ويا آهيون.....؟ ڇ هڪ ٻئي کي حسين ماضيءَ جا قصا ٻڌائي، جيئڻ جو جتن ڪندا آهيون.....

.....ڪالهه رات به چيت جي چانڊوڪي ڪڙي هئي.....!

ڏکڻ جي ڏڙي هير ساروٽين جا سُڀ پري، منهنجي من آڪر تي رڙڻي چانورن جي خوشبوءِ وانگي چڙيا هئا.....!!

ڏور فضائن ۾ ڪوئل ڪو ڪيو هو.....؟

هوا جي هڪاءَ ۾ انبڑين جي ڪچڙي ڇ ڪڙي خوشبوءِ، من جي مهراڻ ۾ مانڊاڻ مچائي هئي.....!؟

اڪيلائي جي بستري تي پاسا ورائيندي جڏهن زندگي خود ڪاريهر وانگي ونجي، اکين آڏو هڪ سوالیہ نشان ٺهي پيئي هئي.....؟؟

سڀ تڏهن اڳهاڙن پيرن سان ٽڏڙيءَ واريءَ تي هلندي اچي ميرواهه جي انهيءَ ڪپ تي، پنهنجي پراڻي يار کي پٽيءَ جو سهارو ڏيئي وهندڙ پاڻي جي لهرين مان اٽندڙ مڌم موسيقي جي سازن تي اهي هول جهونگارڻ لڳو هئس تہ سڀ

"ڏک جي نہ پڃاڻي آ،
هر شخص ڪهاڻي آ سڀ
احساس بنا ماڻهو
اخبار پراڻي آ
هر شخص ڪهاڻي آ سڀ
مون لاءِ مري وئين تون
هن ڪال اماڻي آ
ڏک جي نہ پڃاڻي آ،
هر شخص ڪهاڻي آ سڀ!؟"

سڀ ان وقت ان سڪل ٽڙ جو غيبي، نماڻو آواز گونجيو هو سڀ

"راهي سڀ"

"ايڏو اداس چو ٿيو آهين يار سڀ؟"

"انسان تہ ازل کان اذيتون پوڳيون آهن سڀ"

"پر تون منهنجو بہ تہ مثال ڏس نہ سڀ!؟"

ڪالهہ جيڪي پريم ديوانہ منهنجي پناهن ۾ لڪي، پنهنجي محبوب جي ڪچڙين ۽ ڪومل هانهن ۾ ويڙهجي چانڊوڪيون انجوائي ڪندي، مون کي ئي پنهنجي پيار جو ساکي بنائي ويندا هئاسڀ!؟

جيڪي منهنجي ٽڙ تي گڏيل نالا لکي، انهن کي چمندا هئاسڀ!؟

جن جا قول، اقرار سڀ وعدهہ وچن سڀ اڄ بہ مون وٽ راز بٽيل آهن سڀ!؟"

"ڏڌ منهنجا راهي دوست!"

"مون چاچا نہ ڏٺو چاچا نہ ٻڌو سڀ!؟؟"

"مون چانڊوڪي راتين ۾، جذباتي جوڙن کي سڀ زندگي جا لطف ماڻيندي سڀ نيم عريان سڀ نيم مدهوشيءَ جي عالم ۾ جهومندي، گڏ جيئڻ، مرڻ جا قول اقرار ڪندي ڏٺم سڀ!؟"

"مون ڪنوارن چپن تي فريبي ماڻهن کي دوکي جون مهرون هٽندي ڏٺو سڀ؟"

"مون مقدس جسمن جي پاکيزگي کي ٽوڪي ۽ لوبي ماڻهن جي هيڻان چيپائجندي، لڇندي ۽ تڙپندي به ڏٺو....!!؟"

"ها راهي! منهنجا ته انهن سان کي روحاني کي جذباتي رشتہ هٿا نہ....؟

پر انهن ته مون کي به ائين وساري ڇڏيو جيئن اڄ جي نوجوان نسل پنهنجي ابن، ڏاڏن جي قبرن جا نشان وساري ڇڏيا آهن....!!؟"

جيتوٽيڪ آئون پنهنجي دوست جي انهيءَ ڏک ۾ برابر جو شريڪ هئس....!

پر تڏهن به چپن تي هڪ طنزيہ مرڪ سجائيندي چيو هئم!

"تون کهڙن رشتن جي ڳالهہ ٿو کرين دوست....؟"

"خبر نہ ائٽي ته جذباتي رشتن جي پڇاڻي هميشہ عذابناڪ ٿيندي آهي....؟"

"منهنجي ئي جذباتي رشتي جو مثال تنهنجي سامهون آهي....!"

"ياد نہ ٿئي، جڏهن تنهنجن ئي چانورن جي اوٽ ۾ ڪائي پويري جهڙي چوڪري مون کي پنهنجي وارن جي ڪارين گهٽائن ۾ توکان به لڪائي چمندي هئي....؟

نرم ٻانهن تي سمهاري وارن ۾ نفيس آڱرين جو پيار اوتيندي هئي...؟

ڪڏهن سندس گلابي چپن، منين جي منڊي ورکا پئي ڪئي ته ڪڏهن سندس خوبصورت اکڙين مان احساساتي مينهن ڪٽيون، سندس ئي ڇاتين جي پورين پٽن تي برسي، ملهاريون ملهائيندیون هيون....؟"

"هوءَ جڏهن مون کي چمڙ ٻهاني ڪنڌ هيٺ جهڪائيندي هئي ته ڪيئن نہ سندس گهاڻا ۽ ڏگها وار مون مٿان ڇانڻجي، سوجهرن کي اونداهين ۾ ڦيري ڇڏيندا هئا....!!؟

۽ وري ڪنڌ مٿي ڪٽي وارن کي جهٽڪو ڏيئي پوئتي هٽائيندي هئي، تڏهن ڪيئن نہ اونداهيءَ ۾ سوجهرن جون لاٽون ٻري پوندیون هيون....؟"

"ياد ائٽي نہ دوست؟"

"جڏهن هن هڪ رات منهنجي جهولي جي هندوري ۾ جهومندي پنهنجي منڍي سنهڙي ۽ مڌر آواز ۾ جهونگاريو هو....!

هي خبر ناهي پر مرڻ کاپوءِ

تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون....!!

۽ انهيءَ گيت جي پهرين ورجاءُ تي سندس چاتيءَ ۾ سڏڪن جا گهنگهرو چمڪڻ لڳا هئا....!!

اهو به ته وساريو ڪونہ هوند ئي جڏهن منهنجون اکڙيون پاڻي سان پرجي آيون هيون، ته ڪيڏي نہ نماڻي ٿي چيو هئائين...."

"پرين دل چوي ٿي ته تنهنجي نيٽن جي سنڊوءَ ۾ ڪچو گهڙو ڪٽي گهڙي پوان... ۽ درياءَ جي هي پار تون ميهار جو روپ ڌاري منهنجي سڪ ۽ اکير ساڻ آڇيان ڪرين....!؟"

"ها راهي تڙپ جي تار ۾ ترڻ جو جنون ۽ انتظار جي ميلاپ واري تڙپ جو لطف، ڏاڍو سرور ڏيندڙ هوندو آهي....!؟"

مدهوش لهجي ۾ وراٽيو هئم...

"چري.....!؟"

"اکڙين جي سمنڊ ۾ خودڪشيءَ جو سوچيندڙ عاشق....!

اکين جي سمنڊ ۾ طوفان برپا ڪري، پاڻ خودڪشيون ڪري ويندا آهن....!؟"

"۽ بربادیون ته انهن جي ڪنارن تي وسندڙ ماٹهن به ڪي پلئہ پوندیون آهن....!؟"

.....۽ ياد ڪر دوست، اهو وقت به .....!؟

جڏهن هوءَ ڳاڙهي جوڙي ۾ ڪنوار وانگي سينگارجي آئي هئي....!؟

ڪچڙن هٿڙن جي ماس تي تازي مهنديءَ سان سينگاريل ڳاڙها گل هئا....!

ڪنواري بدن مان ايندڙ موتئي جي تيز تر خوشبوءِ ذهن ۽ روح کي پڙ معطر ڪيو....!؟

انهيءَ رات هن مون کي پاڻ اڻپيندي چيو هو....!

راهي! اڄ رات رڳو مان ئي تنهنجي ناهيان، پر منهنجي هر مقدس امانت به تنهنجي آهي....!؟

"تون اڄ جو ڪجھ ٻ طلبيندين، سو ملندئي....!؟"

"اڄوڪي رات مون مڪمل طور توکي پاڻ اڻپڻ جو فيصلو ڪيو آهي....!؟"

"....متان ڪڏهن ائين سوچين تہ منهنجا ڪي ارمان اڻپورا ٿي رهجي ويا....!!؟"

"پر صرف هڪڙو ڪم هاڻي منهنجي خاطر توکي ٻ ڪرڻو ....!؟"

" ڏس راهي، هاڻي آئون ڪنهن ٻي جي امانت بڻجڻ واري آهيان....!؟"

"منهنجي شادي ٿي رهي آهي....!؟"

"ان ڪري بس هاڻي مون کي هميشہ لاءِ وساري ڇڏجانءِ....!"

"هڪ خواب سمجهي.....؟!"

"هڪ تصور سمجهي.....؟!"

"پليز مون کي ائين وساري ڇڏجانءِ.....!؟"

"سمجهجان ائين تہ....! پاڻ هڪ فلم ۾ ڪم ڪندڙ ٻ اداڪار هئاسين....!؟ ۽ اڄ شوٽنگ ختم ڪري، پنهنجا پنهنجا معاوضي جا چيڪ وٺي.... جدا جدا گاڏين ۾ چڙهي.... پنهنجي پنهنجي گهر طرف موٽي وڃي رهيا آهيون....!!؟"

..... تڏهن مون جذبات وچان دانهون ڪندي چيو هو.....!

"تون جنهن اداڪاريءَ جي ڀالهہ ٿي ڪرين، ان فلم جي ڪهاڻي فرضي تہ نہ هئي....!؟"

۽ تون مون کي پلان ان جو ڪهڙو معاوضو ڏيئي سگهيس ٿي....!؟"

"اگر ڏيئي سگهين تہ مون کي اهو عظيم رشتو مونائي ڏي، جو تو سان جذباتي لڳاءُ ڪانپوءِ منهنجي انتظار ۾ گهڙيون ڳٽيندڙ پنهنجي سادي سباجهڙي مڱيندي کان مون نوڙي ڇڏيو هو....!!؟"

"اگر ڏيئي سگهين تہ مون کي اهي يادگار چانڊوڪيون مونائي ڏي، جيڪي تنهنجي اڇڻ جي اوسيئڙي ۾ مون واهہ جي ڪپ تي بانسري وڄائي درد جي تڙپ ۾ پوگيندي گذاريون هئم....!؟"

" جيڪڏهن ڏيئي سگهين تہ اهي ڇڙواڳ ٿهڪ مونائي ڏي، جيڪي تو ڪانپوءِ مون کان سيئي رشتہ نوڙي هليا ويندا، لڙڪن جي پيڇرن متان گذري .....!؟"

" ڇ ڏيئي سگھين ٿا مون کي اها حساس دل موناڻي ڏي، جيڪا تنھنجي سڏڪن جي چيرن تي ڌھل وانگي ڏڙڪي ڇ تڙپي ھئي...!؟"

...پر مون کي ڏنو ب ٿا چا...!!؟

رڳو خاموشيون...!؟

اجلتائون...!؟

پوڳنائون...!؟

وڇوڙا...!؟

درد...!؟

تنھايون...!؟

محروميون...!؟

...ڇ جڏھن ھو منھنجي سوالن جا جواب ڏيڻ بغير ئي پوين پيرن تي واپس وڃڻ لڳي تڏھن کيس نانءُ ونڻي سڏيو ھئم...؟!

ھوءَ ساڳي جاءِ تي، ڪنڌ ڦيري بيھي رھي ھئي...!؟

چيم:

"ٻلا منھنجي اداڪاريءَ جو معاوضو...!؟"

ھن مڙي مون ڏانھن ڪنھن فلمي ھيروئن وانگي مرڪي نھاريندي پنھنجون ٻيئي ٻانھون پکيڙي، سينو کولي چيو ھو...!

"ھليو اڇ پرين...!"

"پريت جو معاوضو پريم ئي ٿا ھوندو آھي...!"

"اڇ اڇا... مون ھي سموري جوبن جي دولت تنھنجي نانءُ ڪئي آھي...!؟

جيڪڏھن چاھين ٿا ڪيش ڪرائي سگھين ٿو پنھنجي محبتن جو چيڪ...!!؟"

...ڇ مون ڪنن تي ھٿ ڏيئي...!؟

اکيون پوري...!؟

ڇ نظرون ٻي طرف ڦيرائي چڏيون ھيون...!؟

مون ٿا ڪڏھن سوچيو ب نہ ھو ٿا ڪڏھن منھنجي محبت ب ڪنھن وٽشيا جھڙو ورتاءَ ڪندي...!

ڇ اھا رات پرھ تائين مون، انھيءَ آستاني تي روئندي ڪٽي ھئي...!؟

... ٿا پوءِ ھاٽي ٻڌائي او منھنجا پراڻا دوستا!؟

" تہ جذباتي رشتن جو انجام ڇا هوندو آهي....!!؟

" ڇا، ڪوڪلا پاڪر، ان اداڪاريءَ جو معاوضو ٿي سگهن ٿا....!!؟"

.... پر ان وقت اهو پيپر جو پوڙهو وڻ خاموش ٿي ويو هو....!

شايد هن وٽ ٻہ منهنجي سوالن جا جواب ڪٽي ويا هئا....!

مون هڪدم سگريٽن جو پاڪيٽ ڪيي هڪ سگريٽ پيئڻ گهريو هو....!

پر ڏٺم تہ پاڪيٽ مان سگريٽ ٻہ ڪٽي چڪا هئا....!!؟

.... پيپر جي ٽڙ جي ٽيڪ ڇڏي سڏو ٿي آڪاش جي نيراڻ ۾ نهارينديي چيو هئم....!

"اڄ شايد منهنجا نصيب ٻہ ڪٽي ويا آهن....!!؟؟"

سپنا اها کهاڻي پڙهندي درد جي هڪ عجيب سحر ۾ گم سم ٿي ويئي هئي....

کيس ساجن جو اندر درد جو آئينو لڳو هو.....

سپنا کي ساجن جي ليکڪ واري روپ وڌيڪ حيران ڪري ڇڏيو هو....؟

اها کهاڻي پڙهڻ کانپوءِ تصور جي دنيا ۾ لهي ويئي هئي....!؟

هن تصورن ۾ ساجن جي کهاڻي جا چانڊوڪين وارا خوبصورت منظر پاڻ سان منسوب ٿيندي ڏٺا هئا....!؟

هوءَ خيالن ۾ انهيءَ پيپر جي وڻ جي گهاٽيري ڇانوَ ۾ ساجن سان روح رچنديون ڪرڻ لڳي هئي.....؟

اگهور ننڊ ۾ ستل ڪائنات جي سڪونت ۾ وهندڙ پاڻي جي موسيقيءَ ۾ هن ساجن سان گڏجي ٿهڪن جا فضائن ۾ ساز ڇيڙيا هئا....؟

پنهنجي گداز ٻانهن جي ولڙين ۾ ويڙهيل ساجن جي سانوري بدن جي خوشبوءِ ۾ من مهڪي پيو هئس.....!؟

هوءَ خوشيءَ جي هڪ وٽندڙ احساسيت سانديِ پنهنجي بستري تي جاڳي بنا اک چنيڙ جي چپن تي مرڪ آڻي جاڳندڙ اکڙين سان نوان سپنا سرجڻ لڳي هئي....؟

اونهاري جي اها خماريل رات ۾ سپنا جاڳي گذاري چڏي هئي....؟

رات گذرڻ جو احساس ۾ تڏهن ٿيو هئس جڏهن مسجدن مان الله اڪبر جا آواز ايريا هئا. پريان ستل نوري فقير جاڳڻ لاءِ آرس موڙڻ لڳو هو....؟

ءِ تڏهن سپنا جاڳندڙ اکڙين جا در ٻوٽي چڏيا هئا.....!؟

..... سپنا کي هاڻي صبح جو ايترو اوسيئڙو نہ هوندو هو جيترو رات جو انتظار....؟

ائين ٻي رات هن ساجن کان انهيءَ کهاڻي بابت ايترا ته سوال کيا هئا، جيترا سڄي کهاڻي ۾ لفظ به نه هئا.....!؟

بار بار پڇيو هئائين...!

"ساجن! اها کهڙي بدنصيب چوکري هئي، جنهن تو جهڙي حساس ۽ پيار ڪندڙ ماڻهو جي دل کي درد رسائي وڇوڙي جي واٽ تان گذري ويئي...!؟"

" ها ساجن! آئون يقين سان چئي سگهان ٿي ته اها اياڻڙ ڪڏهن به سک ماڻي نه سگهندي، جنهن سچائي جا ٻرم ٽوڙي دنيوي رسمن کي ترجيح ڏيئي محبتن تي الزام آندا هجن...!!؟"

سپنا جذباتي ٿيڻ لڳي هئي.....!

ساجن مرکي سندس اکڙين ۾ نهارينديِ چوي ٿو.....!

"سپنا! لڳي ٿو ته تون به تمام حساس دل رکندڙ انسان آهين...!؟

تڏهن ته پرائي ڏک ۾ پنهنجا لڙڪ ٿي وهائين نه.....!!؟"

"هونئن به سپنا! جيئن ماڻهن جا ماڻهن سان رشتہ هوندا آهن نه...!؟

ائين شايد، دردن جي دردن سان دوستي رهندي آئي آهي...!!؟"

"شايد سپنا! پنهنجا درد به پاڻ وانگي پاڻ ۾ دوست ٿي ويا آهن...!!؟"

....ائين! حال ماضيءَ ۾ بدلبو رهي ٿو....؟

سپنا صبح جي تازگيءَ ۾ تازي خوشبوءِ وارا تازا گل ورهائيندي رهي ٿي.....!

چنچل نوجوانن جا ٽولا، سندس مرڪ ماٽڻ ۾ همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ لفظن ۾ ٽهڪن جا رستن تي ڇار وڇائيندا رهن ٿا، جيڪي ڪنهن چالاڪ هرٽيءَ وانگي سپنا اورانگهي، هلندي رهي ٿي....؟

ڪن گاڏين ۾ گل ورڪائون ڪرڻ لاءِ سپنا، گاڏين جي رفتار سان روڊ تي ڊوڙندي رهي ٿي....!! ۽ ڪي گاڏيون گلڙن جي ڪشش تي چڪجي ايندڙ پويتن وانگي پاڻ سپنا ڏانهن ڊوڙي ايندیون رهن ٿيون....؟

.....صبح جي انهيءَ تازگيءَ ۾ ساجن سان ٿيندڙ مختصر ملاقات ۾ ڪوئي اهڙو اثر ضرور هو جيڪو سپنا جي زندگي ۾ وڏيڪ تازگيءَ جو اتساهه پري ويندو هو....؟

۽ اهوئي سندس روزانه جي زندگي جو معمول هو....!!

سپنا گلن وانگي ٽڙندي .....!!

خوشبوءِ وانگي هوائن ۾ وکرندي....!!

۽ هوائن وانگي اڏامندي نظر ايندي هئي....!!؟

پر سڃي ڏينهن جي ڊوڙ ڊڪ ۽ ٽڪاوٽ جا سمورا ٽڪل احساس شام جو انهيءَ ويل ٻيهر ڪنهن ماڪ ۾ وهنجي نڪتل گل وانگي تازگي ۾ تبديل ٿي ويندا هئا....جڏهن هوءَ ساجن سان ملڻ لاءِ ريلويز جي پراڻي ڪوارٽر ۾ ايندي هئي....؟

..... زندگيءَ جي پيڪوڙيل مٽ مان، وقت جا واريءَ ذرا ڪسڪندا رهيا هئا....!

حال جا حسين لمحا ماضي جي موهن درڻي وانگي ڊير ۾ تبديل ٿيندا رهيا....!!

ڪٽي پکا رشتا، ڪچن ڏاڪن وانگي ڇڇندا رهيا....!!؟

ڇ ڪٽي ڪچا رشتا لوهي سنگهرن وانگي ڪڙو ڪڙي ۾ ملائي مضبوط جڙندا رهن ٿا....!؟

ها ائين ٿي.....!

سپنا جو ساجن سان سهنڊ، مضبوط ٿيندو ٿو وڃي.....!؟

سندن ڀالهين جا سفر گهرائپ کان وڌندي محبتن تائين طويل ٿيندا ٿي ويا.....

هر روز ملڻ هنن ٻنهي جي مجبوري ٿي پوي ٿي.....

هڪ بيوفا مرد جا ڏنل درد جا مٺي تي کارا ڪٽي پٽڪندڙ سپنا جي انهن دردن کي وري به هڪ حساس مرد جي آغوش ۾ سڪون ملي ويو هوندا؟

هوءَ هاڻي اڪثر راتيون پرهه ڏٺي تائين ساجن جي خواب گاهن ۾ گهاريندي هئي..

ڀر ڪڏهن به ساجن جي جوانيءَ جي جوش ۾ پڙڪندڙ ٻاهر سپنا جي ريشمي جوانيءَ جي نازڪ ڪپهه کي سيڪ نه ڏنو هوندا!؟

اعتماد جي ديوار جي ٻنهي پربور حفاظت ڪئي هئي.....!

هوءَ جڏهن ڪچهرين ۾ ويهندا هٿا ته ڪڏهن به وچ ۾ ڪين ننڍ ڏسڙب نه ڪندي هئي.....

.....انهن ئي راتين ڏڳهين ڪچهرين ۾ هڪ رات سپنا پنهنجو اندر چيري ساجن جي سامهون رکي چڏيو هوندا!؟

هن پنهنجي جيون جي اها المناڪ ڪهاڻي ساجن کي ٻڌائي هئي، جنهن کيس هڪ برگر فيمليءَ کان فقيراڻي زندگيءَ تائين پٽڪايو هوندا!؟؟

نفيس جو نالو وٺڻ وقت، سندس چهري تي ظاهر ٿيندڙ نفرت جون لڪيرون.....!؟؟

پاپا جو پيار ياد ڪندي سندس اکين مان ڪرندڙ گرم لڙڪ.....!

پنهنجي سهيلي تبسم کان ڏار ٿيڻ وارو ڏکوئيندڙ منظر.....!

لاهور جي روڊن تي اجنبيءَ وانگي پٽڪڻ وارو درد.....!

ڇ قلندر جي نگري ۾ نگارن تي نچڻ کان وٺي نوري فقير جي ڏنل سهاري تائين.....

اهي سيئي انهيءَ سپنا جي درد ڪٿا جا حصا هٿا، جيڪا ڪڏهن پنجاب يونيورسٽي جي هڪ چنچل ڇ خود غرض استوڊنٽ هئي.....!

پر اڄ قسمت جي لکئي ڪيس گلن جي ٽوڪري هٿن ۾ ڏيئي لڙڪ لڪائي مرڪ سجائي جيئڻ جو درس ڏيئي ڇڏيو هو.....!!؟

.....سپنا جي اها ڏکائيندڙ ڪهاڻي، ساجن "الف" کان "ي" تائين گهري دلچسپي سان ٻڌي هئي.....!!؟

آخر ۾ هن هڪ ڏڳهو ساهه پري، چت ڏانهن نهاريو هو ته لڙڪن جون لارون ڳلن تان قطارون ڪري سندس جهولي ۾ جذب ٿيندیون رهيون هيون.....!!؟

.....ساجن جي انهن لڙڪن، ڇڙ سپنا کي به لڙڪن جي وسري ويل، وات ياد ڏياري ڇڏي هئي.....!!؟

هٿن جو ٻڪ ناهي هن اکين کي بند هنيا هئا، پر لڙڪن جو سيلاب آڳرين جي وٽين مان رستا ناهي، هلندو رهيو هئس.....!!؟

ان وقت ساجن ائين روئيندڙ نيٽن سان خاموش سپنا جي سامهون سوڳوار ويٺو هو، ڇڙ مري ويل محبوبہ جي سوڳ جي تڏي تي ويٺل هجي.....!!؟

ساجن جو سڄو اندر سپنا جي لڙڪن جي طوفان ۾ ڍهي ويل پراڻي عمارت جي سرن وانگي پورا پورا ٽي ويو هو.....!!؟

هن پنهنجا چپ ته سبي چڏيا هئا پر اندر ۾ ايتريون اوچنگارون ڏنيون هيون جو جيڪڏهن سڏڪن جون اهي صدائون سپنا ٻڌي سگهي ها ته شايد هاڻ ٻه اڏ ٽي پويس ها.....!!؟

پر ان وقت ساجن، پنهنجا لڙڪ.....!!

اوچنگارون.....!

۽ سڏڪا.....!

ڪنهن الڳ فائيل ۾ بند ڪري رکي چڏيا هئا.....!

ڪنهن نئين ڪهاڻي لاءِ.....!!؟

.....سپنا جي اکڙين جو وڏ ڦڙو ته وسي اوڪامي ويو هو.....!

پر اجا به بونداٻاڙيءَ جا آثار موجود هئا.....!

چولي جي پلئه سان ڳوڙها ڳل تان اگهندي روئيندڙ آواز ۾ پڇيو هئائين!

"ساجن! تون منهنجي ڪهاڻي ڪڏهن لکندين.....!!؟؟"

ڪنهن اداس ۽ ٻڏل آواز ۾ ساجن وراڻيو هو.....!

"سپنا!!"

" مون الائي تہ ڪيترين ڪهاڻيون لکندي ڪيترين پوڻنائون پوڳيون آهن....!!؟

"مون وڏا افسانا....!"

"ڏيهي پرڏيهي....!"

"طويل ناولن جا ڪتاب بہ پڙهيا آهن....!!؟"

"مون ڪنهن سامونڊي سوداگر وانگي...! پنهنجي خوشين جي خزانن کي لٽائي . ماٺهن جا ڏک ۽ غم خريد ڪيا آهن....!!؟"

"آئون تہ درد جي درگاهہ تي پهاريون ڏيندڙ مجاور هئس....!!؟"

"پر سچ پچ سپنا....!"

"منهنجو سڄي زندگيءَ جو درد، تنهنجي دربدري واري ڏک جي پيٽ ۾ هڪ رتي برابر بہ وزن ڪونہ ٿو رکي....!!؟"

"آئون چوان ٿو تہ تنهنجو درد، دنيا جو واحد درد آهي....!!؟"

"۽ سپنا! آئون پنهنجي قلم کي تنهنجي لڙکن سان وهنجاري چڏيندس....!! تہ جيئن منهنجي ذات ۾ تنهنجي درد جو اثر پرجي وڃي....! تہ جيئن آئون جڏهن لکڻ ويهان تہ تنهنجو درد منهنجي سوچ کي انهن پيچرن تي وٺي وڃي، جتان جتان تنهنجو حسين ماضي....!"

"تنهنجو چنچل ڀاروتڻ....!!"

"تنهنجو لازوال پيار...!!"

"عظيم پيءُ....!!"

"سهيلي تبسم....!!"

۽ اها پنجاب يونيورسٽي بہ تنهنجي تلاش ۾ پٽڪي هجي شايد...!

...."پر ساجن تون اهو سيکجهہ ڪڏهن لکندين....؟؟"

"سپنا تنهنجي ڪهاڻي کي آئون ڪنهن سادي مس سان ڪونہ لکندس....!"

"تنهنجي ڪهاڻي آئون جگر جي خون سان لکندس....!! ۽ ان لاءِ وڏو وقت درڪار آهي.....تنهن ڪري آئون واپس اچي ضرور لکندس....!!"

"واپس اچي....!!؟"

"ڇا مطلب....؟"

" تون ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين ساجن....؟"

ساجن سپنا جي بيقراري کي سمجهندي مرڪي سندس منهن ۾ نهاريندي چوي ٿو:

"ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي...؟ هڪڙي هفتي جي ٽي ته ڳالهه آهي...؟"

سپنا اداس ٿيندي....

"ليڪن ساجن، سڄو هفتو...؟"

"ڏس سپنا! ٻن مهينن کانپوءِ ته ڇوٽ وڃي رهيو آهيان...؟"

"....!؟؟"

سپنا جي اداس خاموشي ڏسندي ساجن پڇي ٿو...!

"ڪهڙين پريشانين ۾ گم ٿي وئين سپنا...!؟؟"

...سپنا خيالن مان نڪري چپن تي مصنوعي مرڪ آڻيندي...!

"پريشان...؟"

"نه نه...! مون ته ساجن اهو پئي سوچيو ته تون ڪيڏو نه خوشقسمت آهين، جو پنهنجو گهر ائٿي...؟ ڇا گهر ۾ پيار ڪندڙ پاپا ۽ امي ٻه آهن...؟"

..."ها سپنا، منهنجو پوڙهو پيءُ ٻه آهي...! جيڪو اڃ پڙهيو مسڪين مهاڙو آهي...؟

اسان جي سموري ملڪيت فقط هڪ سامونڊي هوڙهو آهي...! جنهن تي منهنجو وڏو ڀاءُ ۽ پوڙهو پيءُ سمنڊ جي گهراين مان وڃي مڇيون جهلين ٿا ۽ انهيءَ تي گذر سفر ڪندا آهيون...!؟

"منهنجي هڪ پيرسن ماءُ ٻه آهي...! جيڪا سوئي سيبي جو پورهيو ڪري گهر جي ضرورتن ۾ مدد ڪندي آهي...!"

"ڀ سپنا! سمنڊ ڪناري اسان جو ڪکن پنن مان ٺهيل ڪاڪاڻ گهرڙو آهي... جتي اسين تمام پيار محبت ۽ سکون واري زندگي گذاريندا آهيون...؟

جڏهن واهوندي جا واءُ ورندا آهن، تڏهن گهميل هوائن جي چانڊوڪي راتين کي اسين خوب انجوائي ڪندا آهيون...! گهر جي وسيع اڱڻ تي ڪٽون وڇائي آڏي رات تائين وايون، بيت، ڇجهارتون ۽ گيت ڳائي خوب مزا ماڻيندا آهيون...؟

سمنڊ جي لهرين مان اٽندڙ ڏڏڙيون هيرون، ننڍ ڪڇورا اکين ۾ اوتي ويندیون هليون آهن ۽ پوءِ پرسکون ننڊ جي آغوش ۾ هليا ويندا آهيون...؟"

سپنا پُرتجسس نظرن سان ڏسندي پڇيو....

"چا توهان جو ڳوڻاٽا ماحول ايترو خوابديده آهي.....!!؟"

"ها سپنا! اهوئي ته سبب آهي جو آئون گهڻو وقت ٻاهر رهي ناهيان سگهندو!"

"ڪاش! آئون توسان گڏ تنهنجي ڳوڻاٽي زندگيءَ کي انجوائي ڪري سگهان.....!؟"

ساجن، سپنا جي جذبن کي سمجهندي وراٽي ٿو:

"ٺيڪ آهي.....! ته پي چڪر توکي ضرور پاڻ سان گڏ وٺي هلندس.....!"

"پرامز.....؟"

"ها پرامز سپنا.....!"

"اوڪي! پر ساجن توکي مون سان هڪ ٻيو به پرامز ڪرڻو پوندو.....؟"

"ٺيڪ آهي. اهو به پرامز ٿو ڪريان.....!"

"ليڪن ائين اڳواٽ ڪيئن ٿو پرامز ڪرين.....!؟

ايڏا ته مون ڪجهه چيو ئي ناهي.....!؟"

ساجن مرڪي پيار مان سندس اکين ۾ نهاريندي.

"سپنا! لازمي ناهي ته سڀ ڪجهه تون ئي چوين.....!

ڪي ڳالهيون ته آئون پاڻ به سمجهي محسوس ڪري ٿو سگهان.....!؟"

"چگو پلا، ٻڌائي مون توکان ڪهڙو وچن وٺڻ ٿي چاهيو.....؟"

"ٻڌايانءِ.....!؟"

" ها ٻڌائي.....!؟"

"جيڪو تنهنجي دل جي ڳالهه منهنجي واتاڙ سچ ثابت ٿي ته تسليم ڪندين.....!؟"

"ها ضرور .....! آئون فراخدليءَ سان تسليم ڪري ونديس.....!"

"چا تسليم ڪندين پلا.....!؟"

"اهائي جيڪا تنهنجي دل جي ڳالهه هوندي.....!؟"

"ٻڌايانءِ.....؟"

"ها ٻڌائي.....!؟"

"..... ٻڌائي ويس ته چا محسوس ڪندئين.....!؟"

"..... اهو ئي ته تون منهنجو سچو پچو .....!؟"

"اها ها ها.....!"

ساجن ڏڪو ٿڪ ڏيئي سندس جملا اڌ ۾ ڪٽيندي چوي ٿو:
"معني ٿ هاڻي اسين هڪ ٻئي جي دلين جا آواز ۽ سمجهي سگهون ٿا...؟"
"اسين نہ ساجن! صرف آئون...!"
" چو صرف تون...؟ ۽ آئون چو نہ ...؟"
" ان ڪري جو اڃا تائين صرف مون تنهنجي دل جو آواز ٻڌو آهي...! ۽ تون ٿ ڪجهہ ۽ نہ ٻڌي سگهيو آهين اڃا تائين...؟"
"الزام نہ هڻ سپنا! آئون ۽ سڀ ڪجهہ سمجهي رهيو آهيان."
" ٿ پوءِ ٻڌائين چو نٿو ...؟"
" چا...؟"
"اهوئي ٿ مون توکان ڪهڙو وچن وٺڻ ٿي چاهيو...؟"
"ٻڌايان ۽...؟"
"ها ٻڌائي نہ...!"
" تو مون کان اهو وچن ٿي وٺڻ چاهيو ٿ تون جلد واپس موٽندين...؟ ائين نہ...؟"
سپنا کيس مرڪي ڏسندي اداس ٿي پوي ٿي.
ساجن سندس ويڇاٽپ ڏسندي چوي ٿو.
"پر انهيءَ ۾ سپنا پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي... آئون ٿ اهو ۽ تو سان وچن ڪري چڪو آهيان نہ.....! چا مون تي اعتبار ڪونہ ائٿي...؟"
"اٿم! توتي سئو سيڪڙو يقين اٿم پر...!!؟"
سپنا روٺهارڪي لهجي ۾ ڳالهائيندي ڪنڌ هيٺ جهڪائي ڇڏي ٿي ۽ سندس خوبصورت اکين ۾ هيرا جرڪڻ لڳن ٿا. مئل آواز ۾ چوي ٿي...
"پر ساجن! مون کي هاڻي پنهنجي نصيبن تي ڪوبہ اعتبار نہ رهيو آهي...!!"
ساجن ڀهريون پيرو ويجهو اچي کيس پيار ۾ پنهنجائپ مان ڪنڌ ۾ پاڪي پائي منهن متي ڪرائيس ٿو...!
سپنا جي ڳاڙهن ڳلن تي لڙڪن جون سريون تيز ٻوڙڻ لڳن ٿيون.

ساجن ٻنهي هٿن جو ٻڪ ٽاهي سندس اکين تي رکي چڏي ٿو ۽ سپنا هڪدم سڏڪندي پنهنجو ڪنڌ ساجن جي جهولي ۾ رکي روئڻ لڳي ٿي...!

ان ويل ساجن کي ٻه ٽاڻ ڇا ٿي پيو هو.....! سندس حساس دل برف وانگي پگهر جي پيئي هئي ۽ ڪجهه ٽڏا لڙڪ ساجن جي اکڙين مان ڳڙي جهولي ۾ ستل سپنا جي خوبصورت وارن جي ريشم ۾ جذب ٿي پيا هٿا...!

ڪجھ ٽائيم، اٿين ٻيئي روئيندا رهيا هٿا...!

ڪنهن اڃاتي خوف جتي سپنا کي روڪيو هو.

اتي سپنا جي معصوم پيار ساجن کي ٻه روئڻ تي مجبور ڪري چڏيو هو...!؟

اٿين هو ٻيئي هڪ ٻئي جو سهارو وٺي ايترو رنا هٿا جو اندر جو ڪافي بار لهي پيو هئن.

۽ پوءِ ڪافي ٽائيم هو هڪ ٻئي کان منهن موڙي خاموش وينا رهيا هٿا...!

۽ اها خاموشي هڪ آواز بڻجي هڪ ٻئي جي دلين جا جذبا ملائڻ لڳي هئي.... !

ان خاموشي جڙ ٻنهي دلين کي نوان وعدا، وچن، قول، اقرار ۽ قسم وڇهي رشتن جي زنجير کي مضبوط ڪڙيون هٽي چڏيون هيون...!!؟

.....ساجن کان موڪلائي مونڙ ويل هن پنهنجو پاڻ سان وچن ڪيو هو ته هوءَ ساجن جي واپسيءَ تائين گل وڪڙ لاءِ روڊ تي نه نڪرندي...

سوچيائين ته پنهنجي سائي نوري فقير کي هوءَ بيماريءَ جو ٻهانو ڏيئي ٽاري چڏيندي .....!

هونئن به نوري فقير سندس ذاتي مامرن ۾ دخل نه ڏيندو هو...!

جيڪڏهن نوري فقير کيس ڪائي نصيحت ڏيڻ چاهيندو هو ته سپنا کيس اٿين چئي خاموش ڪرائي چڏيندي هئي.

"ڏس دوستا آئون پنجاب جي مرڪز کان سنڌ جي پچاڙ تائين پٽڪي آهيان...! ان ڪري مون گهڻو ئي تجربو پرايو آهي...! تنهن ڪري توهان منهنجي خاطر پريشان نه ٿيندا ڪريو...!"

۽ پوءِ سندس سائي نوري فقير خاموش ٿي ويندو هو...!

..... جيتوڻيڪ سپنا اهو هڪ بهانو ئي سوچيو هو پر اتفاق سان صبح جو ڪيس تيز بخار چڙهي ويو هو.....!

ويتر ساجن جي وقتي وچوڑي جي احساس ڪيس بيهوشي جا دورا چاڙهي چڏيا هئا.....!

ڪيس بيماري جي بستري تي ۽ فقط ساجن جي چهري جو عڪس نظرن سامهون ڦرندو رهيو هو.....!

هن گوريون ۽ دوا کارائيندڙ پنهنجي ساڻي نوري فقير جي چهري ۾ پڙ ساجن جا ئي عڪس ڏٺا هئا....۽ هن نوري فقير کي جڏهن بي حوصلائي ۾ بار بار ساجن چئي پڪارڻ شروع ڪيو تہ نوري فقير کي ۽ ڪوئي اڃاتو خوف ورائي ويو هو ۽ هو بيٺي پير پنهنجي دوست سپنا جي خدمت ڪندي رهيو هو.....!

هوڏانهن سپنا جي درشن جا ديوانہ سپنا جي غير موجودگي ۾ روڊن تي ويڳاٽن وانگي ڳولڻ لڳا هئا. ڪين ڪٽان ۽ خوشبوءِ جو جهوٽو نہ ملي سگهيو هو.....!

..... ٢٠ مئي ١٩٩٩ع جي اها هڪ عام رواجي شام هئي.

سپنا جي صحت انهيءَ ڪري ڪجهه بهتر ٿي پئي هئي جو اڄ سندس ساجن موٽيو هو.

سوچيائين. ساجن جي شفقت ۽ محبت سندس سموريون تڪليفون درد ۽ بيماريون دور ڪري ڇڏيندي ۽ سمورا احساساتي ٽڪ لهي ويندا.

.....انهيءَ شام، سامونڊي طوفان جي اوچتي اعلان، ساجن جي آمد کي روڪي ڇڏيو هو.

جيتوڻيڪ طوفان جو اڳ ڪوئي تجربو نه هئڻ ڪري ماڻهن ۾ ڪوئي خاص خوف نظر نٿي آيو پر تڏهن به شهرن ۾ آيل ماڻهن تيز برساتن سبب گاڏين جي نڪري وڃڻ جي خوف سبب پهراڙي جي ماڻهن تڙ تڪڙ ۾ سيڏو سامان خريد ڪري ڪاوڙ گهرن، جهوپڙين، چؤنرن ۽ لانڊيين ڏانهن جلدي موٽڻ جو سعيو ڪيو هو ائين ٻڌين شهر جا رستا ۽ گليون ويران ٿي ويون هيون.

.....اهو ڏينهن جو ٣ وڳي ٻپهري جو ٽائيم هو جڏهن عربي سمنڊ جي ڪنارن تان ڏکڻ طرف کان ڪجهه اڇي ڪڪرن جون ماڙيون ٿهيون هيون پوءِ اوچتو انهن ڪڪرن ۾ تيزي اچي ويئي هئي، رستن تان مٽي جا دونها اٿيا ۽ تکي هوا جي شوکي سان گڏ ٽانون ۽ ڏهن جي ڪرڙ جا آواز وڏندا ويا.

هوائي جهاز جي گهوگهاٽ وانگي هوا ڪک پن اڏارينديِ وٽن سان سيسڙاٽ ڪيرائي پلي گهوڙي وانگر ٽاپيون هڻڻ لڳي هئي ۽ ڏسنديئي ڏسنديِ سڄو آسمان ڪڪرن سان ڪارانجي، ڏينهن کي رات ۾ بدلائڻ لڳو ۽ هوا جي زور سان گڏ ڪڙڪو ڪري وسندڙ برسات جو منظر به ڏاڍو پوائتو ٿي پيو هو.....!!؟

دڪانن جا لوهي ڇپرا هوا جي هٿوڙن سان بندوق جي ٽڪائن وانگي وڄڻ لڳا هئا.

سج لهڻ سان گڏ گهرن مان هارڙن جون اٽندڙ رڙيون ڏيڇاريندڙ فلمي سين جهڙا منظر پيدا ڪري رهيون هيون!!

هوا جي وڏندڙ شوڪي ۽ برسات جي تيز شپڪي ۾ هڪ وڏو ڏماڪو ٿيو ته ڪمري اندر ويٺل سپنا ۽ نوري فقير ڏڪي ويا هئا.

نوري فقير دانهن ڪئي.

"دوست سپنا! لڳي ٿو ته پنهنجي گهر جي هاهران ديوار به ڪري پئي آهي."

پر سپنا، ڪنهن حراسيل هرٽي وانگي بت بڻجي ويٺي رهي.

بدحواس نظرن سان هاهر جو قيامت خيز منظر ڏسي رهي هئي ۽ سندس حواس ائين خطا ٿي ويا، جڙ پاڻ کي ننڍ ۾ ڪوئي خطرناڪ خواب ڏسندي محسوس ڪيو هئائين.

هيو ڪرڙاٽ ٿيو....!

نوري فقير خوف مان اٿي، چانئٽ تي بيهي ڪنوڙ جي روشنيءَ ۾ ڏٺو ته پڌر ۾ بيٺل نر جو مضبوط وڻ پاڙان پٽجي هوا جي زور تي اڏامي چؤديواري جي حدن کان هاهر وڃي ڪريو هو....!!؟

هن چاؤنٽ تان بيٺي حراسيل لفظن ۾ چيو.

"سپنا دوست! پنهنجو نر جو مضبوط وڻ به اڏامي ويو هليو....!؟"

"يا الله خير.....!!؟"

سپنا جڙ ڪچي ننڍ مان چرڪ ڀري جاڳي دانهن ڪئي.

.....اهو چرڪ سپنا تڏهن ڀريو جڏهن ڪيس ساجن جون ٻڌايل ڳالهيون ياد پيون هيون....!

"ڪکن پنن جون ڪچيون لانڊيون....!

سمنڊ ڪناري ڪکاوان گهر....!

پيءُ ۽ پاءُ سمنڊ سان جهيڙيندڙ مسڪين مهاڻا....!؟"

هن جڙ ته سڄو منظر تصورن ۾ ئي ڏسي ورتو هجي....!

....ڪيس ساجن جو الڪو معصوم دل تي ڪٽڪ لڳي ٿو....!؟

بار بار دل ئي دل ۾ پنهنجي رب کان پنهنجي ساجن جي خيريت لاءِ دعائون گهرندي رهي ٿي.

هن کي نوري فقير جي بار بار ياد ڏيارڻ جي باوجود به انهيءَ ڳالهه جو ڪوبه الڪو نه هو ته هو جنهن گهر ۾ ويٺل آهن اهو هن طوفان جي مقابلي ۾ ڪافي ڪمزور آهي....!؟

ڪيس پنهنجو وجود ته ياد ئي ڪٽي هو....!؟؟

هن کي ته رڳو ساجن جو ئي الڪو وڻندو پئي ويو...

..... هوڏانهن پورو لاڙ طوفان جي بيرحم هوائن جي گهيري ۾ ڪنهن ماهيگيري لانچ وانگي سامونڊي طوفان ۾ لڏي لمي رهيو هو...!

سامونڊي پٽي ۾ زيرو پوائنٽ کان ويندي روپا ماڑي، شيخاٽي گهاڙي ڀهڀمي، گولو منڊرو راج ملڪ، سيراٽي توڙي ڪيڻ شهر کان سنڌ جي سورهيه دودي سومري جي ديس تائين ٢٦٠ ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هلندڙ چڙواڳ سامونڊي هوائن رڻ ٻاري چڏيو هو. قد آور ۽ وزني وڻ پاڙان پٽجي ميلن جي پنڌ تائين ڪک پن وانگي اڏامندا ويا...! ننڍين وڻن جي ٽارين ۾ هڪڙو به سائو پن ڪونه رهيو...!

وڻن جي ٽارين ۾ آکيرا اڏي ٻچڙن کي کنيڙائين ۾ لڪائي ويٺل لاڙ جي سونهن جي علامت سهٽن پکيڙن جا ته نسل ئي انهيءَ طوفاني هوائن الائي ڪهڙي موت جي ديس ڏانهن اڏاري چڏيا. هيڏي برسات ۾ به لاڙ جي مسڪين مانجهين وڻن جي وزني ڏارن جي ٽڻڻ ۽ ٽڪرائجڻ ڪانپوءَ نڪرندڙ چٽنگن کي اکين سان ڏٺو هو...؟

لاڙ جي لانڊين ۽ چونرن تان چتين تي ڏنل پناهه جا پکا ۽ ڪک به تڏي وانگي ويڙهي، هوا ٻاڻ سان گڏ اڏاري، ماٺهن کي کلئي آسمان جي قهر حوالي ڪري چڏيو هو...؟

۽ بنا ڇپر پناهه جي مسڪين ماروئڙا روئيندڙ ٻارڙن کي سيني سان لڳائي اونڌي منهن سمهي، پنهنجي حقيقي مالڪ کان عذاب تارڻ جون دعائون گهرندا رهيا...!

ڪن بي گهر ماٺهن وڃي پڪين مسجدن ۽ اسڪولن ۾ پناهه ورتي هئي. هڪ مسجد ۾ پناهه وٺندڙ خاندان لاءِ عذاب مٽان ڪيڏو نه وڏو عذاب اهو ثابت ٿيو هو جو هن انهيءَ مسجد جي ڇت ۾ ڪاربر نانگ کي ويٺل ڏٺو هو...؟

ٻاهر طوفان جو راکاس...!

۽ اندر ڪارو نانگ...؟

زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ پنهنجا ٻچا ٻکن ۾ لڪائي ويٺل اهي بي سهارا ماءُ پيءُ، زندگي جي اميدن کان به وڌيڪ موت کي ويجهو ڏسي، عزرائيل جو انتظار ڪندا رهيا هئا...!؟

پر اهو نانگ ته خود ستايل هو...!

ڏرتيءَ جون سيئي ٻرون ته ٻاٽي ۾ پلٽجي چڪيون هيون...!

پناھ جا سمورا وڻ ته واءُ اکيڙي ڇڏيا ھئا....!

پوءِ نانگ کي به الله جي گھر ۾ ئي زندگي نظر آئي ھئي....!

ڇ جڏھن سندس ازلي ويري انسانن کي به اتي ايڏي وڏي تعداد ۾ ايندو ڏٺو ھئائين....! تڏھن ڇا نانگ کي خوف نه ٿيو ھوندو....!؟

تڏھن ته نانگ به بنا حرڪت جي چپ ھٽي گارڊر تي ليٽي پيو ھو.

ائين ئي ھڪ موتمار طوفان ھڪ ٻئي جي جاني دشمن انسان ڇ نانگ کي به گڏ الله جي گھر ۾ پناھ ونڊي ڏٺو ھو....!؟

ڇ ڪن جا گھر واءُ ڇ پاڻي جي ست نه سھي نيٺ ڏھي به پيا ھئا. ڪي بيوس انسان اندر ڏھجي آبي جانورن جو ڪاڄ بنجي ويا....

ڇ ڪي زخمن کان چور ٿي جان جي امان لاءِ ھيڏانھن ھوڏانھن ڇڙڦا ڪٽي ڊوڙندا ٿي رھيا.....!

اھڙي ئي ھڪ ڏنل گھر مان جڏھن پيرسن پيءُ پنھنجا ٽي ٻار ڪٽي طوفان سان وڙھندو پناھ جي ڳولا ۾ وڃي رھيو ھو ...! واءُ ڪيس وک به نٽي ڪٽڻ ڏني، پر ھو پنھنجن تن ٻارن کي بچائڻ خاطر طوفان جو مقابلو ڪندو ڇاتي ڇ ڇيلھ جيتري پاڻي کي جھاڳيندو اڳتي وڌندو رھيو. ھڪ ٻار ڪلھي تي، ٻيو ٻار کاپي پاسي ڇيلھ تي ڇ ٽيون ساڄي پاسي ڇيلھ ۾ پيءُ کي ڇھتا دانھون ڪندا رھيا ھئا.....!

برسات جون تيز ڦڙيون کين ڪنڌيدار پٿر وانگي ڇُڀي رھيون ھيون.

اوچتو ھوا جي تيز جھوٽي ساڄي پاسي ڇيلھ تان ٻار جا پتڪڙا ھٽ پيءُ جي ڇيلھ کان ڇنائي ورتا ھئا.....!

ھن دانھون ڪري ڇيو ھو....

"بابا بچائي.....!"

"بابا آئون ڪران ٿو.....!"

"بابا ھيٺ وڏو پاڻي آھي. آئون ٻڏي ويندس.....!!؟"

.....پيءُ کيس بچائڻ جي وڏي ڪوشش ٿو ڪري.....! پر سندس ٻانھن ۾ ايترو ست ئي ڪونہ بچيو ھو جو موت جي وادي ۾ ڪرندڙ پنھنجي ان دادلي پٽ کي بچائي سگھي ھا. جنھن جا ھن ننڍي ھوندي کان سيئي انگل آرا ڪنيا ھئا.....!

کيس ٻين ٻن بارڻن جي ڪرڙ جو خوف ھو.....!

تڏھن ته چاھيندي ب. سندس ھٽ ان معصوم پٽ جي ڇيلھ تان ڊرا ٽي ويا ھئا.....!

هڪ معصوم صدا اونداهي فضاءِ ۾ گونجي ۽ طوفان جي شور ۾ گم ٿي ويئي....!

سندس پيءُ پيار مان کاڀي چيلهه تي چهٽل معصوم ڏيءَ کي ٻنهي ٻانهن جي زنجيرن ۾ جڪڙي تڙل حوصلن سان بچيل ٻارڙن کي بچائڻ لاءِ قدم اڳتي سوريا هئا....!؟

....۽ ڪيڏي عذاب مان گذري هوندي اها عورت، جنهن سمنڊ ڪناري پنهنجي ڪکن مان ٺهيل لانڊيي جي ڇت مٿي، هيڏي برسات ۽ ههڙي طوفان سان گڏ ويم جي سورن ۾ بنا سئي دوا جي هڪ نئين وجود کي جنم ڏنو هو....!؟

....لاڙ تي قيامت وانگي ڪڙڪندڙ اها طوفاني رات، جنهن خوني راند کيڏي انسانن جا ايمان ڪچا ڪري ڇڏيا هئا....! اهل ايمان ماٺهن ان کي حضرت نوح عليہ السلام وارو عذاب سمجهي قرآن، صلوات جا ورد ۽ نفل نمازيون پئي پڙهيون.

اڌ رات کانپوءِ هوائن ۾ خوفناڪ ۽ دل ڏارينڊڙ چيخون ۽ ڪيهون شامل ٿي ويون هيون....! ماٺهن جا ساهه تان ويساهه ڪجي ويا هئا...!؟

.....طوفان کان پي خبر سمنڊ ۾ مڇين جو شڪار ڪندڙ ماهيگير به طوفان جي انهيءَ چتي لوساٽ جي ور چڙهي ويا هئا.....!

ٻيڙيون ٻيڙين سان ٽڪرايون ۽ زوردار ڌماڪا ٿيا.....!

ڪاٺ جون ٻيڙيون ڪاغذي ٻيڙين وانگي سمنڊ جي مٿاڇري تي هيڏانهن ڪان هوڏانهن ڊوڙڻ لڳيون هيون.

مسڪين ماهڻن موت کي اکين ۾ ڏسندي گڏ جيئڻ مرڻ جا وچن ڪندي هڪ ٻئي سان هٿ هٿن ۾ جڪڙي، سنگهرون ناهيون هيون. پر ظالم سمنڊ تہ انساني زنجيرن وارا لاشا بہ ڌرتي ڌڻين کي ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو.

هوا جي تيزي ۾ انڊيا جي ماهڻن جا لاش زيرو پوائنٽ ڏانهن لڙهي آيا هئا ۽ زيرو پوائنٽ جي مڇيرن جا لاش انڊيا جون سرحدون بہ اورانگهي ويا هئا.....!؟

جڏ تہ سمنڊ انساني لاشن جي ايڪسپورٽ ۽ امپورٽ جا معاهدا ڪيا هجن...!

.....انسانن کي بچائڻ لاءِ اينڊرينجرس جي هڪ گاڏي کي هوا روڊ تان اڏاري وڃي ايل بي او ڀي سمر نالي ۾ اڇلايو هو جنهن ۾ رينجرس جا پنج نوجوان بہ شهيد ٿي ويا....!

...بيرحم هوا گولي واري رفتار اختيار ڪري ورتي هئي، ۽ برسات جو پاڻي ائين پئي وٺو جڻ آسمان اڏو اڏ ٽيو هجي ۽ ان قدرتي درياءَ جا سمورا بچاءُ بند لڙهي ويا هجن....!؟

انهيءَ هوا ۽ برسات جي پلي گهوڙي تي سوار ملڪ الموت ان رات سامونڊي پٽيءَ تي ائين موت جا سرٽيفڪيٽ اڇلايا هئا، جيئن ضياءَ جي ريفرنڊم ۾ ساڻين پٽين تي هوائي جهازن پمفليٽن جون هوريون اڇلايون هيون...!!؟

راڄ ملڪ ڪوٽ مٺان ۱۲ فوٽ پاڻي مٿي چڙهي ويو هو ۽ ماٺهن جا لاشا وٽن ۾ ٽنگيل نظر آيا هئا.....!

جيڪي سمنڊ ۾ شڪار تي مهاڻا ويا هئا، تن جي تلاش ۾ جيڪي وارث سمنڊ کان ڏس پڇڙ ويا، سمنڊ انهن کي به ڪلاچي ڪن واري مانگر مڇ وانگي ڪڙڪائي چڏيو...!؟

.....لاڙ جي بربادين جي ڪاري تاريخ جي باب جهڙي ان رات اهڙن هزارين ٻارڙن کي يتيميءَ جو داغ ڏئي ويئي جيڪي پنهنجي پيءُ جي ڪلهن تي چڙهي ميلا ملاکڙا گهمندا هئا...!

بابي کي ٻاڪر پائي سمهندڙ دادلين ڏيئرون، ماءُ کي سيني سان چهٽي روئي پچندين رهيون، "امان! بابا کڏهن ايندو...! مون کي ننڊ نٿي اچي...!!؟"

" ماءُ سڏڪي چيو "ڌيءَ سمهي پئو نيٺ رات ڪٽندي ۽ صبح سوير تنهنجو پيءُ ضرور گهر موٽي ايندو...."

پر اميدن جا ڏيئا جلائيندڙ ان وڻيءَ کي ڪير ٻڌائي ته هاٿي تون چوڙيون پيڄي... زيور لاهي، تڏو وڃائي چڏ...!!

جو هاٿي تون وڏوا ٿي ويئي آهين...!!؟

۽ انهيءَ رات ڪيترين اهڙين ڪنوارين دلين کان لاٿون لهڻ کان اڳ سندن ور وڇڙيا هئا، جن ڪنوارين صندوقن ۾ ڳاڙها وڳا لڪائي سيج جون رنگينيون ماٽڻ ۽ پنهنجي مجازي محبوبن سان ماڻا ڪرڻ جا انگل اکين ۾ سانديءِ انتظار جا سال دلين ۾ شهنايون وڄائيندي گذاريا هئا.....!

....۽ ان رات کان پوءِ اگڻ تي تامي جي ٽال ۾ مهندي ۽ موڙ سجائي اميدن جا گيچ ڳائيندڙ مائرن ۽ پينرن، لاڏن ۽ سهرن بجاءِ منهن ڍڪي، پيارن جا پار ڪيي ڏاڏون ڏنيون هيون...!؟

ڪيترا انتظار اٽپورا رهيا ۽ ڪيترين پلنگن جو هڪڙو پاسو هميشہ لاءِ خالي رهجي ويو هو...!

۲۰ مئي ۱۹۹۹ع واري انهيءَ قهري طوفان لاڙ جي ڌرتيءَ تي بربادين جي هڪ نئين تاريخ رقم ڪئي هئي.

۽ اها رات سپنا پنهنجي ساڻي نوري فقير سان انهيءَ مڙهي ۾ تڙپندي لڇندي ڪاٽي هئي. جيڪا جڳهہ خود سندن لاءِ موت جو سامان ثابت ٿي سگهي ٿي.

پر سپنا کي تہ نہ پنهنجي زندگي ياد هئي ۽ نڪي موت جو ڊپ.

هن کي تہ صرف پنهنجي ساجن جي تات هئي ۽ هوءَ ساجن بابت خبر چار لهڻ لاءِ طوفان گهٽجڻ جو انتظار ڪري رهي هئي...!

هن تڙپي لڇي رات جي طويل درد کي جهاڳيو هو...! صبح ٿيو تڏهن بہ طوفاني گهوڙو پنهنجي ساڳي مستيءَ ۾ ڊوڙندو رهيو.

نيٺ صبح جو ۱۱ وڳي ڌاري هوائن هٿ چڏيوهو ۽ ماڻهن جي من ۾ زندگي جي اميد جاڳڻ لڳي هئي...!

بدحواسيءَ ۾ سپنا اڄ بنا احتياط جي ٻهريون پيرو بدين جي روڊن تي نڪري آئي هئي...! هوائون ايڏا بہ تيز هلي رهيون هيون ۽ برساتي ڪڪرن جا پيٽ ايڏا بہ صفا خالي ڪونہ ٿيا هئا. جنهن ڪري تکي هوا سان گڏ برسات ايڏا تائين جاري هئي.

سپنا ڏٺو تہ روڊ درياڻن جي وهڪرن وانگر پاڻي جي موجن ۾ وهي رهيا هئا ۽ ايڏا تائين ماڻهن خوف وچان پنهنجا گهر ڪونہ چڏيا هئا...!

... سپنا چيلهہ ۽ ڇاتي جيڏو پاڻي جهاڳيندي شاهنواز ڇوڪ ڏانهن هلڻ لڳي هئي. سندس اکين ٻهريون پيرو بدين جي بربادين جا ڀيانڪ منظر ڏٺا هئا. دڪانن جا ڇپرا ڊهي چڪا هئا ۽ ڪيترين ئي پڪين ديوارون پٽ ٿي چڪيون هيون.

ڪيترائي بي گهر ٿي ويل ماڻهو پنهنجون عورتون ۽ ٻار وٺي محفوظ جاين جي تلاش ۾ وڃي رهيا هئا...! ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو روڊن تي حراسيل حراسيل طوفاني رات جي وارتا تي تبصرا ڪندي نظر آيس. هن ماڻهن واتان جڏهن اهو ٻڌو تہ طوفان وڏ ڪان وڏ سمنڊ ڪناري تي آباد ماڻهن کي جاني نقصان پهچايو آهي تہ دل ۾ ڪنهن اڇاتي خوف واسو ڪري ورتو ۽ جسم مان سموري طاقت ختم ٿي پيس. بدحواس نظرن سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي رهي هئي ۽ پوءِ وڏي مشڪل سان پاڻ

گهيليندي اچي واپس انهيءَ ڏنل آرام گاهه کان نڪتي هئي، جنهن کين ظالم طوفان کان بچايو هو....!

سندس زبان کي خاموشي جا تالا لڳي ويا هئا. نوري فقير جي گهٽو پڇڻ باوجود سپنا کيس ها جو هونءَ بہ ڪونہ وراڻيو. نوري فقير سندس حراس کي سمجهي ورتو ۽ کيس آٿتون ڏيندي بستر تي آرام لاءِ لينائي چڏيائينس....! پر سپنا جي اکين کي آرام ڪٿي هو....!؟

هوءَ ڪٽ تي ليٽي اکيون ڦاڙي چت کي ڏسندي رهي هئي ۽ انهيءَ ڪيفيت ۾ هڪڙو ڏينهن ۽ هڪڙي رات ۾ لڇيو هئائين..... جڏهن آسمان معمول تي موٽڻ وارو ٿيو. تڏهن هوءَ اتان نڪري آئي هئي.... روڊ تان پاڻي بہ گهٽ ٿي چڪو هو ۽ طوفان بہ پنهنجا ڪرتب ڏيکاري وڃي چڪو هو....! ماٺهن جي چهل پهل جاري هئي....! ٽيليفون ۽ بجلي جون تارون ۽ ڪنيا اڇا تائين روڊ تي پيل هئا.

نئين واهه جي موري واري چوڪ وٽ ڪجهه فوجي گاڏين سان گڏ سول گاڏيون سامان سان ستيون پيون هيون.

انهيءَ چوڪ تي اخبارن تي ماٺهن جا ڳاهٽ لڳا پيا هئا. سمورا چهرا اداس، ويران ۽ رنل پئي لڳا....! توبہ جون صدائون بلند ٿي رهيون هيون. سمنڊ ڪناري وڏي نقصان جا اخبارن تفصيل لکيا هئا. جن تي تبصرا ٻڌي سپنا جي دل تيزي سان ڌڙڪي رهي هئي.....!؟ هوءَ هاٿي سامونڊي ڪناري تائين پهچڻ لاءِ بيتاب هئي....!

فوجي گاڏين سان گڏ امدادي سامان جون ٽرڪون سمنڊ طرف ويندي ڏسي ٻيهر سپنا جي زبان کلي پئي هئي.....!

هن هڪ پنجابي رينجرس آفيسر سان مائٽاڻي ٻولي ۾ ڳالهائي کيس گڏ وڃي هلڻ لاءِ التجا ڪئي، جيڪا هن قبولي ورتي.

گاڏيون غريب آباد کان ڪيڊ روڊ تي آهستي آهستي هلڻ لڳيون ۽ سپنا فوجي جيپ ۾ ويٺي اهي تباهين جا منظر ڏسي دل ئي دل ۾ سڏڪندي پنهنجي رب کان پنهنجي ساجن جي زندگي لاءِ دعائون گهرندي رهي هئي.....

روڊ تي اڇا تائين ايترو پاڻي ٻيڙل هو جو گاڏين جا ٽائر ان ۾ گم ٿي پئي ويا. شهر چڏڻ ڪانپوءِ هنن روڊن تي جتي قد آور وڻن ۽ بجلي جي ٽنين کي ڪريل ڏٺو اتي ڪيترائي پرديدار خاندان ڪلئي روڊ تي ويٺي ايندڙ گاڏين ڏانهن امدادي نظرن سان نهارينديٰ پڙ ڏٺائون. روڊ جي پر وارن ڳوٺن

جو اجاڙ ڏسي انهن مضبوط دل فوجين جي اکين ۾ پڙ پاڻي اچي ويو. جن جنگن ۾ بارود سان دشمن ملڪ جا ڪيئي ويڑها ويران ڪيا هئا....!

..... ڪيڏ شهر کان نڪرندي ڀڏمي طرف وڃڻ وقت اڃا تائين روڊ تي کين ڪافي پاڻي نظر اچي رهيو هو ۽ جتان ڪجهه مٽانهين هئي ته اتي روڊ ٽٻل نظر آيو ٿي.

وڏي مشڪل سان جڏهن گاڏيون ڀڏمي شهر جي ڀرين چوڪ تي پهتيون هيون ته کين چوطرف سمنڊ نظر آيو هو ماڻهن جا انبوهه هڪ جاءِ تي گڏ ٿيل ڏسي سندن گاڏيون بيٺيون ته سپنا هڪدم گاڏي مان لهي انهيءَ هجوم طرف ڊوڙي هئي.

هڪ ڀانسن ۾ ڪجهه لاشا پيل هئا، جن مان ڪجهه سڃاڻو هئا ته ڪن جي سڃاڻپ ڪئي پئي وئي. اهي لاش انهيءَ ڪري به رکيا ويا هئا جو کين دفنائڻ لاءِ ڪٿي سڪل زمين نٿي ملي....!

سپنا ٻين ماڻهن گڏ ائين انهن لاشن جي منهن تان ڪپڙو هٽائي هڪ هڪ ڪري ڏسڻ لڳي هئي ڇڙ هوءَ انهن ۾ پنهنجي ساجن کي ئي ڳولينديءَ هجي....! پر هوءَ انهن مان ڪنهن کي به سڃاڻي نه سگهي هئي...

ائين انسانيت جا بي ڪفن لاشا ڏسي حساس دل رکندڙ سپنا جا حوصلا خطا ٿي پيا هئا....! هوءَ سڏڪا پري روئيندي هڪ دڪان جي پڳل بئنچ جي ٽيڪ تي مٿو ٽيڪي چرين وانگي روئڻ لڳي هئي.....

ڇڙ ڪيس ڪنهن يقين ڏيارڻ هجي ته سندس ساجن به انهيءَ طوفان جي لپيٽ ۾ ڪيڏانهن لڙهي ويو آهي...؟

.....هڪ اجنبي چوڪريءَ کي ائين روئندو ڏسي ڊاڪٽر محمد خان ڏانهنس وڌي آيو هو.

سندس پر ۾ ويهندي پنهنجائپ ۽ همدرديءَ مان پڇيو هئائين....

"ادڙي! توهان ڇو ٿا روئو...! ڇا توهان جا مائٽ به سمنڊ...!!؟"

"توهان ڪٿي منهنجي ساجن کي ڏٺو.....؟!"

سپنا چرين وانگي روئيندي ڊاڪٽر جي ڳالهه ڪٽيندي بي صبرائي مان پڇي ورتو...!؟"

"ڪهڙو ساجن پيئ...؟ هتي ته ڪوبه ساجن نٿو رهي...!؟"

"اهوئي...! جيڪو منهنجو ساجن آهي...!! هن مون کي ٻڌايو هو ته سندس سمنڊ ڪناري تي گهر آهي...؟!"

هوءَ ڇڙ بي خياليءَ ۾ ڳالهائي رهي هئي...!

ڊاڪٽر محمد خان جڏ ته سندس احساس ۾ جذبن کي سمجهي ورتو۔!
کيس آٽت ڏيندي چيائين۔!
"پر پيٽ هي ته پهڀميءَ جو شهر آهي ۽ سمنڊ ته اڃا به اڻتي ٽيو."
"ته پوءِ مون کي سمنڊ ڏانهن وڃي هلو۔!؟"
هوءَ هڪدم بڻنج تان اٿي، ان طرف وڃڻ جو ضد ٿي ڪري.
ڊاڪٽر محمد خان سندس ضد ڏسي ساٿس گڏ هڪ امدادي گاڏي ۾ سمنڊ ڏانهن وڃڻ لڳي ٿو.
سمنڊ کان اڃا به ڪافي مفاصلي تي ڪجهه فوجي ۽ سول گاڏيون بيٺل هيون. انهن گاڏين ۾ ڪجهه لاش سڪي زمين تي دفنائڻ لاءِ رکيل هئا ۽ هڪ گاڏي ۾ ڪجهه بيمار ۽ زخمي ماڻهو امداد لاءِ تڙپي رهيا هئا۔!
سپنا پهرين لاشن کي هڪ هڪ ڪري ڏٺوليو ۽ پوءِ زخمين ۾ پنهنجي ساجن کي ڳولڻ لڳي، پر ڪٿي به ڪيس ساجن نظر ڪونہ آيو.
"علائقو سڄو سمنڊ لڳو پيو هو ۽ سمنڊ اڃا تائين لاش پئي اوڳاڇيا۔" رضاڪار پاڻي مان لاش ڪڍي گاڏين ۾ اڇلائي رهيا هئا۔! سپنا پاڻي ۾ پري کان ترندڙ ڪوئي ڪپڙو ڏسي ان کي پنهنجو ساجن سمجهي پاڻي ۾ ان لاش پٺيان جهاڳڻ لڳي ته ڊاڪٽر محمد خان به سندس پويان وڃڻ لڳو۔! هن انهيءَ نوجوان جي لاش کي پنهنجو ساجن سمجهي بانهن ۾ لپيٽيو ۽ ڪيس ڏسڻ لڳي هئي پر اهو به ڪنهن بي جو ساجن هو.
هن اهو لاش ڊاڪٽر ڏانهن وڌايو ته ڊاڪٽر انهيءَ لاش کي پنهنجي بانهن تي ڪڍي ورتو.
سپنا پريان ترندڙ ڪپڙو ڏسي اوڏانهن وڌڻ چاهيو پر پاڻي جي گهرائي ۾ وڃڻ کان ڪيس ڊاڪٽر محمد خان روڪي ورتو ۽ ٻئي واپس گاڏين طرف اڇي نڪتا هئا.
سپنا جا لڙڪ ۽ سڏڪا خاموش ٿي چڪا هئا، مايوس چهري تان زندگي جون رونقون غائب ٿي چڪيون هيون، شايد هن جي من مندر ۾ تمڪندڙ اميدن جا ڏيئا به طوفاني هوائن اجهائي چڏيا هئا۔!
ڊاڪٽر محمد خان سندس اکين ۾ نهارينديِ چيو:
"پيٽ، مون کي اميد آهي ته توهان جو ساجن ضرور سلامت هوندو ۽ اهو توهان سان ضرور ملندو۔!"
سپنا دلشڪسته لهجي ۾ وراڻيو:

"ادا، مون کي منهنجي نصيبن تي پورو يقين آهي... مون کان اڄ تائين جيڪو به سهارو نٿو آهي... سو واپس ڪڍهن به نه ملي سگهيو آهي... توهان نٽا ڇاٽو پاءِ... مان ڏاڍي بدنصيب عورت آهيان...!"

ڀ ٻيهر سندس اکڙيون پرجي اچن ٿيون.

ڊاڪٽر محمد خان سندس همٿ وڌائڻ لاءِ چوي ٿو:

"پيڙا بحيثيت هڪ پاءِ جي، ڇا آئون توهان جي ڪنهن ڪم اچي سگهان ٿو...؟"

"توهان مون کي جيڪڏهن سيوهڻ تائين پهچائي سگهو ٿا...!؟"

سپنا جملو پورو ڪرڻ کان پهرين وڏو سڏڪو پري گاڏي جي رينڪ تي ٻانهن رکي ان تي پيشاني ٽيڪي روئڻ لڳي هئي...!!؟

... ڊاڪٽر محمد خان جو اندر ڏک ۾ پرجي آيو هو هن رومال سان پنهنجا لڙڪ اگهندي روئيندڙ سپنا جي مٿي تي شفقت جو هٿ رکندي چيو...

"اڇو مون سان پيڙ... آئون توهان کي ضرور پنهنجي منزل تي پهچائيندس...!"

...ڀ سپنا! ناااميد قدمن سان هلندي آخري نظر بيرحم سمنڊ ڏانهن ايئن نهاريو هو... جڙ سمنڊ کي ساجن جي پارت ڪندي هجي...!

... ڀ ڪجهه عرصي کان پوءِ اها ئي قلندر جائي "سپنا" قلندر جي مزار تي ملنگياڻي جي روپ ۾ نظر آئي هئي.

وارن ۾ مٿيءَ جا ميڙ جهڙا تهه جميل.

سائو وڏو ڀ ميرو جبو پاتل.

ٻانهن ۾ وڏا وڏا ڪارا ڪنگڻ.

ڪنڌ ۾ رنگين مٽڪن وارا ڳانا.

پير اگهاڙا...! - ڀ ڳاڙهيون اوجاڳيل اکيون.

سوني دروازي جي پر واري ديوار کي ٽيڪ ڏيئي خاموش ڀ گم سم ويٺل انهيءَ اٽيي ڀ مست عورت کي "قلندر جي گونگي ملنگياڻي" سڏيو پئي ويو...!؟

The End
23-03-2006

ڪويتا پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب:

(1)	ميرا درد	(اردو شاعري)	لال چند لال	80/- روپيا (ختر ٽيل)
(2)	ٻپهري ۽ جا ٻه پل	(آتم ڪٿا)	ريتا شهاڻي	150/- روپيا (ختر ٽيل)
(3)	بارش سوچي ٽي	(نثري ٽُڪرا)	ايوب ڪوسو	100/- روپيا (ختر ٽيل)
(4)	جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي	(مونوگراف)	ادريس جتوئي	100/- روپيا
(5)	آنسو	(اردو شاعري)	لال چند لال	120/- روپيا
(6)	رشتن جو رقص	(ڪهاڻيون)	ريتا شهاڻي	120/- روپيا
(7)	زندگي هڪ وار وري	(شاعري)	شريڪانت صدف	150/- روپيا
(8)	ميگھ ونس اتهاس	(تاريخ)	تيرٿداس اُميداڻي	150/- روپيا (ختر ٽيل)
(9)	ڪلجُگ جو ڪاپڙي	(شخصيت)	ليکراج ڪي. راماڻي	100/- روپيا (ختر ٽيل)
(10)	وِيد اُپديش	(اردو) (مذهب)	تيرٿداس اُميداڻي	50/- روپيا
(11)	ڪوتا ـ ڦُلواڙي	(شاعري)	مرتب: ولي رام ولپ	200/- روپيا
(12)	تاندن متي تهڪ	(شاعري)	منصور ملڪ	120/- روپيا
(13)	آلا نيئڙ بهارن جا	(شاعري)	فياض ڌاهري	120/- روپيا
(14)	در ڪُليو ئي رهيو	(ريڊيائي افسانا)	امين ارباب	100/- روپيا
(15)	صاحبو!	(اردو شاعري)	دانش مهدي	200/- روپيا
(16)	سجاڻ جون سمرتيون	(يادگيريون)	ريتا شهاڻي	120/- روپيا
(17)	سنڌو لکت جي پاڇ	(تاريخ)	عطا محمد پنيرو	350/- روپيا
(18)	ووڙيم سپ وتاڙ	(مهم جوئي)	اشتياق انصاري	200/- روپيا
(19)	پاڻ هُر تڙيون مايون	(ناول)	گوبند خوشحالاڻي	120/- روپيا
(20)	هارن جون بيماريون	(ميڊيڪل سائنس)	ڊاڪٽر بشير احمد انصاري	50/- روپيا
(21)	ڊسمبر جي اڪيلائي	(شاعري)	بخشل باغي	130/- روپيا
(22)	جيجي	(فن ۽ شخصيت)	مرتب: نصير مرزا	400/- روپيا
(23)	فاتح ڪربلا	(تاريخ)	ترتيب ۽ ترجمو: حسين بخش لغاري	200/- روپيا
(24)	اور گنگنائون اُسي	(اردو شاعري)	شاهد قريشي	160/- روپيا
(25)	سمي صحرا، سمي دريا	(استاد بخاري ۽ جاثري مضمون)	مرتب: آزاد انور ڪانڊڙو	200/- روپيا
(26)	منڙا پاڻ	(ڪهاڻيون)	مرتب: ولي رام ولپ	180/- روپيا
(27)	چلي گئي وه آڪر بهي	(اردو افسانا)	شاهد قريشي	160/- روپيا
(28)	Globalization viz a viz Pakistan		Prof.Fakhrunisa Talpur	80/- روپيا
(29)	The Glorious Past		Dr. Kazi Khadim	400/- روپيا
(30)	ڇا لاڙ سڄي ۾ آهي امن!؟	(شاعري)	ابراهيم ڪوسو	100/- روپيا
(31)	آئرويدڪ جڙي بوٽين سان آسان علاج	(صحت) ترجمو: ڪيپال شرما		130/- روپيا
(32)	گيتا ٻوٿ	(ڊرمي پُستڪ)	مهاتما گانڌي	60/- روپيا
(33)	بوتيڪ کان بيد روم تائين	(ڪهاڻيون)	اڪبر سومرو	150/- روپيا
(34)	ٽي نه سگهيس شاعر	(شاعري)	نصير مرزا	150/- روپيا
(35)	پٽڪي ويل سپنا	(ناول)	عزيز پنيرو	175/- روپيا

گهرائڻ يا وي پي لاءِ لکو:

ڪويتا پبليڪيشن، 9 ـ ربي چيمبر، سامهون ڪينٽان چائينيز ريسٽورنٽ، حيدر چوڪ، حيدرآباد، سنڌ.

فون: 2721172 ـ 022 موبائل: 0333 ـ 2607541



پاڪ ۽ پوتر جذبن کي وڏيڪ مقدس بنائڻ جھڙو سحر رکندڙ لاڙ جي محبت، ملنساري، عاجزي، خوبصورتي، دانائي ۽ همدرديءَ جو ماڊل ليکڪ عبدالعزيز پنيرو پراڻ ڳنڊيءَ جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ولي محمد ملڪاڻي (ملڪاڻي شريف) ۾ 1972ع جي جولائي جي پهرين تاريخ تي غريب حاجي پنيري جي گهر ۾ جنم ورتو. عزيز معاشي، تهذيبي، ادبي، سياسي ۽ سماجي طرح پنڌتي پيل علائقي ۾ جنم ورتو. سو سندس زندگيءَ ۾ خوشيون ۽ سک ب بڊي جي مينهن وانگر آيا آهن. هن پرائمري ۾ ئي پنهنجي عمر کان وڏيون لکڻيون لکڻ شروع ڪيون جڏهن سندس سنگتي ساڻي سٺا سخن، عام معلومات ۽ لطيفا لکندا هئا تڏهن هي مختلف اخبارن ۽ رسالن جي ادبي صفحن ۾ لکڻ شروع ڪيو. 1992ع ۾ عزيز صحافت ۾ باقاعده پير پاتو ۽ 1998ع ۾ عزيز کي ادبي دنيا پنهنجو ڪيو. عزيز پنيرو هميشہ پنهنجن دوستن کي ڪجھ نہ ڪجھ سيکاريو آهي. اڄ ملڪاڻي شريف ۾ شاندار پريس ڪلب سان گڏ علم ۽ ادب سان زرخيز ذهن بلاشڪ عزيز پنيرو جي ئي محنتن جو ثمر ۽ سرمايو آهن.

عزيز پنيرو صاحبِ علم، صاحبِ ادب، صاحبِ قلم، صاحبِ اولاد، صاحبِ نوڪري، صاحبِ سنگت ۽ صاحبِ حيثيت يعني سڀ ڪجھ آهي پر سندس هميشہ کان اها خواهش هئي تہ هو صاحبِ ڪتاب ب ٿئي سو اڄ سندس زندگيءَ جي اها اهم خواهش پوري ٿي رهي آهي. آشا آهي تہ عزيز پنيرو جو اهو علمي ۽ ادبي سفر هميشہ جاري رهندو.

-يونس ملڪاڻي

24_4_2007

Design: Intel Communications, Hyd.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.